ديوان بلبل ۽ ڪلام بلبل

شمس الدين ايس بلبل

(ٻئي ڪتاب)

۽ بلبل جي ڪلام تي تنقيد ۽ تبصرو ڇپيل مهراڻ 1963ع ۾

سهيڙيندڙ، محقق ۽ مبصر

غلام محمد گرامي

چاپيندڙ

سنڌي ادبي بورڊ

ڄامشورو، سنڌ، پاڪستان

ديوان بلبل

(مرحوم رئيس شمس الدين ”بلبل“ جو ديوان)

غلام محمد ”گرامي“

شڪريو

مرتب، ڊاڪٽر سيد اسدالله شاه ”بيخود“ حسيني، اعزازي سيڪريٽري، سنڌي ادبي بورڊ جو شڪر گذار آهي، جنهن جي علمي مشورن هن تاليف کي فني ۽ علمي معيار تي پهچايو آهي.

--غ.م.گ.

ناشر طرفان به اکر

”ديوان بلبل“ پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪندي فخر محسوس ٿو ٿئي.

سنڌي شاعريءَ ۾، مختلف اصناف سخن تي، صدين کان طبع آزمائي ٿيندي رهي آهي، ۽ هر دؤر ۾، هر صنف ۾، ماهر لکندڙن جو ڪافي انداز موجود رهندو پئي آيو آهي. هزل گوئي، طنزنگاري ۽ هجو يه شاعري، بهرحال سنڌ ۾ ايتري گهڻي ڪا نه ڪئي ويئي آهي، ۽ نه وري ڪي انهيءَ فن ۾ طبع آزمائي ڪرڻ وارا گهڻا شاعر ئي پيدا ٿيا آهن.

سنڌ جي ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ سنجيده ۽ متين شعراء ڪرام جي ڪلام ۾ ڪٿي ڪٿي چرچو گهبو، اصلاح آميز طنز، يا ڪنهن شخص تي هجويه انداز ۾ جُلِهه ۾ حملو برابر ملن ٿا -- ويندي گارين تائين به لفظ ڳولي لهي سگهيا. سگهڙن جي ڪلام ۾ البته اهڙين ڳالهين جي فراواني آهي.

عروضي شاعريءَ م، مزاحيه طرز نگارش جو بالي مرحوم رئيس شمس الدين ”بلبل“ ئي هو. محمد هاشم

”مخلص“ ، نور محمد ”انور“ نظاماڻي ۽ ٻيا، ”بلبل“ جي ئي اسٽائل کان متاثر ٿيا.

”بلبل“ جي فن تي، هن ڪتاب جي مهاڳ ۾، ”ديوان بلبل“ جي مرتب ۽ سنڌ جي ڪيترن بزرگن ڪافي ڪجهه لکيو آهي. اميد ته پڙهندڙ ان مان خَط حاصل ڪندا.

عنقريب ”بلبل“ جي ڪلام جي ٻيو مجموعو، پڙهندڙن جي اصلاح ۽ تفريح طبع خاطر شايع ڪيو ويندو.

حيدرآباد، سنڌ (ڊاڪٽر اسدالله شاهه حسيني)

23-مئي، 1969ع اعزازي سيڪريٽري

سنڌي ادبي بورڊ

ڏسي دلبر منهنجي ديوان کي، گلشن ۾ چيو:

بس رڳي هيءَ رهي، بلبل جي نشاني افسوس




رئیس شمس الدین "بلبل" مرحوم



مولانا غلام محمد رحہ سوڍر
(ڏاڏا سائين)



مرحوم رئیس ضیاءالدین "ضیا" ایس۔ بلبل



مولانا غلام محمد "گرامي"

مرتب جا ٻه لفظ

”بلبل“ مرحوم پنهنجي دؤر جو قادر الڪلام شاعر ۽ سخن سنج هو. سندس فن ۽ مقام ڪنهن به تعارف جا محتاج ڪين آهي.

”بلبل“ جي فن جي ڇاڻ ۽ سڃاڻ جي سلسلي ۾، سندن لائق فرزند ۽ جانشين، مرحوم رئيس ضياءالدين ايس. ”بلبل“ جنهن شرح ۽ بسط سان، مقدمي ۾ بحث ڪيو آهي، اهو ڪافي آهي. الو لد سر الابيه.

بلبل جي سيرت ۽ فن جي تعارف تي هيٺيان مضمون، ڪتاب ۽ مقالا شايع ٿيا آهن.

شمس الدين بلبل، از محمد صديق ”مسافر“ : ادبي تحفو 31-1932ع، مسلم ادبي سو سائٽي حيدرآباد.

شمس الدين ”بلبل“، ازخانبهادر محمد صديق ميمڻ؛ سنڌي جي ادبي تاريخ جلد 2-حيدرآباد سنڌ 1951ع.

شمس الدين ”بلبل“ مولانا دين محمد وفائي: الوحيد جو سنڌ آزاد نمبر –1936ع.

بلبل هڪ مفڪر -حاجي محمود خادم مرحوم، لاڙڪاڻو، 1952ع.

شمس الدين ”بلبل“، مرحوم حافظ ”بسمل“ ٺڪڙائي، 1949ع.

شمس الدين ”بلبل“، مرحوم ”واصف“ حيدآبادي، 1951ع.

”بلبل سنڌ“، ڊاڪٽر محمد ابراهيم صاحب ”خليل“، 1951ع.

شمس الدين ”بلبل“، احمد خان سيال، 1953ع

”بلبل“ پير حسام الدين شاهه راشدي، 1953ع.
”بلبل“، جي صحافت، مولائي شيدائي، 1965ع.
رئيس ”بلبل“، شاهه محمد صوفي، 1965ع.
”بلبل“ جا همعصر، حافظ محمد احسن، 1965ع.
”بلبل“ جو اصلاحي ڪردار، ڊاڪٽر ممتاز پٺاڻ، 1965ع.

ظاهر آهي ته ملڪ جي مختلف محققن، بلبل جي فن ۽ شخصيت جي هر پهلوءَ تي لکيو آهي. هن وقت تائين اهڙي سعادت، تمام ٿورن شاعرن کي نصيب ٿي آهي.

ان سلسلي ۾، ”بورڊ“ پاران جڏهن ”بلبل“ جي نثر ۾ ڪيل تاليفات ۽ سندن شعر وشاعريءَ کي ترتيب ڏيڻ جو ڪم هٿ ۾ کنيم، ۽ مرحوم رئيس ضياالدين ”ضياء“ کان مليل قلمي مسودا مطالع ڪيم، تڏهن سڀ کان اول، ”بلبل“ جي فن تي هڪ جامع ۽ مفصل فني تنقيد ۽ تعارف تي هڪ مقالو لکيم، اهو مقالو ان سلسلي ۾، پراڻن خيالن ۽ روايتي ڳالهين کي نطر انداز ڪري، ناقدانه ۽ محققانه نموني ۾ لکيو ويو. اهو ايترو ته پسنديده ۽ مقبول ٿيو، جو ان جي هڪ حصي کي جڏهن مهراڻ نمبر 3، 63ع ۾ شايع ڪيو ويو، تڏهن سنڌ جي اڪثر اديبن ۽ محققن ان جي تعريف ڪئي. اهو مطبوع حصو به ”مهراڻ“ جي 63 صفحن تي مشتمل رهيو، جو ڪتابي صورت ۾ اضافي ۽ مقدمي سان

200 صفحا ٿي سگهي ها. افسوس جو ان مقالي جو پيو پاڱو، جو به 200 صفحن تي مشتمل آهي، اهو ڪٿي به شايع نه ٿي سگهيو آهي ۽ اڃا غير مطبوع آهي. لهٰذا، هن ”ديوان بلبل“ تي ڪنهن به طول طويل بحث ڪرڻ جي گنجائش نٿو سمجهان.

فقط ايترو عرض ڪندس ته ”ديوان بلبل“ کي ترتيب ڏيندي، ڇپيل ۽ اڻڇپيل مسودن مان، ”ديوان بلبل“ جو جنوري 1891ع وارو ڇاپو، جو ليٿو ۾، ڪراچيءَ مان ڇپيل آهي، سو پين ڪان وري به چڱو نظر آيو. ان دؤر م ڪاتبن، جنهن بيدرديءَ سان ”ديوان بلبل“ جي ڪتابت ڪئي آهي، اهو مطالع مان معلوم ٿئي ٿو. ساري ”ديوان“ ۾ چند شعر ملن ٿا جي درست آهن، باقي سڀ معائب ۽ اغلاط سان پريل آهن. ان طرح ٻيا ڇاپا، جن جا ڪاتب غير سنڌي آهن، تن ته سارو ڪلام مسخ ڪري ڇڏيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو ”بلبل جي ديوان“ کي پڙهڻ ۽ پرجهڻ ۾ هر ڪنهن کي دقت ٿي آهي، ۽ ان جو ذڪر ”بلبل“ جي سپني سوانح نگارن ڪيو آهي.

”ديوان بلبل“ جي ان حيثيت جا پريشاني پيدا ڪئي هوندي، ان کي شعراء ڪرام چڱيءَ طرح سمجهي سگهن ٿا.

بهرحال، ساري ديوان کي نه فقط غور سان مطالع ڪرڻو پيو، پر هر هڪ شعر جي صحت تي به ڌيان ڏيڻو پيو. آخرڪار، هن مختصر ديوان جي ترتيب ۽ صحت جو ڪم، جو هوند ٻن -ٽن هفتن ۾ ڪري سگهجي ها، تنهن سال کن ورتو. اصلاح ۽ صحت جي سلسلي ۾، ”بلبل“ جي ظريفانه انداز، بيان جي پختگيءَ، خيال جي شوخيءَ گهڻي رهنمائي ڪئي. ڪلام جي سياق ۽ سباق کي نظر ۾ رکڻ سان ڪيترن مبهم ۽ مغلق شعرن جي اصلاح ۽ صحت، آسان نموني ۾ ڪري سگهيو آهيان.

لفظن جي صحّت جي بار ۾ اهو ظاهر ٿو ڪريان ته ”بلبل“ جي دؤر جي سڀني شاعرن، تحرفي، لفظن جي حرڪات ۽ سڪنات جي ادائگيءَ ۾ عام غلطيون ڪيون آهن جيئن صبر، شڪر، ختم، قبر، ڪرم، رحم، عقل، عشق، وغيره.

”بلبل“ جي ڪلام ۾ ان قسم جون ڪجھ ٿوريون غلطيون نظر آيون، جي به گهڻي ڀاڱي ڪاتبن جي بيپرواهيءَ ڪري پيدا ٿيون آهن، تن کي درست ڪيو ويو آهي.

ان طرح ”بحر“ ۽ ”وزن“ جي صحت متعلق به اڳئين دؤر ۾، بي اعتنائي ڪئي وئي آهي. گهڻو ڪري، متشابه بحرن ۾ ڪا به تميز ورا نه رکي وئي آهي. ان قسم جا به

چند مثال ”بلبل“ جي ديوان ۾ نظر آيا، جن کي حتي المقدور درست ڪيو ويو آهي.

مرحوم ”بلبل“ جا ڪيترا شعر، نهايت مغلق ۽ مبهم نظر آيا، جي غالب جي ڪن شعرن وانگر، مغلق، پيچيده ۽ وسيع الاطراف آهن، ۽ مختلف المعاني تي مشتمل آهن. اهڙن شعرن سان ڪا به هٿ چُراند ڪا نه ڪيل آهي، ۽ اهي شعر فقط لفظي صحّت، ۽ عروضي حدن تائين اصلاح ڪيا ويا آهن. هونءَ به:” المعنيٰ جي الشاعر“ چيو ويو آهي.

ٻيو ته ”ديوان بلبل“ جي آخر ۾ آيل ”ڪريما نيچرل“ کي، ”ڪلام بلبل“ ۾ ”رحيما نيچرل“ ۽ ”پليگي ڪريما“، ۽ ٻئي ”متفرقه ڪلام“ سان گڏ، جدا جلد ۾ آندو ويو آهي، باقي سارو مواد جيئن جو تيئن ڏنل آهي.

ناظرين ڪرام ”بلبل“ جي عبارت جي رنگيني، ادا جي نمڪيني، خيال جي شيريني، طنز ۽ مزاح جي چاشني خود محسوس ڪري داد ڏيندا. لهذا، مرتب پنهنجي پاران ڪنهن به طول طويل تشريح ۽ صنايع بدايع، اصطلاحات ۽ لوازمات شعري جي تفصيل کان احتراز ڪري، مرحوم ”بلبل“ جي خود نوشته ديپاچي ۽ سندس واجب التعظيم فرزند ارجمند مرحوم رئيس ضياءالدين ايس. ”بلبل“ جي ”مقدمي“ کي ڪافي سمجهيو آهي.

اميد ته فن ۽ ڪلام جا ناقد، هن لذيذ ۽ شيرين ڪلام مان حَظ ۽ سرور حاصل ڪندا، جنهن لاءِ مرحوم ”بلبل“ پاڻ پيشنگوئي ڪندي چيو آهي ته اسان وٽ ”بلبل“ جي اها هڪ علمي نشاني آهي:

ڏسي، دلبر منهنجي ديوان کي گلشن ۾ چيو،
بس، رهِجي هيءَ رهي، ”بلبل“ جي نشاني افسوس!

هن نسخي جي ترتيب ۽ صحت تي اطمينان جي اظهار جو ذڪر، مرحوم رئيس ”ضيا“ صاحب پنهنجي مقدمي ۾ پڻ ڪيو آهي ۽ مرتب ڏانهن لکيل خطن ۾ به تائيد ۽ تحسين فرمائي اٿس.

رب ڪريم، شال هن علمي محنت کي قبول ڪري ۽ ”بلبل“ ۽ ”ضيا“ ٻنهي جي روح کي تسڪين بخشي.

غلام محمد ”گرامي“
حيدرآباد سنڌ

مقدمه

ديوان بلبل

مرحوم رئيس، ضياء الدين صاحب، ”ضيا“، ايس. بلبل، ميهڙ

سنڌ جي مشهور ۽اديب ۽ اهل قلم، شاعر شيرين بيان ۽ نڪته سنج و نڪته دان، مرحوم ”بلبل“ جا سنڌي ادب ۽ شعر و شاعريءَ جي خدمت ڪئي آهي، ان جو اعتراف، هر مڪتب فڪر جي پاران دل کولي ڪيو ويو آهي.

”بلبل“ مرحوم جو دور، 18 صدي جي پڇاڙيءَ ۽ 19 صديءَ جي اوائل جو دور آهي. پاڻ 1857ع ۾ پيدا ٿيا 1919ع ۾ وفات ڪيائون. اهو دور سياسي ۽ سماجي خيال کان مسلمان قوم جي حيات نو ۽ جدوجهد جي سلسلي ۾ نازڪ ۽ تاريخي دور هو. مرحوم بلبل، پنهنجي قلم سان ان دور ۾ جنهن جدت آفرين ۽ ندرت آميز، اسلوب ۽ پيرايه بيان ۾ نڪته سنجي ڪئي آهي، اها هڪ تاريخي خدمت بنجي چڪي آهي.

مرحوم بلبل جي تاليفات کي شايع ٿي، لڳ ڀڳ مني صدي گذري چڪي آهي. اڄ زماني جي رفتار ٻي ٿي چڪي آهي، پر بلبل جي فن جي افاديت ۽ اهميت، اڄ به

اهڙي تازي نظر اچي رهي آهي، جو ائين پيو محسوس ٿئي ته چڻ هن دور جي ترجماني ڪئي وئي آهي.

بلبل جا سڀ ڪتاب، پراڻي دور جي فن طباعت ۾ شايع ٿيا هئا، جن مان ڪي ليٿو ۾ آهن ته ڪي ٽائيپ ۾ آهن. ظاهر آهي ته اڄ کان پنجاهه-سٺ سال اڳ، ان فن به نئين تجربي ۾ وک وڌائي هئي. نتيجو اهو نڪتو آهي، جو ڇپائيءَ جي سونهن، توڙي مواد جي صحت جو اهڙو قابل قد و مثال موجود ٿي نه سگهيو آهي.

بلبل مرحوم جا ڪتاب به ڇپائيءَ جي سلسلي ۾ چند ٽائپ وارن کان سواءِ، غلطين جو شڪار رهندا آيا آهن ۽ اڪثر ڪري ڪمياب، بلڪ ناياب ٿي

ڇڪا آهن. مون ڪتابن جي دوباره اشاعت جي سلسلي ۾، سنڌي ادبي بورڊ“ کي پيشڪش ڪئي. نهايت مسرت حاصل ٿي، جڏهن بورڊ پاران ڪتابن جي ڇپائي منظور ڪرڻ جي فيصلي کان مون کي آگاهه ڪيو ويو.

ان طرح ڪتابن جي صحت ۽ ايڊٽ جي سلسلي ۾، منهنجي ہي پيشڪش کي به بورڊ عزت بخشي. ان لاءِ به آءُ بورڊ جي شڪريه ادا ڪرڻ کان سواءِ رهي نٿو سگهان.

مون ان سلسلي ۾، اسان جي هموطن ۽ پياري دوست، سنڌ جي مشهور صاحب فن، اهل قلم، اديب، شاعر، نقاد ۽

محقق، عزيزم گرامي صاحب جو نالي پيش ڪيو هو، جو منهنجي نظر ۾ بلبل جي تاليفات ۽ ان جي صحت ۽ تعارف لاءِ نهايت موزون انتخاب چئي سگهجي ٿو.

ان سلسي ۾، بلبل جي تاليفات کي گڏ ڪرڻ جو مسئلو، اسان سڀني لاءِ حيران ڪن ثابت ٿيو. چند ڪتابن ۽ قلمي مسودن کان سواءِ، مون وٽ سڀ ڪتاب موجود ڪين هئا، ان ڪري دوستن احبابن ۾ ڦولهه ڪئي وئي. ڪجهه ڪتاب ته جناب گرامي صاحب وٽ اڳي ئي موجود هئا، باقي جو ڪجهه به مسودن جي صورت ۾ مون وٽ موجود هو، اهو سارو ذخيرو نقل ڪرائي، گرامي صاحب جي حوالي ڪيم

گرامي صاحب، ”مهراڻ“ رسالي جي ادارت ۾ عديم الفرصت نظر آيو. وقت گذرندو ويو، اسان جي عجلت شعاريءَ، اسان کي وڏيڪ انتظار ڪاٽڻ کان ٿڪائي وڌو. نيٺ مون پنهنجن پين دوستن جي تعاون سان ”ديوان بلبل“ تيار ڪرايو. ان ۾ تشريحي وضاحت ۽ مقدمي جي اضافي ڪري، ضخامت جو سلسلو دراز ٿي ويو، جو في الحال شايع ٿيڻ کان رهجي ويو.

ان وچ ۾، جناب گرامي صاحب سان خط و ڪتابت جو سلسو جاري رهيو.

مدت مديہ جي انتظار کان پوءِ جناب محمد ابراهيم جوبي صاحب کان اها خوشخبري ملي، ته گرامي صاحب، ڪم کي شروع ڪيو آهي، ۽ ديوان بلبل سان گڏ، ٻيا به ڪيئي ننڍا وڏا ڪتاب درست ڪري رهيو آهي. ان بشارت کي غنيمت سمجهي، ان جي تڪميل تائين انتظار ڪندو رهيس. تان جو گرامي صاحب جو فرمائشي حڪم پهتو ته ديوان بلبل جي تصحيح ۽ نقل جو ڪم پورو ٿي چڪو آهي. ان لاءِ، تعارف جا ٻه لفظ اوهان کي لکڻ گهرجن.

بلبل جي ديوان کي ڏسي نهايت مسرت ٿي. ڪيترا مغلق ۽ منجهيل اشعار، جي نه ڪو پڙهڻ ۾ ٿي آيا ۽ نه ڪي سمجهڻ ۾ ٿي آيا، سي نه فقط گرامي صاحب درست ڪيا، پر ان سان گڏ انهن جي تشريح به ڏنائي.

ان کان پوءِ منهنجي ”ٻه اکر“ 1- اهو مطالعو شروع ٿيو. مون معذرت ڪئي ته آءُ جو ڪجهه به لکندس، ان کي مبادا، ”پدرم سلطان بود“ جي طعن و تشنيع جو شڪار ٿيڻو پوي، پر گرامي صاحب جي حجت ۽ دليل اسان جي معذرت کي ناقابل قبول قرار ڏنو. گرامي صاحب چيو ته، ”آلو لد سرّ الا بيه“، ”بلبل“ تي ٻين گهڻن لکيو آهي ۽ گهڻو ڪجهه لکيو آهي. مناسب آهي ته اوهان جي قلم مان به ڪجهه لکيو وڃي، شرط جي پوئواري ڪئي وڃي. لهٰذا، بسم الله ڪري لکڻ شروع ڪيم. اميد ته اهي ٻه اکر قبول پوندا.

مرحوم”بلبل“ جي فن ۽ شخصيت تي سوچيندي، اقبال جو هي شعر برمحل نظر اچي ٿو، فرمائي ٿو:

هزارون سال نرگس اپني بي نوري پي ورتي هي
بڑي مشکل سي هوتا هي، چمن مين ديده ور پيدا!

ان شعر جي شرح، نه معلوم ناقدن ۽ شارحن ڪهڙي ڪئي آهي، پر منهنجي ناچيز سمجھ ۾ اقبال جو اهو اشارو، ”وليءَ، عاشق ۽ شاعر ڏانهن ٿيل آهي.ڇا لاءِ اهي ٽيئي مقدس هستيون، قوم لاءِ مثل ”رُوح، دل ۽ زبان“ جي آهن، يعني قوم جا اهي ٽيئي رئيس عضوا آهن اهي ”حق“، ٻين لفظن ۾ ”حسن“ جا متلاشي، شناسا، جو بنده، پاينده ۽ گوينده آهن. هو پرده غيب کي، ٽيلڪسوپ يا ٽيسٽ ٽيوب سان نه، پر ذوق، ذڪاء، حس، ادراڪ ۽ ڪشف جي ذريعي، چاڪ ڪري، حقيقت جي تصوري کي هو بهو ڏسن ٿا، ۽ ڏسي ڪري، ڪنن هوندي ٻوڙي ۽ اکين هوندي انڌي ۽ قوم اڳيان ان کي، عام فهيم قول ۽ فعل، اشارات ۽ ڪنايات ۾ پيش ڪن ٿا، ۽ اهڙيءَ طرح قوم جي مسئلن ۽ مشڪلاتن کي حل ڪرڻ لاءِ، قدم قدم تي رهنمائي ڪن ٿا.

اهو به خيال ۾ رکڻ گهرجي ته نبوت، ولايت جو اعليٰ درجو آهي ۽ مجذوبيت، عشق جو ادنيٰ درجو آهي.

باقي رهيا سائنسدان ۽ فلسوف، جي پڻ حق کي ڳولڻ جي هام هڻن ٿا، سي دنيا جي اسٽيج تي مذڪور بالا، اعليٰ ڪردارن ۾ ائين آهن، جئن مسخرو، جو ”هيرو“ جي هر هڪ حرڪت جي نقل ڪرڻ جي ڪوشش ڪري، سامعين جي خوش طبعيءَ جو سبب پيدا ڪندو آهي.

مولانا ظفر علي خان مرحوم جو هي شعر:

جو نقطه ورون سي کهل نه سکا، جو فلسفيون سي حل نه هوا،

وه راز، اک کملي والي ني، بتلاديا چند اشارون مين.

مٿي عرض ڪيل فرق جي تصديق ۽ تائيد ڪري، ”ڪشف ۽ ادراڪ“ جي قوت کي، مشاهدي ۽ منطق، دليل ۽ حجت ئي فوقيت ڏئي ٿو.

جيڪڏهن غالب مرحوم:

عشق پر زور نهين هي يه وه آتش غالب،

که لگائي نه لگي، اور بجهائي نه بني.

عشق جي بجاءِ، شعر جي باري ۾ چوي ها ته جيڪو درست هجي ها، چو ته شعر تي پڻ ڪو به زور ناهي.

جيڪڏهن عاشق لاءِ، حافظ:

هرگز نه ميرد، آن که دلش زنده شد به عشق،

ثبتست، برجريده عالم، دوام ما.

چيو آهي، ته، شاعر ڪي وري، ”الشعراء تَلاميذالرحّمان، سان ياد شاد ڪيو ويو آهي.

اسان وٽ، هڪ شاعر دلريش چيو آهي ته:

”شاعر پراين ڏُل ڳالهين سان هرگز ڏُل ناهي، بلڪ سچو شاعر ذاتي تجربات ۽ دلي جذبات کي قلمبند ٿو ڪري، ۽ قومي شاعر، قوم ۽ ملڪ جي ڏکن ۽ دردن جي ترجماني ٿو ڪري، سو به جيسين قوم جي ڏکن ۽ دردن کي پنهنجو ڏک ۽ درد نه سمجهندو، تيسين سندس ڪلام ۾ اثر جو پيدا ٿيڻ مشڪل ئي ناهي، پر هڪ محال امر آهي.“

اهو بلڪل صحيح، پر منهنجي ناچيز راءِ اجا به-ٿي ڏاڪا مٿي آهي. ذاتي تجربات ۽ دلي جذبات ڇا، معاملو ڪشف ۽ ادراڪ تائين پهچڻ گهرجي. قوم جي ڏک جي ترجماني ڇا، خود قوم جي ڏک ۽ احساس جو مجسٿمو ٿيڻو ٿو پوي. شاعر، قوم کان جدا ڪا چيز ناهي، ”شاعر قوم آهي ۽ قوم شاعر آهي،“ ٻنهي ۾ هڪ قسم جو اتهاد ۽ عينيت ٿا پيدا ٿين. ايتريقدر جو:

تاکس نه گويد بعد زين، من ديگرم تو ديگري!

ان طرح خوشي ۽ غم، ترقي ۽ تنزّل به بيروني ۽ عارضي ڪيفيتون آهن، جن جي اصلاح ته ٻيا ماڻهو به ڪري سگهن ٿا. شاعر قوم جي انتهائي غرض ۽ غايت کي مدنظر رکي ٿو ۽ سندس ذهني ۽ جذباتي انقلاب سان

دلچسپي رکي ٿو. عاشق فقط هڪ فرد کي محبوب ۽ مطلوب رکي ٿو، پر شاعر ساري قوم کي!

هن خيال کي مسز سروجني نيدو، مولانا حاليءَ جي وفات جي ساليانی موقعي ٿي تقرير ڪندي، صاف لفظن ۾ ادا ڪيو آهي ته:

”حاليءَ کي قدرت طرفان، صحيح پيشگوئيءَ ڪرڻ جي صلاحيت عنايت ٿيل هئي ۽ هن جي ڪلام جي وڏي خوبي اها هئي، جو سندس ڪلام تمام سليس ۽ دلنشين انداز ۾ هو، سندس لفظ اهڙا ته آسان هئا، جي ڀهراڙيءَ جون زالون به آسانيءَ سان سمجهي سگهنديون هيون“.

اها آهي چند لفظن ۾ سچي شاعر جي سچي حقيقت، يعني حقيقت جو انڪشاف ڪرڻ ۽ عام فهم انداز ۾ بيان ڪري عمل جي جوش پيدا ڪرڻ جي قوت رکڻ. پهرئين ڪلام لاءِ ”ولايت“ ٻئي لاءِ ”علم“ ۽ ٽئين لاءِ ”عشق“ جي ضرورت آهي. شاهہ لطيف چو اهڙو مقبول آهي؟ چو ته هو انهن ٽنهي چيزن جو مرڪب آهي. هو ُولي“، ”عاشق“ ۽ ”شاعر“ ٽنهي جو جامع ۽ لطيف ”امتزاج“ هو، هو بيڪ وقت ولي به هو، ”شاعر“ به هو ۽ عاشق به هو.

هاڻي وري اهو سوال ٿو اٿي ته ”شاعر“ حقيقت جو انڪشاف عام ٻوليءَ ۾ ته ڪري ٿو، پر ان جو ”اظهار“ ڪهڙي مقصد سان هئڻ گهرجي؟ ان مسئلي تي اقبال جي

هڪ شارح چيو آهي ته ”شاعري جذبات جي اظهار جو ذريعو آهي ۽ هوءَ انهن جي ترجماني پنهنجي مخصوص انداز ۾ ڪندي آهي. ان طرح شاعريءَ کي ان ڳالھ سان به واسطو ناهي ته جذبات جو اثر حيات انسانيءَ تا ڇا ٿيندو. اهو ئي سبب آهي جو شاعرانه طرز ادا لاءِ نه ڪو مقصد آهي ۽ نه مصلحت، اسان ان تي ڪا به روڪ وجهي نٿا سگهون، سواءِ انهن جي جيڪي بندشون ”فن بهّ تقاضائي فن“ هو پاڻ پنهنجي لاءِ تجويز ڪري.“

(اقبال کا مطالع، مولف سيد نذير نيازي)

مٿئين پيش ڪيل تاويل سان منهنجو اختلاف آهي. مٿئين نقاد، اهو نظريو انگريزيءَ شاعريءَ جي انهي ٽوليءَ مان ورتو آهي، جن جو گويا تڪيه ڪلام ئي آهي ته ”فن برائي فن“ هئڻ گهرجي ۽ فن پنهنجي لاءِ پاڻ ئي ”ماڻ“ آهي. فن جو موازنو، ڪنهن به ٻئي معيار سان نه ڪيو وڃي، يعني ان کي ڪنهن ٻي منزل مقصود جو ذريعو نه ڄاڻڻ گهرجي. بلڪ هو پاڻ پنهنجي لاءِ منزل مقصود آهي.“

خوشيءَ جي ڳالھ آهي جو خود انگريز اديبن مان ئي ان گروهه جي مخالفت جا رج برناردشا جي اڳواڻيءَ هيٺ ٿي چڪي آهي. اهي به هاڻي اڳين راءَ تي نظرثاني ڪري رهيا آهن.

ظاهر آهي ته جيڪڏهن ڪو به ”فن“ ممّد حيات نه آهي ته پوءِ اهو ”فن“ ڪهڙي ڪم جو؟ اهڙي جن کي ”فن“ ڪيئن چئبو: ”فن“ جي منتها، ته ”فن“ کان ٻاهر ڳولڻ گهرجي. رڳو ذريعي کي مقصد نه قرار ڏيڻ گهرجي.

اوائلي يوناني فلسفي جي هڪ قول موجب، سموري ڪائنات جو ماڻ، پاڻ انسان آهي، هر فن جو قدر ضرور ان لحاظ سان ڪبو ته انساني زندگيءَ تي ان جو ڪهڙو اثر ٿيو. جيڪڏهن ڪو فن، انساني حيات کي سنواري درست ڪري، قوّي ۽ زڪي ڪري ٿو ته پوءِ اهو فن ڪامل چئبو، پر جي ان جو اثر زندگيءَ کي ڪيرائڻ، ناپاڪ ڪرڻ، ناس ڪرڻ، ڪمزور ڪرڻ ثابت ٿيندو ته پوءِ اهو فن مردود ۽ ناقص شمار ڪرڻ گهرجي ۽ ان جو نالي ”فن“ نه، پر ”فتنو“ هئڻ گهرجي.

ان نقطه ء نظر سان شاعريءَ کي به محض ”ادائي جذبات“ يا ”اظهار جمال“ يا ”انڪشاف حقيقت“ تائين محدود نه سمجهڻ گهرجي. بلڪ مذهب وانگر ان کي حيات انسانيءَ جي تمام طرفنۣ گهراين تي طاري سمجهڻ گهرجي ۽ ان کي زندگيءَ جي معنيٰ، منزل جي حس ۽ اد راڪ پيدا ڪرڻ ۽ شعور حاصل ڪرڻ جو اوزار تصور ڪرڻ گهرجي. بس هوا ئي شاعريءَ جو ڪمال آهي، جنهن کي ”رومي“: ”جزوبست از پيغمبري“ سان ياس

ڪرڻ فرمايو آهي، ۽ علامه اقبال ان کي ”تنقيه حيات“ سڏيو آهي. ان لاءِ ئي آيو آهي. اِنّ مِنَ الشّعر الحِڪمَتهَ.

اهو ئي سبب آهي جو شاعر کي رڳو فني ڪمال جي اعتبار سان يا پبلڪ جي فقط ڪنهن خاص حصن تي اثر وجهڻ جي لحاظ سان نه توريو، چو ته مصلح ۽ مضّر ٻنهي قسمن جي شاعري مقبول ٿي سگهي ٿي. اهڙي شاعري به موجود آهي جا قوم ڪاهليءَ، عياشيءَ تباهيءَ جا درياءَ وهائي. انساني زندگيءَ کي پست ۽ تباه ڪري ڇڏي ٿي ۽ اصل مقصد ۽ غرض ۽ غايت کان هٽائي ۽ برغلائي ڇڏي ٿي.

ٿورن لفظن ۾ اگر چئجي ته پوءِ ائين ئي چئي سگهجي ٿو ته شاعريءَ لاءِ معيار اهو ٿي سگهي ٿو ته ڏسڻ ۽ پرکڻ گهرجي، ته ان انسانذات جي غرض ۽ غايت کي ڪيتريقدر واضح ڪيو ۽ ان کي حاصل ڪرڻ ۾ ڪيتري مدد ڏني. ان طرح قومي شاعري، ان جي انهيءَ حصي کي چئبو، جا ڪنهن خاص قوم سان، يا خاص وطن سان تعلق رکندڙ هجي.

ان سلسلي ۾ ڪو به فڪر ڪرڻ نه گهرجي، جيڪڏهن اڄ قوم جو شيرازو بگڙي ويو آهي ۽ قوم جا رئيس عضوا شَل ۽ لاغر ٿي ويا آهن، ته پوءِ بيشڪ مٿيون ذڪر ڪيل ٿيئي زبردست شخصيوتون،هن زماني جي

برڪت چئجي يا حرڪت چئجي، فورڊ جي موٽرن وانگر ڪثرت ۾پيدا ٿيون آهن، جي پنهنجو قدر ۽ قيمت به وڃائي چڪيون آهن، پر اهي سڀ عارضي لغزشون سمجهڻ گهرجن. جن کي اصلوڪي منصب ۽ مقصد جي تڪذيب ۾ نه شمار ڪرڻ گهرجي. نه ڪو مايوس ٿي گهرجي. فقط ضرورت اها آهي ته شاعريءَ جي اعلٰي مقصد کي دوباره نظر ۾ آڻڻ گهرجي. ان جي صحيح مثالن کي مطالع ڪرڻ گهرجي ۽ اهڙن شاعرن جي جذبات، حالات ۽ خيالات کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. اهڙن شاعرن جي ڪلام ۽ پيغام کي پنهنجي دؤر ۾مشعل راه بنائڻ گهرجي.

ايتري تمهيد کان پوءِ آءُ هت هڪ اهڙي شاعر جو ذڪر ڪندس جو زور مَسَ، يعني محض علمي قابليت ۽ مشق سان نه، پر قد رتي طرح سان، شاعرانو ملڪو حاصل ڪري پيدا ٿيو هو، جو سنڌ جي ادبي گلستان جو ”بلبل“ هزار داستان هو. جنهن جي زندگي، سچ پچ ”گل ۽ بلبل“ جي قصي وانگر گذري چڪي آهي. جنهن جي حياتيءَ جون پويون گهڙيون به ساز ۽ سخن جي جهوليءَ ۾ گذيون. جنهن جي شاعري، مُني صديءَ گذرڻ کان پوءِ به مقبول ۽ زنده آهي. جنهن کي سنڌ جي محقق ناقدن، پير حسام الدين راشدي، مرحوم ”بسمل“، مرحوم حاجي خادم، سيد علي اڪبر شاه، مولانا گرامي صاحب، خليل صاحب،

سنڌ جو سعدي، حالي ۽ اڪبر الهه آباديءَ قرار ڏنو آهي. جنهنجي صدا، ”صدائي قوم“ هئي. جنهن اڄ جي سياسي، اخلاقي، ذهني ۽ديني خرابين جو احوال ۽ انهن جو علاج پنجاهه سال اڳ قلمبند ڪيو آهي. جنهن جي شعر وشاعري، مٿي ذڪر ڪيل معيار موجب، بلڪل پوري آهي. اهو به ياد رهي ته جو ڪجهه مان چئي رهيو آهيان، سو رڳو فرزندانه محبت ۽ جذبئه عقيدت جي پيداوار ناهي، اگرچ منهنجي عمر ۽ُ تجربي، علم ۽ مطالع وارو ڪو به فلسفي جو شاگرد، هن معاملي ۾ ذاتيات کي بالائي طاق رکي، منصف مزاجيءَ سان مون وانگر ئي راءِ زني ڪري ٿي سگهيو؛ ان هوندي به کوهن ۽ ماڻهن جا وات ڪنهن به بند نه ڪيا آهن؛ تنهنڪري ”پدرم سلطان بود“ جي طعني کان بچڻ لاءِ مون مٿيون طريقو، لامحاله اختيار ڪيو آهي ۽ ٻين محققن جي خيالن ۽ راين ڏانهن اشارو ڪيو اٿم.

اها به هڪ عجب جهڙي حقيقت آهي ته سنڌ جو مايه ناز نڪته سنج ۽ شاعر شيرين بيان، مرحوم ”بلبل“ نه ڪنهن ،مشهور تعليمي درسگاهه جو سَنَد يافته هو ۽ نه ڪنهن جيّد ۽ قادر الڪلام شاعر وٽان شاعري سکيو هو.

مرحوم ”بلبل“ ميهڙ جهڙي مردم خيز سر زمين ۾ پيدا ٿيو ۽ اتي جي ننڍن مڪتبن ۾، ان زماني جو مروج درس، سنڌي، فارسي ۽ عربي پڙهيو هو، پر پوءِ ڪتابن

جي محدود دنيا کان جلدي بيزار ٿي هن دنيا جي جامع ۽ جذبات ۽ احساس جو درس حاصل ڪيائين ۽ ڪائنات جي ڪتاب جي ورق گرداني شروع ڪيائين. مرحوم ”بلبل“ اهو علمي سفر، پنهنجي خداداد ذهن ۽ زڪاء جي ذريعي سان سالن جو مهينن ۾ ۽ مهينن ۾ پورو ڪيو.

مرحوم ”بلبل“ ان جي ابتدا 1872ع ۾ انجنيري کاتي ۾ داروغپ جهڙي ننڍڙي ملازمت ۽ مشغوليءَ سان ڪئي. پر سرڪاري نوڪريءَ جي پابندي، ”بلبل آزاد“ کي گويا ٻوساٽڻ لڳي. سندس انتهائي قابليت، سليقه شعاري، ڪلام جي فصاحت ۽ طبعي خوش ذوقي، اديبانه ۽ شاعرانه بود و باش کي ڏسي، هڪ انگريز انجنيئر کيس سجاڻي ورتو ۽ ساڻس دوستي ۽ آشنائي پيدا ڪري، کيس قديم زماني جو هڪ قيمتي ،شاهنامه فردوسي تحفه طور ڏئي، گويا مرحوم جي علمي، سمند ذوق تي تازيانه هنيائين. اهو نسخو اڄ دهليءَ جي عجائب گهر ۾، مرحوم حامد علي ڪليڪٽر جي معرفت مرحوم ”بلبل“ جي نالي عطيه طور موجود ۽ محفوظ آهي.

جڏهن ته ميهڙ جهڙو ننڍو شهر مرحوم ”بلبل“ جي علمي ۽ ادبي قابليت ۽ لياقت لاءِ پورو پئجي نه سگهيو، تڏهن مرحوم کي ڪراچيءَ جي مرڪزي شهر ۾ ان جي

علمي ۽ ادبي، ملڪي ۽ سماجي مرڪز ڪشش ڪري چڪي ورتو.

ميهڙ کان ٻاهر نڪرڻ جو هڪ ٻيو به ظاهري سبب هو، مرحوم ”بلبل“ پنهنجي خاندان ۾ ننڍي ۾ ننڍو چوٿون پاءُ هو. سندس ٻيا ٽي ڀائر زمينداريءَ جي ڪمن ۾ مصروف هئا ۽ زمينداريءَ سان گڏ، راڄن جا چڱا مڙس به هئا. مگر ”بلبل“ ، جو رڳو مطالعي ۽ علمي مشغلن ۾محو رهندو هو، تنهن کي رئيسيءَ ۽ زمينداريءَ سان ڪا به دلي وابستگي نه پيدا ٿي. جسماني ۽ ذهني بار کي جڏهن ته برداشت ڪري نٿي سگهيو، تڏهن لازمي طور سارو بار سندس ڀائرن تي پيو. زمينداريءَ جي ڪَڪ ڪندڙ ڪاروبار، راڄن جي نبيري-نڪيڙيءَ جي روزمره واري ڪلڪل ۽ ڀٽ-سٽ کان آجي ٿيڻ لاءِ، ميهڙ مان ٻاهر نڪري، آزاديءَ جي عالم ۾ڪم ڪرڻ لاءِ تياري ڪيائين ۽ پنهنجي ئي شعر تي عمل ڪيائين، جنهن ۾ چيو اٿس:

”دنيا سندا تماشا، گهر کان نڪر ته ڏسندين“،

آخرڪار، مرحوم بلبل، 1889ع ۾ڪراچيءَ پهتو، سنڌ جي سر سيّد، مرحوم خانبهادر حسن علي افنديءَ جي جوهر شناس نگاهه، مرحوم ”بلبل“ کي سڃاڻي ورتو ۽ ڪيس پنهنجي سياسي، سماجي، علمي ۽ تعليمي تحريڪ کي زور

وٺائڻ لاءِ پنهنجو دوست، رفيق، معاون ۽ دست راست ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو. بقول مولاناگرامي:

”مرحوم بلبل جي هيءَ حياتي، مرحوم حاليءَ جي لائيف وانگر هئي. سر سيّد مرحوم جي راھ ۾ جو سنگ گران حائل رهيو، تنهن کي مولانا حاليءَ پنهنجي شعر ۾ بيان سان دور ڪيو. قدامت پرستي، شخصيت پرستي، تنگ دلي ۽ بدرسومات جي مذمت ڪري، سرسيّد جي ڪم لاءِ ميدان صاف ڪيائين، تيئن مرحوم ”بلبل“ ان وقت ۾، سنڌ محمدن ائسوسئيشن جي پاران، معاون، اخبار جي چارج، سنڌ جي سرسيّد جي ايماء ۽ اشاري تي ورتي ۽ چارج وٺندي ئي مرحوم حاليءَ وارو ڪم شروع ڪيائين. سندس پر زور ۽ پر جوش ظريفانه ۽ فلسفيانه، رنگين ۽ دلنشين مضمونن ۽ شعرن کي پڙهي، سنڌ جا ماڻهو حيران رهجي ويندا هئا. آخرڪار سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ سندس تنقيدي خيالات ۽ تعميري جذبات جو بي پناھ اثر پيدا ٿيو. مرحوم ”بلبل“ تعليم جهڙي خشڪ مضمون کي دلچسپ بنائڻ لاءِ اهڙا ته عمدا، رنگين ۽ مدلل مضمون کي دلچسپ بنائڻ لاءِ اهڙا ته عمدا، رنگين ۽ مدلل مضمون لکيا، جي اڄ به قابل غور آهن. سنڌيءَ زبان کي پنهنجي ظريفانه رنگ سان اهڙو ته شيرين ۽ نمڪين ڪيائين، جو ان جو اثر جادوءَ وانگر ٿيڻ شروع ٿيو. سندس ظريفانه اشعار، ظرائف، قلمي

نوڪ جهوڪ، ندرت آميز تحرير جي سببان هر هنڌ ”بلبل بلبل“ جي وائي وات هئي. اديبن ۽ شاعرن، سياستدانن ۽ قومي ڪارڪنن، ميرن ۽ پيرن، حاڪمن ۽ وزيرن وٽ سندس قابليت ۽ صلابت راءِ جو چرچو ٿي ويو. مرحوم بلبل، مذاق ۽ ظرافت سان، مرحوم افنديءَ لاءِ ائين ميدان هموار ڪيو، جيئن حالي مرحوم، رئڻ ۽ رئارڻ، تنبيهه ۽ نااميديءَ سان مسدس لکي، مَسَ مَسَ پيدا ڪري سگهيو هو“.

بيشڪ مولانا گرامي صاحب جو مٿيون تجزيو، بلبل جي طريقي ڪار جي بلڪل صحيح تصوير آهي.

سندس تعريف ۾، ڪن وقتن تي، خود مرحوم افنديءَ جي واتان هي لفظ نڪرندا هئا. چوندو هو: ”مون کي عجب آهي ته اهڙو انسان، ميهڙ جهڙي ننڍڙي شهر ۾ ڪيئن پيدا ٿيو؟“

الغرض مرحوم افنديءَ جي سپني ڪمن ۽ تحريڪن ۾ مرحوم بلبل سندس قلمي تعاون ڪندو آيو.دڪن ائگريڪلچرل رليف ايڪٽ جو سوال، جڏهن مرحوم افنديءَ هٿ ۾ڪنيو، تڏهن مرحوم بلبل سندس مشير خاص جي حيثيت سان رفيق ڪار رهيو.

ان طرح پوني جي ڪميشن، جڏهن افندي مرحوم کي گهرايو، تڏهن ڪاغذن تيار ڪرڻ جو بار، مرحوم بلبل جي ذمي ڪيو ويو. مرحوم ”بلبل“ ٿوري ئي عرصي ۾،سنڌ جي سڀني آبادگارن جو احوال گهرايو ۽ ضلعي وار انهن اکرن سان ياد داشتون تيار ڪيون، جن ۾ ڏڪرين جي ذريعي آبادگارن جي زمين ۽ ملڪيت جي نيڪال جا انگ اکر گڏ ڪيل هئا. ان طرح قرضن ۾، جي وياج تي وياج هلندا هئا، سي به بلبل مرحوم وڏي محنت سان گڏ ڪيا، آخر مرحوم آفندي کيس پوني ڏانهن پاڻ سان گڏ وٺي ويو ۽ وقت بوقت ڪميشن اڳيان، شاهدي ڏيندي،بلبل کان نوٽ وٺندو رهيو. هن حيرت انگريز محنت ۽ انگن اکرن جي وسيع دنيا ۾ هر فقري کي حيرت انگيز حوالن سان مدلل ڏسي، خود انگريز ميمبر به حيران رهجي ويا. آخرڪار ”بلبل“ جي ڪاوش نتيجه خيز ثابت ٿي، ڪميشن متاثر ٿي ۽ سنڌ سان اهو دکن ايگريڪلچرسٽ رليف ايڪٽ لاڳو ٿيو، جنهن جو فائدو، انگريز جي دؤر ۾ ڪافي طرح سان مسلمانن حاصل ڪيو ۽ ملڪيتون بچايون. اڄ سوڙو سنڌ جا آبادگار،سول ڪورٽن ۾ ان جو فائدو وٺي رهيا آهن. ان جي اهميت کان مسلمان وڪيل چڱيءَ طرح سان واقف آهن.

مرحوم بلبل کي سنڌ جي صحافت ۾
به اوليت جو شرف حاصل آهي. ”بلبل“ پهريون شخص
هو، جنهن سڌي ادب ۾ صحافت کي هڪ زنده ۽ اثرائتي
فن جي حيثيت ۾ روشناس ڪرايو. اخبارون ته هونءَ ٻيون
به اڳي پوءِ جام نڪتيون، پر منجهن ”بلبل“ وارو دلپذير
رنگ ۽ ڍنگ نه پيدا ٿي سگهيو. مزاح ۽ مذاق، طنز ۽
ظرافت جي رنگيني ۽ چاشني، نيوز کان وٺي ويوز تائين
قائم رکڻ، بلبل جو ڪم هو. ٻين کان ان جي تقليد ٿي نه
سگهي. جنهن اخبار ۾ سندس ڪو مضمون شايع ٿيندو هو،
اها شهرت جي اعليٰ مقام تي پهچندي هئي. مرحوم بلبل جي
مسيحا نفسيءَ سا ڪيئي مرده اخبارون توڙي رسالا زنده
ٿي پيا.

مدرسته الاسلام ڪراچي جو ماهوار
رسالو ”جامع اللعلوم“ مولوي ميان محمد عثمان نورنگ
زاده، معلم الفقه (جنهن جي ديني تصنيفات خصوصاََ
تفسير ”تنوير الايمان“ سنڌ ۾مشهور آهي) جي ادارت هيٺ
نڪرندو هو مگر اهو رسالو ڪن سببن ڪري مقبول ٿي
نه سگهيو. چنانچه ڪن اهل علم دوستن جي صلاح تي،
مسٽر وائينس، پرنسپال مدرسته الاسلام، ان رسالي جون
واڳون بلبل جي هٿ ۾ ڏنيون. نتيجو اهو ٿيو جو رسالي جون
واڳون بلبل جي هٿ ۾ ڏنيون. نتيجو اهو ٿيو جو رسالي جي

آشاعت ۾ شهرت ۾ اضافو ٿيو. هونءَ به ان دؤر ۾ اهڙو ڪو به رسالو يا اخبار نه شايع ٿيا هوندا، جن متعلق سائنس صلاح ۽ مشورو نه ڪيو ويو هوندو، يا نالو نه رکايو ويو هوندو، يا افتتاح نه ڪرايو ويو هوندو. نئين اخبار يا نئين رسالي جي شروعات بلبل جي مضمون يا نوٽ سان ڪرڻ، سعادت جو نشان يا بسم الله سمجهي ويندي هئي.

مرحوم آفنديءَ جي وفات کان پوءِ، مرحوم بلبل جي وڏي پاءُ رئيس پير بخش خان جي رحلت سبب، کيس پنهنجي وطن ميهڙ ۾ امور خانه داريءَ ۽ زمينات کي سنڀالڻ لاءِ مجبور ٿي موٽڻو پيو. هي اهو وقت هو، جنهن ۾ سندس شناسائي جو سڪو سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ رائج هو.

ميهڙ ۾ رهندي، ڪيترن اخبارن جي ايڊيٽري کيس آڇي وئي، پر پاڻ وطن کان ٻاهر نه نڪتو.

اول هڪ هندڪي اخبار، ”ڪراچي گزيٽ“ جو ايڊيٽر ٿيو، جا هفتي ۾ ٻه ڀيرا شايع ٿيندي هئي، جنهن ۾ سندس ظريفانه مضمون پوندا هئا. وري ٻي اخبار ”خير خواه“، لاڙڪاڻي جو چار سال کن ايڊيٽر رهيو، ان طرح حيدرآباد جي

هفتيوار ”مسافر“ جو پڻ ايڊيٽر ٿيو. ان کان، ”آفتاب“ سکر جو ايڊيٽر تادم حيات رهيو. سکر جي اخبار ”الحق“ جي

ادارت کان اول ته انڪار ڪيائين، پر پوءِ آهستي آهستي ان اخبار جي ادارت به سندس ذمي ٿي ويئي.

مرحوم بلب جي ان دؤر، ڪيترا نوان نوان اهل قلم پيدا ڪيا، جن ڪانئس صحافت ۽ مقاله نگاريءَ جي تربيت حاصل ڪئي. سنڌ جو مشهور مورخ ۽ محقق جناب مولائي شيدائي به سندس تربيت يافته آهي، جنهن جي علمي ۽ قلمي صلاحيت کي مرحوم بلبل جي دور رس نگاهه تاڙي ورتو هو؛ پاڻ کيس پيشنگوئي طور چيو هئائين: ”مان ڏسان ٿو ته تون اخباري دنيا ۾ چمڪندين.“

مرحوم ”بلبل“ جي تعليمي ۽ سماجي خدمات جو سلسلو پڻ وسيع آهي. تعليمي ڪانفرنسن ۾ شرڪت، پر اثر تقريرون، نصاب جا درسي ڪتاب، ڪانفرنس جا ٺهراءَ، پمفلٽ، اخبارن جا مقالا، آفيسرن کي مشورا، اهي سڀ اهي عملي ڪم آهن، جي تاريخي حيثيت رکن ٿا.

1902ع ۾ جڏهن آل انديا محمدن ايجوڪيشن ڪانفرنس ڪراچيءَ ۾ ٿي، تڏهن مسٽر ٿي. ايچ.وائينس، اسپيشل اسٽينڊنگ ڪاميٽيءَ جي سيڪريٽريءَ مسٽر ڪي، ايف، دهلوي، خط لکي، بلبل کان سنڌ جي مسلمانن جي تعليمي ضرورت متعلق رپورٽ حاصل ڪئي ۽ کيس دعوت ڏيئي، اها رپورٽ، ڪانفرنس ۾ پيش ڪرائي. اها رپورٽ اهڙي ته مقبول ٿي، جو سموري، ريزوليشن جي

صورت ۾ پيش ڪري، پاس ڪئي وئي. ان جو ذڪر ڪانفرنس جي رپورٽ سال 1918ع، مطبوعه علي ڳڙهه جي 52 صفحي تي پڻ آيل آهي.

اسڪولن جي نصاب ۾ فارسي داخل ڪرائڻ جو ريزوليشن به مرحوم بلبل جي ڪتاب تان ورتل هو، ان جو محرّڪ خود ڪيس بنايو ويو ۽ نواب وقارالملڪ ۽ مولانا حاليءَ جي فرمائش تي، پاڻ نهايت رنگين ۽ شيرين، فصيح ۽ بليغ فارسيءَ ۾ بر محل، برجسته، مدّلل ۽ پر زور تقرير ڪري، ساري ڪانفرنس کي حيرت ۾ وجهي ڇڏيائين. ان تقرير جو داد، خود نواب وقار الملڪ ڏنو، جو وقت جو صدر هو. ان ريزوليشن جي تائيد به نواب وقار الملڪ ڪئي هئي. اهو ٺهراءُ پاس ٿيو ۽ ان وقت کان وٺي فارسي نصاب اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ رائج ڪيو ويو، جو اڄ سوڌو موجود آهي. ان رپورٽ جو سمورو مسودو، بلبل صاحب جي ڪتاب ”مسلمان ۽ تعليم“ ۾ موجود آهي، جو سال 1918ع ۾ شايع ٿيو هو.

مرحوم ”بلبل“ جي نغمه ريزيءَ جي غلغلي ڏانهن نه فقط سنڌ ۽ هند جا علمي حلقا متوجهه ٿيا، پر ان سان گڏ، سندس قدر دانيءَ ۽ حوصله افزائيءَ جي سلسلي ۾، خيرپور ميرس جي رياست اهڙو حصو ورتو، جهڙو حيدرآباد دڪن

جي رياست، هند جي عالمن جي سرپرستي ڪندي، ورتو هو.

خيرپور جا علم دوست والي، ۽ اهل علم، فارسيدان ۽ شاعر به ”بلبل“ جي فن ۽ شخصيث جا مداح ۽ گرويده رهيا.

مرحوم ”بلبل“ سندن علمي ۽ سماجي خدمتن جي سلسلي ۾ جي فارسي قصيده پيش ڪيا، سي قابل ديد ۽ لائق تحسين آهن. انهن تي ڪيس معقول انعام پڻ عطا ٿيندو رهيو. سندس مجلس ۽ محفل ايراني شاعرن جي موجودگيءَ ۾، معرڪه آرائي ۽ نغمه سنجيءَ تي خود فارسي شاعر به داد ڏيندا هئا.

مرحوم ”بلبل“ پاڻ چوندو هو ته

”افسوس! آءُ اهڙي وقت م پيدا ٿيس جو ڪو به قدردان ڪو نه آهي، ورنه تخيّل جي بلندي، اجا ڪجھ اور هجي ها!“

ياد رهي ته دربار خيرپور، ان وقت سنڌ جي مسلمانن جي سياسي ۽ اخلاقي بيداريءَ لاءِ خاص مرڪز بنجي چڪي هئي. ساريءَ سنڌ جي بهتريءَ جون تحريڪون اتي پيدا ٿينديون هيون ۽ پوءِ ساريءَ سنڌ ۾ عمل ۾ ايندون هيون.

هن رياست جي سياست ۽ خدمت جي تاريخ ۾، ٽن وزيرن جا نالا قابل ذڪر آهن: شيخ صادق علي، سردار

محمد يعقوب، ۽ شيخ محمد ابراهيم، اهي سمورا مرحوم بلبل جا دوست هئا، جن سان مرحوم ”بلبل“ گڏجي، علمي ۽ ادبي، ملڪي ۽ سماجي خدمت جو دور گذاريو.

مرحوم ”بلبل“ جي تعليمي خدمات کان سندس وطن ميهڙ به مستفيض ٿيو. سندس برپا ڪيل هاءِ اسڪول، اڄ تائين موجود آهي. مرحوم بلبل ڪيترن سرڪاري ۽ نيم سرڪاري ادارن، سماجي جماعتن جو ميمبر پڻ رهيو. 1917ع ۾ کيس آنريري بئنچ مئجسٽريٽ جو چيرمن مقرر ڪيو ويو ۽ ڪمشنر جو درباري پڻ ٿيو. سندس شخصيت کان ڪمشنر نهايت متاثر رهيو. مسٽر لارينس، ڪمشنر سنڌ، کيس هڪ خط ۾ لکيو:

”سرڪار محسوس ڪيو آهي ته اوهان مسلم قوم جا همدرد ۽ بهي خواه آهيو، ۽ سنڌ جي مسلمانن جي سڌاري ۽ واڌاري بابت، اوهان جيڪي رايا پيش ڪندا آهيو، سي اسان عزت واريءَ نگاهه سان ڏسندا آهيون“.

مرحوم ”بلبل“ جي قومي غيرت ۽ اسلامي حميثت لاءِ ايترو چوڻ ڪافي ٿيندو، ته جڏهن مرحوم ”بلبل“ جي لکڻ تي، مارچ 1913ع ۾،”انجمن هلال احمر“ جو وفد، ترڪيءَ لاءِ امداد حاصل ڪرڻ جي سلسلي ۾، سيٺ حاجي عبدالله هارون جي سرڪردگيءَ ۾، ميهڙ ۾ آيو، تڏهن زميندارن ۽ آفيسرن جي موجودگيءَ ۾ سندس ڪيل ولوله

انگريز تقرير جادوءَ جهڙو اثر ڪيو ۽ ترڪي فنڊ لاءِ ، رپين جا ڍير لڳي ويا؛ ايتريقد جو هڪ صاحب ته بي اختيار ٿي، پنهنجو ڪوٽ به لاهي ڏنو، جو نيلام ڪري 125 رپين ۾ وڪيو ويو.

ان موقعي تي تقرير ڪان پوءِ، مرحوم بلبل، جيڪا في البديهه نظم پڙهي، اها سندس هم عصر ماڻهن کي اڄ سوڌو ياد آهي، ان جا ٻه -ٽي شعر هن ريت آهن:

هنن جي خير مقدم ۾ اسان کي هيئَن چوڻ گهرجي،

اجها هي زَر، اجهي زيور، اجهي هي گهَر، اجهي هي سر.

ان هڪ شعر تي، جو رقت انگيز نظارو پيدا ٿيو، جو ان جو حال وڏڙا اڄ به بيان ڪري رهيا آهن.

ان نظم جو مطلع هن ريت هو:

ڀلي آيا، ڀلي اي سر گروهه قوم، دين پرور،

مجاهد جي سبيل الله، فائز في هلال احمر.

اوهان جي خاص خدمت آ، خدا جي راهه ۾، ورنه،

ڪئي بستان، ڪٿي ويران، ڪٿي بنگلا، ڪٿي هي بَر!

اها پرجوش نظم، خاصي طويل آهي، جا هت نقل ڪرڻ جي گنجائش نه آهي.

”بلبل“ مرحوم، باوجود علمي، ادبي، سياسي مشغولين جي، ديندار، صوم و صلوٰته جو پابند، اهل سنتو الجماعت جو صادق الاعتقاد فرد، شرعي مسئلن جو ماهر، ديني مطالعي وارو، عالمن ۽ اديبن جو يار، پيرن ۽ فقيرن جو محسب ۽ صحبتي، نقشبندي طريقي ۾ راسخ الايمان مريد، ذڪر وفڪر، سوز ۽ سامان وارو پڪو مسلمان هو.

پاڻ پنهنجي مسجد ۾ اڪثري، پنج ئي وقت، امامت جا فرائض ادا ڪندو هو. سندس وضع قطع نهايت پاڪيزه، پر ڪشش ۽ رعبدار هوندي هئي؛ لباس باوقار، شرعي سونهاري، ٻنوئان وار ۽ مٿي تي دستار ٻڌندو هو. هميشه دين جي عالمن سان تبادله خيالات ڪندو هو. سندس ديني ڪتابن جي بيش بها لئبريري ۾ عربي، فارسي، اردو ۽ سنڌي ڪتابن جو وڏو ذخيرو هو، جنهن ۾ تفسير، حديث، فقه، تاريخ، تصوف، سيرت، سوالح، مناظره، فلسفه، عروض، لغت ۽ منطق تي وڏا وڏا مستند ڪتاب موجود هئا، جي سندس مطالعي ۾رهندا هئا. اهو ئي سبب آهي، جو پاڻ، عالمن جي گهڻي عزت ڪندا هئا.

اهل سنۃ جماعت سان وابستگيءَ جو سندس اهو حال هو جو پنهنجي اولاد لاءِ وصيت لکي ويو آهي ته، ”اگر ڪو فرد، ڪڏهن به سنت جماعت کان ٻاهر ٿي وڃي ته

پوءِ ڪيس منهنجي چڏيل ملڪيت کان دستبردار ڪري، ساري ملڪيت وقف ڪئي وڃي.“

مطلب ته هند ۽ سنڌ ۾ شهرت يافته اديب، عالم ۽ شاعر ۽ بلند شخصيت جو مالڪ، اخبار نويس، اهل قلم، ميرن ۽ پيرن جي مجلسن ۽ محفلن جو مور، سياسي ۽ تعليمي اڳواڻ ٿي ڪري، دين جو هيترو قدر ڪري، نمازون پڙهي، امامت ڪرائي، دل کي قوم ۽ دين جي درد سان معمور رکي. اِها سندس اُها بي مثال وصف آهي، جا هن دؤر ڪنهن به وڏي ماڻهوءَ، سياستدان، تعليمي اڳواڻ، اديب ۽ شاعر، صحافي ۽ فاضل شخص ۾ مشڪل سان نظر ايندي.

جڏهن ڪيس ڪن دوستن، ملڪيت وڌائڻ لاءِ چيو، تڏهن پنهنجي ڪتابن جي لئبريريءَ ڏانهن اشارو ڪندي چيائين:

”پنهنجي اولاد لاءِ هيءَ دولت گڏ ڪيو ٿو وڃان، جا لازوال آهي، مفيد آهي ۽ بي بها آهي!“

مرحوم ”بلبل“ پاٽ جي نقشبندي بزرگ، مخدوم نظام الدين رحه صديقيءَ وٽ، بيعت ڪيل هو. ان کان سواءِ ان دور جو وڏو عالم ۽ مجذوب مولانا ميان غلام صاحب (جنهن کي ”ڏاڏو، ڪري چئبو آهي)، وٽن رهندو هو، جنهن سان سندن روح رهاڻ رهندي هئي. ان طرح مولانا

مجزوب جو ٻيو پاءُ، مولوي غلام نبي صاحب ۽ حافظ ڪمال الدين به سندس جليس ۽ رفيق رهيا.

قرآن ۽ حديث جي حقائق ۽ معارف تي، سندس گهري نظر هئي. ان سلسلي ۾پاڻ سر سيد احمد جي، ”غزاليءَ“ تي ڪيل تنقيد جو جواب پڻ لکيائين، اهو سارو دفتر اڄ به گرامي صاحب وٽ موجود آهي. اهو جواب، سر سيد احمد جي ڪتابن تي، نهايت باريڪ خط ۾ لکيل آهي، جنهن جو قدر مطالعي کان پوءِ علم وارا لڳائي سگهن ٿا. ان جواب ۾ قرآن ۽ حديث مان اهڙا ته مدلل حوالا ڏنل آهن، جن کي هوند گڏ ڪري، ڇپائجي، جن جي مطالعي سان، سرسيد جي نيچريت جي ترديد ٿئي ٿي.

مرحوم بلبل جي مطالعي ۽ حافظي، دين ۽ ان جي تعليمات ۾ سمجهه ۽ فهم جو هڪڙو واقعو هن ريت آهي ته هڪ ڀيري، پنجاب کان هڪڙا به وڏا عالم، کان پڇندي پڇائيندي، اچي سنڌ ۾ نڪتا، سندن اختلافي مسئلو، ڪافي عالمن سڳورن وٽ پيش ٿيو، پر ڪٿي به حل نه ٿيو. سنڌ ۾ اتر سنڌ کان هليا، لاڙڪاڻو ۽ سکر ضلعا لتاڙي، اتفاق سان اچي ميهڙ نڪتا. سندن بلبل مرحوم سان به ملاقات ٿي؛ حالي احوالي ٿيڻ تي عالمن سڳورن، پنهنجو مسئلو بيان ڪيو. مرحوم بلبل ٻڌي، غور ڪري، آيت جي سياق ۽ سباق تي نظر وجهندي، هڪ اهڙو ته تعبير پيش ڪيو،

جنهن ان اختلافي مسئلي لاءِ هڪ سلجهيل راهِ پيدا ڪئي. عالمن سڳورن جو شڪ شبهو دور ٿي ويو ۽ خوش ٿي، ان غير متوقع جاءِ تان پنهنجو مقصد حاصل ڪري، واپس وريا. هڪ ڀيري، رمضان شريف ۾، تراويحن پڙهائيندي، حافظ کي هڪ هنڌ ٿاڪاٽو پيو، جنهنڪري، پوين آيتن کي ور ور ڪيو پئي دهرايائين، پر اڳيون آيتون سندس حافظي ۾ نٿي آيون. اتفاق اهڙو جو جماعت ۾ اهڙو حافظ يا قاري ڪو نه هو، جو بروقت کيس لقمو ڏيئي سگهي. حافظ صاحب جڏهن ٽيون ڀيرو، ساڳين آيتن جو تڪرار ڪيو، تڏهن جهٽ، ”بلبل“ مرحوم کيس لقمو ڏنو، ۽ حافظ صاح، روان دوان ٿي ويو. نماز جي ادائگيءَ کان پوءِ، حافظ صاحب، مرحوم بلبل کان پڇا ڪئي ته آيا اها سوره اوهان کي ياد هئي ڇا؟ ”بلبل“ وراڻيو، ته نه، اوهان جو ٻه-ٽي ڀيرا سوره جي هر هڪ حصي کي پئي دهرايو، ايتري ۾ ان جي مضمون ۽ معنٰي تي غور ڪرڻ سان گڏ، عبارت آرائي، بندش، وزن، بحر ۽ قافيه جي مناسبت تي به غور ڪندو رهيس، ائين ڪندي، زبان تي بي ساخته صحيح لفظ تري آيا، ۽ مون چئي ڏنا، خدا ڪيو جو درست نڪتا، ورنه مون کي اها سوره بلڪل ياد نه هئي.

”بلبل“ جي سيرت ۽ حالات زندگيءَ مان ئي سندس شخصيت جو پتو پوي ٿو. ائين چوڻ ۾ ڪو وڌاءُ ڪين آهي

ته، سندس جاذب ۽ پُرڪشش شاعريءَ ۽ بيان جو سبب خود سندس شخصيت به هئي.

پارسيءَ واري، انسان کي ڪشش جي لحاظ مان ٽن گروهن ۾ تقسيم ڪيو آهي: پهريون گروهه غذا مثال آهي، جنهن کان سواءِ انسان هڪ دم به گذاري نٿو سگهي؛ ٻيو گروهه دَوا مثال آهي، جنهن سان ڪنهن خاص وقت ۽ خاص مطلب تي واسطو رکڻ ٿو. جيئن بيمار، فقط صحت ٺيڻ تائين دوا جو محتاج رهي ٿو، تيئن، ڪن ماڻهن سان به انسان ذات جو تعلق مريض ۽ دوا وارو رهي ٿو ۽ ڪنهن خاص مقصد ۽ وقت لاءِ رکڻ ٿو.

ٽيون گروهه خود مرض جي مثال آهي، جنهن کان انسان ذات جو هر فرد جان بچايو پيو هلي! ڦاسڻ جي وقت ۾ هزار ڪوششون ڪري جند جان خلاص ڪندو آهي.

ان مثال موجب، ”بلبل“ کي پهرئين قسم سان تشبيهه ڏجي ته اها بلڪل بجا آهي. مرحوم ”بلبل“ مردن جو مور هو. جن ڏٺو، سي ٻڌائين ٿا ته سندن وعبدار گفتگو، محفل تي جادو ۽ رنگ چاڙهي ڇڏيندي هئي. سندس گرم گفتاريءَ اڳيان ڪوڪڇي نه سگهندو هو. اهڙي جاذب نگاهه وضع قطع ۽ فطري شوخيءَ ۽ دلاويزيءَ سان گڏ سيرت به اهڙي خوشنما ۽ پرڪشش هئس، جو سندس ديدار لاءِ دوست احباب به ديوانه وار پيا ڦرندا هئا. سندس مُرڪ ۽ خوش

گوئي، گهٽن لاءِ غذائي جان جو اثر رکندي هئي. وڏا ته وڏا، پر ٻار به سندس مشفقانه ۽ پدرانه شفقت کان مسرون رهندا هئا. مطلب تي سڀ ڪنهن پهلوءَ تي جاذب نگاهه ۽ دلاويز هو.

ان ملو ڪتَ کي سنڌيءَ ۾ هنن لفظن سان ياد ڪيو ويندو آهي؛ ”ڪنهن جو ڪِلڻ به خواري، ڪنهن جا ويڻ به ورونهه.“

اهو ذاتي تجربو آهي ته، گفتگو ۽ ڪلام، دليل ۽ حجت به تيستائين اثائتا نٿا ٿين، جيستائين صاحب-ڪلام جي شخصيت ۾ ڪا قوت تسخير نٿي ٿئي.

”بلبل“ جي ان قوت تسخير جا ڪيئي واقعا موجود آهن، انهن مان هڪ-ٻه واقعا پيش ڪجن ٿا:

مرحوم بلبل جي دوستن مان هڪ آخوند ميان عطا محمد خان رئيس اعظم مٺيارن وارو هو، جو ڪجھ وقت ميهڙ ۾ اسسٽنٽ انجنيئر ٿي آيل هو. سندس بنگلو، بلبل جي بنگلي جي پرسان هو. اتي هڪ موقعي تي جناب آقا پي حسن جان سرهندي تشريف فرما ٿيو. پير صاحب جن جي تشريف آوريءَ تي. سڄي ميهڙ تعلقي جا مريد خادم اچي گڏ ٿيا، انهن سان گڏ شهر جا معزز ۾ ٿي ويٺا. اندريون ڪمرو ته ڇڪار ٿي ويو، پر ٻاهريون هال، توڙي آڳر ۾ به ماڻهو ويهي ويا. پير صاحب جي رعب

۽ ادب ڪري، هرڪو خاموش هو. مرحوم ”بلبل“ کي به پير صاحب جن جي ملاقات لاءِ دعوت مليل هئي، ”بلبل“ مرحوم ٻاهرئين در کان داخل ٿيندي ئي مٿيون سناٽي وارو منظر ڏٺو؛ ڏٺائين ته هرڪو منهن منهن ۾ وجهيو، چپ چاپ بي زبان ٿيو ويٺو آهي، اهو ڏسي سندس طبيعت جوش کاڌو ۽ ائين چوندي خاموشيءَ جي مهر کي ٽوڙيندي ، اڳتي وڌندو رهيو ته:

”اڙي بابا! چُپ چو آهيو، ڪنڌ گوڏن ۾ چو هنيا اٿو، چپن کي چونو چو لڳايو اٿو؟ اڙي، رحمت جو ابر، ميهڙ جي ڀونءِ تي وسي رهيو آهي، فيض وٺو، خوش ٿيو، ڳالهه ٻولهه ڪريو، پڇو، ڪُڇو، دل جا غبار ڪڍو. اڙي! ڪو ڪاربهر نانگ ته اندر ڪو نه ويٺو آهي، جنهن جي ڊپ کان سُسي سوڙها ٿيا آهيو؟“

ائين چوندي، جيئن پير صاحب وٽ پهتو، تيئن مرحبا مرحبا ڪندي پير صاحب جن اٿي کڙا ٿيا. ساڻس مغلگير ٿيا ۽ کيس پرسان ويهاريائون ۽ دلي مسرّت جو اظهار فرمايائون. ”بلبل“ جي ايندي شرط محفل جو رنگ ئي بدلجي ويو، ماڻهو سرها ٿيا، گفتگو شروع ٿي. هونءَ جو پير صاحب جن سان ڪنهن کي ڳالهائڻ جي جرات ئي نٿي ٿي، سا مُهر ٽُٽي. هر ڪو آجو ٿي ويٺو ۽ دستوري نموني ۾ محفل مچي ويئي. هيءُ هڪ مثال آهي، جنهن ۾ اسلامي

برادريءُ ۽ برابريءَ ڪي پڻ ترجيح ڏني ويئي ۽ مرحوم ”بلبل“ جي بي تڪلف شخصيت تي پڻ روشني پوي ٿي.

ٻيو واقعو ڪراچيءَ جو آهي. ان دؤر ۾ ڪراچي ۾، بمبيءَ مان ٿيٽر ايندا هئا، انهن ۾ زنده ماڻهو ڪردار ادا ڪندا هئا. سئنيمائن جو دؤر گهڻو پوءِ آيو آهي.

ان وقت هڪ پارسي عورت جو ڪراچيءَ ۾ ٿيٽر لڳو، جنهن ۾ به فقط سنڌ جا، پر پنجاب ۽ بلوچستان جا به وڏا وڏا رئيس ۽ سردار شامل ٿيا. ”بلبل“ مرحوم به پنهنجي سنگت سان، اڳين ڪوچن تي وڃي ويٺو، ۽ ٿيٽر جي پارسياڻي مالڪه پڻ ونگ جي اوٽ ۾، وڏيءَ ڪرسيءَ تي ليٽي، اداڪارن جي اداڪاريءَ جو معائنو ڪرڻ لڳي. ڪيل هلندي، جلدي ڪو ٽريجڊيءَ جو منظر پيش ڪيو ويو. اهو ايترو ته زهره گداز هو، جو ساري ماندي ۾ روج راڙو پئجي ويو ۽ ڪل خوشيءَ جي بدران ماتم ڪده مچي ويو. اهڙي هنگامه خيز هل حشر ۾، اوچتو پهرين قطار مان مرحوم ”بلبل“ اٿيو ۽ سڌو اسٽيج تي چڙهي ويو. وڃڻ سان ان پارسياڻي ملڪه کي چوٽيءَ کان گِهلي ٻاهر ڪڍيائين ۽ ڪيس ڪڙڪو ڪري چيائين: ” اس سين کو بند کرو، هم يهان روني کي لئي نهين آئي هين، روني کي لئي هماري پاس اور درد ناک نظاري موجود هين، هم يهان تفريح کي لئي آئي هين.“

اهو نظارو ڏسي، حال ته پوري ماندي ۾ سناٽو ڇانئجي ويو! پارسياڻي عورت، نهايت عاجزيءَ سان ٻانهون ٻڌي، ”بلبل“ مرحوم کي چيو: ”آپ تشريف رکهين، مين ابهي ابهي کهيل بدلو نواد يتي هون“، ائين چئي پردي کيرائڻ جو حڪم ڏنائين. لحظي ۾ وري پردو کنيائون ۽ ڪلائيندڙ ڪامڪه شروع ڪيائون.

هي واقعو اگرچه ظاهر ۾ معمولي نظر ٿو اچي، پر هڪ شخصيت جي بيباڪيءَ ۽ وقت سر سچائيءَ جو دليل آهي. جذبات جي شدت سان گڏ عمل جي دليري به ان ۾ سمايل آهي. ممڪن آهي ته ٻئي ڪنهن جي اهڙي حرڪت کي بيجا مداخلت تصور ڪيو وڃي ها، يا ڪي چوندا ته مائي صاحبه ڪا ذي فهم هئي، جنهن ان قسم جي اظهار خيال کي به پنهنجي فني ڪمال لاءِ داد ڪري سمجهيو. هائو، پر اهڙي روش کي داد ڪري مڃائڻ لاءِ به ته ڪا شخصيت گهرجي.

ايک وه تهي کي، تها هر بات مين ان کي جادو،
ايک مين هون کي ميري آه مين تاثير نهين.

ٿيون واقعو اهو آهي ته هڪ پيري ”بلبل“ مرحوم پنهنجي مطالعي جي ڪمري ۾ ويٺي ڪجھ لکيو. سندس سامهون سؤ کن قدمن تي ٻاهر، گهرجي در تي ڪو پينو فقير پنهنجي عادت موجب، سَين ٿي سين جي ڏم لڳايو بيٺو

هو، پر سندس آواز اندر نٿي ٻڌو، نڪو ڪا ٻانهي ڏر تتيءَ جو شايد ٻاهر نڪرڻ لاءِ تيار هئي. پر مچڻو فقير دانهن مثان دانهون ڪري، اوڙي پاڙي جو سک ڦٽائي ڇڏيو. لازمي طرح سان ”بلبل“ مرحوم جو خيال به ٽُٽو، سو پري کان رڙ ڪري چيائين: ”فقير بابا، هن مهل ماڻهو ڪونهي، معاف ڪر.“ فقير نهٻه جواب ڏنس: ”سائين، پل پهر لاءِ تون ئي ڪٽي ماڻهو ٿيءُ!“ ”بلبل“ کان بي اختيار کِل نڪري ويئي. قلم ڇڏي، انعام طور ڪيسي ۾ هٿ وجهي پنج رپيا ڪڍي ڏنائينس، ۽ چائينس: ”فقير لک رپين جو سبق ڏنو اٿئي! هي نذرانو قبول پوي!“

ان طرح وڏڙا ٻڌائين ٿا ته ”بلبل“ جڏهن اجا ننڍو هو، تڏهن عاشورن جي ڏينهن تي پنهنجي پاءُ ۽ سنپالينڊڙ کان بوٽ لاءِ پنج رپيا وٺي، شاهي بازار ڏانهن ويو. واٽ تي وڏي پڙَ وٽ، پِٽَ ڏسڻ بيهي رهيو. ان مهل نهايت رقت انگيز ماحول هجي-- ماڻهن کان ڳوڙها وهي رهيا هئا، دهلن ۽ شرناين وارا به ڪافي رنگ پيدا ڪيو بيٺا هجن، تڏهن خبر پئي جو مليل پنج رپيا ڪڍي، اوسارن وارن تان گهوري، دهلارين کي ڏنائين، ۽ پاڻ ائين ئي گهر موٽي آيو! سندس اهو عمل، سندس راڳ سان فطري تعلق ۽ شعر وشاعريءَ جي اثر انگريزيءَ سان وابسته هو، جو اڳتي هلي وڏي اوج تي رسيو.

راڳ سان دلچسپيءَ جي اها حالت رهي، جو جڏهن سندس زخم کي ٽُڪي ڏيڻ لاءِ حجام کي آنڊائون، تڏهن راڳيندڙن جي ٽولي گهرائي، انهن کي حڪم ڪيائون ته ”راڳو سُر ڇڳايو!“ ڳائڻن هڪ طرف راڳو ڳائڻ شروع ڪيو ۽ ٻئي طرف حجام سندن زخم کي ٽُڪو ڏنو، ان وقت نڪو انجيڪشن هٿندا هئا، نڪو ڪلو روفارم سنگهائڻ جو رواج هو. ”بلبل“، راڳ جي اثر ۽ ڪيفيت ۾ مستفرق رهيو، حجام هو. ”بلبل“، راڳ جي اثر ۽ ڪيفيت ۾ مستغرق رهيو، حجام سندس ساري پُٺيءَ تان ڳڙ کي ڦاڙي، ڪو ري ڪڍي ڦٽي ڪيو ۽ ٻه - ٽي سير ڪپهه جا وجهي پٽي ڪيائين. ان کان پوءِ راڳ بند ڪيو ويو. بلبل چوندو هو: ”راڳ روح لاءِ آهي، ان ۾ بدن جو ڪو به حصو ناهي! راڳ تي سِر وڃي ويندو، پر ذرو به پتو نه پوندو.“

بهرحال ”بلبل“ مرحوم جي شخصيت ۾ متضاد عناصر جو اجتماع نظر اچي ٿو، جو علم النفس جي روءِ کان بلڪل دلچسپ ۽ تعجب خيز آهي. تقرير جي ڪمال سان گڏ تحرير جو ڪمال، رنگين مزاجيءَ سان گڏ مذهب پرستي، موسيقيءَ ۽ فني وابستگيءَ سان گڏ نماز پنجگانه جي امامت، شاعرانه ظريفانه فڪر ۽ نظر سان گڏ عالمانه سنجيدگي ۽ متانت، ظرافت آميز ٽوٽڪن ۽ نقلن، لطيفن ۽ نڪتن سان گڏ ٺيٺ اسلامي ڪتابن جي تاليف، مهمان

نوازيءَ ۽ سخا سان گڏ قناعت ۽ ڪفايت ۽ باقاعدي حساب ڪتاب رکڻ، رعبدار ۽ جلالت واري رنگ سان گڏ عاجزي ۽ انڪساري، غريبنوازي ۽ خوشمزاجي، قومي ليڊرن، سياستدانن ۽ تعليمي ماهرن سان گڏ زميندارن سان اٿڻ ويهڻ، ميرن ۽ پيرن سان شناسائيءَ ۽ تقرّب سان گڏ، گفگتو ۽ رهاڻ ۾ وقار ۽ سنجيدگي، دنياداريءَ سان گڏ دينداري، سهڻي صورت سان گڏ سهڻي سيرت، پنهنجي دور جي رئيس اعظم جي رئيس اعظم هجڻ سان گڏ، ذڪر ۽ فڪر سان مشغولي ۽ طريقه نقشبند يه ۾ بيعت، قرآن ۽ حديث جي شب و روز مطالعي سان گڏ ٿئيٽر ۽ ناٽڪ ڏسڻ -- اهي سڀ گُڻ هڪ هنڌ جمع ٿي وڃن ۽ انهن مختلف متضاد عنصرن جو هڪ شخصيت جي زير اثر ٿي، پاڻ ۾ سازياز ٿي نباهڻ ۽ سُرساز سان هلڻ، واقعي هڪ انوکي ۽ عجيب ڳالھ آهي. خود مرحوم ”بلبل“ جو چوڻ:

صنم به خواب وخدا درنظر، چه خوش يادا،
شب گناه، نماز سحر، چه خوش يادا،
مڪان نفيس وبتان، مه لقا، زمان ياور،
يه ترک اين همه، حجِّ سفر، چه خوش يادا،

منهنجي ذاتي راءِ اها آهي ته فني ڪمال جو سنگ بنياد، عمدي شخصيت ۽ اعلٰي اخلاق آهي. ”ڪا به شخصيت، اخلاق کان سواءِ فني ڪمال حاصل ڪري نه

سگهندي. جي ڪجھ حاصل ٿيو به ته اهو جٽاءُ نه ڪندو. ان جو عمد و مثال، انگريزي ادب ۾ ”اوسڪار“ جي زندگيءَ مان ملي ٿو. سندس اخلاقي نقص سندس فني ڪمال جي چوٽي نيٺ ڊاهي وڌي.

اهو فني ڪمال، جو دل جي صداقت ۽ دماغ جي طراوت تي بيٺل ناهي، جنهن کي سچي شخصيت جي قوّت ۽ ٿيڪ نصيب ناهي، سو نيٺ ڊهي پوندو.

بلبل مرحوم پنهنجي فن ۽ شخصيت ۾ ڪمال رڳو ان ڪري حاصل ڪري سگهيو، جو سندس سڀ قوتون، دل وجان سان پنهنجي عمل ۾ لڳل رهيون، هن پنهنجي فن کي منزل مقصود تائين رسايو. جيڪي پئي چيائين اهو سچ پچ بئي چاتائين، ۽ جيڪي پئي ڪيائين، ان کي درست پئي سمجهيائين. هن ان کي پنهنجو مسلڪ ۽ مشن، مذهب ۽ مشرب ڪري پئي چاتو. سندس شخصيت يڪ سوئيءَ، يڪ خياليءَ ۽ يڪ وجوديءَ تي قائم هئي، جنهنڪري هو ڪامياب رهيو. عجب آهي جو متضاد ۽ مختلف عناصرن ۾ تناسب رهيو، انتشار نه ٿيو؛ پختگي رهي، ڪمزوري نه آئي. سندس ڪاميابي ۽ خوش نصيبي اها هئي، جو پڇاڙيءَ تائين سندس خيال ۽ عمل ۾ تناسب قائم رهيو.جو ڪجھ سندس دماغ ٿي سوچيو، سو دل ٿي گهريو، جو دل ٿي گهريو، سو هٿن ٿي ڪيو.

ان قسم جون جامع ۽ باڪمال شخصيتون تمام ٿوريون پيدا ٿين ٿيون. هن قحدالرجال ۾ اهڙا ماڻهو ڪمياب آهن، پر ناياب ناهن.

اسان وٽ ”هڪا رانجهو لکان جيها“ جي مصداق، جناب مخدوم محمد زمان صاحب ”طالب الموليٰ“ جي شخصيت آهي، جنهن بابت مون گرامي صاحب کان ٻڌو ته گهڻو هو، پر جڏهن ڪين دادوءَ ۾ ڏٺم، تڏهن هڪ جامع شخصيت جا معيار ۽ انوار سندس نفسياتي تحليل مان ڳولي لڌم. پيريءَ سان گڏ فقيري، فقيريءَ سان گڏ اميري، راڳ ۽ رنگ جي مهارت سان گڏ شعر و شاعري، صورت به سهڻي ۽ سيرت به سهڻي! رياست ۽ سياست سان گڏ راڄداري ۽ مريدن جي نگهداري، علمي ڪانفرنس جي صدارت ۽ فقيرن ۽ عالمن سان محبت، علم ۽ ادب جي فروغ لاءِ ادارا ۽ رسالا، اخبارون ۽ ڪتاب، تصنيف ۽ تاليف، دل ۽ دماغ جي طراوت لاءِ ادبي مجلسون ۽ راڳ ڪانفرنسون، اهي سڀ گُڻ هڪ اعليٰ شخصيت جا آهن.

مرحوم بلبل لاءِ سندس همعصر عالمن جو ڪجھ چيو آهي، ان جو ورجائڻ طوالت جو سبب ٿيندو.

سندس شاگرد رشيد ۽ مشهور شاعر، ماستر جمع خان ”غريب“ هڪ مضمون ۾ هن طرح ”بلبل“ جي تصوير پيش ڪئي آهي.

لکي ٿو:

”بلبل جي گفتگو سنجيده ۽ باوقار ، موزون ۽ مختصر هوندي هئي. نثر توڙي نظم ۾ سندس طبع، رسا ۽ روان هوندي هئي. سندس دل، دماغ، ڪَنَ غ زبان اهڙا ته تيز ۽ ڪليل هوندا هئا، جو ساڳي وقت شعر جو شغل به ڪندو هو ته ويٺلن سان ڳالهه ٻولهه به ڪندو رهندو هو. هر ڪنهن ڏي هڪ نظر ڦيرائي، سڀ ڪجهه سمجهي ويندو هو. سندس چپن تي هميشه نت نئين مرڪ نمودار ٿيندي هئي. اهڙو ماڻهو اسان وري نه ڏٺو آهي...“

بلبل جي فني مقام جي نسبت ايترو چوڻ ڪافي ٿيندو ته جڏهن سنڌ جي شعرو شاعريءَ جي مڪمل ۽ مدلل تاريخ اڃا تائين نه لکي وئي آهي،تاهم مسلم ادبي سوسائٽيءَ پاران ڇپيل سنڌ جي ادبي تاريخ غنيمت آهي. ان جي ٻئي ڀاڱي ۾ مرحوم ”بلبل“ لاءِ پڻ مختصر تفارف موجود آهي. ان طرح شمس العلماء علامه دائود پوٽي پڻ ”سرها گل“ ۾مختصر نوٽ آندا آهن. ان طرح ”الوحيد آزاد سنڌ نمبر“ ۾ مرحوم مولانا وفائيءَ به مختصر ذڪر ڪيو آهي. بلبل جي فن تي مرحوم محمد صديق ”مسافر“، محترم حاجي محمود ”خادم“، ڊاڪٽر خليل، حافظ مرحوم ”بسمل“، ۽ مولانا گرامي جا مقالا، ۽ ”نئين زندگي“ ماهوار رسالي جو ”بلبل نمبر“ پڻ مطالعي ڪرڻ جهڙا آهن. مرحوم محمد صديق

”مسافر“ مختصر لفظن ۾ هن طرح ”بلبل“ جي فن جو تعارف ڪرايو آهي، لکيو اٿس:

”ميان شمس الدين ”بلبل“ انهن چند شخصن مان هڪ آهي، جي پنهنجي ڪنهن نمايان خصوصيت جي ذريعي سان، عوام الناس جو توجه پنهنجي طرف ڇڪي وٺندا آهن. سنڌ ۾ شايد ئي ڪنهن اهل قلم يا اهل هنر کي، ايتري ٿوري وقت ۾، ۽ ايتري ٿوري ڪم ڪرڻ لاءِ، ايتري عزت ۽ ڪاميابي حاصل ٿي هجي، جهڙي مرحوم ”بلبل“ کي حاصل ٿي. سندس ڪاميابي جو راز سندس خداداد ظرافت ۾ پنهان آهي. روايت آهي ته پاڻ نهايت ئي سليقه دار، خوش طبع ۽ با تميز آدمي هو. دهقاني آدمي ته سندس گفتگو تي موهت رهندا هئا ۽ مهذب شهري به گهڻ متاثر نه ٿيندا هئا. سندس فطرت جي رنگ ڪري سندس شعر ۾ جابجا اڻ ڏکوئيندڙ خوش مذاقيءَ جا فقرا موجود آهن. سندس علميت غير معمولي هئي. پاڻ فارسيءَ ۽ عربيءَ مان چڱيءَ قدر واقف هو. سندس طبيعت ننڍي هوندي کان ئي شعر تي مائل هئي، ۽ پريندي اردو، فارسي زبان ۾ شاعري به ڪئي اٿس. تنهن کان پوءِ سندس خيال اباڻي ٻوليءَ سنڌيءَ ڏي مبذول ٿيو. سندس ”ديوان بلبل“ گو مختصر آهي، مگر آهي وٽندڙ، جنهن ۾ رسمن رواجن،

اجائي نٿ شٿ ۽ مغربي تهذيب جي پيچ ۾ آيل نوجوانن تي بعضي جاين تي ٺيڪا ٺپڙي ٺيل آهي.

ديوان جي آخر ۾ ”ڪرياما نيچرل“ آهي، باقي غزلن ۾ اعليٰ درجي جو شاعرانه مذاق آهي. سندس خيال جي شستگي، مضامين جي پختگي، لفظن جي بيهڪ، پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ جي دل کي هڪدم پاڻ ڏي ڇڪيو وٺي.“

(تحفه ساليانه مسلم ادبي سوسائٽي حيدرآباد سنڌ)

ان طرح حاجي محمد ”خادم“ مرحوم، هن طرح سنڌي شاعريءَ جا دؤر لکيا آهن. لکي ٿو:

”پهريو دؤر اهو هو، جنهن ۾ عربي، فارسي عروض موجب سنڌي شعر چوڻ ۾ ڪين ايندو هو. فقط سنسڪرتي شبدن جي طرز تي لوڙائو بيت، ڏور، ڪافيون ۽ وايون گهڙيون ويندون هيون، جن لاءِ وزن ۽ قافيه جي پچا ڪانه هوندي هئي. ڪو اهڙو سنڌي زبان جو مطلب رکندڙ جملو، جو ڪنهن خاص سر يا لاني يا آلاپ ۾ پورو ٺهڪي ايندو هو، ته ان کي مصرع چوڻ ۾ ايندو هو. اهڙن ٻن ـٽن مصرعن جي مجموعي کي ”شبد“ يا ”بيت“ ڪري ڪوٺبو هو ۽ اهڙا مصرعا ڏيڍا، منا، ٻيٽا يا اڍايا ڪري، راڳ ۾ ڳائڻ سان وائيءَ يا ڪافيءَ جي صورت اختيار ڪندا هئا. هن پهرئين دؤر جي آخرين ترقيءَ جي منزل، قاضي

قاضن، شاهه ڪريم ۽ شاهه لطيف تي اچي پوري ٿي، جنهن ۾ ٿورو قافيه جو بنياد پڻ پوڻ لڳو.

”ٻئي دؤر جي ترقيءَ جي ابتدا خليفي گل محمد ”گل“ کان ٿي. هن دور ۾ عربي، فارسي طرز تي عروض جي ڪن خاص ۽ محدود بحرن ۾ سنڌي شعر چوڻ ۾ آيو ۽ اگرچ ڪوشش گهڻي ڪئي وئي ته سنڌي شعر عربي ۽ ايراني عروض جي آغوش ۾ اچي پلجي جوان ٿئي، ته به قافين جون غلطيون ٿيڻ لڳيون. قبر، نظر، بحر اثر، شڪر، سحر سفر، حشر، عقل،فرض، غرض وغيره لفظن جي تقطيع ۾ ڪو به تفاوت رکڻ ۾ نه ايندو هو ۽ محبت، مشقت، مروّت، جهڙا لفظ بروزن ”الفت“ ڪري آندا ويندا هئا. قافيي ۾ سوٽ، چاموٺ، ڪوٺ، اڪ ٻوٽ، نوٽ وغيره جو فرق ڪرڻ ۾ ڪو نه ايندو هول. ۽ ذوق شوق سان روڪ ۽ ٺوڪ جا قافيا جام نظر ايندا هئا.

”ٽيون دور موجود ۽ هلندڙ دور آهي، جو رئيس شمس الدين ”بلبل“ مرحوم کان شروع ٿيل سمجهڻ گهرجي. هن دور ۾ لغت ۽ قافين جا نقص گهڻو ڪري دور ڪيا ويا آهن ۽ عروض جي 19 بحرن مان 12 بحر، جيڪي اردوءَ ۾ اڪثر مستعمل آهن، سي مروّج ٿي چڪا آهن،“

ان سلسلي ۾ مولانا گامي صاحب پڻ سنڌي شاعريءَ کي ستن دورن ۾ تقسيم ڪري دليل ڏنا آهن. اهو سارو مضمون درج ڪرڻ ڪان گھڻو آهي.

هر هڪ دؤر مان چند فقرا نقل ڪجن ٿا:

(1) پهرئين دور ۾، قاضي قاضن جي هندي ڏوهيڙي واري شاعري شروع ٿي، جا شاه ڪريم تي تڪميل تي پهتي.

(2) ٻئي دور ۾، ابوالحسن جي سنڌيءَ ۾ ”الف“ واري قافيه ۾ ٿي. ان ۾ ٺٽي جي مخدومن جا ديني ۽ فقهي ڪتاب، سادي شعر ۾ پيدا ٿيا.

(3) ٽيون لطيف جو دور آيو. ان ۾ موضوع ۾ جدت ۽ ندرت، ڪلام ۾ رنگيني ۽ شيريني پيدا ٿي. عارفانه ۽ عاشقانه رنگ پيدا ٿيو. سنڌي زبان جو ادبي سرمايو استعارن ۽ ڪتابن سان وڌيو. خشڪ انداز بيان جي جاءِ تي دلاويزاسلوب پيدا ٿيو.

(4) چوٿين دور ۾ ”سماع“ بي ساز شروع ٿيو. مولود، مداحون، مرثيا ۽ مناقبا لکيا ويا ۽ نيث نعتيه ۽ مدح جا مضمون، شعر جي ساغر ۾ پلٽيا ويا.

(5) پنجون سچل جو دور هو، جنهن ۾ لطيف جي اعتدال پسنديءَ ۽ رمزيت کي رنداز ۾ پيش ڪيو ويو. ”انا

الحق“ جو نعرو بلند ڪري، رسم ۽ روح جي وچ ۾ آيل ديوار کي ڍاٺو ويو.

ڇهون دور، آخوند، ”گل“ کان شروع ٿيو. فارسي طرز تي غزل چيا ويا. اهو غزل جي عبوري ۽ تجربي وارو دور هو. خيال سادا هئا. رديف ۽ قافيي جا تامحات جام رهيا، لفظن جي صحت به قائم نه رهي. ان دور ۾ فاضل شاهه، سانگي مرحوم، گدا، مرتضائي، حافظ ”حامد“، واصل، قادري، قليچ، آخوند قاسم وغيره بهترين شاعر آهن

(7) ستين دور جي ابتدا ”بلبل“ کان ٿي. ”بلبل“ هر پهلوءَ تي لکيو. قومي، عاشقانه، ناصحانه، اخلاقي، طنزيه، ظريفانه، نظم، غزل ۽ مثنويون وغيره. سندس قصيدا، قطعا، زياده رنگين ۽ دلنشين، بلاغت ۽ معافيءَ کان معمور رهيا. اڪبر الهه آباديءَ جي رنگ ۾ جديد طرز جي ظريفانه شاعري به اول ”بلبل“ شروع ڪئي. ان دور ۾ مرحوم ”مخلص“، ۽ مولوي ”نور“ نظاماڻي، مشهور طنز نگار پيدا ٿيا، جن جو فن، پنهنجي جاءِ تي وڏي حيثيت رکي ٿو.

مرحوم ”مخلص“ ۽ ”نور“ نظاماڻي جڏهن ته آرين سان بحث ۾ لڙندا رهيا، تڏهن سندن ”فن“ ترديد ڪندي، مزاح جي اعتدال کان وني کين ڏک هٽندو هو. تنهنڪري کين دشمنيءَ جو شڪار ٿيڻو پيو.

هونءَ به مزاح ۽ ظرافت جو معتدل ۽ محتاط قوام ٿئي ٿو، ان کي پنهنجي معتدل ۽ محتاط رمز تائين رکڻ ۽ نباهڻ آسان ڪم ناهي. ٿورو مٿي چڙهيو ته تلخ ٿي پوندو، گلن مان خار ۽ طنز مان گار بنجي ويندو. هلڪو اشارو به ٿارو بلڪ ڏندو موچارو ٿي پوندو. ”بلبل“ ان فن کي اهڙو ته اعتدال ۽ احتياط سان نباهيو، جو ان مان نه ڪا دل آزاري ٿي ۽ نه ڪا اشاري بازي سمجهه ۾ آئي. هر ڪنهن سندس ڪلام پڙهيو، پر مخاطب ڪنهن بہ ٿي ڪي چاتو. هر ڪو کلندو ۽ مُرڪندو رهيو. ڪو به نه چڙيو ۽ نه رنج ٿيو. سندس تلخيءَ ۾ شيريني ۽ نمڪيني هئي، جنهن لذت ۽ سواد کي وڌايو. هن سنکي کي مهرو بنائي ڇڏيو، يا ڪؤڙي دوا ڪيپسول ۾ کارائي ڇڏي.“

مٿين چند راين جي مطالعي ڪرڻ مان معلوم ٿيندو ته ”بلبل“ کي سنڌي شاعريءَ ۾ ڪهڙو مقام حاصل آهي ۽ ڪهڙي درجي جو مستحق آهي. ان پس منظر ۾ ”بلبل“ جي ظريفانه تنقيد جي ضرور سمجهه ۾ اچي سگهي ٿي.

مرحوم ”بلبل“، دهليءَ جي جنگ آزاديءَ واري سال 1857ع تولد ٿيو هو. هي اهو زمانو هو، جنهن ملڪ کي بهترين ماڻهو عنايت ڪيا هئا. ”هند“ ۾ سر سيّد احمد، حالي، شبلي ۽ اڪبر الهه آبادي وقار الملڪ ۽ محسن الملڪ

پيدا ٿيا ۽ ”سنڌ“ ۾ حسن علي افندي، ”بلبل“ الهندو شاهه ۽ بزرگ امروٽي پيدا ٿيا.

هي اهو زمانو هو، جنهن ۾ مغل بادشاهن جي جاگيردارن ۽ تمندارن، صوبيدارن ۽ سردارن جي جانشينن، يعني سنڌ جي زميندارن غفلت ۽ زوال جي سيج تي، جديد نظام ۽ حڪومت جي لانگ بوٽ جي ٺوڪر سان، ڪروٽ بدلائي، اکيون پٽي کوليون. جڏهن مشرقي تهذيب ۽ ذهنيت جي سونهري سمي سان، مغربي تهذيب ۽ ذهنيت جي سفيد، سرد ۽ تيز اليڪٽرڪ روشنيءَ جو تصادم ٿي رهيو هو. اهڙي وقت ۾ سخت ضرورت هئي ته سنڌ کي بيدار ڪجي ۽ ڪيس مضر اثرات کان برڪنار ڪجي؛ هن جي حرارت غريزيءَ کي اپاري، ڪيس مرض تي غالب ڪجي.

ان زماني ۾ سڀ کان وڏو خطرو نئين غير روشنيءَ ۽ فيشن جي وبا جو هو. اسان کي برغلايو پئي ويو ته قدامت پرستي ڇڏيو، پراڻي لڪير جا فقير نه ٿيو، ڇاتيءَ ۾ جهاتي نه وجهو، پر نيچرل رول اختيار ڪيو. هن هوا جو اثر، هندو قوم جلد قبول ڪيو ۽ انهيءَ جا ان وقت جا ليڊر، مسٽر ويرومل بيگراج آريه -ايڊيٽر سنڌي اخبار سکر، مسٽر هر چند راءِ وڪيل پارا هئا، جن هوم رول تحريڪ جي آڙ ۾ ، مسلمانن جي شيوزاه بنديءَ کي ٽوڙڻ لاءِ وڏي ساز

سامان سان تياري ڪئي ۽ غلام محمد خان پرڳڙيءَ جهڙي روشن دماغ ۽ اثر واري ماڻهوءَ کي به پاڻ ڏي ڇڪي ورتائون ۽ ان جي حمايت حاصل ڪيائون.

ان هندو مهاسڀائي ذهنيت وارن ليڊرن، توڙي بدزبان آريه ڪارڪنن، هندو اخبارن ۽ ايڊيٽرن، توڙي هند و نواز ساده لوح مسلمان ليڊرن جو مرحوم ”بلبل“، نهايت سختيءَ سان مقابلو ڪيو. سندن سڀني حرڪتن ۽ برڪتن جي قلعي کوليندو، کين بي نقاب ڪندو ويو.

نتيجو اهو نڪتو جو مرحوم ”بلبل“ تي، هندو قوم تي حملي ڪرڻ ۽ سندن خلاف مسلمانن کي ڀڙڪائڻ جي ڏوهه (153 قلم اپڪ) هيٺ مقدمو داخل ٿيو. مرحوم ”بلبل“ ريمنڊ وڪيل بڌو، مگر هن صاحب، هندن سان رضامندي ڪرڻ جي راءِ ڏي، جا مرحوم ”بلبل“ جي غيور طبع گوارا نه ڪئي ۽ مرحوم سر غلام حسين (سابق وزيراعظم سنڌ) قومي همدرديءَ جي ڪري سندس فيءَ کان سواءِ وڪالت ڪئي.

ڪيس هلندي، مرحوم ”بلبل“، سنڌ جي خود هندو اخبارن مان اهڙا ته حوالا ڳولي ڪورٽ ۾ پيش ڪيا، جن هندن جي ڪيس کي جهوري وڌو. فاضل جج، مسٽر اي. سئنڊس، ڪيس بيڌو هي ٺهرائي ڇڏي ڏنو ۽ اٽلندو فريادي ڌر تي فتويٰ ۾ چئبدا وڌائين ته ”هندن برابر خراب روش اختيار

ڪئي هئي ۽ بلبل جو ڪجھ اظهار خيال ڪيو آهي، ان ۾ هو حق بجانب آهي، ته سنڌ جا هندو بنگال جي فسادين لاءِ بمن ٺاهڻ لاءِ چندو ڪري رهيا آهن.“

ان فتويٰ تي، حيدرآباد سنڌ ۾ وڏو جلوس نڪتو ۽سنڌ جي مختلف شهرن ۾ قومي ڪارڪنن خوشي ڪئي ۽ جلسا ڪيا.

ان وقت کان پوءِ، هندو مهاسڀا جي ذهنيت وارا مخالف، شڪست کائي ويا ۽ ”بلبل“ مرحوم ۽ سندس همڪار گروھ جي سياسي بصيرت جو سِڪو ڄمي ويو، ۽ حسن علي افندي واري تعليمي تحريڪ زور ورتو.

مرحوم ”بلبل“ هڪ طرف سر سيد احمد جي تعليمي تحريڪ کي پسند ڪيو؛ پر ان سان گڏ، اسلامي تعليم کي، سندس نيچري خيالات هيٺ لتاڙڻ سان اخلاف ڪيو. ان سلسلي ۾ ”بلبل“ مضمون لکيا ۽ پنهنجي شعر وشاعريءَ ۾ جديد فيشن ۽ نيچريت جا چوڏا لاٿا، ۽ ڪيئي ڪتاب لکيائين. پهرئين درجي کان اٺين جماعت تائين پورو ڪورس کيائين ان ڪم ۾ ساڻس شيخ صادق علي ۽ مرزا قليچ بيگ به متفق رهيا.

ان وڙر ۾، جيئن اڪبر الھ آباديءَ پنهنجي ظريفانه انداز ۾ جديد تعليم تي تنقيد ڪئي ۽ ان کان پوءِ علامه اقبال

پڻ مغربي تهذيب کي نِنديو. تيئن سنڌ ۾ مرحوم ”بلبل“ اهو پارٽ ادا ڪيو، ۽ ان ماحول تي ظريفانه انداز ۾ تنقيد ڪئي.

مرحوم ”بلبل“ جي فن ۽ تنقيد جو ڪجهه اندازو، سندس هيٺئين شعر مان لڳائي سگهجي ٿو:

گهر کان نڪتا، نيٺو نيچر، تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا،

سِرَ ۾ ٽوپي، هٿ ۾ هنٽر، تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا،

ان ۾ هڪ شعر آهي، جنهن لاءِ مرحوم بسمل چيو آهي ته ”ان هڪ شعر تان ٻين جا ظريفانه دفتر گهوري ڇڏجن. “ اهو هي شعر آهي:

چمچا ڪانٽا، کِٽ پِٽ کڙ کڙ، چيمبر ۾ چيئرس جي ٽڙٽڙ

شاش ڪرڻ ۾ بينڙ شرشر، تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا.

اهو غزل نما شعر طويل آهي ۽ قابل غور آهي.

”بلبل“ جو اهو رنگ سندس ”ديوان“ ۾ آهي، ڪريما نيچرل ۾ آهي، مامقيما ۾ آهي، ۽ رحيما ۾ به آهي . ان سان گڏ سندس نطائف ۽ ظرائف ۾ به آهي.

مٿئين غزل کي پڙهڻ کان پوءِ، بقول پير حسام الدين راشدي:

”ڪنهن جي دل گھرندي ته جنٽلمين ٿي، پاڻ کي خراب ڪري. بيشڪ سنڌ ۾ اڪبر الھ آباديءَ وارو رنگ ”بلبل“ مرحوم پيدا ڪيو. بلڪ ان کان به وڌيڪ دو آتشو ڪري ڇڏيائين.“

مرحوم ”بلبل“، چارلس ڊڪنس وانگر، ظرافت جي ذريعي، پنهنجي سوسائٽيءَ کي بد اثرات کان بچائڻ لاءِ جيڪو فن پيدا ڪيو، تنهن وڏو ڪم ڪيو. دراصل اها ايجاد ۽ جدّت، مرحُوم ”بلبل“ ئي سنڌي ادب ۾ آندي، ان جو مثال سنڌي ادب ۾ اڳ ڪو نه هو. سندس مزاحيه انداز ”يوڪين“، جو ڪم ڪيو ۽ فيشن جو بخار ڪڍي، ڇڏيو. پيو ته ”بلبل“ ان وقت، قوم جي زخم تي نشتر وهائي ڪڍي، جڏهن ڪارو واءُ لڳي رهيو هو. ۽ مسلمان نوجوان، جديد فيشن جي وبا ۾ ونجي چڪا هئا. اهو ئي سبب آهي، جو سنڌ جي سڀني محققن متفق ٿي چيو آهي ته ”بلبل“ هڪ سچي شاعر جا فرائض ادا ڪيا آهن. سندس تخريبي پهلوءَ، جديد فيشن جا ڪوٽ ڪيرائي ڇڏيا.

”بلبل“ سهٽيءَ نقاب ۾ آيل، ڪاري بلا کي پريان ئي پوررڙي ورتو ۽ ان جي خراب نتيجن کان اڳواٽ قوم کي آگاهه ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو.

ائين چئجي ته جديد دور جي مومل جي ڪاڪ ۾ جو اسان جا ڪيئي ڪونڌر، ميڏرا بنجي، مَحو حيرت ٿي چڪا

هئا، تنهن جي طلسمات کي هن باريڪ بين ۽ حق شناس شاعر پريندي ئي پروڙي ورتو، تان جو جدوجهد ڪري، ان کي بي نقاب ڪري، قوم کي سجاڳ ڪيائين ته اها مومل جي ڪاڪ آهي ۽ نه زندگيءَ جو رنگ محل!

”بلبل“ جي فن جو اهو ڪمال آهي، جو سندس ڪلام ۾ اچوڪو نقشو به هو بهو پيو نظر اچي. اهو آهي پيشنگوئيءَ وارو جزو، جنهن بابت سورجني نيدو چيو آهي ته!

”شاعر باڪمال جو فن، هڪ پيشنگوئي ٿئي ٿو، ان ۾ مستقبل جا اُهڃاڻ ۽ آثار پڻ موجود رهن ٿا.“

ظاهر آهي ته تخريبي پهلوءَ کان سواءِ، تعميري پهلو به مڪمل شاعريءَ لاءِ ضروري آهي. ان خيال سان ڏسبو ته اهو تعميري پهلو به ”بلبل“ جي شاعريءَ ۾ بدرجه اتم موجود آهي.

”بلبل“ مرحوم قوم جي صحيح جذبات ۽ رجحانات، عقائد ۽ خيالات کي اُڀاري درست ڪرڻ لاءِ، قوم جي مرده ۽ افسرده روح کي زنده ڪرڻ لاءِ هيٺيان طريقا اختيار ڪيا آهن، جي سڀ غور ڪرڻ جي قابل آهن.

(1) هن ان زماني جي بزرگن ۽ بابرڪت هستين جي چونڊ ڪري انهن جي مدح ڪئي، ۽ قوم کي پنهنجي محسنين جي ڪمال ۽فضيلت کان آگاهه ڪري، سندس دل

۾ عزت ۽ محبّت جو بي پناھ جذبو پيدا ڪيو. اهڙيءَ طرح، ڪارلائل جي قياس موجب، سنڌي ادب ۾ هن هيرو ورشپ جو بنياد وڌو، جو هن کان اڳ موجود نه هو. افسوس اهو آهي ته هن دور ۾ ان نقطه ۽ نظر کي قطعاً فراموش ڪيو ويو آهي. اهو ئي سبب آهي جو زوم جو شيرازو، پريشان خياليءَ جي نذر ٿي چڪو آهي ۽ هر فرد پريشان به آهي ۽ انارڪسٽ به ٿي چڪو آهي.

هر ڪو ماڻهو، پنهنجن ماڻهن ۾ رڳو عيب تلاش ڪري رهيو آهي، ”حسن“ جو متلاشي چڻ ته آهي ئي ڪو نه! نڪو قوم ۾ ڪي اهڙا چڱا مڙس ئي رهيا آهن، جن جي نيڪي ڪري سگهجي. گويا پوري ملّت، بديءَ ۾ مبتلا ٿي چڪي آهي. اصل ۾ جي ماڻهو ان خيال جا آهن اهي هرو پرو صحيح نه آهن. انهن کي ايترو انتها پسند ٿيڻ نه گهرجي. ”اڃا ڪي آهين، ڪلجڳ سوڌا ڪاپڙي“ تي خيال ڪرڻ گهرجي.

ٻيو ته ڪنهن ٻئي کي ساراهڻ سڀ ڪنهن جو ڪم ناهي. هن لاءِ وڏي جگر ۽ گردي جي ضرورت آهي. عام طرح سان، ڪنهن جي عيب جوئيءَ يا گلا ڪرڻ ڏي ئي ماڻهوءَ جو نفسياتي ميلان رهندو آهي. ”بلبل“ جي وسعت نظريءَ جو داد ڏيڻ گهرجي، جو ”بلبل“ دل کولي، قوم جي محسنن کي قصيدي سان ياد ڪيو ۽ کين قوم وٽ متعارف

ڪيو. سندس قصيدا به فني نقطه نگاهه کان وڏو معيار رکن ٿا. بقول حافظ بسمل مرحوم، ”بلبل جا قصيدا، قاآنيءَ جي فن جي ٽَڪُر جا آهن.“

ٻيو ته ان قصيده گوئيءَ ۽ مدح سرائيءَ جي سلسلي ۾ فني نقطه نظر سان هڪ مشڪل مسئلو، هر قصيده گو لاءِ سد راهه بنجي ٿو، جو آهي ”لُنبڍي خوشامد“ ۽ ”حقيقت بياني!“ ٻنهي جي وچ ۾ جو فرق آهي، ان کي هرڪو سمجهي سگهي ٿو. هڪ پنهنجي ذاتي دوست ۽ محسن کي مدوح قرار ڏئي، ان جي مدح ڪرڻ آسان آهي، پر پاڻ کي قومي نقطه نظر ۾ فنا ڪري، قوم جي ترجماني ڪندي قوم جي محسن جي مدح ڪرڻ، بلڪل مشڪل آهي. پنهنجي ”زبان“ سان مدح ڪرڻ کان، قوم جي زبان بنجي مدح ڪرڻ مُشڪل امر آهي.

”بلبل“، ان فني نقطه ء نظر سان، مبالغي آرائيءَ کي نظر انداز ڪري جن جي مدح ڪي، اهي نه فقط ان مدح جا مستحق هئا، پر ان سان گڏ اجا به وڌيڪ ستائش ۽ مدح جا حقدار هئا. ”بلبل“، قصيدي کي متوازن ۽ مناسب حدن ۾ رکي، ان کي پوريءَ طرح نباهيو، جا سندس پڻ حقيقي ۽ بنيادي خوبي شمار ڪرڻ گهرجي. ”بلبل“ ڪنهن به تٽي ٿامٽيءَ جي لنبڍي خوشامد نه ڪئي آهي.

پيو ته ”بلبل“ پنهنجي قوم کي، پنهنجن ليڊرن جي روشن پهلوءَ کي نظرانداز ڪرڻ کان روڪيو آهي ۽ ٻڌايو آهي ته قوم جيستائين پنهنجن ليڊرن جي روشن پهلوءَ کي نظر ۾ نه رکندي، تيستائين اجتماعي اصلاح جو ڪو به ڪم پايهءِ تڪميل تي نه پهچي سگهندو.

”بلبل“ اهو به ظاهر ڪيو آهي ته قوم ۽ ليڊرن جي مفاهمت لاءِ ضروري آهي ته قوم پنهنجن ليڊرن جي نقص ۽ عيب کي هرو پرو تشهير نه ڏئي؛ ڪوشش ڪري، اصلاح لاءِ سوچي، رڳو فساد نه پيدا ڪري، پر باهمي تعاون کان ڪم وٺڻ سکي. سندس خيال اهو آهي ته ليڊر جي مقبوليت، قوم جي ترقيءَ ۽ عروج جو هڪ زينو آهي. جنهن قوم، ليڊرن جي تاريڪ پهلوءَ تي نظر رکي خواهه مخواهه نڪه ته چيني ڪئي آهي، اها ڪڏهن به تعمير پسند ليڊرشپ پيدا ڪري نه سگهي آهي. سندس نقطئه نظر اهو به آهي ته نفرت جو جذبو قوم ۽ ليڊر کي هميشه لاءِ جدا ڪري ٿو ڇڏي ۽ انتها اتي ٿي پهچي، جو قوم پنهنجي ليڊرن جي چڱن ڪمن مان به بهره ور ٿي نٿي سگهي.

”بلبل“مرحوم، عين سياسي ۽ اخلاقي مصلحت محسوس ڪري، قوم جي اکين اڳيان قصيدي جو شيشو آندو، ۽ سندس اکين اڳيان سندس ليڊرن کي لائق، فائق، دانا، عقيل، همدرد ۽ اعتماد جوڳو ڪري ڏيکاريو؛ چو ته سندس

خيال موجب، انسان هر حال ۾ خاطي آهي، تنهنڪري جا قوم پنهنجن خدمتگذارن جي خطائن تي چشم پوشي ڪرڻ نه سڪي آهي، سا ڪڏهن به چڙهي ۽ اُپري نٿي سگهي.

قدرداڻِي پيدا ڪرڻ جي سلسلي ۾، پاڻ هن طرح چيو اٿس:

قدرداڻِي به چا عجب آهي،
جِتِ قدر ناهه اُت غضب آهي.
قدر داڻي ۽ ”واه“ جي وائي،
هي خدا جي عطا، وُ َهَب آهي،

(2) بلبل مرحوم، خالق اڪبر جي حمد وثنا نهايت دلڪش ۽ جاذب، زود اثر ۽ دلنشين نموني ۾ ڪري، الله پاڪ جي بي پناهه وحدانيت ۽ قدرت ڪامله جي گونا گون صنعت ۽ خلقت ڏي رجوع ڪرڻ جي برجوش ۽ پُراثر تلقين ۽ تبليغ ڪئي آهي. ان سان گڏ، غافل مسلمانن جي زنگ آلود قلب کي، رسول ڪريم صلي الله عليه وسلم جي محبت واري پارس سان گهَڻ جي ڪوشش ڪئي اٿس. ان طرح ڪيترين مرده ۽ زنگ آلوده دليون روشن ڪري ڇڏيائين.

الغرض، اسلام جي پن شعبن، وحدت ۽ رسالت تي ڪامل ايمان آڻڻ، لااِلٰهَ الاّ الله سان گڏ محمّد رسُولا الله جي

مفهوم ۽ مطلب کي سيني ۾ سانڍڻ، ان تي عمل ڪرڻ، سندس شاعرانه ۽ اديبانه جدوجهد جو مرڪزي نصب العين رهيو آهي. سندس نعتيه ڪلام، هڪ صادق عاشق، هڪ شيفته ۽ وارفته ”گل رسالت“ جي ”بلبل“ جي آه وفغان آهي. درحقيقت، سرڪار دو عالم صلي الله عليه وسلم جي محبت ئي ايمان آهي، بلڪ ايمان جي جان آهي ۽ ايمان لاءِ سازو سامان آهي.

ان سلسلي ۾ مرحوم ”بلبل“ پنهنجي حياتيءَ جي آخري گهڙيءَ ۾ به جو نعتيه غزل لکيو آهي، اهو حضور پر نورصلي الله عليه وسلم کي سندس سچي اُمتيءَ جي سچيءَ سڪ جو سنيهو، ۽ عقيدت ۽ محبت جي فراوانيءَ جو لاجواب خطاب آهي، چيو اٿس:

”رسول الله، امت کي چِيّن ۾ نا ڇڏڻ گهرجي.“

اهو شعر نهايت رقت انگيز ۽ روح پرور آهي، جو وفات وقت چيو اٿس.

مرحوم ”بلبل“ پنهنجي فن ۽ ڪلام سان، انهن چيزن، توحيد ۽ عشق نبوي کي وري چمڪايو.

(3) مرحوم ”بلبل“، مسلم قوم کي تهذيب ۽ اخلاقي جي راه تي هلڻ لاءِ وڌندڙ ۽ اُپاريندڙ انداز ۾ آماده ڪيو ۽ ”تصوف“ جي بهترين ۽ عملي دستور العمل تي هلي، تزڪيه نفس لاءِ تيار ڪيو. ان سلسلي ۾ دنيا جي فاني هجڻ،

فقرو فاقي کي پسند ڪرڻ، عبادت ۽ رياضت ۾ مشغول رهڻ، جدوجهد ۽ جهاد ۾ گذارڻ، ڪسر نفسيءَ ۽ فروتنيءَ سان پيش اچڻ، اتفاق ۽ اتحاد سان قومي شيرازه بنديءَ کي مضبوط ڪرڻ لاءِ بهترين ڪلام چيائين.

(4) مرحوم ”بلبل“ پنهنجي فن، ادب، شعر ۽ نثر سان، مسلم قوم کي پنهنجي صحيح مقام کان آگاهه ڪيو ۽ کيس پنهنجي خيرالامست هجڻ جو احساس ڏياريو ۽ کيس .من عرف نفسه، فقد عرف ربه“ واري مقام کان واقف ڪيو، جيئن لطيف، روميءَ ۽ اقبال جي شاعريءَ جو مرڪزي خيال آهي ”پاڻ سڃاڻڻ“ ، جنهن کي فلسفيانه انداز ۾ ”خودي“ ٿو سڏجي، ان ڏانهن ”بلبل“ پڻ سهڻي اسلوب سان دعوت ڏني آهي، جيئن اقبال چيو آهي:

وهي هي تيري زماني کا امام حاضر،
جو تجهي، غائب و موجود سي بيزار کري،
دي کي احساس زيان، تيرا لهو گرما دي،
فقر کي سران، چڙها کر، تجهي تلوار کري،

”بلبل“ جي فن ۾، نفي ۽ اثبات جي آميزش، ان شعر جي بصيرت تي دليل آهي.

(5) مرحوم ”بلبل“ ، پنهنجي شاعريءَ ۾ خالص علمي ۽ ادبي، لساني ۽ فني پهلوءَ کي محفوظ رکيو ۽ سنڌي زبان نهايت سليس ۽ سلوڻي، دلڪش ۽ عام فهم ڪم آندائين.

شعر جي رواني، شيرين بياني وزن جي پختگي، بندش جي چستي، سندس فن جو ڪمال آهي، ان طرح نوان استعارا ۽ ڪنايا، لطائف، ظرائف، تمثيلون ۽ تشبيهون پيدا ڪري، ٻوليءَ کي رنگين ۽ نمڪين بنائي ڇڏيائين.

بقول حاجي محمود خادم، ”رنگين ۽ مرصع نثر جو موجد مرحوم ”بلبل“ آهي، خود مرحوم مخلص ۽ مرزا قليچ بيگ مرحوم به سندس تقليد ڪئي آهي. “ ان طرح جناب مولائي شيدائيءَ جي چوڻ موجب:

”بلبل پهريون انشاپرداز ۽ صاحب طرز اديب هو، جنهن مسلم صحافت جو مقام سنڌ ۾ بلند ڪيو، سنڌي صحافت جو بنياد وجهندڙ ”بلبل“ هو.“

ان طرح ڊاڪٽر خليل جي چوڻ موجب:

”بلبل مرحوم، واقعي قومي روح، زبان جي سادگي ۽ عام فهم عبارت پيدا ڪرڻ جي خيال سان سنڌ جو حالي هو ۽ ظرفانه ڪلام ۽ اصلاحي شاعريءَ جي خيالن کان اڪبر اله آبادي هو ۽ اخلاقي ۽ مذهبي شاعريءَ جي مدنظر تي سعدي ثاني هو.

آخر ۾ عرض ڪندس ته ”بلبل“ کان ڪجھ اڳ ۽ ڪجھ پوءِ توڙي سندس دور ۾ ڪيترائي اهڙا شاعر پيدا ٿيا آهن. جي عظمت ۽ قابليت جي لحاظ سان، بلبل مرحوم کان بدرجها آتم هئا؛ پر هنن جو ڪلام ايترو مقبول عام ٿي نه

سگهيو، ڇا لاءِ ته اهو سندن فن ۽ ڪلام، دماغي ڪاوش جو مرهون منت هو، ۽ زور طبع جي پيداوار هو، تنهنڪري تڪليف سان پيدا ڪيل. مصنوعي صنعت ڪڏهن به حيات دوام حاصل ڪري نه سگهي.

ان جي برعڪس، ”بلبلِ سنڌ، جي صدا اڄ به سرزمين سنڌ جي فضا ۾ گونججي رهي آهي، سندس شاعري اڄ به سامعين جي مرده جذبات کي بيدار ڪري رهي آهي، بقول اقبال:

وه بلبلِ نالان تها، اس اجڙي گلستان کا.

سندس تخلص به عجيب آهي.... ”بلبل“ هزار داستان، انيڪ قسمن جي لولين ۽ سُرن جو مالڪ پرندو آهي، تيئن ”بلبل“ به هزار داستان آهي. سندس شعر ۽ ڪلام، بيان ۽ نطق، هر رنگ ۽ ڍنگ تي آهي. ”بلبل“ خوشيءَ ۽ غم، حسن ۽ عشق، شاديءَ ۽ خانه بربادي‌ءَ تي نوحه ڪنان رهي ٿو، تيئن ”بلبل“ جي حياتي به اهي عناصر ٿي رکي. ”بلبل“ قوم جي غم ۾، غم انگريز ڪلام چيو، ”بلبل“ مسرّت جا نغما ڳايا، ”بلبل“ حسن جي سحر انگيز ڪيفيت کي بيان ڪيو. ”بلبل“ عشق جي واردات جو نقشو چٽيو، ”بلبل“ قوم جي مسرّت ۽ ڪاميابيءَ ۾ حصو ورتو، ”بلبل“ قوم جي خانه بربادي‌ءَ تي دلدوز مرثيا چيا. اهي چار ئي عناصر، سندس ”ديوان“ ۾ موجود آهن.

”بلبل“ چوهٺ ورهين جي عمر ۾ 13 سيپٽمبر 1919ع ۾ وفات ڪئي. مرحوم شمس العلماء قليچ بيگ فرمايو آهي:

شاعر ملک سنده شمس الدين - که ازو بود عالمي به شگفت. بلبلي - بود او که بامنقار - درِ معنيٰ، عجيب ترمي سخت، بود او شمس، بر سپهرِ سخن - کرد آخر غروب روي نهفت.

”بلبل مرحوم جي علمي ادبي فضيلت، توڙي شخصيت تي ڪافي بحث ڪيو اٿم، هت آخر ۾ سندس سياسي بصيرت تي فقط به- ٽي حوالا عرض ڪندس.

اول اوهان ان دور ۾ پيدا ٿيل هوم رول تحريڪ جو ڪجھ تصور ڪيو، جنهن جي چڪر ۾، سنڌ ۽ هند جا وڏا وڏا مسلمان ليبر اچي چڪا هئا. اهو دور 1918ع وڏو ممڻ مچائي چڪو هو گانڌي، گوکلي، ايني بيسنت ۽ ديوان مرليڌر ان تحريڪ ۾ حصو وٺي رهيا هئا. سنڌ ۾ غلام محمد خان پرڳڙيءَ جهڙو پر جوش، مخلص ۽ ديانتدار ليبر به متاثر ٿيڻ کان رهي نه سگهيو.

ان دور ۾ مرحوم ”بلبل“ ڪتاب“ جام جم“ لکيو. ان ۾ هند جي سياسي پس منظر، هندن جي انگريز پرستيءَ ۽ مسلمانن جي حق تلفيءِ تي مفيد ۽ معلومات افزا انگ اکر پيش ڪري مسلمانن کي خبرداري ڪيائين، ته هو پنهنجي

حقن لاءِ جداگانه تنظيم ڪڙي ڪن ۽ بلڪل جدا محاذ قائم ڪري، پنهنجن حقن لاءِ جدوجهد ڪن. ”جام جم“ جي 56 صفحي تي ”بلبل“ مرحوم لکيو آهي:

”گرگن سان ٻڪريون گڏجي حق نه گهرن؛ بازن سان چڙيون نه اُڏامن! اسان جي هستي، اسان جي قوميت سپني کان مٿي هئڻ گهرجي، هندن کان صدبار وڌيڪ اسان جا پوليٽيڪل حق آهن. هو هميشه اسان جا محڪوم هئا، انگريز جي چاپلوسي ڪري، هاڻي اسان جا حاڪم ٿيا آهن. اجا وڌيڪ حاڪم ٿيڻ گهرن ٿا. اسان جا انهن کان به وڌيڪ ڳاتي پڳا حق هئڻ گهرجن، پر جدا، ۽ نه گڏ.“

”بلبل“ جو هيءُ آواز، علامه اقبال ۽ قائداعظم کان، توڙي الهه آبادي واري اجلاس ۽ لاهور جي پاڪستان ريزوليشن کان، ٻاويهه سال کن اڳ جو آهي، جنهن ۾ پاڪستان ۽ جدا گانه قوميت جو روح موجود آهي.

ان طرح وفات وقت، بلڪل پوين پساهن ۾ سندس زبان مان هي لفظ نڪتا:

”هندن جا بجڪا ڏار ڪريو ۽ مسلمانن جا بجڪا ڏار ڪريو.“

اهي لفظ پاڪستان جي تاريخ ۾ سنگ ميل جي حيثيت رکن ٿا.

بهرحال، هن مقدمي ۾ بلڪل مختصر طرح سان، مقدمي جي رعايت سان، مرحوم ”بلبل“ جي تعارف ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم، عرض آهي ته صاحب ذوق، گرامي صاحب جو مقالو ”بلبل“ ۽ سندس فن“ (مهراڻ، 4/3-63ع) به مطالعه ڪن، جيئن ”بلبل“ متعلق سڀ گوشا روشن ٿين. انهن مختصر لفظن سان، هن مقدمي کي ختم ٿو ڪريان.

ضياء الدين. ايس . ”بلبل“ (مرحوم)
15 -فيبروري 1965ع

قطع تاريخ - وفات بلبل

مشهور عالم ۽ شاعر، اڪبر الہ آباديءَ جي شاگرد رشيد، جناب ڊاڪٽر عبدالمجيد صاحب صديقي مرحوم، ”بلبل“ جي قطع تاريخ ۾ هن طرح پنهنجي جذبات جو اظهار ڪيو آهي:

چراغِ علم، شمس الدين بلبل،
سراجِ حلم، شمس الدين بلبل
سخندان خوب، شمس الدين بلبل
زبانِ مرغوب، شمس الدين بلبل،
اديب سنڌ، شمس الدين بلبل،
نقيب سنڌ، شمس الدين بلبل،

رفيق قوم، شمس الدين بلبل،
شفيقِ قوم، شمس الدين بلبل.
رئيسِ مهر (ميهژ)، شمس الدين بلبل،
فصيحِ شهر، شمس الدين بلبل.
كمالِ شعر، شمس الدين بلبل،
جمالِ شعر، شمس الدين بلبل،
چنين معروف آن ممدوحِ من بود،
امير مجلسِ شعر و سُخن بود،
محبِّ ملک و قوم دين و ملّت،
سراپا پيکرِ لطف وشرافت.
ز روحِ شاعري، لبريزي جامش،
نگاهش دوربين، پخته کلامش.
ظرافت بذله سنجي، خوش کلامي،
در اصنافِ سخن، في الجمله نامي.
بسال سيزده صدسي وهفتم (1337 ه)،
به بست و هفت ذي الحج المکرّم.
به فردوس برين، آسوده جانش،
هميشه رحمتِ حق، به روائش
بگويند عاشقِ صادق نه ميرد،
اگر ميرد، حياتِ نو به گيرد.
به مانده يادگار از گلشنش گل،

ضياءالدّين وشمس الدّين، بلبل.
ز ”صديقي“ دعا اين با اثر ياد،
مدام او زنده و پائنده تر باد.

تقريظ

مرحوم حاجي محمود صاحب ’خادم‘ لاڙڪاڻه

مفڪر جي معنيٰ جي هر ڪنهن کي خبر آهي، پر هڪ اعليٰ مفڪر جو معيار ڇا هئڻ گهرجي، تنهن بابت ڪجهه چوڻ گهران ٿو.

ڄاڻڻ گهرجي ته هڪڙا مفڪر اهي آهن، جي حڪمت ۽ فسلفي جا دقيق ۽ عميق مسئلا ۽ نت نوان نظريا پيش ڪن ٿا، جهڙيءَ طرح بوعلي سينا، امام غزالي ۽ ڪانٽ. ٻيا اهي آهن، جن جذبات ۽ مشاهدات جا در شهپارا، فن جي رنگ ڍنگ ۾ پيش ڪيا؛ مگر اها ڪوشش يا ڪاوش نه ڪيائون ته عوام تي ڪو خاص اثر پوي، يا ماڻهو ان کي سمجهن. هنن جو فڪر خالص فن خاطر هوندو آهي. ٽيون گروه انهن مفڪرن جو آهي، جي فن کي غرض يا غايت يا انتها نٿا ڄاڻن، پر انهن کي انساني حياتيءَ جي سنوار ۽ سڌائيءَ خاطر ڪتب آڻن ٿا. هن قسم جا استاد فن، عملي ۽ اصلاحي پهلو رکندڙ آهن.

شاعرن جو سرتاج، صوفي حضرت شاه عبداللطيف ڀٽائي عليه الرحمته ۽ شيڪسپيئر هن قسم جي مفڪرن جا عمدا مثال آهن.

اهڙيءَ طرح ”بلبل“ مرحوم به هن معيار جي مفڪرن مان هو. سندس نشان امتياز هي آهي، ته هن جي فن جو اثر ان وقت جي سوسائٽيءَ تي نهايت عمدو پيو ۽ عوام جي اخلاق جي اصلاح ۾ نهايت ڪامياب ٿيو. انهيءَ ڪري هن پاڻ کي ملڪ جو مفڪر ۽ شاعر ثابت ڪيو ۽ قوم ۾ نهايت خوشگوار انقلاب آڻڻ جو باعث بنيو.

منهنجي خيال ۾، هڪ اعليٰ مفڪر کي پرکڻ جون ٽي نشانيون آهن: هڪ ته هن ڪا جدّت آفريني ڪئي هجي؛ ٻيو ته هن سوسائٽي ۾ نئون روح ڦوڪيو هجي ۽ نوان جذبا پيدا ڪري نيڪ اثر وڌو هجي؛ ۽ ٽيون ته هن ۾ پيشنگوئيءَ جو مادو هجي ۽ قوم خواه وقت جو پورو پورو نبض شناس ثابت ٿيو هجي. هنن ٽنهي پر کائن ۾ ”بلبل“ مرحوم بلڪل پورو اُتري ٿو، ان جي ثابتيءَ لاءِ مرحوم عبدالله صاحب ”بسمل“ ٽکڙائيءَ جا ڪجھ ويچار، ”بلبل“ مرحوم متعلق پيش ڪريان ٿو. فرمايو اٿس:

”سنڌيءَ ۾ هو پهريون شاعر آهي، جنهن ظرافتي نظم لکيو. هو پهريون اديب آهي، جنهن ظرافت ۾ ملڪ ۽ قوم جي خدمت ڪئي.

”هو پهريون ماهر تعليم آهي، جنهن ظريفانه ڪلام جي زور تي، سنڌي مسلمانن کي انگريزي علم ڏي راغب ڪيو.

”هو پهريون رفارمر آهي، جنهن ظرافت جي رستي، انگريزي تهذيب جي عيبن کان مسلمانن کي آگاهه ڪيو.

”هو پهريون سياستدان آهي، جنهن ظرافت جي رستي، حڪومت جي رشوتخور آفيسرن ۽ علماءڪرام ۽ پيران عظام جي مخرب ڪاروائين تي تنقيد ڪئي.

”هو پهريون شاعر آهي، جنهن ظرافت جي رنگ ۾ ڪريما سعديءَ جي تضيمن لکي، قوم جي اصلاح ڪئي.

”هو پهريون اديب آهي، جنهن موجوده سليس نثر نويسيءَ جو رنگ پيدا ڪيو، جو خاص طرح اخباري دنيا ۾ بلڪل ڪارائتو ثابت ٿيو.“

هن پوئين راءِ ۾ ”بسمل“ مرحوم سان حضرت ”مخلص“ مرحوم به شامل آهي، جنهن ”بلبل“ جي وفات تي، پنهنجي رسالي ”ڪشڪول“ ۾ افسوس ڪندي لکيو آهي:

’’’بلبل‘ مرحوم سنڌ جي مسلمانن ۾ پهريون اخبار نويس هو ۽ پهريون شخص هو، جنهن ظرافت جي ميدان ۾ شاعري ڪئي ۽ هوئي هڪ صحافي هو، جنهن پهريان پهريان صحيح معنيٰ ۾ ايڊيٽري ڪئي ۽ موجود سليس ۽ پر اثر ۽ رنگين مضمون نويسيءَ جو سڪو ڄمايو.“

ان وقت جو عالم فاضل مخدوم محمد انور صاحب پاٽائي لکي ٿو:

’’جيترو مون تجربو ڪيو آهي ته ائين پئي معلوم ٿيو آهي ته ڪنهن به بد ڪم کان روڪڻ ۽ قوم کي سڌارڻ ۾ اسان جي ڌگهين اسپيچن، تحريرن ۽ تصنيفن به اهڙو اثر نه پيدا ڪيو آهي، جهڙو ”بلبل“ جي ظريفانه طرز قوم کي شرمسار ڪري، پر اثر بنايو آهي.“

مون هن کان اڳ مختلف تحريرن ۾ ڄاڻايو آهي ته سنڌي شاعريءَ جو جديد د وَر ”بلبل“ مرحوم کان شروع ٿئي ٿو. آءُ وڌيڪ چوندس ته صحيح معنيٰ ۾ قومي شاعري به ”بلبل“ مرحوم شروع ڪئي، جنهن لاءِ هن هيٺيان پنج طريقا استعمال ڪيا:

(1) ”بلبل“ قصيدي کي قا آنيءَ جي منزل تائين پهچائي، ان کان هر طرح نهايت مفيد قومي ڪم ورتا.

(2) توحيد، رسالت ۽ ٻين اسلامي ۽ اخلاقي موضوعن تي، شاعري ڪري، ايمان ۽ اسلامي تهذيب ۽ روح کي تازو ڪيائين
(3) نيچرل شاعري ڪري، قوم کي قدرت آشنا ۽ حقيقت پرست بنايائين.
(4) سعديءَ جي ڪريما کي نئين پيرايه ۾، سنڌيءَ جي چاشني ملائڻ سان محفوظ ڪيائين، جا اڄا ڪيترن کي برزبان ياد آهي.
(5) نوان استعارا، نيون تشبيهون، نيون تمثيلون، نيون ترڪيبون، چست بندش، شوخ ادا، فصاحت ۽ بلاغت جهڙيون خالص فني خوبيون، سنڌيءَ ۾ پيدا ڪري، ٻوليءَ جو ادبي پهلو روشن ڪيائين.
آءُ ظاهر ڪري چڪو آهيان ته ”بلبل“ مرحوم رڳو اديب يا شاعر ڪو نه هو، پر هو سياسي ميدان جو به هڪ سرگرم ڪارڪن، عمدو ليڊر، مفڪر، مدبّر ۽ عوام جو دلدادو، مجلسن جو مور ۽ جادو بيان مقررّ پڻ هو.
(1) هن، حسن علي افنديءَ سان گڏ، ٻولي ڪميشن ۾ وجي، نهايت جفاڪشيءَ سان انگ اکر ڪڍي، تحريڪ هلائي، ”دکن انگريڪلچر رليف، ايڪٽ“ کي سنڌ سان لاڳو ڪرايو.

(2) خاندان جي ملڪيتن بچائڻ لاءِ قائداعظم جي پيش ڪيل مسودي جو فائدو وٺي، سنڌ لاءِ وقف علي الاولاد جهڙو مفيد قانون پاس ڪرايائين.

(3) سال 1907ع ۾ جڏهن آل انديا محمدن ايجوڪيشنل ڪانفرنس ڪراچيءَ ۾ ٿي، تڏهن سنڌي مسلمانن لاءِ هڪ ٺهراءُ پاس ڪرايائين ۽ فارسيءَ کي نصاب ۾ داخل ڪرڻ جي رٿ جي تائيد خود وقارالملڪ صاحب ڪئي هئي.

(4) ”مسلمان ۽ تعليم“ نالي ڪتاب ڇپرائي شايع ڪيائين ۽ پنهنجي ڳوٺ ۾ انگريزي اسڪول برپا ڪيائين، جو پوءِ وڏي هاءِ اسڪول ٿيو.

(5) بلبل مرحوم پهريون ملي ۽ قومي جذبي وارو شخص هو، جنهن ترڪيءَ جي جنگ، يا جنگ بلقان دوران، ”هلال احمر“ جي تحريڪ کي سنڌ جي سر زمين تي آندو ۽ زور وٺايو.

(6) ائنيبيسنٽ جڏهن هندستانين کي مذهبي رنگ ۾ پنيلائي، انگريزي حڪومت جي چار ۾ اڃا سڌيءَ طرح وڌيڪ مضبوط جڪڙڻ جو ڍونگ رچايو ۽ هوم -رول جي تحريڪ جاري ڪئي، تڏهن ”بلبل“ مرحوم، هوم رولي چال جي اصليت پروڙي، ان جي خلاف زوردار

تحّرڪ هلايو ۽ مسلمانن کي خبردار ڪيو ته هو هن جي پيچ ۾ نه اچن.

(7) اهڙيءَ طرح، مسلمانن لاءِ جدا قوميت جي صدا بلند ڪرڻ وارو پهريون مفڪر ”بلبل“ هو. پنهنجي ڪتاب ”جام جم“ ۾ لکي ٿو.

”خدا کي دانهن آهي ته مسلمانن جي حال تي ڪو رحم ڪري، ان جو اهو مطلب ناهي ته مسلمان اصل پوليٽيڪل ميدان تي نه اچن، ماٺ ڪري سمهين پون، نه نه ! بيشڪ هو واسطو رکن ۽ مذهبي ۽ ملڪي حق گهرن، غلاميءَ کان آزاديءَ جا پَهه پچائين. اسان جي قوميت سپني کان مٿي هئڻ گهرجي.

(جام جم، ص 56، سن اشاعت 1918ع)

پاڪستان لاءِ گويا هيءَ پهرين صدا هئي. ان وقت جا مسلم ليڊر، رڳو چند سڏارن ملڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهيو هئا، تڏهن ”بلبل“ مرحُوم جداگانه قوميت جو آواز بلند ڪيو.

غرض ته ”بلبل“ مرحوم جي سياسي تحريڪ جو نيڪ نتيجو هي نڪتو جو بنسبت ٻين قومن جي، مسلمانن تي نه ائنيبيسنٽ جو ٿياسافيڪل رنگ چڙهيو ۽ نه مغربي

فيشن يا ان جي پالتو نيٺو نيچري جو اثر ٿي سگھيو ۽ نه مهاسڀائي هوم -رول چال ڪامياب ٿي.

مسلمانن انگريزي تعليم ڪي ورتو، پر مغربي ذهنيت ڪان به خوب خبردار ٿي ويا ۽ ان جي وڪڙ ۾ نه آيا ۽ پنهنجو پراڻيون روايتون قائم رکي سگھيا.

”بلبل“ پهريون شخص هو، جنهن پاڪستان جو عملي طرح پهريون قدم کنيو.

”بلبل“ مرحوم، پنهنجي دوست حسن علي خان افنديءَ واري مرض ٻليءَ ۾ مبتلا ٿي، تاريخ 13 سيپٽمبر 1919ع تي هن دارالفنا کان جدا ٿي ويو، تڏهن پويان لفظ جي سندس وات مان نڪتا، سي هي هئا؛

”هندن جي بجڪا ڏار ڪريو ۽ مسلمانن جا بجڪا ڏار ڪريو.“ شايد پاڪستان جي هيءَ پيشنگوئي هئي.

شاعريءَ جو هي موجوده هلندڙ دور، رئيس شمس الدين ”بلبل“ کان شروع ٿيل سمجهڻ گهرجي. ان متعلق تفصيل سان هن کان اڳ مون گهڻو بحث ڪيو آهي. ان کي مطالعي ڪرڻ گهرجي، جنهن ۾ سنڌ جي اوئلي اصناف، بيت، ڏوهيڙي، ڪافيءَ ۽ وائيءَ کان وٺي، عروضي شاعريءَ تائين تبصرو ڪيل آهي --والسّلام.

”خادم“ لاڙڪاڻوي

25 - جنوري 1951ع لاڙڪاڻه،

ديباچو

بسمِ الله الرحّمٰن الرّحيم

رئيس القلم، مرحُوم رئيس شمس الدين ”بلبل“

سخن آفرين ۽ سخن رسان جي سلسليورا واجب الثنا تحيته، حمد ۽ صلوٰته کان پوءِ، شائقين نڪته چين، مضمون معاني ناظرين، دقيقه بين، شعر و سخن ۽ نڪته داني جي طبع جو هر شناس، الماس قياس آساس تي مسڪين، شمس الدين هيچمدان، مصنف ديوان جو هي التماس، بصد نياز ۽ هراس، ذهن نشين ٿو ڪري ته عالَم دنيا ۾ سپڪا جنس، ضد کان خالي نه آهي، هر نعمت لاءِ حَسَد، هر گل کي خار، هر گنج تا مار ۽ هر سخن تي نڪته چيني ضرور هوندي ئي هوندي. انهيءَ اشڪال مثال کان، از اول تا حال، ڪوئي نه بچيو آهي. مگر باوجود، ان دور رشڪ آمود، انگشت اعتراض آلود جي، سندن اشتغال باڪمال چمڪندو رهيو. مصنف ۽ بي ريا صرافن باصفا جي محڪ -مدد سان سندن مال سخن زلال کي ڪو نقص نه پهتو، ۽ هر هڪ جي زماني گذرڻ کان پوءِ، سپڪو پنهنجي متاخرين لاءِ، معانيءَ جو باني نظر آيو، پر جڏهن ته هن زماني ناپائدار جو بَٽاءُ، درگذر ۽ ڪل يوم ايتر تي رکيل آهي، ڏينهون

ڏينهن سڀڪا حالت گهٽ ٿيندي رهي آهي، هر وقت، جي وقت، پنهنجي روش کي روش ڏياري، نئون نئون چمڪو وٺايو آهي.

ان ۾ ڪو به شڪ ڪونهي ته محاوره ۽ اصطلاح تقريريءَ خواه تحريريءَ، نظم يا نثر ۾، پوئين پوئين وقت، سڌاري جو گرٿ ڏيکاريو آهي ۽ ڏيکاريندو وجي. سَچ؛ سڀڪا شيءَ موسم سان مٽي، سڀڪا حالت رسم سان سُٺي لڳندي آهي، پر تنهن ۾ به ٻيئي فرقا، انصاف ۽ اعتراض جا هليا اچن، جي اهي به انهيءَ ڦيري ۾ نئون رنگ روپ پيا وٺن.

سخن جو ته هاڻي رڳو ناٽڪ وجي رهيو آهي، پر ان جي پردن، وجه اسباب ۽ نقل کي، قياس ۽ انصاف جو وجه آهي. غرض اهو معاملو اهڙو آهي، جو تاآخر پنهنجي هڪ نه ٻئي رنگ ۾ هليو ايندو.

مطلب ڳالهه جو هيءَ آهي ته هاڻي به ويچارا ماڻهو، پنهنجي قدر آهر، شعر ۽ سخن جو چرچو پيا ڪن ۽ اها خصوصيت يا خلقت سڀ کان علحدي آهي. البت علم جي چاندي، انهيءَ قرار جي قائم ڪرڻ لاءِ ضروري آهي، نه ته ”سيماب“ ڏار، پنهنجو ذاتي ڪم ڏئي ٿو.

هن وچ ۾، مصنف پنهنجو ڪجهه احوال بيان ڪري ٿو، جنهن ۾ ڪو مايو علم عروض خواه فن وغيره جو به

ڪو نه آهي. محض از رو شوق جي ابتدا کان طبع شعر تي مائل هئي، پوءِ پنهنجي وسعت آهر، ڪچو پڪو شعر چئي، پنهنجي شوق کي پورو ٿي ڪيو. بهرحال، اڪثري اردوءَ ۾ ۽ ڪي فارسيءَ ۾ خيال رهندو هو، پر سنڌي شعر بلڪل قليل.

اتفاق، انقلاب زماني ۽ ڪشش آب وداني کان ڪراچيءَ ۾ قسمت ٿي ۽ اتي ايڊيٽري اخبار ”معاون“ جي ۾ معين ٿيو، پر هاڻ پنهنجي وطن ۾ زمينداريءَ جي ڪاروبار ۾ مشغول آهي.

اخبار ۾ شاعرن حال جي شغل ۽ غلغل، چندان سنڌي شعر ڏي راغب ڪيو. انهيءَ وچ ۾ ڪي مختلف رديفن جا غزل به بعض بعض چوڻ ۾ آيا، پر اڪثري جو مطالعي هندي اخبارن کان طبع، ظرافت ڏي مائل هئي ۽ اهو ئي طريقو، دل وندرائڻ جو گويا طبع انس ڪري ورتو هو، تنهنڪري ٿورن ئي ڏينهن ۾ خيال دامنگير ٿيو ته انهن پراگنده غزلن، ظريفانه، ناصحانه، عاشقانه، خواه اخلاقي، اصلاحي، مذهبي ۽ ديني کي گڏ ڪري، باقي انهن ۾ ٻيا غزل جوڙي رديف وار هڪ مختصر ديوان ڪڍي ٺاهجي! جيئن عمر جو يادگار به رهي ۽ دوستن، دور افتادن لاءِ سوکڙي (خواه کهڙي به هجي) به ٿي پوي. ان خيال کي

تقريباً به هفتن ۾ پورو ڪري، ڇپائڻ جو شوق پيدا ٿيو. ان کان اڳ فقط پندرهن يا سورهن غزل، مختلف نهيل هئا.

اگرچ هن باغ ديوان ۾، خار خامي جا به از قحد آهن، مگر تذهن به اعليٰ قسم جي ظرافت ۽ لطف گلزار معاني کان خالي نه آهي.

ڪتاب شايع ڪرڻ، گويا پاڻ کي انگشت نمائيءَ جو هدف بنائڻو آهي، پر جو پاڻ کي، ”پاڻيءَ ۾ وجهندو، سو ڦهنگن کان ڪٿي ٻچندو.“

انگشت نمائي به چڱي، پر ماڻهن جا به عجيب غريب خيالات آهن. هڪڙا ته حال جي شاعر يا ڏٺل وائٺل جي شعر ڏي نهارين به ڪين! گو، ان ۾ ڪهڙي به ماهيت هجي. حالانڪه سندن امتياز جو وري اهو حل ته جيڪڏهن متقدمين جي غزل ۾، متاخرين جو نالو ڪٽي وجهجي ته جيڪو هزار عيب پيا ڪڍن، پر جيڪڏهن متاخرين جي غزل ۾، متقدمين جو نالو وجهجي ته هوند ڪو نالو به نه وٺي! سچ چوندا آهن ته ”وڻ چڙهيو واپاري ڪٿيو ڪائي ۽ نانءُ چڙهيو چور ڦاهيءَ چڙهي.“

ٻين جو رآيو اهي ته حال جي شاعرن جو شعر، سڀ مجاز جون ڳالهيون آهن انهن ۾ اجائي لفاظي آهي. جن مان نڪو فائدو نڪو حَظ! يا چوندا ته سائين ڏسو هاڻوڪا شاعر، چا پيا چون!

حالانڪ هر مجاز ڪي حقيقت آهي، سالڪ مجاز مان به اهائي معنيٰ ڪڍي، پنهنجو روحاني لطف ٿا وٺن ۽ وڏائين، پوءِ شاعر ڀلي ته ڪهڙي به خيال ۽ حال تي چيو هجي!

داناءُ ماڻهو، ظرافت ۽ مزاح، مذاق ۽ هَجو، تعريف ۽ طنز، غزل ۽ هزل وغيره جي اشعار مان به ڪو عمدو نتيجو ڪڍي، حظَ حاصل ڪن ٿا. نئين محاوري ۽ اصطلاح جا لفظ، ڪلام ۾ آڻجن ته اها به يڪ گونه رونق آهي. ڪلّ حَديد لذيذ.

ٿيَن جو چوڻ آهي ته فلاڻو شعر، فارسيءَ يا اردوءَ مان ترجمو ٿيل آهي. هيءَ چوري آهي يا چوندا ته هن ۾ ڪهڙي فضيلت آهي. پر اهو نٿا ڄاڻن ته شعر جو ترجمو ڪرڻ ۽ نباهڻ هڪ فن صنعت آهي. ڪيترن وڏن شاعرن به ائين ڪيو آهي، بلڪ ان بابت مشتاقن جون فرمائشون ٿينديون آهن.

مثلاََ قدسيءَ جو شعر آهي:

آلوده قطرات عرق ديده جبين را،

اختر ز فلڪ مي نگرد وري زمين را.

ان تي اردوءَ جي نامي شاعر، ”سوداء“ چيو آهي:

آلوده قطرات عرق، ديکه جبين کو،

اختر پڙي جهانڪين هين فلڪ پر سي زمين ڪو.

ڏسو ته هي لفظ به لفظ ترجمو ٿيل آهي، ته چا چئبو ته هيءَ به چوري آهي! شاعر جو خيال ڪجي استاد وقت جو هو!

هن ديوان ۾ فقط اٺ - ڏهه غزل ظريفانه، نو مذهبن جي لاءِ اردوءَ جي مضمونن جو ترجمو آهن.

چوٿون، ڪي ماڻهو تضمين ڪرڻ تي اعتراض آڻيندا آهن ته ناحق، متقدمين جي شعر کي خراب ٿا ڪن يا ڪارين ٿا. حالانڪه تضمين ڪرڻ، شعر ۾ وڏو فن ۽ حڪمت آهي، هڪ نئين تازگي ۽ عمدي صنعت پيدا ڪندو آهي، جيئن پيوندي وڻ، خاص صنعت ڏيکاريندو آهي.

غرض، ماڻهن ۽ ڪوهن جا منهن بند ڪرڻ ناممڪن آهن. جيڪڏهن انهن اعترآض جا سبب بيان ڪجن ته پوءِ ڪتاب اصل مطلب کان ڦري ويندو، چو ته اسان کي ”ديوان“ لکڻو آهي ۽ نه تاريخ.

اهي به- چار ڳالهيون، هت ڏيڻ ضروري ڄاتم، جو ويچاري ”بلبل“ کي گهڻن زاغ و زغن جي چنبه ء طعن ۾ اچڻو آهي، پر گلشن مصنفن بيريا ۾ غلونه ”الانسان مرڪب“ من السهو والنّسيان“ سان پناه ٿو وٺي.

جيڪڏهن ساري ديوان مان ڪو هڪ- اڌ شعر به ڪنهن کي پسند اچي ته پوءِ ان جي صلي ۾ ساري خطا ۽ خامي معاف ڪرڻ فرمائي. قليل عرصي ۾ ايتري شعر چوڻ تي ۽ منهنجي ڪم مائگيءَ تي وزن آڻي، پورو بار عتاب خطاب جو رکن. بلڪ درگذر فرمائين، خار سهڻو کي گلزار تصحيح سان مٽائين.

شمس الدين، ”بلبل“
ميهڙ (سنڌ)
24- جمادي الاول سنه 1308 هجري
6- جنوري 1891ع

متن
(ديوان بلبل)

بسم الله الرحمٰن الرحيم

سر سخن جي سونهن اول، پاڪ پرور جي ثنا،
خلق جي رزاق ۽ خلاق داور جي ثنا.
ٿيو ڪلام الهام، امرو نهي جو جنهن تي نزول،

واجب آهي، تنهن سچي سالار سرور جي ثنا.
همدم و همراز، هر دم، هم مصاحب، يار غار،
صدق دل سان چئو سدا، صديق اڪبر جي ثنا.
هو دلاور دين جو حضرت عمر ابنِ خطاب،
زينت دل، زينت محراب و ممبر جي ثنا.
ڪامل الايمان ۽ صاحب حيا، جامع قرآن،
ڪر عجب عثمان، ذوالنّور ين انور جي ثنا.
جي ڪريمن سان مدامي، آب ڪوثر کي پيئن،
جو ڪه، اسد الله غالب، شاه حيدر جي ثنا.
مالڪ جَنَّت آ، سيده نساء العالمين،
رڪن ٿي ايمان جو، شبّير، شَبّير جي ثنا.
حمزه و عباس اعلى مرتب، افضل امير،
ڪر سندي ٻآرهن امامن، سلڪِ گوهر جي ثنا.
پوءِ سندن اصحاب ۽ اولاد ۽ ازواج تي،
تابعن ۽ تبع تابع هوءِ هر هر جي ثنا.
عالمن ۽ صالحن ۽ مومنن ۽ ڪاملن،
چار مذهب جي امامن، دين گستر جي ثنا.
۽ طريقه معرفت جي سلسن چئني سندي،
پر تنهين ۾، نقشبندي خضر رهبر جي ثنا.
پاسبان اسلام جو سلطان اعظم شاه روم،
سنڌ ۾ ڪونسل تنهين جي خانبهادر جي ثنا.

مَجمَعِ احباب وارن دوستن سپني سميت،
۽ ”معاون“ جي معاون چاپ دفتر جي ثنا.
يار ۽ غمخوار، واقفڪار، سپ سنڌ و پنجاب،
خيوش اقرب، صله رحمي، هر برادر جي ثنا.
ٿو وطن ”ميهڙ“ سندو، وه وه جو دل کي وڻي،
هر در و ديوار رونق، باغ بازر جي ثنا.
هيءَ ثناخواني نه ٿيندي، هونءَ ته هرگز دلپسند،
جي ڪندين تون ڪين ”بلبل“، دوست دلبر جي ثنا.
*
منجھ شان، لبن لعل، بدخشان چوان چا،
مرجان کان مر جان ٿي، بيجان چوان چا.
ياقوت کي جو قوت، جگر خون ٿيو هر دم،
پاپوش تي چسپان جي ٿئي پان چوان چا.
بئنسر جي سراسر تي جو گوهر ۾ گُهر آهه،
درد ان ۾ در دانشه دندان چوان چا.
جهومڪ سندي جهالر ۾ جو جوهر به جواهر،
تنهن ڪن کي انهيءَ ڪان جو دڪان چوان چا.
جو چاه ڪري، چند ته زندو ئي ٿئي بند،
ان چاه زنخدان کي زندان چوان چا.
اقرار ۾ انڪار جو بيڪار ڪري ڪو،
احسان فراموش کي انسان چوان چا.

حاسد کي ٿئي ساڙ، جو هن فهم سخن ۾،
غلطي ۾ ٿئي غلطان ته شيطان چوان ڇا.
مضمون جو ميمونُ نه انصاف ڪري صاف،
معنيٰ جو نه ٿئي مان، ته ارمان چوان ڇا،
”بلبل“ جي غزلخواني ۾، غلغل جي شغل ڪان،
نارسَ ٿئي نادان، سخندان چوان ڇا.
*
تڪيندي ٿڪي پيام، تارَن ۾ تارا،
ڏيو وَر پون ٿا، سي پارن ۾ پارا.
ائين هوت هاريان ٿو هنجون هجر ۾،
وهن ٿا ڦڙا، جئن نيسارن ۾ سارا.
ڳوليندي اوهان جي ڳلي آئي هٿ ۾،
ڀُلي پيا ويا سپ، ويچارن ۾ چارا.
ٿي هڪ ڪاري ڪاڪل، ڀي شام فرقت،
ڪيا ان ۾ دل ياد وارن ۾ وارا.
ڪڙي بند زلفن جي اهڙو زبون ڪيو،
لڳي تار ۾ تار، ڳارن ۾ ڳارا.
ائين تون سڄڻ سائين، سهڻن جي وچ ۾،
ٿو سونهين جيئن تاجدارن ۾ دارا.
محبت ۾ جيڪي وڍيا، سي نه موريا،
ڪري برهه، ”بلبل“ بيمارن ۾ مارا.

جمالت جو بيان ظاهر، ذرا جانان ڪيو چو ٿا،
ائين ئي، پاڻ کي مٺو ميان منهن سان ڪيو چو ٿا.
رخ انور، هزارن کي، ڪيو حيران حيرت ۾،
تنهين کي ٻول سان ٻيهر وري حيران ڪيو چو ٿا.
جيڪي عشاق آهن، رنج ۽ ايذاءَ ۾ راضي،
دل آزاري، انهن جي اي مٺا، ارمان ڪيو چو ٿا.
اسين آزاد آهيون، منهن رکون ڪنهن جي نه ملت ۾،
ادا اي واعظو! هت ذڪر دين - ايمان ڪيو چو ٿا.
رڳا قاضي رهيا ڪوڙا، وتن ٿا برهمن ٻيبيا،
اجايو بحث تن سان، انگريزيدان ڪيو چو ٿا.
جيڪي آهي سو هت آهي، رڳو اولو آ آخر جو،
اوهان پو، نرڳ توڙي سرڳ جو سامال ڪيو چو ٿا،
گلستان جي در ديوار تي زاغ وزغن ويهي،
ٻڌي ”بلبل“ سنديون ٻاتيون، اوهان ”ڪان ڪان“ ڪيو
چو ٿا.
*
وجي هڪ چاپ تي ويهي براندي کي ڪيون ها ها،
الا يا ايها الساقي، ادر ڪاساَ و ناولها.
زمينون زر ڦُرائي، پو وجي پئو قرض ۾ ڪاهي،
ڪه عشق آسان نمود اوّل، ولي افتاد مشڪلها،
مڙي جي پاڻ ۾ ميمبر، جو ڪن ٿا ڪنهن ڪميٽيءَ کي،

نهان ڪي ماند آن رازي ڪز و سازند محفلها،
وٺن ٿا عيب انگريزيءَ مٿي، جو هي سنڌي جاهل،
ڪجا دانند حالِ ما، سبڪسارانِ ساحلها،
ولايت ڏي وڃي تو ميل اسٽيمر، ڪيو جلدي
جرس فرياد مي دارد، ڪه بر بنديد محملها،
ڏني آ پير مون کي پادري لڪچر سنڌءِ لذّت،
ڪه سالڪ بيخبر نمود، ز راه و رسم منزلها،
ٻڌي وارن ۾ وانگوڙا، هلي ٿي مس جڏهن ”بلبل“،
ز تابِ جعد مشڪينش ، چه خون افتاد در دلها.

*

جي وس پڇي ڪو منهنجو ڪيان وات ساڻ وارا،
دردا ڪه راز پنهان، خواهد شد آشڪارا،
وڪٽي هي ملڪ ساري، ڪيان ترت مان تياري،
باشد ڪه باز بينم، آن يار آشنارا.
ڏاڙهيءَ ۾ هٿ جيئن جو، پادر پرين جا سر تي،
گر تو نمي پسندي، تغيير ڪُن قضارا.
سانجهيءَ صبوح چاڙهج، پري پنگ جو پيالو،
تا بر تو عرضه دارد، احوال مُلڪ دارا.
ڳُڻَ ۾ تني جون ڳالهيون، ڳارين چو نه دل کي،
دلبر ڪه در ڪفِ او، موم است سنگ خارا.
ميلي ۾ تون وڃين جي، مجرا ڏسين تنين جا،

در رقص حال آرد، پيران پارسا را.
پڻڪو ڳچيءَ ۾ پاتل، جي گهلبو ڏسين تون،
اي شيخ پاڪدامن، معذور دار مارا.
قلقل صراحي مان ٿي، ”بلبل“ ٻُڌو هي غلغل،
هات الصبوح حَيّوا يا ايّها السّڪارا.
*
سراپا جو امثال آهي عجب،
عجبين جو احوال آهي عجب.
ڏنور زلف جو پيچ، رخسار تي،
اهو جيسم ۽ دال آهي عجب.
پرون ”بي“ سندي ٻاسم، بيني الف،
طرح، نقطه ۽ خال آهي عجيب.
دهن ”ميم“، داناءَ دلبر سندو،
جو قرات ۾ هي قال آهي عجب.
ستي ياد نالو سراسر سندس،
فقرن سندو فال آهي عجب.
ٿيو اسم اعظم، سندس پنج انگشت،
عزيزو هي اشڪال آهي عجب.
ڪرڻ لاءِ پرواز، پرين طرف،
هي ”بلبل“ پر و بال آهي عجب.
*

ڏسان ٿو خواب ۾ چاڻي ٿو هڪ ربّ،
ڪه آمد ناگهان، دلدارم امشب.
صفائي سِرَ کي ڏئي، پتلون پاتم،
بحمد الله نِڪو ڪردارم امشب.
ڪلب اندر وڃي ڪاني تي ويٺس،
ڪه سرپوش از طبق بر دارم امشب
چيم دل ۾ ته ٿيندس، عيسوي اڄ،
چو منصور ارڪني، بردارم امشب.
چيو، هڪ ميم مون کي، مئي ڏئر سِر!
رسيده طالعِ بيدارم امشب.
ولايت ڏي وڃي ٿيان گل تي "بلبل" ،
ازين سودا ڪه در سر دارم امشب.
*
گهرجي شائق کي هڪ پيالو شراب،
الصبّوح الصبّوح يا احباب.
هڪ پُري چهره پڻ هجي همدم،
المدام المدام يا احباب.
ڪٽي هٿ آبرو ۽ مال اتان،
پس بنو شيد دائما مئي ناب.
جي حياتيءَ کي تون حلال ڪرين،
مئي نوشين بخور، به بانگ، رباب.

اُٺي اڏ رات جو ڳُتي تي چئو.
افتح يا مفتح الابواب.
حيف تن کي هجي جو سانجهيءَ سا،
که به بندند ميڪده به شتاب
خوب بيهوش ٻڌج اي ”بلبل“،
فاتقو الله، يا اولي الباب.
*
ڪنهن فڪل سان تون وڃي هڪوار ڦٻ،
ٿي ڦٽيءَ جان وارَ ۾ اي يار ڦٻ.
ڏس ته هو ساغر صراحي ٿا وڃن،
مئي سندي محفل ۾ نئي ميخوار ڦٻ.
چو نه خدمت خوبروءَ جي ٿو ڪرين،
ڪنهن نه ڪنهن ڪم ڪار ۾ بيڪار ڦٻ.
يار کي اڄ عطر جو آ انتظار،
تون ڪٽي بغچو ٻٽي عطار ڦٻ.
من رقيبن ۾ به ڪو رخنو پوي،
رات جو چوريءَ، گهمي چوڏار ڦٻ.
چو وٺين پيو، بوءِ، بالائي بهار،
هاڻ ’بلبل‘ گل اندر ٿي خار ڦٻ.
*
عسرت تي رسي عشق کان، ايذا ۾ رهي اپ،

سو طرح سخندان جا طعنا ٿو سهي اپ.
چاندوڪي جو سنسو نه ڪر اي يار چمن ۾،
جي نيڻ ڪٽي توڏي ته اکڙين ۾ لهي اپ.
مَہ رخ مٿي موتين جي نه جهالر کي سنوارج،
نارنج ۾، ان ريس جي، ٿي رت نه وهي اپ.
محبوب، لڪي سوگهو ٿي سمجهانءِ مبادا،
پاسي ۾ ڏسي، پنهنجي پيو پَهہ نه پَهي اپ،
گردش ۾ اچي، ڦيرو نه ڏئي، ابتو هي گردون،
بيراهہ، انهيءَ باهہ ۾،مون سان نه ٿهي اپ.
هن باد بهاري جو آه انجام خزان تي،
”بلبل“ نه سهي گل سان پيو ڳَٽين ۾ ڳهي اپ.
*
ستم مون تي سچڻ تو ڏس ڪيو سپ،
مڙئي، سر تان لنگهي منهنجي ويو سپ.
اجا پي جي هجئي ڪو دل ۾ ارمان،
اهي پي ڏک اچي مون کي ڏيو سپ.
وئي جي جان منهنجي، فڪر ڇا جو،
اوهان جو ڪم ته بس پورو ٿيو سپ.
سهان ٿو ڪين تنهنجي ڪين، هڪڙي،
ستم سر تي سٺم، پنهنجو، بيو سپ.
رقيبن روبرو آڻي ڏنو سم،

پرينءَ مون کي چيو: پيالو پيو سپ.
سڏائي گلرخن، عشّاق کي چيو،
جي ”بلبل“ ٿيو ته هِئَن سِڪَ ۾ جِيو سپ.
*
انئي پَهر مون کي توهان جي آ تات،
ڏکن جو لنگهيو ڏينهن، رنجور رات.
اول بيوفا تون ٿئين بر غلط،
ننڊي ۾ وڏي کي اها وائي وات،
پلي چا پيو گذري، وهي واپري،
ڪڍي ڪير ويهي، ڪو تو سان ڪهات.
وهامي سگهو رات وئي وصل جي،
ملا کي لڳي، حيّ عاليٰ الصّلوٰت.
هٽي ڪير توسان مٺو مفت ۾،
ٻڌين ڪين ٻوڙا تون ”بلبل“ جي بات.
*
ادا هن رَهَ روان ۾، دم غنيمت،
عمر جي ڪاروان ۾، دم غنيمت.
ڏهاڙن چئن جو هي ڇهڇٽو آهه،
دنيا جي نَنهنَ ۾ هان ۾، دم غنيمت.
پڪي ماڙي نه جي تو کي ميسّر،
ڪَچي، ڪنڌي، مڪان ۾، دم غنيمت.

اگر حاصل نه ٿيو حلوو ۽ پوري،
ته ڇاڻج، خشڪ نان ۾، دم غنيمت.
سواريءَ لاءِ جي فيل وشتر ناهه،
پيادي پا، روان ۾، دم غنيمت.
ڪٿي مشهور جي نالو نه ٿيندو،
ته بهتر،بي نشان ۾، دم غنيمت.
ڪري وٺ بوستاني گل جي ”بلبل“،
اٿئي باغِ جهان ۾، دم غنيمت.
*
جان جان، پنهنجو يار آهي ڪِٿِ،
مهربان پنهنجو يار آهي ڪِٿِ.
ڪئن پلا، دور، دل موافق ٿئي،
آسمان، پنهنجو يار آهي ڪٿ.
چو آڏائين ٿو محل ۽ ماڙيون،
هي جهان پنهنجو يار آهي ڪٿ.
مون ته توکي چيو هو، هي محبوب،
اي ميان، پنهنجو يار آهي ڪٿ.
جتي هر دم ٿي گڏ گذاريون،
سو مڪان، پنهنجو يار آهي ڪٿ.
شوق ٿئي شعر جي چوڻ جو ڪيئن،
قدر دان، پنهنجو يار آهي ڪٿ.

گهر بنائج نه باغ ۾ ”بلبل“ ،
باغبان پنهنجو يار آهي ڪٿ.
*
يد بيضا، سچڻ جو آهي هَٿ،
شال مون تان نه هوت لاهي هَٿ.
جو سخن ۾ رکي نه دست رَسي،
سو سپيرين جو ڪِئن سراهي هٿ.
هو ڪري ڪئن هي ماهيت معلوم،
جنهن جو هن هاجَ ۾ نه آهي هٿ.
روز، باغِ جِنان جو گل ٿي چنو،
ڏس، حبيبن جو چا نه چاهي هٿ.
آسمان پي، اچي زمين تي پوي،
سوز وارو جي هوند ساهي هٿ.
محتسب جي ته ميڪدي ۾ اچ،
مستُ پڳڙي هٽي ٿو ڊاهي هٿ.
ڪو ئي ”بلبل“ سان گل وفا نه ڪري،
ائين منهنجو ڏٺو آ، ڏاهي هٿ.
*
دل وجي تون عرض ڪر، دهلين متان دلدار وٺ،
چو نه حق تنهنجو ٿئي ٿو، جاءِ پهلودار وٺ.
نوڪ ابروءَ جي نوائي، دل کي سٺيو سينڌ وٺ،

ڏس ته سودائي ٿئي ٿو، قتل ڪيئن بازار وٽ.
ڪئن بچي، سا بي چئي دلڙي، ڏکن جي ڏنگ کان،
جنهن ڪيو مسڪن مدامي، پنهنجو آهي مار َوٽ.
چا پڇين ٿو حال اي آزاد سِڪ وارن سا،
لٽڪندو ڏسندين ڪڏهن، يا تار وٽ، يا دار وٽ.
ڪئن پلا سيماب جهڙي دل وٺي يڪجا قرار،
اڄ چُري وئي چين ڏي، ڪله رهي تاتار وٽ.
ڏس ته توکي دل چوان ٿو، پَچ نظر جي تير کان،
جان ڏنئين تان ترت ٿيندءِ، نَذر جان، خونخوار وٽ.
اي صبا، قاصد صبح جا، ڪر الله ڪارڻ هي ڪم،
وڃ کنيون، صلواته جو هديو، سچي سردار وٽ،
واٽ تي ويندي، گلستان ۾ اگر گڏجيئي گل،
چئينس، رهندين ڪيترو هن بوءِ، خانه خار وٽ.
هجر ۾ آيا هزارين ٿي عيادت لاءِ دوست،
تون پڇڻ پي ڪين آئين "بلبل" بيمار وٽ.
دل لڳڻ لاءِ، دل ڪري جهٽِ پَٽ،
مَهرخن تي وڃي مَري جهٽِ پَٽ،
حسن اڳيان هي دل، پتاشو ڏس،
جيئن پاڻيءَ ۾ ٿو ڳري جهٽ پٽ.
جي ڪيان ٿو سوال بوسي جو،
هٿ هٽي ٿو وڃي، پري جهٽ پٽ.

يارَ جا نيڻ، فير باڪَس چڻ،
باھ تيليءَ ۾ جئن ٻري جهٽ پٽ.
ڪئن ناصح ادا مان صبر ڪريان،
ڏڪ لڳو، سو نٿو ٽري جهٽ پٽ.
جي تون حيلا ڪٽي هزار ڪرين،
ڪئن لکيو ناٿري، پَڙي جهٽ پٽ.
صحبتَ بد سندو اَثَر بَد ٿئي،
ڪير ڏُڌَ جي پئي، ڪري جهٽ پٽ.
وَرُ ڏئي ٿي گلاب جي گل تي،
اچي ”بلبل“ ذري ذري جهٽ پٽ.
*
ڪري ٿو ڪو نه ڪنهن کي ياد پرپٺ،
هجي، پر هانو پي همزاد، پر پٺ،
جڏهن ڪنهن ملڪ مان ماڻهو لڏي ٿو،
ته چا آباد، نا آباد، پرپٺ.
سنواري، زلف، دل جي دام ڪارڻ،
وڏي آ چَوَڻ، اڄ صياد پرپٺ.
رقيبن جي چئي چو منهن مٺي ٿو،

ٻڌي ٿو ڪو نه هيئن فرياد پرپٺ.
وڪالت، عَقد لئي، هي آشڪ، ڪافي

ٿئي ايجابَ جو ايجاد، پرپٺ.
فقط تون نامه بر، نالو ٻڌائج،
ڏسان چا ٿو ٿئي، ارشاد، پر پٺ.
سند ءِ قامت جي ”بلبل“ کان ٻُڌي قال،
رهي سڪ ۾ ٿو سَرو آزاد، پر پٺ.
*
وئيءَ شيءِ جو ارمان، آهي عبث،
حياتيءَ جو سامان، آهي عبث.
جيڻ ناهه، جيتوڻي، جَڳَ ۾ گهڻو،
هي گوندر جو گذران، آهي عبث.
ڪيو اَڏَ، پرُن، هڪ اشاري سان، ٻيو،
ڪُنيءَ کي هٽڻ کانُ، آهي عبث.
ڪَرن اشڪ اظهار ٿا راز کي،
هي طفلن جو طوفان، آهي عبث.
دونالي دو چشمن ۾، بينيءَ جي مَڪِ،
نظر لاءِ نيشان، آهي عبث.
لچائي ٿو لالي لَبن جي پرين،
چپن ۾ چبڻ پان، آهي عبث.
عبادت ڪرڻ آهه افضل مگر،
بنا عشق، انسان، آهي عبث.
ٻُڌي داستان، منهنجو، دلبر چيو،

ديواني جو ديوان،آهي عبث.
جهان جي گلن کي نه ”بلبل“ ڏي دل،
عبث باغ، ابستان، آهي عبث.
*
خطوط برگِ سمن، ياسمين، ڇا باعث،
رهي ٿي، شوخ کي چين، برجبين، ڇا باعث.
ڇڏي ٿو زلف کي ڇوڙي، او منهن مٿي محبوب،
وجهي ٿو باھ ۾ ورق عنبرين، ڇا باعث.
سوال بو سبهء لب تي، کلي دندانِ يار،
چيو ته پي نه، اي شيرانگبين، ڇا باعث.
ٻڌم ته ڪالھ انهيءَ خوبرو جي خال مٿان،
وڪيو ٿي، زاهد، ايمان ودين، ڇا باعث.
رڳو نه اهل زمين کي آھ راھ پيمائي،
رهي ٿو، چرخ ۾ چرخ برين، ڇا باعث.
اهو ته ”بلبل“ کي باغبان ڏسج تعبير.
رهي ٿو، خار سان، گل همنشين، ڇا باعث.
*
زلف، جو سيني سڄڻ تي آدھ سپ،
ڪونه ٿئي ٿو، ان مان تنهن کي داءُ ڊپ.
چو لڙي پيو آھ پستانن مٿان،
کير جي چشمي تي تنهن کوڙيو آ چپ.

ڏک سندي، صحرا نوردن تي، اي ڏينهن،
تپ گهڻو، فرقت جو آ پيو ڪين تپ.
گرچه تون مرهم موافق ٿو رکين،
پر سڄڻ، منهنجو ٺري ٿو ڪين ٺپ.
گرد، گردش سان نه گڏجي ماهه کي،
شمعرو تي آهه ڪاٽونن جو ڪپ.
چشم جو باشو چمن ۾ حسن جي،
دل جي ”بلبل“ کي ڪٽي ويو ڏيئي جهپ.
*
ٻري ٿي، آڳ اندر ۾ اچي نه ٻاهر ٻاڦ،
اچي نه سينئه بريان منجهان ٿي ٻاهر ٻاڦ.
فلڪ تون پاڻ سنڀالج، متان ٿئين پرزا،
اچا ته هاڻ اٿي ٿِي، اَلَهه تو آهر ٻاڦ.
برهه جي باهه جا پيڪا ڪري ٿي، سيني ۾،
جلي وڃي هي بَدن، جي ڪري نه واهر ٻاڦ.
ڪري ٿي، گرمئي گردون تي هيءُ جو لاف و گزاف،
ٻڌي نه سا تپشِ دل جگر جي ماهر ٻاڦ.
بنايو ٿي جي فسون سازَ، مار فرعوني،
سڙيو سو مارِ سحر، آئي جئن ٿي ساحر ٻاڦ.
اٿاري باهه کي ”بلبل“ ٿو شعر جو شعلو،
ڪڍي جي، شورو وشرر جي سخن سان شاعر ٻاڦ.

*

ڪو ڏ سيو يارو مون کي، دل برده دلبر جو علاج،
اي ادا آهي به ڪو هن مرض مضطر جو علاج.
زلف جي ڏنگ جو وچي، جئن حال جوڳيءَ سان ڪيم،
تنهن چيو، ٿيندو اسان کان ڪين ازدر جو علاج.
اڄ ڏسي اک جي اشاري سان عجيبن هئن چيو،
مَر ڏسون ڪهڙو ملان ٿو چاڻي منظر جو علاج.
سپ طبيبن ٿي چيو، ٿيندو نه ڪڏهن ڪاگر،
طب، ارسطو جو نه لقمان جو نه اڪبر جو علاج.
ٿا چون، جرّاح، هڪڙي زخمِ ابروءَ کان سواءِ،
ٿا ڪيون سپ، تيغ، خنجر، تِير، تبّر جو علاج.
بوسئه لب ۽ گزند ڏند جو هي ڏس مليو،
ڪو نه ٿئي هيري وڍيل ۽ لعل احمر جو علاج.
دل کسي جا گلبدن، سا ڪئن وري موٽي ملي،
هاڻ پائنج صبر ”بلبل“، پهرين نمبر جو علاج،
غافل وڃي ولايت، لنؤن ليڊيءَ ساڻ لائج،
سو قرب سان ڪرستان، وڃي چرچ ۾ چوائج.
سِک ناچ، راڳ تن جو، پڙ بينڊ باجو بلڪل،
پو خوب ٻڄي بابو، پيو بينڊ بد بجائج.
پهرائڻ، پائجامو، پٽڪو، پنيت، بوچڙ،
ڏئي بَن تنين کي، ٿو پي، پتلون، ڪوٽ پائج.

ممبر ميونسپل ٿي، ڏي خوب مُڇ کي موڙو،
مخلوق کي رنجائي، ميٽنگ کي ڇمائج.
پنهنجا عزيز، اقرب بيگانا ڄاڻ احمق،
سرمست سرخرو ٿي ”صاحب“ سدا سڏائج.
مجلس ۾ تنهنجي ڪارو ماڻهو نه مور گهرجي،
ڏئي ڊاءَ ”ڊيم فل“ جو تنهن کي درئون تڙائج.
تڪبير ۾ وجي ٿي، مرغ ۽ تتر جي لذّت،
گردن مروڙي، تن جي، پيو جوش ۾ جلائج.
ماڻهو هي واهڙي سڀ ٿا جانور جان ڪائن،
ڇمچا، ڇريون ۽ ڪانٽا، ٽيبل مٿي رکائج.
سنڌي نَفر ۽ نودر، سڀ چور ۽ چريا هِن،
ٻنڙيل ۽ ببر چي، لنڊن منجهان منگائج.
ملان توٽي برهمڻ، بيهودگي بڪن پيا،
وعظن ۾ ڪين تن جي، پيو مغز کي کپائج.
بي. اي. جو شوق، ”بلبل“ رک رات ڏينهن دل ۾،
پيا خيال خوف خطرا، عقبيٰ سندا پلائج.
*
نينهن جو نياپو، صبا آندو ڪٽي ناياب اڄ،
منجھ بهارِ حسن آهي، برھ کوليو باب اڄ.
زلف ان جي ڪان جو آئي، زهر آلودي نسيم،
ناگهان ٿي نيشزن، پيو دل ۾ پيچ و تاب اڄ.

لعل لب کان، نرخ، شب جي لعل جو کسجي چڪو
سي سڙي ساراهه سرخيءَ جي ٿيا خونناب اڄ
يوسفِ ڪنعان جو يارو حُسن ٿيو جلوه نما،
خيال ۾ ڪنهن خوبرو جي جو ڏٺم، خوش خواب اڄ.
ڪر خدايا خير، طرحِ غير تي ٿي اک ڦري،
چشم سان چورائيندو ڪو، عقل جو اسباب اڄ.
دام ۾ ڪنهن گل لقا جي ٿيو گرفتاريءَ جو شوق،
ترڪ ڪيو، ”بلبل“ تڏهن پيخوف، دانه و آب اڄ.
*
حوصلو دل جو لٽي ويو، هار ڪجهه، سينگار ڪجهه،
ناز ڪجهه، غمّاز ڪجهه، رفتار ڪجهه، گفتار ڪجهه.
وصل جي پيغام تي محبوب، ورنديءَ ۾ چيو،
ٿي مذبذب، بين ۾، اقرار ڪجهه، انڪار ڪجهه.
جانِ جانان کان جو پنهنجي سوال جو گهريم جواب،
هوڙيان هائو ڪيائين، چار ڪجهه، ناچار ڪجهه.
چا هي انهن، آهه معشوقن جو معمولي عمل،
عاشقن کان عار ڪجهه، بيزار ڪجهه ۽ پيار ڪجهه.
پيو نشان کهڙو اسان ۾، ڪفر جو ڏسندين ادا،
خال خط رخسار ڪجهه ۽ زلف جو زنار ڪجهه
آهه فتني کي سمهاريو، در سندس اپٿيو رکي،
خواب جي خمار ڪجهه ۽ اڌ اکين بيدار ڪجهه.

همدم و هم باش، ”بلبل“ سان رهي هر وقت ٿو،
عشق جو آزار ڪجهه ۽ درد دل افگار ڪجهه.

*

واٺ وحدت جي، غير واري پڇ،
بلڪ ديهي دُئيءَ جي ساري پڇ.
پاڻ چاڻج ته، پاڻ ”تون“ آهين،
هن ڳجهارت جي ڳالهه ڳاري پڇ.
نفس امّاره سان نه رک الفت،
اهڙي سرڪش جي سرباري پڇ.
مُنهن تي منڙو ۽ پو، ڳِلا جو گهر،
تنهن دور وئي جي يار، ياري پڇ.
رکي شانه، تون شوق جي شب جو،
زلف جي پيچ، پيچداري پڇ.
رک، دم ۾ عدم، نفيءَ جو تون،
ڪري اثبات، ”لا“ جي لاري پڇ.
روز وحدت جي باغ مان ”بلبل“،
سر به زانو ٿي سبز ٿاري پڇ.

*

ياد وارن ڏي ٿي يڪدل يار اچ،
درد دوريءَ ساڙيو، دلدار اچ.
من گهريا محبوب، ماهي، مون سڄڻ،

ماهرو منهنجا مٺا منٺار اچ.
وئي سَحر تنهنجي سڄڻ سڪ سوز ۾،
هئن سڪان ٿو ساهہ جا سينگار اچ.
هجر ۾ ٿيون هارجن. هنجون هزار،
هوت، هيڪر، هيج مان هڪوار اچ.
هر گهڙي، هر ڪر، اوهان جي ٿي هُري،
تون هلي هاڻي، هنئين جا هارَ اچ.
نينهن ۾ تنهنجي نسورا، نازنين،
نير جا نيڻين وهن ٿا، نارَ اچ.
برهہ ۾ ”بلبل“ رهي ٿو بيقرار،
بيوسيءَ بيحد رڪيا هن بارَ اچ.
*
اسان جي انتظاريءَ جو الله لڳ آ، نظر ڪان پڇ،
شرارِ شوق جا شعلا، اچي اک جي شرر ڪان پڇ.
اوهان جي هجر ۾ جانان، ٿيو هت حال آ هيڻو،
ڪيان ڇا ڳالهہ پنهنجي، پاڻ تون ساري شهر ڪان پڇ.
جگر جو لخت ٿي ڳاڙم، ۽ دل جو خون ٿي پيتم،
گواهي تان اچي، ڳاهي، ڪا دل ڪان پڇ، جگر ڪان پڇ.
پڇين ٿو غير ڪان ڇا يار، منهنجي غم سندي حالات،
وهاڻي آهہ جا مون تي، اها منهنجي اندر ڪان پڇ.
رڳي تحرير تي توکي جي آهي تندخو ڪو شڪ،

زباني پي ذرو احوال، پنهنجي نامه بر کان پڇ.
رقيبن روڪ ڪئي اهڙي، جو در بيٺي چيائون ٿي،
اندر آ ڪين، ٻاهر بيھ، پڇڻو ٿي ته در کان پڇ.
رهن گلرخ سندي رخسار تي ڪيئن عرق جا قطرا،
اهو احوال ”بلبل“ زار، گل جي برگِ تر کان پڇ.
*
آءُ پرين، پرت جو پيار قدح،
پُر ڪري، اڄ ته ڏاڍو ڏيار قدح.
جامِ جانب جو طور، غور ڏسي،
ٿو ڪري، اڄ فلڪ، نثار، قدح.
خوب مستن جي خوشدلي ٿو ڪري،
خوبرو جي هٿان، خمار، قدح.
رند مشرب، خطاب سان خضري،
ٿو رکي، دست ۾، تيار، قدح.
بي خدا، باخدا ٿئي مئينوش،
جو پئي ان کان پنج بار، قدح.
بزم ۾ بيدلن جي ڪين ٿئي،
چشم ميگون جو برقرار، قدح.
گردش روزگار کان ڇا غم،
ٿو ڪري، پنهنجو ڪاروبار، قدح.
داغ لاله جو، باغ ٿئي ”بلبل“،

جو ڏئي گلعذار يار، قدح.

*

تن زيب، توهان جي تي ڏني، چست قبا سرخ،
گل چاڪ گريبان ٿو رهي، غم ۾ سدا سرخ.
گلرخ جي اگر سرخ سواريءَ جو سحر ۾،
گلشن مان گذر ٿئي ته رهي ساري صبا سرخ.
هن پنجئه جانان مٿي، پامال ڏسي رنگ،
ٿيو پنجئه مرجان سندو، انگشت نما سرخ.
فندق جي ڏسي فن کي ٿيو، فڪر هي غالب،
ڪنهن دل جي رتا رت مان ٿيا، ساڻ حِنا سرخ.
مصنوعي وَني رنگ نه ٿئي مثل نڪيِ مَٽُ،
تنهن لعل لبن ساڻ ڪيو جن کي قضا، سرخ.
گل سرخ جو پردو جي پوي زلف تي هر دم،
ان عڪس کان هر روز ٿين، صبح ومسا سرخ.
لب لعل، شڪر مال، کان بوسي جي عِوض ۾،
ڪئي عاشقِ فرهاد به شيرين غذا، سرخ.
محبوب جي مذهب ۾ ٿيا فرض رڳا چار،
لب سرخ، زبان سرخ، سرِ دست، دوپا سرخ.
”بلبل“ جي جنازي جي وصيّت هي ڪئي گل،
کٿ سرخ، عطر سرخ، ڪفن سرخ، ردا سرخ.

*

اک ڦَري آھ يار جي آمد،
ٿي نِگھ ۾ نگار جي آمد.
بوءِ قاصد، صبا مان ٿي معلوم،
يار، مشڪِ تتار جي آمد،
بي طرح ٿو ڏسي، اٿس ٿيڙي،
چشمِ خون ۾ خمار جي آمد،
سروِ ساجن، جي نونهال اُتي،
آهي شايد، :انار جي آمد.
دل ۾ اڄ ولولو اُٿي ٿو وري،
آهي، غم جي غبار جي آمد.
سسن جي هَٿَ تي ٿئي نه جي هلچل،
هوند، گھٽجي بزار جي آمد.
ٿي خوشيءَ ۾ غزل سَرائي ڪر،
آئي ”بلبل“ بهار جي آمد.
*
چندڪار ڏئي وار، سڄڻ سِرَ تي سِٽي اٿ،
مهتاب سندي منهن جو آبر ، زلف لُٽي اٿ.
هن مسئلي پيچيده ڪيو پيچ اندر پيچ،
دل اٿ ٿي ٿئي، چوٽي جو وَر ڏئي ٿو وٽي اٿ.
محبوب سندو، ناز به اعجاز سراسر،
ابروءَ جي اشاري سان قمر دل جو ڪَٽي اٿ.

هن تيرنگھ ڪان جو سندم نيم رهي جان،
بوسي جي بها سان ڪو پلي، جان جو مٺي اڌ.
هن خوبرو جو خواب ۾ ڪئي نيم نگاهي،
جادوءَ جي جبر ساڻ ويو، دل جو جھٽي اڌ.
اڄ باغبان، مضمون سندي آه وفغان تي،
”بلبل“ کي ڏنو، بابِ گلستان جو پٽي اڌ.
الف جي ماڙي اندر ۾ پنهنجي آڏ،
پنج طبقا، پُر ڪري، پوءِ لوءِ لڌِ.
تون نفي اثبات کي اثبات ڪر،
”لا“جي”لا“سان، ”لا“سندي سپ لات چڌِ.
منهن رکي موني اُتي، موجود ٿي،
ساھ کي سوگھو ڪري، ساجن کي سڌِ.
دم تنهين ٿي، دم ڪنان بيدم ادا،
ماسو! الله وارا سپ محلات سڌِ.
بي وجوديءَ ساڻ حاصل ٿئي شهود،
هن هُوڻَ سان ڪين گڏجي هوت، هڏ.
هن جهان فانيءَ جي ”بلبل“ باغ ۾،
دل دنيا جي گلرخن سان ڪيم گڏ.
*
هن چست فسون ساز سان ڪنهن جو نه چَلي منڊ،
جو چشم جي جادوءَ سان جادوءَ جو جَهلي منڊ.

هن وار سنڌي مار کي لڪَ وار ڪٽي مار،
گوگي جي گروءَ جو نه هنومان جو هلي منڊ.
هي نانگ نه ڪنهن ڏانگ جي ڏهڪار کان ڏرندو،
افعي، نڪو اڙدر سنڌي جوڳيءَ جو جهلي منڊ.
سو تال، جي جيپال ڪري، دشت وجبل ۾،
هن مار کي سو وار نه مرليءَ جو مَلي منڊ.
جنهن ريت، هُنر جيت، سان هي زلف ٿئي زير،
سو سامري ساحر ٿو صحي ڪين سلي منڊ.
شب تار، گلِ شمع چيو، تار کي ڏسندي،
ڏس ڪئن تو هنيون، ”بلبل“ بي پر، هي بلي منڊ.
*
ڪجي نه پست پين سان، اي يار پيارا ڏاڍ،
ڪِ سمجھ، سرنديءَ وارا، هلن نه سارا ڏاڍ.
تون سچ چئين ٿو، ڪنهن کي نٿو ستائين، پر
مجن ٿا، زلف مسلسل سندا، اشارا ڏاڍ.
جواب ڏس ته مُڪو چاھ، منهنجي رشڪ ڪليم،
اهو ته: ”نيڻ ڪندا سائين ناز وارا ڏاڍ.“
هي ڇا مجال، سچڻ جئن چوي: ”ائين ناهي!“
ڏيکاري ڏينهن ڏني جو ٿو ترت، تارا ڏاڍ
هجي جي هڪڙو ڪو ڏاڍو ته اُن کي منهن به ڏجي،
هي ڪن ٿا زلف، زبر، نيڻ جا نظارا، ڏاڍ.

سري ٿي ڪينڪي ساعت، جنين جي جانب ري،
سهن ٿا سيئي، ڏئي ور، وري ويچارا ڏاڍ.
ڪرين ٿو ڪلڪل، بيهودو، غصّو، ”بلبل“ سان،
ڪِ ڏج خدا ڪان، اي خوشرو نه ڪر خدارا، ڏاڍ.
*
لب شير شڪر، قند ته تنهنجو دهن لذيذ،
هن باغِ سراپاء ۾ ته سيبِ ذِقن لذيذ.
چا چا نه چوان، شير و شڪر، ماکي ڪِ مصري،
مطلب ته مٺو آهين، ۽ سارو بدن لذيذ.
آهي نه مٺو خاص فقط جسم سنڌءِ، پر
رفتار ۽ گفتار سندو، فڪر وفن لذيذ.
شيرين سندي شوق ۾ ٿي ڪوه پيو قَندّ،
پَٿر کي به سنجهيو ٿي، جنهين ڪوه ڪَن لذيذ.
ٿو غم کي غذا چاڻان ۽ دک درد دوا پڻ،
عاشق کي محبّت ۾ آهي هر محن لذيذ.
جئن چئن ٿي لبِ يار تي مضمون کي سوچيم،
تئن تئن ٿي برآمد ٿيو هي حسن ظن لذيذ
گلرخ جي بِنا ڪين وڻي باغ ٿو ”بلبل“،
جنهن ۾ نه هجي گل سو لڳي، ڪِئن چَمن لذيذ.
*
زلف تنهنجي جي اَڙي آ، دل ۾ ساري راتِ، تار،

ان تصوّر ۾ ڪَٿيندي وئي، ته ڪئن ٿئي رام، مار.
مون گهٽو ئي، عشق ڪي مَن جي اندر مخفي ڪيو،
پر روئي اکڙيون ئي ڪن ٿيون، عام ظاهر راز، زار،
سچ پچين منهنجي ته مرضي آهه دائمي گڏ رهون،
هاڻي اڳتي جئن ٿئي ازروءِ مصلح، راءِ، يار.
نقد موڙي مال ودل جي سڀ تلخ تاراج ڪر،
اي چريا اڳ ۾ ته تارج تن ۾ پنهنجي راس، سار.
هن محبّت، جانبازيءَ، جنگ جُو، ميدان ۾،
قتل ٿي ڪيئي ڪري ويا، رڻ ۾ پنهنجا راو، وار.
هي ٿئين جي ٿول پاسي ٿيا ته پنهنجا ڪِيَم چاڻ،
رک تَريءَ تلوار هر دم، مرد، پنهنجي، ران، نار.
عشق گل گل بي بقا کان شوق، ”بلبل“ بند ڪِر،
لعل و گوهر، دم غنيمت جا، نه تون هِن راهه-هار.
*
تنهنجي لباس لال کان گلنار نار، نار.
۽ زلف مشڪ بوء سان، مشڪ تتارَ، تار.
جنهن وقت، جوڙ توڙ سان، گلشن ۾ ٿو گهمين،
تڏ رشڪ ساڻ ٿو رئي، گلزار، زار، زار.
منجهه ياد سَر وقد، هتي هر ويل ٿي وَهي،
هڪ نهر نيڻ نيڻ مان، خونبار، بار، بار.
ڪو ڏينهن ياد ڪر ته سندءِ هس وفا شعار،

هاڻي ڪيا سچڻ، ڪئين اغيار، يار، يار.
سو چو هجي نه فَند ۽ چندن کان فڪر مند،
جنهن جي پوي ٿي، مه روئي مڪار ساڻ ڪار.
سيني ۾ خار خار نه ڇا کان خلش ڪري،
بادَم رهي ٿو، هِن گُل بي خار ساڻ خار.
پيغامِ غير، صِحّتِ بي يار ڏئي صبا،
هن طرح تي تون ”بلبلِ“ بيمار کي نه مار.
”وَنگي“ دل وئين منهنجي ولِ ساڻ وَر،
چنان هوت، ”چاهون“ نه تو لئي ڇپر.
سوا تو نه ”گدڙن“ ۽ بگهڙن جا هُلَ،
ڏکي هاڻ ڏونگر، ”ميٺي“ ڪيم ڏر.
پنهل لئي اٿي ”پاءِ لَڪَ“ ۾ ليا،
”ڪري لاڙ“ لوڪن ڪنان ٿيلهه -ٿر.
متيرن، مين، ڪين ڪٽڪيو ڪڏهن،
ڏٺو نند، ”چوڪو“ به آبل آبر.
اديون، ”ري پڙائيءَ“ نه رب جي رسان،
جبل ۾ وهائن اکيون جام، جر.
پنهون چام تنهنجو نه شل غم ڏسان،
جو ”توريءَ“ ڪو منهنجو نه واهر نه ور.
توڻي منهنجي ڏيرن ۾ ها ويرَ وَڏِ،
نه تن کان پيم ڪو ”ڪدو“ رت ڪَٿَر.

نه ”بلبل“ تون رک، باغ، چوڙا، اگڻ،
خزان باد رنگي ڪو آڻي نه بر.
*
سوال هي جو ڪيم ته سائين نه سونهين،
تو دلربا کي گڙٻڙ.
جواب جلدي ڏنو هي جانان،
نه گهرجي پڻ تو گدا کي گڙٻڙ.
لکيم ٿي اڄ رات، هي عريضي،
دو پشت مضمون هو طول پيچي،
رهي ٿي دل ساڻ منهنجي هر دم،
توهان جي زلفِ دوتا کي گڙٻڙ.
هو گوڙ گلشن ۾ اڄ ته اهڙو،
جو غنچه جو بَند دَم هو،
جو تنگَ گرميءَ کان گلبدن ٿِي،
ڪيو ٿي بند قبا کي گڙٻڙ.
گذر ڪيو آهي ڪالھ شايد،
سحر جو محبوب جي مڪان تان،
ائين ٻڌو ٿَم ته ڏينهن سارو،
هئي گلن سان صبا کي گڙٻڙ.
سڏائي هڪ ڏينهن، سَر و آزاد،
مون کي اهڙي ڏني نصيحت،

نهال نازانِ حسن و خوبي،
تي چا لڳي بينوا کي گڙ ٻڙ.
ڪيو هزارن کي شاهِ ڪونين،
آهنجي قامت،. بغيرِ سايه،
ائين ئي معدوم ٿي رهڻ کان،
وَڏي آسايهِ هما کي گڙ ٻڙ.
وسيلي تانيث سان جو ابليس،
خلد گهر مان تڙايو آدم،
سبب، اهي حرڪتون ئي چئجن،
رهي ٿي هت پڻ حوا کي گڙٻڙ.
جو اهل معنيٰ، مزاج منصف،
سو منهنجي مضمون کي مڃيندو،
جو آهه حاسِد، اصل کان ”بلبل“،
هجي تنهين ڪج ادا کي گڙٻڙ.
*
زلف، ابرو، خال خط، جاتي هجن هي چارچيز،
قيد، قتل ۽ دام ڦاسي، ٿا سکن هي چار چيز.
حسن حضرت شاهه اڳيان، منجهه پلڪَ انسان کان
دين، ايمان، عقل، دل، وهلو وڃن هي چار چيز.
عشق جا جنهن جي جُٺي تي، ٿا لڳن تنبو تڏهن،
صبر، شرم ۽ عيش، عزّت، ڪوچ ڪن، هي چار چيز.

زود رنجي ۽ تڪبّر، بيوفائي ۽ رُسَڻ،
دائما دلدار وٽ، حاضر رهن هي چار چيز.
بره جي بازار ۾ جيڪو اچي سودو وٺڻ،
درد، زحمت، ياس، حسرت، ٿا مِلن، هي چار چيز.
بيقراري، دل فگاري، انتظاري، اضطراب،
مونس ۽ همراز سي، هر وقت هِن ، هي چار چيز.
هجر ۾ دلدار جي آهي رهڻ، اهڙيءَ طرح،
آب، نان ۽ خواب، راحت ٿا پُڇن، هي چار چيز.
دين و ايمان، تندرستي، آبرو، ”بلبل“ کي رَبَّ،
ڪر عطا ان کي وسيلي پنجتن، هي چار چيز.

*

گردشِ گردون کان ٿيس، ناڪام بس،
تون فقط، جاني پيارج جام بس.
مرغِ دل جي لاءِ، نو صياد کي،
خال، داڻا زلف آهن، دام بس.
آه ڪافي عاشقن جي قتل لئي،
ابروئي تنهنجي صنم صمصام بس.
آهي خالي خشڪ مغزن کي مفيد،
چشم تنهنجي، روغنِ بادام بس.
هو تپ هجران، اڳيئي سور ساڻ
اج ته سودا مان ٿيو سر سام بس.

سَرو کي چئو لاهي پنهنجي لاڏ، جو
هاڻي تنهنجو مثل ٿيو آ عام بس.
واءُ جي شايد وئي موسم ڦري،
جو پرين جو آهه ٿيو پيغام بس.
چو هٽو دم، عندليبو عشق جو،
برهه ۾ ”بلبل“ ٿيو بدنام بس.
*ِ

جان آخر وئي آيو نه هو جاني افسوس،
دل سندو دل ۾ رهيو، راز نهاني افسوس.
صبرِ ايوب ڪيم، گريهء يعقوب ڪيم،
نه مليو، پر نه مليو يوسف، ثاني افسوس.
مشڪ زلفين جون وڪاڻيون ٿي اڳي ئي رَتيون،
ڪئي وري گول گره ان ۾ گراني افسوس.
جڏهن تصوير ۾ نڪتو نه بريزد جو ناز،
اٿي بيوس چيو بهزاد ته ماني افسوس.
چو انهيءَ خيال ۾ تون خونِ جگر پيو ڪائين،
ڪير تنهنجي هي ڪندو، قدرِ معاني افسوس.
ڏسي دلبر، منهنجي ديوان کي گلشن ۾ چيو:
بس رڳي، هيءَ رهي، ”بلبل“ جي نشاني افسوس.
*

سودي سرور سرمد جي راس آهي ناس،
ڪل عقل ۽ قياس جي اجناس آهي ناس.
آ رشڪ درج درّ جي دبلي سندي دهن،
هڪ دم سو لعل، زمرد و الماس آھ ناس.
مسهل ٿئي ٿي مغز جي، خمسه حواس حل،
نزله نزول خارجِ خنّاس آھ ناس.
چيٺي تنهين جي چاڙهي ٿي، عرش عظيم تي،
دافع بلاء نافعِ وسواس آھ ناس.
عقده ڪشا، حقائقِ اسرار غيب جي،
عبرت نما عجائب منجھ ناس آھ ناس.
قدسي صفت جو قبلو، رستو آ ذات جو،
منزل مراد. پاس ۽ انفاس آھ ناس.
سمجهي سخن ڪي منهنجي ٿو سالڪ فصيح ڪو،
”بلبل“ بلاغتن جي صحي باس آھ ناس.
*
موٽي بهار آئي، چمن لاله زار ڏس،
هن باغي دل جي داغ ڪي اڄ نوبهار ڏس.
بوئي نسيم زلفِ سيه، مشڪبار ڪان،
سرسبز، سمن سنبل وتر، تابدار ڏس.
بيدار ۽ نزار، اچڻ جي اميد ۾،
هن چشمِ انتظار جئن، نرگس ڪي يار ڏس.

ڪيو هجر ۾ اوهان جي، اي گلرو ۽ گلبدن،
گلزار بي خزان کي خزان خار خار ڏس.
محروم سايه، قامت مجنون، مثل مدام،
تنهنجي جدائي کان هي سروَ جو ثبار ڏس
مستن کي عشق ۾ نٿو يڪجا رهي قرار،
جامِ مئي کان گردشِ، در روز روزگار ڏس.
اي برق سوز خرمنِ صبر و قرارِ دل
اک اشڪبار مان هي، گُهر آبدار ڏس.
انصاف شرط آهه، عدالت ۾ عشق جي،
پنهنجي جفا ۽ منهنجي وفا، باربار ڏس.
خاطو ۽ ناظرينِ شعراء ۾ شور پيو،
آئي چمن ۾ ”بلبل“، هو بيقرار ڏس.
*
روز مون کي، تنهن يگاني يار جي آهي ڪشش،
دل اندر، دلدار جي ديدار جي آهي ڪشش.
دانئبه تسبيح مان مطلب نه منهنجي ٿيو تمام،
زاهد اچ، زلف جي زنٽار جي آهي ڪشش.
هُس گهٽائي ڏينهن مسجد ۾ مصلّي اي ملان،
ابروئي محراب جي خمدار جي آهي ڪشش.
ٿا رهن، محبوب جي مصحف اندر پارا پٺيه،
ورد ۽ اوراد ان اذڪار جي آهي ڪشش.

ڪالهه ميخاني ۾ رندن جي، ٻئي گروي رهيا،
مولويءَ جي جبه و دستار جي آهي ڪشش.
ڇو نه دشمن ٿئي دورنگو مات ۽ مغلوب سو،
حبّ مون کي حيدر ڪرّدار جي آهي ڪشش.
تپِّ هجران ۾ وري اڄ ”بلبل“ِ بيمار کي،
سَرو ساجن مان ثمر، آنثار جي آهي ڪشش.
*
شه هسن سپه زنگّي وشهزور پس و پيش،
ٿا دل کي هڻن ڌاڙو ته شب چو رپس وپيش.
محبوب کان مخفي نه رهي، عشق جو احوال،
جلاّ ۾ برابر آ ٿيو بلّور، پس و پيش.
ٿو سنگدلن سان جو رهي، شيشئبه خاطر،
سو نيٺ پڇي پوندو، ٿي پور، پس و پيش.
سپ داغِ جگر، مثل ڏين جي رهيا روشن،
لڳندي سا ڪڏهن آتش بي طور، پس و پيش.
تون سِڪ نه مٺا سائين، ستم جي اها عادت،
ڪنهن ڏينهن ڪندو جهيڙو اهو جور، پس و پيش
”بلبل“ ٿو لڪائين، ائين بازن کان پکي دل،
هڪڙو نه پيو نيند ئي، خونخور، پس و پيش.
*
ڇو يار ڪيو مون کي تو يڪبار فراموش،

منھنجي ته نه ٿئي، دل ڪان ٿو، زنهار فراموش.
ريءَ عشق سنڌءِ، ڪفر نه اسلام ٿو چاڻان،
تسبيح فراموش ته زنار فراموش.
جئن آھ وساريو مون کي پرديس ۾ پرين،
ڪو يار ٿئي ڪنهن ڪان نه هيئن يار فراموش،
ڪجھ ياد رهيو تو کي نه اي يار، هجر ۾،
انڪار فراموش نه اقرار فراموش.
چاتم ته ڪندين تون دلِ بيمار جو ارمان،
پر تو نه ڪيو زار هي بيمار فراموش.
”بلبل“ ته ڪيو ڪين ڪڏهن باغ ۾ گل گل،
گلزار فراموش نه آزهار فراموش.
*
رکن ٿا ڪين ڪنهين ساڻ، سيمبر اخلاص،
جي پاڻ سيم بدن تن جو سيم وزر اخلاص.
هي چند روز جو چُٽڪو، ٿيو ٿيو نه ٿيو،
غرض جي ياري فقط، فتنه وشرر ؛ اخلاص.
نه لُهو ولعب جي بازيءَ ۾، مرد ٿئي مشغول،
رکي جو طفل هجي، راند ۾ نظر، اخلاص.
ڏسو ته دور جهان جي دلين کي ڪيئن ميٺيو،
نه پاءُ پاءُ نه پيءُ کي سندو پسر، اخلاص.
هزار حسن انهيءَ هڪ حسين جي آڏو هيچ!

رهي ٿو شمس به شيدا، رکي قمر، اخلاص.
سڀيئي ماڻهو سڌن ٿا ته بت پرست آهيان،
ائين صحي ئي هجي، ٿل اهو اندر، اخلاص،
سوال شام و سحر هي سندوم تابه لحد،
الاهي گل سان جي ”بلبل“ ڪري بر، اخلاص.
*
واعظا مون کي نه ڪو ٿي، دين و ايمان سان غرض،
مصحفِ روشن ڏسان پيو، چاهي قرآن سان غرض.
ٻيا نڪي دوزخ سندي درجات جا دڙڪا ڏيو،
ٿم طلب طبقات جنّت جي نه غلمان سان غرض.
چو مزوريءَ ۾ مرين پيو، اي ميال مهجورِ حق،
رک نه اجرت جي پيائي، اجر وغصيان سان غرض.
گرچه ظاهر غير شرعي بات، ظاهر ٿي ٿئي،
سمجھ ۾ سالڪ وٺن پيو، ناهه نادان سان غرض.
نوڪ ابروءَ چي ڪيو آ، نيم بسمل پر اجان،
ڪم تمامي لاءِ آهي، تير مژگان سان غرض.
قطره قطره اشڪ پنهنجو، رشڪِ گوهر ٿو ٿئي،
صدق دل منهنجي کي ناهي، ابر نيسان سان غرض.
قال جو تون قال ڇڏ، پر حال جو تون حال ڪر،
جو اچا تو کي آ ”بلبل“، صحن بستان سان غرض.
*

تنهنجي نظر جي آسري، مون ڪيو وطن غلط،
آرام غلط، عيش غلط، تن، بدن غلط.
صد حيف اي پرين نه سنڌءِ ڳالهه هڪ بَڙي،
وعدو غلط، وفا به غلط، سڀ سخن غلط.
دل جي دلال ڪالهه جو لَب جو ڪيو ٿي ذڪر،
ٿيو خام جوهرين ۾ عقيقِ يمن، غلط.
خوشبوءِ تارِ زلف جي، تاتار ۾ رسي،
ماڻهن ۾ ڏيو پَڙهو ته ٿيو مشڪ ختن غلط.
افسانئه حيات ٻڌي، عقل هئن چيو،
ليلا غلط ۽ قيس غلط، نسل- دمن غلط.
”بلبل“ ڏنو جو گهُور ڪري، گل بدنيءَ کي،
بستان به ڪيو صفحهء برگ سمن غلط.

*

خط رسڻ ساڻ، مون ڏي آيو خط،
فصل حسن نظر، پَچايو خط.
حلقهء مه به خود ٿيو حلقه بگوش،
جڏِ پرينِ ٿاهه ۾ ٿهايو خط.
ڪر مطالعه ائين، نه مُلڪ ٻُڌن،
جو هُنن پي لڪيِ لکايو خط.
آهي، منهنجو به ذڪر ڪو ان ۾!

ٻيلي، يارو مون کي ٻڌايو خط.
منهنجي زاري، ٻڌي ٿي زور ڪليو،
هن پرينءَ ٿي جڏهن پڙهايو خط.
هوت ورتو لفافو، جو هَٿَ ۾،
ان خوشيءَ کان نٿي سمايو خط.
گلرخن ٿي چيو، پمن ۾ گڏ،
اڄ ته ”بلبل“ ڏي ڪو اُڏايو خط.
*
اڄ اَه چڙهي منهنجي ، چمبر جو خدا حافظ،
پڻ دل به ڪئي رخصت، دلبر جو خدا حافظ.
ڪاڪل کي سڄڻ کولي، ڪلهه بام تي هو ويٺو،
آئي ٿي صبا چوندي، عنبر جو خدا حافظ.
زلفن ۾ ڏسي قابو، هڪ ترڪ ڏنو طعنو،
اسلام جي هيءَ حالت، ڪافر جو خدا حافظ.
هن سروِ خرامان کي اڄ سير جو ٿيو سعيو،
گلشن ۾ چيو گلڙن، هر بر جو خدا حافظ.
هو فتنئه قامت آ، هو پاڻ قيامت آ،
تون شر کان بچ اي دل، محشر جو خدا حافظ.
قسمت جي قفس هن ۾، پابند ڏسي مون کي،
گلرخ ٿي چيو، ”بلبل“ ، بي پَر جو خدا حافظ.
*

جو آھ زلف، خط و خال خوبرو ۾ حظ،
نہ آھ سنبل گلگل جي رنگ و بو ۾حظ.
ھجي مبارڪ تو کي ميان، ھي باغ -بهشت،
اسان کي آھ مليو، حسن جان جي ڪو ۾ حظ.
نہ آھ ڪيف ڪو اھڙو ٿيو جامِ ڪوثر ۾،
جو آھي، پير مغان جي مئي -سبو ۾ حظ.
چون ٿا، نينھن نياپي ڪڏھن ٿو ڪين ٿئي،
سو سچ تہ آھ ٿيو، دلبر سان دوبدو ۾ حظ.
ٿو ھاريان مان ھنجو، قامتِ صنم کي ڏسي،
اچي ٿو سرو کي جھڙو، روانِ، جُو ۾ حظ.
نہ آيو ”بلبل“ نالان کي بوستان ۾ قرار،
تہ کسڪ سور پڙھي، ٿيو چڪر رَفو ۾ حظ.
*
مون کي ڏسڻ گھرين ٿو تان ڏس تون گدازِ شمع،
مون کان سکي چڪي آھي، سپ سوز وسازِ شمع.
پنھنجي اندر ۾ پاڻ ڳري ٿي، انھيءَ سبب،
ظاھر ڪري ٿي ڪين، ڪنھين ساڻ، راز شمع.
ٿي ھم مثال منھنجي، اجان ٿي گھڻو گھري،
جو راتِ ٿي رُئي تہ رھي روز، باز شمع.
جي مون سان گڏ ھلي، ھو شمع رو جو منھن ڏسي،
پروانو ھوند پاڻ سھي، ڪين، ناز شمع.

محفل ۾ رات يار نه آيو ۽ سحر ٿي،
پاڻيءَ َشرم ۾ غرق ٿي، اُڏري ويو، قاز شمع.
”بلبل“ مثال ٿي رهي، هوءَ راتِ حوض ۾،
مجلس ۾ ان سبب تي رهي، سرفراز شمع.

*

هزار سال ٿيو، هجر ۾ گذار، دريغ،
مٿي تي آيو اَجل پر نه آيو يار، دريغ.
رهيو هي نزع جي عالم ۾ هاءِ جان، افسوس!
قدم نگارِ صنم تي نه ٿي نثار، دريغ.
ٻڌاءِ مون کي سچڻ، تنهنجي، ”ها“ وئي ڪاڏي،
ڪيئي ٿي قول ۽ اقرار، بار بار دريغ.
ڪيو جو قامتِ رعنا کي مون ڏسي سجدو،
مُلن چيو ته ڪجي، هن کي سنگسار دريغ
گهي خيال بلندي، گهي آ حال نشيب،
انهين، عروج، نزولن ۾ ويس ٿي زار دريغ،
چمن ۾ ڪاله، گلن کي هُئي، هي چور پچور،
ٿئي نه ”بلبل“ جي باغ ۾، مزار، دريغ.

*

فسادِ فسق ۾ گذري، هي عمر ساري حيف،
وئي نه نفس شقيءَ کان، شرر شراري حيف.
اخير وقت ٿيو، پر مليو نه يار عجيب،

اکين به روز گذاري، هي انتظاري حيف.
شريڪ غم ٿي رهيس، جن سندو سدا غمخوار،
انهن مان ڪنهن نه ڪئي آه! پوئواري حيف.
رهان ٿو سيم بدن جي خيال ۾ سيماب،
فراقِ يار ۾ دل کي هجي، فراراي حيف.
فلڪ تي آه! جو ڪروّ بيان رهيا خاموش،
اثر پذير نه ٿي، منهنجي آه وزاري حيف.
خزان ۾ هاڻ اچن ٿا، جو خار خار نظر،
هزار حيف جو ”بلبل“ وئي بهاري حيف!
*
عشق جي َآهنجن، آڙاون جو رکن تا جي وقوف،
سوز ۽ ساڙي سهڻ جو خوب ڄاڻن سي وقوف.
زلف جو اٽڪاءُ، شاني سان لڳي ٿو دوستو،
دل سندي اٽڪاءُ جو بي يار ڪو آهي وقوف.
مون گهڻو دل کي لڪايو، دست بُرد درد کان،
پر ڪٽي چوري وڃن ٿا، آه هي جن کي وقوف.
جان جي نقدي ڏيڻ سان جان جو ملندو سراغ،
حال تان دلڙي رکن ٿا، رهن وانگر، ري وقوف،
سيم و زر جي حبّ وارا، ڪشتگان سيم تن،
موت کولي ٿو ڇڏي، انجام جو تن تي وقوف.
شعر سازيءَ ۾ سياڻو ٿا سڏن، تو کي اگر،

ٻول بازيءَ ۾ چون ٿا، آھ ”بلبل“ بي وقوف.

*

زلف مسلسل ھڪ طرف، ريحان ۽ سنبل ٻي طرف،
ڪنڊڙا ڪاڪل ھڪ طرف، ابرو سندو غل ٻي طرف.
اي صنم، انداز تنھنجي جو شھر ۾ شور ھو،
غمزن جو غلغل ھڪ طرف ۽ حسن جو ھُل ٻي طرف.
تنھنجي رندن سڪر ۾ سارھ ڪئي ورد زبان،
مينا جي قلقل ھڪ طرف، ساغر سندو مل ٻي طرف.
تنھنجي ميخاني تي ساقي، اَھ عالَم جي نگاھ،
مستن جي ھلچل ھڪ طرف، عالم جھان ڪُل ٻي طرف.
ھن شوخ کي جو شعر جو ٿيو شوق، تا ڪيندي ڏنو،
ديوان ”گل“ جو ھڪ طرف، ديوان ”بلبل“ ٻي طرف.

*

جي ڪيان ھڪ ذرو بيان فراق،
ته جَلي سپ وڃي، جھان فراق.
شل پوي ڪو فراق ۾ به فراق،
وصل ۾ ھو نه ھي گمان فراق.
ڏسُ تصوّر ۾ تير مژگان کي،
ھي رکيم دل اندر، نشان فراق.

وار سِر جا مٿي تي بار ٿيا،
هيئن ڪيو آهه ناتوانِ فراق.
زلف ڪلهه ڳالهه ٿي ڪئي ڪن ۾،
وار سان ٿو وڍيان، زبان فراق.
ڪم ته پنهنجو، صبا مان ٿو نڪري،
تو ڪيو ڇا حيا، زبان فراق.
سوز وارن جي آ وڏي ساهي،
نيٺ آخر ڪندو - ندان فراق.
سڀ هلي تان ٻُڌو، طيور چمن،
اڄ ته ”بلبل“ جو داستان فراق.

*

اي صبا جا پيڪ، مون سان ڪر پلائي پال هڪ،
نئين ٻڌائج نياز سان اڄ هوت کي احوال هڪ.
چئينس: مان جهڙوڪ تهڙو، ته به ته تنهنجو آهيان،
گرچه مان بدڪار آهيان ، نيڪ ڪو اعمال هڪ.
تون نه مون کان منهن مٽائج، ڪنهن طرح منهنجا پرين،

چئو ته سائين ڪو ڪيو ٿي، تنهنجي سائل سوال
هڪ.
ريءَ عذر ۽ ريءَ پُڇا، هي نقد جان حاضر
ڪريان،
جنس تنهنجي حُسن مان، جاني ملي جي خال
هڪ.
ٻيا ته لاڳاپا اڳيئي، مون سڀئي لاهي ڇ
ڏيا،
بلڪ هاڻي ٿيو جدائيءَ ۾ جيئڻ جنجال ه
ڪ.
رشتئه اخلاص مر هر ڪو وجي ٿي منقطع،
مالوارن جو نه ٿئي شل، مفت ضايع مال هڪ.
باغبان کان ٿي پڇيو ”بلبل“ ته ڪڏ ايندو بهار،
تنهن چيو، گهرجي اجان گل جي کِلڻ ۾ سال هڪ.
*
زلف نا اهڙا پرين پيچيده رک،
دل نه منهنجي غم اندر غلطيده رک.
جي نٿي قالين تي پڪڙي قرار،
تان کٹين بالين تي باليده رک.
چو گرفتارن کي گريان ٿو رکين،
خوبرو اهڙي نه خو، خنديده رک.

خوردساليءَ ۾ ڪرين چو ٿو خلل،
هي پچر ڪهن پير کان پر سيده رک.
ماسوا محبوب جي ٻيو ڪيم ڏس،
دوست ٻاجهون ديده کي ناديده رک.
اي ادا، گلچين، دامن کي سنڀال،
هن چمن اجمال مان گُل چيده رک.
قامت سنجيده جو ”بلبل“ مثال،
ٿي سگهي تا، سڀ سُخن سنجيده رک.
*
جو گل بدن تي لپاس سفيد، پهري شنگ،
ڪري ٿو، جلوهء فانوس ۾ سو آتش رنگ.
ٿئي ٿو چاڪ پريشان مثال ماهِ منير،
رهي ٿو عقد ثريا کي هار، گل کان ننگ.
شب، بدر جو بدر ٿو ٿئي بدر گهر کان،
ٿين هزار ٿا انجم نثار شمع پتنگ.
هي سنگدل جي ستم کان ٿي حجر اسود دل،
اتي نه شڪوه جو شعلو اندر، شراره سنگ.
مثال لعل لبن کان، زبان لعل رهي،
انهيءَ جي تنگ دهن لئي، رديف قافيو تنگ
جهان جي باغ ۾ ”بلبل“ کي آهي خوي مجاز،
رهي نه گل تي سندس دل کي ڪا به دير درنگ.

*

مردن موالين نٿي معجون آھ پنگ،
عشرت ۽ عيش ڪارڻ، افزون آھ پنگ.
شجر، حيا ۽ شاخ نظاري، نياز جي،
منجھ سبزه زار، نرگس، گلگون آھ پنگ
ڪوندو تنھين جو دائرو ھفت، زمين آ،
ڏندو تنھين جو گردش، گردون آھ پنگ.
صافو تنھين جو صافي باطن، رھي مدام،
مصري پئي ته ساڳي ئي ذوالنون آھ پنگ.
پنڪي تنھين جي منزل، ملڪوت کي رسي،
خشڪي تنھين جي مقصد، مجنون آھ پنگ
تنھن جي پرولي، ڪو ته پروڙي، موالي مرد،
”بلبل“ سندو، معاني مضمون آھ پنگ.

*

نه توسان ڪو ھاڻي لڳم لاءَ لڳ،
ھتي عشق آدم کان آيو آ اڳ.
ڪڍي سينڌ زلفن ۾ آھي سڄڻ،
دلين جي وڄڻ لاءِ ٺاھيو آ دڳ.
نه مون کي وڻيو آھ تنھنجو جمال،
گواھ ان جو سارو جھان آھ جڳُ.

ڏسي دل ٿي توکي، چو دهليءَ وڃي،
متان ڪو هجين تون به دهليءَ جو ٺڳ.
ڪئي ڪاله چوري، جا تو چشم سان
سڃاتو اٿم، هاڻِ سيني ۾ سڳُ.
تڏهن توکي شابس چوان شيشه گر،
جو ٺاهين تون دل جو ڳنڍي پور پڳ.
گلستان ۾ هر گل جي خوشبوءِ اُٿي،
تون ”بلبل“ پيو اهڙيءَ تاريءَ ۾ تڳ.
*
خراج هفت ولايت چون، دهن جو اُگهه،
بهاء. زلف نه ٿهندي، زمين زمن جو اگهه.
جي تار زلف جي هڪڙي پوي ترازوءَ
ته تور ساڻ،خطا ٿئي، خطا ختن جو اگهه.
خريد بوسئه لب لاءِ، جان صد بر لب،
ڪٿي پڄي ٿو پلا، سنگ، هت يمن جو اگهه
تون گلبدن ٿو ڪرين، ڪاڻ ڪوڻ چو مون سان،
ٿئي ٿو سيم جو تولوبه سيم تن جو اگهه.
ٿي باغ ۾ ئي بها گل سندي ٿئي البت،
ٺڪي ٿو سير وڪامي، چنل گلن جو اگهه.
ڪيو تو اُه جينءَ پرواز، باغ مان ”بلبل“،
رهيو نه هاڻِ اهو آ، گل وچمن جو اگهه.

*

اٽسرند ٿي ساهيان نه اوهان سان ٿو يار سڳ،
هيٺي جو هر همه کي لڳي ناگوار سڳ.
چشمن هلايو، قافلو، اشڪن جو زلف ڏي،
جن جو لڳو آ آتش دريا جي پار سڳ
مون جو سڏايو، هن جي غلامن سندو   .
غلام،
ڪاوڙ جي ڪن چيو ته: اهو ناهه، ڪار سڳ.
دل اڄ حبيب ساڻ، ڪري وئي سپرد خويش،
سائنن چيو ته ”وجه نه اسان تي هي بار سڳ.“
خويشن جي ذڪر ساڻ، خوشي جي ڪٿي ڪريان،
ڏاريا چون ته تنهنجو اهو آهه ڏار سڳ.
دنيا ۾ ڏس ته ڪهڙي، عزيز آهه دل اندر،
”بلبل“ فقط ڳٽائي سگهيو، سَوَ هزار سڳ.

وقت نازڪ ٿي، سگهو خوب خبردار ٿي هل،
هان سڪي، ”ايم“، لکي، ”ايل“ پو هشيار ٿي هل.
جي ڪندين ڪين تون انگلش کي ادا ياد ته پوءِ،
چڏي واڏاري کي، بيهودو ۽ بيڪار ٿي هل.
اڄ پڇي ڪو نه سوا پاس، جدول ۽ پيسي،
جي اهي ٻئي نه ٿي موجود، تان مردار ٿي هل.

علم عربيءَ ۾ ڪيئي، عمر اجائي ضايع.
جي پڑهيئي پارسي پو، ڪمترو ڪوثار ٿي هل.
هن زماني ۾ ٿيو زور جنهين ڳالهہ جو اڄ،
وٺ اِها واٺ، اڳين بات کان بيزار ٿي هل.
جي تون چاهين ته معزز ٿي رهين دنيا ۾،
ڪوٽ، پتلون ڪري، بدل جي رفتار ٿي هل.
ڏي سجاٽپ کي ڇڏي، پئو نه رکج پاتين جو،
زال ڏاري جي رکين گهر، ته پلا ڏار ٿي هل،
عشق عالم جو ڪري سير جي سالڪ سالم،
شيخي شوخي کي ڇڏي ناڪس و نادار ٿي هل.
گل وصلت جو وٺين واس ته تون اي هَوسَي،
باغ ۾ حسن سندي ”بلبل“ بيمار ٿي هل،
*
غرض هو ڪنهين جو شباب اوّل اوّل،
رهيو ڪين سو ڪامياب اوّل اوّل.
ڪٽي عمر ساري، سيه ڪارين ۾،
خضاب آخر آخر، شباب اوّل اوّل.
تسلّي ڏئي، پوءِ مارين ٿو مسڪين،
هي لازم ٿيو، عالي جناب اوّل اوّل.
نه معلوم ڇا ٿئي، گزڪه رفته رفته،
ڪيومئي جو دل کي ڪباب اوّل اوّل.

رهيو عاشقن کان، رهيو عاشقن تي،
عتاب آخر آخر، حجاب اوّل اوّل.
مليو شرع کان ”شين“ ۽ ”راب“ گهر کان،
مرڪّب ٿيو هئن، ”شراب“ اوّل اوّل.
خدا کان اوهان ۽ اوهان کان گهرون دل،
سخي آ، جو ڏيندو جواب، اوّل اوّل.
رهي برهه جي باغ ۾ ٿو اي ”بلبل“،
خزان آخر آخر، گلاب اوّل اوّل.

*

دور بئنسر سان ڍڪيو گلفام، فم،
برگ گل تي مفت ٿي بدنام، نم.
اج به شايد شوخ مان شب وصل ۾،
ڪُامور ٿيندو ته پڻ ناڪام، ڪم.
ڪئن خوشي ۽ خورمّي، حاصل ٿئي،
ڏس ٿا پهچن روز پيا پيغام، غم.
زلف- عارض، خال، خط، دندان، لب،
هي مڙيئي ٿا چون اقسام، سم.
جستجو ئي يار، آهو چشم ۾،
روح ۽ دل کان ٿيو آرام، رم.
دل صفا ڪر، يادگيريءَ يارَ ۾،
چا رکين، پرواه ”بلبل“، جام -جم.

*

تو نه پاڙيو جي پرين، انجام، جام،

زلف پياريو زهر تلخ آ شام، شام.

گنج تنهنجي حسن تي، هن موءِ مار،

ڪئن ڪري پورو هي دل، ناڪام، ڪام.

مون گهڻو آندو عمل، تسخير ۾،

ڪين ٿيو سو ڪين دل آرام، رام.

مان رهيس محروم هڪڙو دوستو،

ڪله ته اغيارن تي هو انعام، عام.

حسن ۾ تون شهرهء آفاق ٿي،

بيوفائيءَ ۾ ڪيئي بدنام، نام.

باغ ۾ ”بلبل“ کي منجهه، عهد بهار،

ٿا وجهن هر روز، گل اندام، دام.

*

تون رک هميشه ”رو پيو“ ان رمز راز ۾،

”آڏيءَ“ اٿي تون سڙ پيو، ان سوز و ساز ۾.

ڪنهن دام دلربا ۾ نه ٿئي ”پا ولي“ ٿو بند،

ڦاسن ”پيا ني“ مگس انهيءَ شهي آز ۾..

”آني“ ٿي ماڪيان ٿي وهي، گنج تي بخل،

هلندي ”ٿڪي“ جي ٿور چا پرواز، باز ۾،

سک ٿون سدائين عادتون، عجزو فروتني،

پرچي ٿو ”پئي سو“ عاجزي، زاري، نياز ۾.
ڪچ تون ”ڪسيري“ جيڏو نه ڪو فڪر اي فهيم،
پرواھ بيش و ڪم نه نشيب و فراز ۾.
”پا ئي“ نه ڪا خبر هتي، ”بلبل“ جي قيد کان،
وجهندي ڪا آئي دامن، دور و دراز ۾.
*
پورو وفا ۾ يار نه اڇڪلھ اَدا ڏٺم،
جو ڪجھ ڏٺم، غرض سو غرض آشنا ڏٺم.
هڪ يار غمگسار وفا ڪيش ٿو رهي،
يڪسان ڪمال قرب ۾، در روقفا ڏٺم.
بيگانه خواھ خويش اقارب سڀن اندر،
بيٺي سندو بڻاءُ، سچو برملا ڏٺم.
مخلوق ساري، عالم مغلوب عشق جي،
پر ان کان زر جو زور و زير، جا بجا ڏٺم.
جئن ڪاغذي گلن ۾ نه بو-باس ٿي رهي،
بلڪل نه گلرخن کي تئين باوفا ڏٺم.
هن بحر عشق اوج محّبت جي موج کان
چا چا نه زور شور ۽ جورو جفا ڏٺم.
معمول هن جهان سندو مشهور آ مثال،
”بلبل“ جي دل کي صبر، نه گل کي وفا ڏٺم.
*

مرد ٿيا مڪّار، چئو ڪهڙي چيم!
ڪي رنون ٿيون خوار، چئو ڪهڙي چيم!
جاڪٽ ۽ پتلون پايو دوستو،
جي ٿيو سرڪار، چئو.......
جنهن پراڻي وضع کي بدلي ڇڏيو،
سو ٿيو ناڪار، چئو......
فخر جي حاصل ڪيو سپني مٿان،
ٿيو ولايت تيار، چئو......
جي اچا صاحب، سڏايو ”سنڌ“ ۾،
تان رهو هوشيار، چئو....
ڇُرٽ کي هر وقت چايون وات ۾،
سينڌ جو سٿڪار، چئو.....
ڪر مچون مضبوط، مر وڌنديون وچن،
ڪوڙ ڏاڙهي وار، چئو.......
پي براندي، خوب کائو پيا ڏڪا،
برسر بازار، چئو.......
جي اٿو تان، امتحان ۾ ڪجھ ڏيو،
نه ته آهيو بيڪار، چئو.......
جي گهٽو سڏجو سياڻان تان ٿيو،
دين کان بيزار، چئو.........
سير ملڪن جا ڪيو جي جاءِ تي،

تان ڏسو اخبار، چئو.......
هجر ۾ نالان رهي ٿو بيوطن،
”بلبل“ بيمار، چنو کهڙي چيم.
*
گل گل جي چهچٽي ري، لڳي، ڪيئن چمن ۾ من،
گهرجي ڏيڻ نه ڳالهه، عدو دلشڪن کي ڪن.
مڪّار ڪين ميل رکي، مڪر کان سواءِ
پنجاهه لاهي پادر تنهن پيرزن کي زن.
نازڪ بدن جي زلف جي اڄ تار تار آڻِ،
غسّال تو کي نه آ ته ڏيان مان، ڪفن جو فن.
هر جا حبيب ساڻ صفا رهه، به صدق، دل،
اي لبڙ ٿويا، ڏي تون لبن ۾ ٿبن کي ٻَن.
منقار، عندليب هٽي برگ گل تي جئن،
بستان دو جهان ۾ اي ”بلبل“ بهر طرح،
سونپج تون پنهنجو پاڻ کٽي، پنجتن کي تن.
*
جنهن نظارو ڪيو سندءَ عينين،
چو سڏائي نه حاجي الحرمين.
ڪهڙي مان بينوا، بهاءَ ڪيان،
آهي قربان زلف تان ڪونين.
قاب قوسين، يا هلالِ دو عيد،

جي ٻئي نوڪدار، هن نجدين.
آب ڪوثر جي سلسبيل چون،
آهي شايد اُها اندر شفتين.
زود زائل ٿئي، سياهي دل،
جي ته عارض سندا ڏسان، قمرين.
رهج بيغم، حساب کان ”بلبل“،
تنهنجا، حاميه حَشر، ٿيا حسنين.
*
عارض کان تنهنجي، شمع، شبستان ۾ شرمگين،
حور و پري به خلد پرستان ۾ شرمگين.
زلفن کان تنهنجي مشڪ ختا ۾ پيو خلل،
سنبل جو پيچ پيچ ٿيو ريحان ۾ شرمگين.
ابرو به ڏس، فلڪ تي ڪيو جلوهء هلال،
تلوار تيز ان کان ٿي، ايران ۾ شرمگين.
چشم ولب ودهن کان ٿيا ڦول شرمسار،
بادام، ڏاڙهون، پسته خراسان ۾ شرمگين.
قد لاءِ مون کي مصرع موزون نٿي ملي،
الفاظ الف ٿي چڪا، ديوان ۾ شرمگين.
انداز ناز ساڻ، خرامان ٿو تون ٽلين،
رفتار کان ٿي ڪبڪ به بستان ۾ شرمگين.
جو پن جي تنهنجي هاڪ هلي جان جهان ۾،

ٻڌندي ڪري پيو، يوسف ڪنعان ۾ شرمگين.
”بلبل“ صدائي سوز، ماڻ مان تنهنجي سڀ،
ٿيا مرغ هم صغير خوش الحان ۾ شرمگين.
*
”ڪر - اچي “ مون وٽ پيارا، تون وري پنهنجو وٿاڻ،
آءُ ته هيڪر، هوت من هي، در ٿئي آباد ه اڻ.
مارئيءَ کي ٿي چيو مارن چڏي پنهنجو م لير،
ٿي وسائين ”ڪوٽ، ڙي“ توکان پُلي ويڙا هي پاڻ.
ان چوايو تن کي، مان هت ”جنگ شاهي“ ۾ جهليس،
ڪئن وساريندس اديون ”سي - ون“ ڏيو جن جا اُجاڻ.
جي سڏائين ”مير“ ۽ دولت“ ۾ ”پُر“ ٿو پاڻ کي،
”سا، ڪُرو“ ٿر جو ڪيان، مٺ ڪيم ان جي سيم ساڻ.
آءُ ته پانيان تي عمر ”دادو“ سو تو کي د ين جو،

ڪين ”پاڻن ڪان ”لڪي“ ڪا هئن ٿئي منجھ طلب تاڻ.
ڪو ”سکر“ توکي نٿو سمجهائي، تون چا ٿو
ڪرين،
اهڙو ”رڪ“ رهزن نٿي موٽاءِ پنوهاري
جو پاڻ.
”لاڏڪاڻي“ پنهنجي انڌي مال تي تون ڪيم
ڪر،
بي ”بقا -پر“ آبقا
نا آشنا ، تون دل ۾ چاڻ،
شوق شاهي ۽ شڪارن ۾ نه پُر
مغزي رکج،
هي ”ڳڙهي“ ”ماڙي“، محل سپ بي بقا آهن،
سجاڻ.
اج صبا جي پيڪ سان سڪ سوز، دل ”۾
هڙ“ بڌي،
گل جي خدمت ۾ تون ”بلبل“
هن امانت کي اماڻ.
*

ڪيئن سکئين تون يار هي دلڙي کسڻ،
زلف ۾ قابو ڪڙي، آجا بڌڻ.

آه آهن، خاطر عشاق لاءِ،
سنگدل پڻ سنگ مقناطيس چڻ.
ڪين مائل ٿئي، ڪڏهن ٿي موم تي،
ڪنهن پهڻ سان تنهن پريءَ جي دل پهڻ.
اک ۽ دل، استاد ابرو برق لئي،
هن سبق ورتو وسڻ ۽ هُن تپڻ،
عيش دنيا جا به ڏس، سپ مون ڪيا،
هاڻ ڪم آهي، ٿيو اخبارون لکڻ.
جنهن چمن مان آشيانو تو ڇڏيو،
سو وسي، "بلبل" نه بستان جو اگڻ.
*
بهار آئي ڦليا گل ڦل، آها، هاها، اُهو، هُو هُو!
ڪليا هر جا سمن سنبل، آها ها ها.......
ڏسو نرگس عجب نسرين، رياحين برگ ياسمين،
سونهن تا سرو تي صلصل، اها، ها ها....
ٿيا مرغ چمن نالان، رهيا گل ڦل سپئي حيران،
اٿيو غوغا، اهو غلغل، اها ها ها ها ......
ڪِري اج صد زبان سوسن، سوين سورج ٿيا روشن،
هليو هيڪار جو هُل هُل، اها، ها ها........
رباب و چنگ، مطرب، مئي، صنم، ساقي ۽ سپ شيء،
صراحيءَ جي صدا قلقل، اها، ها ها.........

ڪري ٿو نغمه پردازي، سڄي سڪ جي سخن سازي،
برهه جي باغ ۾ ”بلبل“ اها، ها ها، اهو، هو، هو.
*
سچ چئو پرين اوها کي، هي پنڌ ڏور ڇا هو،
مون کان ڪڏهن پڇڻ جو پيو دل ۾ پور ڇا هو.
بيوجهه تو ڪئي آ، هن ريت بيوفائي،
دل ۾ ته ٿي تون قاضي، منهنجو قصور ڇا هو.
ڇو ٿو تڙين تڏي کان، پنهنجي پرين پيارا،
در تي پيو رهي ها، هڪڙو مزور ڇا هو.
حق ڳالهه جي ڪجي ٿي، سوي ادب رهي ٿو،
هو حسن تنهنجو ڪافي، مه جو ضرور ڇا هو.
هٿ جي رڳي رکڻ کان تنهنجي ڪمر ڏکي ٿي،
هئي !! هئي ملوڪ سائين، سل هي ته سور ڇا هو.
مون کي سجاڻي، ڇاڻي، واڻي، پڇين ٿو نالو،
هوءَ پُر غماز مستي، پر هي غرور ڇا هو.
”بلبل“ هي طرز تازي، جا تو سخن ۾ آندي،
سا سڀ سٽي سڄڻ ٿي، وه وه سرور ڇا هو.
*
عالم سڄي ۾ اڄ ٿو ڏسان عيش عيد جو،
عشاق کي آ عزم ٿيو، دلبر ديد جو.
بي ديد، تنهنجي عيد، نه ساعت سعيد ڄاڻ،

رک اشتياق روح ۾ روز وعيد جو.
بازر برھ ۾ سور جو سودو سو ڪيئن وٺن،
ٿيو خام خيال جن ڪي خوشي ۽ خريد جو.
پوشاڪ کھڙي پھرن، وھنجن سي ڪيئن وڍيل،
تڪفين، غسل ناھ ڪو ناز شهيد جو.
آھي ائين رقيب جي عاشق سان رد-بدل،
آلِ عبا سان ھو جيئن جھيڙو يزيد جو.
گل گل گريبان چاڪ ٿو ”بلبل“ ڪري تڏھن،
دفتر جڏھن ڏسي ٿو سندءِ دل دريد جو.
*
ڏس چرخ رنگ چرخ تي خنجر ھلال جو،
شاہ شهيد لاءِ، شفق خون خصال جو.
ھي قطره قطره مطر جا موڳا نه مينھن چاڻ،
ماتم ڪري ٿو، ابر روئي، ھن مقال جو.
سمجھين سدا رھي چو، سيه پوش ھي سپھر،
واقف ھو ڪربلا جي وقوعن ڪمال جو.
سينو فلڪ جو باغ ستارن سان سربسر،
مه، مھر، ڪم ۽ ڪاست ۾، ھر ماہ، سال جو.
حسنين جي فراق کان ھر شب زمين تي،
شبنم بچشم، لڙڪ لڙي ٿو لال جو.
ھر سبزه نبات تاسف کان سبز رنگ،

هر لاله، داغ داغ، دليل آهه دال جو.
اخلاص پنجتن جو تخلص کان ڪيئن ٿئي،
ظاهر زبان ساڻ ڪين خامن خيان جو.
آلِ علي جو عشق، ائين آهه مون ۾ حل،
باطن، عيان ۾ بوءِ جئين گل -مثال جو.
باطن ۾ گر هو قرب تسلسل ڪمال جو،
ظاهر ۾ دشت ڪرب، تزلزل، زوال جو.
جئن ڪيو نه جان نثارن، تيغن کان اُت دريغ،
تئن تئن مثان نه سانگو هو، سر جو نه مال جو.
نج تون صبا، تراب قدم، بو تراب لاءِ،
جاروب ڪن جي هوند، هي ”بلبل“ جي بال جو.
*
هلچل ۾ چار-پنجان، جي وڏ نه پنج ٿيندو،
پيو گهرڙ گهائون جي وٽ، گڏ ڏوڙ گنج ٿيندو.
وسعت نه ڏيو هَوسَ کي اي نوجوان نينگر،
هن پير پشت خم کي، رهڙيو ته رنج ٿيندو.
زرگر ٿو زر کي ڄاڻي چوهر کي جوهري ٿو،
ڇا ڪاچ خر، سگن جو گندم، برنج ٿيندو.
مر هو هلن هوا تي، جنهن دم اٿيا موالي،
بوراق تن جو بابا، ساجهر ئي سنج ٿيندو.
شرفا جي شوق ڪارڻ، سارو هي ڇهڇٽو آ،

صفرا کي سو د مند پي شربت شڪنج ٿيندو.
لک وار جي لڏي پيو، رفتار ۾ ريسارو،
”بلبل“ هي ڪانءُ ڪارو هرگز نه هنج ٿيندو.

*

نيچري فن ۾ ڏيکاريان ٿو نئون فن پنهنجو،
خوب ڦرڙاٽ ۽ برڙاٽ سان فيشن پنهنجو.
چا اوهان چاٽو ٿا اي يار، مان ”سنڌي“ آهيان،
خاص لنڊن سان آ ناتو ٿيو نيشن پنهنجو.
مور ماني نه وٽي ۽ نه ڪو مذهب ۾ مزو،
حسن ليڊين جو آهي روز ۽ ريشن پنهنجو.
شال لنڊن ۾ وڃي عمر گذاريون البت،
پرمننٽ، آه، اهو ئي ته اسٽيشن پنهنجو.
ڳل ڳاڙهن جا هلي ٿيون اتي نوڪر، ايئن ئي،
بندگي آه انهن جي وير اپشن پنهنجو.

*

سڪيا سون، ڪنهن سبب ”مائي ڊير اي سر“ ته چاٽي پيو،
ڪٽي ماٺهوءَ سڏايو موج ڪان مستر ته چا ٿي پيو.
ٿئي ڪنهن جي چوڻ سان ڪين ٿو بد، نيڪ ڪو قاضي،
پلي ڪوٺين ڪاوڙ مان رڳو ڪافر، ته چا ٿي پيو.

سکن تا جئن ملا، مسلا، شريعت جا اسان
اهڙا،
پڙهياسون قاعدا، پوجي مليو پاور، ته چا
ٿي پيو.
لقب آهن، اهي چڻ دين جا، حاجي، ملا،
قاضي،
ٿياسون تئن اسين، عهدن ۾ ٿر - ميجر ته چا ٿي
پيو.
مٿائج ويس، ڪوڙج وار، پا پتلون
چا پروا!
صفائيءَ ڪاڻ جي هٿ ۾ ڪنيم ڪاڳر ته
چا ٿي پيو.
رهي پُر مغز ٿو هر دم
ڳلن جي بو - بلاغت ڪان،
ٿيو "بلبل" اگرچ بيوطن، بي زر
ته چا ٿي پيو.
*
ادا خوب دنيا کي ڪائو ڪمايو،
پئو پول، آخر سندو دل تان لاهيو.
رکو دين، مذهب سان هرگز نه رايو،
مُلن جا مسالا، ميساري مُٿايو،

پڙهو انگريزي، ڪيو اوچ اعلى،
وٺي خوب عهدا، حڪومت هلايو.
وهارڻ، اٿارڻ، ڪيو انگلش سان،
هلائي پٽن کي لنڊن ۾ پڙهايو.
وٺي فيمليون پنهنجون، فرصت سان ٻاهر
سدا سير ڪارڻ، بگين ۾ ٻڌايو.
حيا لڄ ڪان هر دم ڪيو پنهنجو پاسو،
ڦري مال بينڪن ۾ پيسا بچايو.
ٻڌي ڄڄ پنهنجون جيوريون پيا جوڙيو.
هٽي سوڻو، انصاف اصلي اُڏايو.
عدل بي ريا سان، رکو ڪين ياري،
وڪيلو، وڙو، خوب خرچو، کٽايو.
وٺي چار ڪوڙا، شتابيءَ سان شاهد،
ڏيو جلد فتوى کٽيو ڪنهن، هرايو.
ڪيو ڪوڙ، پر سچ جي ڪوشش نه ڪائي،
لکيو هڪ ته تنهن کي پڙهي ٻي ٻڌايو.
ڏيو ڪن نه ڪنهن کي، جي پونڪن ٿا ڪتا،
اوهان پنهنجي ”بلبل“، پيا پر اڙايو.
*
يار اڳيان تون روز رو، تازه به تازه، نو به نو،
من ملئي ڪو ڦٿ بجو، تازه به تازه، نو به نو،

ٿانڊي ۽ ٽوپيءَ جي ٺهل، ڪر پيو سڄڻ جي هر مهل،
نوڙي پيو ٺاهه، نڙ ۽ گو، تازه به تازه، نو به نو.
روز گذار، مان ۾، ٺُڪ ٺڙاڪ گار ۾،
وٺ پيو موچڙن مزو، تازه به تازه، نو به نو.
گهر، زمين ۽ مال ضبط، چڏ نه راڳ رنگ ربط،
شوق تون رک شراب جو، تازه به تازه، نو به نو.
جي نه رکين ٿو زور و زر، بره بزار ڪيم ڪر،
هٿ ته گهرجي روڪ ٿو، تازه به تازه، نو به نو.
روز تنهين جو هي سٿل، ڳنڍ ڳوڙ هو ڪومت منجهيل،
شال، اچي گراڪ کو، تازه به تازه، نو به نو.
جي نه اچي ڪين ”بلبلان“ ڪين ٿئي پو گلگلان،
روز چمن ۾ ڇهڇٽو، تازه به تازه، نو به نو.
*
هئي هئي! مسن اسان ڪي ته مسٽر بنايو آهي،
صد شڪر آ اڳي کان ته بهتر بنايو آهه.
دل کي ڏيکاري خوب، نئين چال جا مزا،
پتلون، ڪوٽ، بوٽ جو خوگر بنايو آهه،
خرما، بهم ثواب، سيون ۽ شراب پڻ،
بسڪوٽ، چاءِ، گهر ۾ ته چمبر بنايو آهه،
دير و حرم ۾ شيخ، برهمن پلي رهن.
يارن ته پنهنجو لنڊن، مندر بنايو آهه.

باجو وڄائي، ناچ جوڪن ٿيون نشاط ۾،
صاحب کي ڏس بغل ۾ ڇا باندر بنايو آهه
بي. اي. جي پاس واري کي، چانوڪريءَ جي ڪاڻ،
جت آيو جوڙ توڙ سان ٿيٽر بنايو آهه.
خط ۾ لکڻ عبارت بلڪل فضول ڇاڻ،
ڇا مختصر هي نسخو، ”ڊير سر“ بنايو آهه.
”بلبل“ ملي، ترقي، ٿي تنهن کي پوليس ۾،
چالان ۾ جو پر کي ڪبوتر بنايو آهه.
*
مجلس جي سونهن سوپ ۽ سينگار آهه حقو،
وحشت ۽ غمزدن جو غمخوار آهه حقو.
ٻڙ ٻڙڪيون پيو دل کي، ٻهلائي ساڻ باتين،
داناء دل جو دلبر، دلدار آهه حقو،
ان جو تماڪ حسرت، مشڪ خطا ختن آهه.
ٺاٺدو ٺنهن جو غيرت گلنار آهه حقو.
هر وقت هو وضوءَ سان،آ غرق، غسل ۾ پڻ.
پاڻيءَ سان پاڪ پنهنجو، هر يار آهه حقو.
آ غم غلط جو نسخو، معجون مونسيءَ جي،
هر درد دک جو داروي بيمار آهه حقو.
محبوب جي ملڻ جو آهي، وڏو مسبب،
دلبر جي دوستيءَ لئي، درڪار آهه حقو.

مجلس ۾ مئي پرستن جي مست ٿين مڙيئي
با هوش تن ۾ بيشڪ، بيدار آهه حقو.
جي تازگي آتن ۾، نڙ گوءِ، نبض جاري،
”بلبل“ سندو به گويا، گفتار آهه حقو.
*
عشق انسان لئي اگهاڙو آهه،
عقل جي وڻ ۾ چڻ ڪهاڙو آهه،
فوج سهڻن جي دل ڦري جهٽپٽ،
هي به هڪ دلبرن جو ڌاڙو آهه.
جا ڏي دل جو سلام ٿئي تا ڏي،
ساري لشڪر لڱن جو لاڙو آهه.
خرچ ڪثرت سان ٿئي ڪراچيءَ ۾،
موت، هر ڪنهن مڪان جو پاڙو آهه.
نائره نينهن آهه نيپئر روڊ،
واه! ان ۾ امام واڙو اهه.
جو ڏسو، هت جوان مڙس، بلي!
سڀ ڪنهين کي ٿيو سوز ساڙو آهه.
ٻي هوا سست، سرد، سامونڊي،
آب ڪوهن ٻَڏَن جو ٻاڙو آهه.
باغ، فرقت ۾، گل ري، ”بلبل“ کي،
روز و شب، روڇ، رنج، راڙو آهه.

*

ٿي زر جي زور بازي، زر آ ته عشق نه پهه،
ڪر موج، روز تازي، زر آه ته عشق نه پهه.
زر جي ٿي ڪامراني، جاني سڏي پيو جاني،
سپ ڪائي؛ ماسي ناني، زر آ ته عشق نه پهه.
زر ساڻ ڪو جهو ڪاڻو، اڳ ۾ اهو اگهاڻو،
چريو به ٿئي سياڻو، زر آ ته عشق نه پهه.
رز ساڻ عيب هاڻو سهڻن اندر سماڻو،
نر ٿو نوائي ناڻو، زر آ ته عشق نه پهه.
زر ساڻ عيب هاڻو، سهڻن اندر سماڻو،
نر ٿو نوائي ناڻو، زر آ عشق نه پهه،
زر ساڻ سيڪو گهرو، چاچو ۽ پاءُ ڇهرو،
قرباني سَس ۽ سهرو، زر آ ته عشق نه پهه.
بازر ته جهنگ بازر، جو گهر ٿئي سو محضر،
بي زر، شهر ۾ پادر، زر آ ه ته عشق نه پهه.
زر ٿي وڏائي نالو، توڙي هجي ريذالو،
صدقو ٿئي پيو سالو، زر آ ته عشق نه پهه.
”بلبل“ پُليا جي هن ۾، سيئي رُليا سخن ۾،
دنيا جي گل چمل ۾، زر آ ته عشق نه پهه.

*

جو ويڙهيا ور اج چڻ مشڪ ٿيو، تاتار، ته ته ته،

دلالن دل سندو وڏجو، اهو واپار، وه، وه، وه.
اول گهنڊي وجهي منهن ۾ ڪلي جو يار من -مهٽو،
ڏيکاري چين جو اسرار ۽ ديوار-قهه قهه قهه .
فلڪ کي فخر آهي، چنڊ نوراني مٿي، اهڙو،
اسان جي ماهرو جو منهن سچو انوار، مهه مهه مهه.
هلي جو يار خوش اطوار، منجهه بازار يا ٻاهر،
ٿئي هٻڪار، خوشبودار مان رفتار، رَه رَه رَه.
هودل آرام ۽ گلفام جئن اصنام وٽ آيو.
ڪريا پيزار ۾ هر بار ڪان ڏهڪار ڏه ڏه، ڏهه.
سندءِ غلغل مٿان "بلبل" ٿين صلصل اچي صدقي،
شڪر گفتار ڪان گلگل، چمن چوڏار، چهه چهه، چهه.
*
خراب دنيا اٿئي، خانئه خراب سندوءِ
ٿو عش نيش هٽي مال مضطراب سندوءِ.
ڪري ٿو صبح، معبر جي ڏک سندو تعبير،
ڏسي، ڏکيو جو ڪنهين رات، سک جو خواب سندوءِ.
چکي جو شربت وصل و وصال سو ٿئي هلاڪ،
اندر ۾ زهر، ته ٻاهر شهد شراب سندوءِ.
نه تنهنجو تشنئه لب، بر مراد پهتو سراب،
هي آب وتاب پراهو، سو سپ سندوءِ
برنج، رنج ۽ ٻوڙي ٿو ٻوڙ، نان، زبان،

پلا، بلا آڻيو، سوخته ڪباب سندوءِ.
سندوءِ عذاب سو عشرت آهه عذاب،
عتاب خوش نه مخاطب ٿئي خطب سندوءِ.
بهار باغ زماني ۾، غنچهء مقصود،
ڳُليو نه ”بلبل“ دل جو هي گل، گلاب سندوءِ.
*
ڪئن ياد توکي پرپٺ، پئون يار هن مثل تي،
سچ ٿا چون سياڻا، ”جي چُلهه اتي،سي دل تي“،
منهنجي اندر ۾ اپريو، ايئن هڪ سلو ته سِڪ جو،
سيلاب آب جي سان، جئن گل چمي ٿو، گل تي.
طوفان سَو طرح جا، هڪ ٿو لهي، ٻيو اپري،
ديدن سندو دو آبو، ڪٺ موج مستقل تي!
رهي شمعرو ٿو شاغل، سدا محفل طرب ۾،
”بلبل“ به مشغل آ، صد ناله مشتعل تي.
*
سهڻا ضرور توکي، سينگار جو نه آهي،
ريءَ زلف، دام دل لئي، ٻي تار جو نه آهي،
جي قتل لاءِ ڪنهن جي، تون ٿو ڪشين ڪمر کي،
ابرو اٿئي ته سانگو، تلوار جو نه آهي.
اٽڪايون اکڙيون تو، پر جي هجي ڪو مقصد،
مژگن جي مورچي کي، پيڪار جو نه آهي،

هن نازنين جي قد سان، همسر نه سرو ٿيندو،
جر ڪاٺ اٽگهڙيو ڪنهن، ڪم ڪار جو نه آهي.
مضمون، سنڌءِ ڪم جو، چڻ موشگاف پايان،
ان ڳالهه ۾ تفاوت، هڪ وار جو نه آهي.
”بلبل“ تون هاڻ بس ڪر، باريڪ بات هِنِ ڪان،
اڄ قدر، ڪوئي ڪنهن وٽ، اشعار جو نه آهي.

*

اڄ وري قسمت اُڏايو، منهنجي دانه آب کي،
عشق جي آتش جلايو، عقل جي اسباب کي،
ايتري دوري ۾ دوران جي نه ٿي آ مرد دل،
چرخ سر نو ٿيو وري، پير فلڪ چر خاب کي.
اشڪ خوني جي نظاري کان نه ٿي سيراب چشم،
موجزن ٿيو، شوقِ ديده، بحر جي گرداب کي.
”هرچه بادا باد، ما کشتي درآب انداختيم،
هي توڪّل جو آ ترهو، عشق جي ارباب کي.
باب سڀ ناياب ٿيا، مايوس آهيان آهيان اي صنم،
شال، چشمن سان چمان، نئي بارگه جي باب کي.
گردش هن گردگون کان ٿيو د گرگون حالِ دل.
رشته وارن ۾ ڏنم، جئن رستم و سهراب کي.
”مي روم در شوق، اڪنون، سربراهِ عشق يار“،
من ملان محبوب مدنيءَ، آل ۽ اصحاب کي.

قيد ڪيو صيّاد قابو. اڄ قفس ۾ ديد، دل،
بيوفائي گلرخن کان، ”بلبل“ بيتاب کي.
*
هن سبب دل آهه مائل. منهنجي گل گلزار تي،
باغ چڙ سارو سراپا آهي، صورت يارَ تي،
برگ گل تي هئن لڳي ٿي، خوشنما شبنم پرين
قطره قطره آب جا، ڪن زيب جئن رخسار تي.
جئن سونهن تا پيچ سنبل ۽ سمن ريحان جا،
جئن گرهه ٿي گول ٿئي، هن ڪاڪل خمدار تي.
ياد اڄ آئي چمن ۾، ان جي چشم نيم باز،
پئي نظر جڏهين، چمن ۾، نرگس بيمار تي،
سَرَو بي سر، برهوا آهي سدا محو ثنا،
مست آ مجنون جيان، اُن جي قد هموار تي.
روح کي ٿو خوش لڳي، تنهنجو پرين رنگين لباس،
ان سبب رايو گهڻو، منهنجو رهي، گلنار تي.
پنهنجي عاشق جي عيادت، ڪر ته ڪڏهين اي عجيب،
فاتحه، گل پي پڙهن ٿا ”بلبل“ بيمار تي.
*
رخِ تابان کان تنهنجي، حور و غلمان منفعل آهي،
منور منهن مٿي کان ماه تابان، منفعل آهي.
توهان جي ڪاڪل خمدار جي خوشبوءِ خم خم کان،

سڙي ٿو سوز ۾ سنبل ۽ ريحان منفعل آهي.
ڪرين ٿو قتل، ابروءَ جي اشاري سان، سوين عاشق،
تڪائيءَ ۾ ته تنهنجي، تيغ بران منفعل آهي.
سياهي چشم، تنهنجي سرمه گين، جي سونهن ڪان ساجن،
سدائين سُڃ ۾ آهو، بيابان منفعل آهي.
سڄڻ جي لال لب ۽ سلڪ دندان جي صفائيءَ ڪان،
گُهر، ياقوت، هيرو، لعل مرجان، منفعل آهي.
توهان جي چڱيلائيءَ، چال جي چاليءَ ڪان اي چنچل،
ڪهُستان ۾ مگر، ڪبڪ خرامان، منفعل آهي.
پيو غلغل سخندانن ۾، تنهنجي سوز ڪان ”بلبل“،
طرح گفتار ڪان، طوطِي زباندان، منفعل آهي.
*
عشق جي، عشق جي آزار جي، اهڙي تهڙي!
درد جي، دل جي ۽ دلدار جي، اهڙي تهڙي!
مفت ماڻهن ڪي ٻيچارين ٿو، پلاڙي مُلڙو،
ها! سنڌءِ جبّه و دستار جي اهڙي تهڙي!
هاءِ! ڪجھ چال سڌاري نه اوهان اي ”سنڌي“،
ڪاڏي، پيتي ۽ وڏي وارَ جي اهڙي تهڙي!
جوّ جوڳين جان رکو، وارَ ۽ ڏاڙهي ڏاڪڻ،
پٽڪي، پهراڻ ۽ سلوار جي اهڙي تهڙي!
پائي پاڪر جو ملو ٿا، ڪِ وڙهو ٿا مَلهون،

خوش -تازي جي، خبر چار جي اهڙي تهڙي!
آهي، انگلش ۾ سندن اهل سان رغبت، الفت،
مِٺَ مائٺ جي ۽ گهر ٻار جي اهڙي تهڙي!،
هي پڙهي شعر، ملامت ۾ چون ٿا ماڻهو،
شعر جي، ”بلبل“ بيمار جي اهڙي تهڙي!
*

متفرقات

۽

تاريخي قطعا

مخمس برغزل، خواجه حافظ رحمته الله عليه
جنون جي جوش ۾، صحرا گهميا اٿم سارا،
نه مست مون جيان، اهو ڦرن ٿا ويچارا،
نه ڪوه اهڙا ڪي ڪاٽيا ٿي ڪو هڪن ڪارا،
”صبا به لطف بگو آن غزال رعنا را،
که سر به ڪوه بيابان، تو داده اي مارا“.
ڪڏهن نه شائق پنهنجو ڪيو ته شاد اي گل،

پڳي نه منهنجي آ من جي اها مراد اي گل،
بهار موسم ۾ تو ڪيو نه ياد اي گل،
”غرورِ حسن، اجازت مگر نه داد اي گل،
که پرسشي نه کني، عندليب شيدا را“.
ڪڏهن نه دلبر جاني، سنڀال ڪئي ڪائي،
نه منهنجو آهه سفر ۾ ڪو مست سودائي،
ڪري جا هاڻ ڪا محبوب مجلس آرائي
”چو باحبيب نشيني و باده پيمائي،
بياد آرِ ، حريفان، باده پيما را“.
تون روز حسن تي، دلڙيون وٺين ٿو زوراوَر،
ستم ۽ جورو جفا، جي پرين ڇڏين نه پَچَر،
تون سک ڪا عادت، مهر و وفا سندي دلبر،
”به حسن خلق توان کرد، صيد اهل نظر،
بدام دانه نگيرند، مرغِ دانا را“
اوهان جي حسن ۾ آهي، جو زور زينت، زيب،
نه آهي حور و پري، شمس و ماهه ۾ لاريب،
ذرو نظر ن اچي، تنهن ۾ قبح، ظاهر و غيب،
”جز آن قدر نه توان يافت در جمال توعيب،
که خال مهر و وفائيست، روئي زيبا را“.
دهن توهان جو ته آهي، شڪر سخن جي سرا،
لبن تي شهد جا آهن، مگر ڪريا قطرا،

جو بوسي ساڻ پون ٿا، شهد، شڪر جا ذرا،
”شڪر فروش که عمر ش دراز باد چرا،
تفقدّي نه کند، طوطي شڪر خارا“.
الاهي ربط محبّت، درين خدائي نيست،
نصيب عاشق شيدا، به جز جدائي نيست،
که ڪاروبار بتان، غير، بيوفائي نيست،
”ندانم از چه سبب، رنگ آشنائي نيست،
سهي قدان سيه چشمانِ ماه سيما را“.
سِڪج تون ”بلبل“، نڪتا نهفتئه حافظ،
بهار معنيٰ جو آ، گل، شگفتئه حافظ،
سخن جي سلڪ ۾ ڏس دُر، تون سفتئه حافظ،
”بر آسمان چه عجب گرز گفتئه ”حافظ“،
سماع زهره به رقص آورد، مسيحا را“.

مخمس بر غزل حافظ خواجه رحمته الله عليه
نه حلقي زلف جي مون کي وڏو آ زور ڪمند،
نه دام خط جي ڪيو بند، دانه خال گزند،
نه چشم تنهنجي تي، آئون چريو ٿيس هر چند،
غلام نرگس مستِ تو تاجدار انند،
خراب باده لعلِ تو هوشيار انند.
چپايو مون نه گهٽو، پنهنجي دل ۾ راز ونياز،

هي بار دردِ هجر ساڻ سور، سوز و گداز،
بهار حسن اوهان جي جي بوءِ ناز انداز،
ترا صبا و مرا آب ديده شد غمّاز،
و گر نه، عاشق و معشوق راز دار انند.
اوهان جي ڪاڪل ڪمتر ڪيو، سمن نسرين،
حيا کان، سنبل و ريحان رکيو آسر به زمين،
جي ڳالهه منهنجي تي، توکي نه آهه يار يقين،
گذارڪن چو صبا بر بنفشه زار به بين،
که از تطاول زلفت چه سوگوار انند.
نه سور قد تي هتي، قمري آهه پا به قفس،
نه برگ ِ لب تي لکين بلبلون رهن بيوس،
ڪروڙ مرغ چم کي، انهيءَ هوا جي هِوس،
نه من بران گلِ عارض غزل سرايم و بس،
که عندليب تو از هر طرف، هزار انند.
توهان جي هجر ۾ منهنجو رليو هي روح و بدن،
نه عيش و عشرت گلشن وٽي نه سي چمن،
ضعيف، مسڪين، بي پر، بيواهه ۽ بيوطن،
تو دستگير به شو خضر پي خجسته که من،
پياده مي روم و همرهان، سوار انند.
وڏو جو دام، محبت جو دل کي تو صيّاد،
رهي اوهان جو هي زندان خانه شل آباد،

اسيرِ عشق جو ”بلبل“ نه گل ڪري آزاد،
خلاص ”حافظ ازان زلف تابدار مباد،
که بستگان کمندِ تو رستگار انند.
مخمس بر غزل خسرو رحمته الله عليه
آٽيان سچڻ جي شعر ۾ تنهنجي سراپا سرسري،
سارهه سندي سوداءَ ۾، هيءَ عمر مون ويندي ڳري،
ته به ان منجهان، هڪڙي ذري، پوري نه ٿي مون کان
وري،
”اي چهرهء زيباءِ تو، رشڪِ بتان آذري،
هر جند و صفت مي کنم، ليکن ازان بالاتري“،
مون ساري عالم ۾ ڏٺا، سهڻا چٽائي سربسر،
سڀ نازنين، ناز آفرين، نازڪ بدن، نازڪ نظر،
نقاش قدرت جا ڏٺم، نقشا مڙئي نادر مگر،
”هر گز نيامد در نظر، نقشي ز رويت خوبتر
شمسي نه دانم يا قمر، حوري نه دانم، يا پري“.
جاني هلين ٿو لوڏ مان، لٽڪي چلين ٿو لاڏ سان،
سايه مثل آن ٿو ٺيان، بي ساهه، بيتاب وتوان،
بيهي ته ٻڌ، منهنجو بيان، سائل ٿو مان سڪندو و تان،
”اي راحت و آرامِ جان، يا قدّ چون سرو روان،
از من مرو دامن ڪشان، کي آرام جانِ مَن بَري“،
درياءُ وحدت جو وهي،دل ۾ اهو نالو ندي،

ڇيو ذات واحد پاڪ مان، نروار نورِ احمدي،
جو ذات ان ۾ گم ٿئي، سالڪ ٿئي سو سرمدي،
”من تن شدم، توجان شدي، من تو شدم، تو من شدي،
تا کس نه گويد بعد زين، من ديگرم، تو ديگري“،
جي تون مصوّر مور تون، لکيا ڪيين ٿو مه جبين،
تنهنجو مجان ”ماني“ تڏهن، هٿ ۾ قلم حسن آفرين،
جي تون ڪيين، اهڙي ڪڏهن، تصوير نازڪ نازنين،
”صورتگري نقاش چين رو صورتِ آئينه بين،
يا صورتي کش اين چنين، يا ترک کن صور تگري“،
”بلبل“ جهان جي باغ ۾، سڀ گل رهن ٿا بيوفا،
ان حسن جي گلزار ۾، اٿڪن هزار ين خار ٿا،
تڙجي چمن مان ٿو چوي، هر مرغِ دل، اي گل لقا،
”خسرو“ غريب است وگدا، افتاده در شهرِ شما،
باشد که از بَهر خدا، سوئي غريبان بنگري“.

******

تاريخي قطعا

(1)

ماده تاريخ طبع، از ترشيح، كلک فيض، سلک سالکِ
مسالک حقيقت، مناهج معرفت، جناب رشادت مه آب.
مخدوم ميان محمد ابراهيم صاحب مدظله صديقي،
نقشبندي،
متخلص به ”خليل“ ، ساكن ننگر تته.

شكرِ حق، ديوان ”بلبل“ يافت اتمامِ عجيب،
يک همين گويد غريب است آن دگر گويد عجيب.
از سر جان، طوطِي طبعِ سنِ اتمام او،
گفت: در باغم چه زيبا، نغمه هاي عندليب.

(2)

تاريخ طبع كتان از طبع ”بلبل“ شيراز، سخنداني شهباز،
بلند پرواز اوج، واقف رموزِ خفي و جلي، جناب مير زا
احمد علي صاحب، ”احمد“، سالث انسپيكٹر جهرک

چو شد ديوانِ ”بلبل“ طبع با الخير،
ز شادي شد چمن، پر شور و غلغل
ز هر جانب، مباركباد گفتند،
تذرو، طوطي وقمري و بلبل.
ز هاتف، سال طبعش، جست ”احمد“،
كي به فرّخ رسيد اين دستئه گل.

شکسته بائي بوم گفت ’’هاتف‘‘،
گلستان تازه کرده طبعِ ’’بلبل‘‘.

(3)

تاريخ از قلم اعجاز رقم، امير جاگير شعر عالمگير، سلطان دلپذير، نکته رس کنار داد- جناب سيّد حاجي غلام محمد شاه ’’گدا‘‘ حسيني ’’گدا‘‘ ساکن حيدرآباد.

در گلستانِ جهان گل باشميمِ دلپذير،
با لباس احمر، جلوس آورد به اخضر سرير.
ابرنيسان، آبپاشي کرد در صحنِ چمن،
هر طرف باد صبا شد، در دهن جاروبگير.
آمد فصل بهار ست اينکه مي بينم جلوس،
از گياه سبز گويا فرش شد اخضر حرير.
آب چون سيماب از کاريز در طرف چمن،
پاءِ بوس هر شجر گرديد، باشوقِ کثير.
نغمه سنجانِ چمن هر يک ترنّم تازه کرد،
ليک ’’بلبل‘‘ برد سبقت از همه اندر صفير،
حذا ’’ديوان بلبل‘‘ هم کريما نيچرل،
دائما در دهر بادا، همچو شمس الدّين منير.
سال طبعش راچو جستم گفت: هاتف اي ’’گدا‘‘،
باسرِ الفت بگو، ’’ديوان بلبل‘‘ بي نظير.

(4)

از: ”گدا“

زهي شمس الدين، بلبلي، خوش ترنم،
ز فكرش شد اين نسخئه پر لطائف.
”گدا“، با سرِ هوش تاريخ طبعش،
شنيدم زهاتف، ”لطائف ظرائف“.

(5)

تاريخ از طبع رنگين گلچين، گلستانِ مضامين، باغبان بوستان نوامين، حضرت پير صاحب پير ثان، رفيع الدين صاحب سرهندي، مجدّدي، نقشبندي دام بركاته، ساكن شكارپور (سنده)

سحر به باغ صوشي، مطربِ خجسته شعار،
غنا نمود بر ِ دنگ وني، دف و سه بار،
چمن چمن شد، ابيات گل، شگفته وسبز،
صداي لحن بر آمد ز عندليب هزار،
هزار فاخته، طوطي و تذرو آن جا،
چه سرو ِ گل چه شقائق شدند در گفتار.
بناي جشن نمودند، هر يكي ز سرور،
زعيش شادي ، و فرخت، هزار تازه بهار.
دران چمن شده چون، جشن روز نوروزي،
رسيد با من از عندليب اين اخبار.
كه شدز ”بلبل“ خوش گوي ، خوش نوا، خوش خوي

عجیب نسخئه زیبا، به طرز خوش اطوار.
ندیده چشم چنین نسخئه به رمزِ عجیب،
بزیر گنبدِ میناي طارمِ دَوار.
هزار فرحت شادي به دوستان برسید،
رسید در دلِ حاسد ازین هزاران خار.
یه گفت سرو به بستان، ”رفیع“ مسکین را،
که سال طبع بدان، طوطو پري رخسار.
1308 ھ
(6)
ایضاًَ
آفرین شمس الدین، ”بلبل“ را،
یا چنین طبع وفکر وفهم نجیب،
باغ رندان به گفت هاتف دوش،
سال تالیف، این کتاب عجیب.
(7)
تاریخ از کلکِ جواهر سلک، غواص گوهر اشعار آبدار
معنيٰ پرور مضمون زیباي، جناب سیّد میر میان
محمد شاه صاحب حسیني، لکنوي، ساکن عامري (سنده).
چو در اخبار دیدم اشتهاري،
به گل جویان بر آمدبس بهاري.
ز استعداد اهلِ علمِ اسلام،

بچشمِ غیر زین گلي گشت خاري،
بشرطِ شعشئه این شمس الدین واه،
شده در ”سنده“ روشن روزگاري.
به بستانِ بلاغت و هم فصاحت،
چو ”بلبل“ کس نه یابد آبیاري.
ترّنم هم تراش، قابلي دید دید،
نمود از نو نوائین خوش نگاري.
به نکته نکته چینان، نقطئه داد،
به برده گوئ سبقت در دیاري.
شگفته غنچئه دل بي غل وغش،
چنین گفتا به گلشن گلعذاري.
کریما نیچرل ”دیوان بلبل“،
بگیرد، انطباع انتشاري.
درو لطف لطائف، خوش ظرافت،
سده موجود، با نقش ونگاري.
مبارک صد مبارک باد تبریک،
بگو بر شاعرانِ خوش شعاري.
ز فرط شوق بس، این همین قدر،
نه از بیرؤیتي آریم عاري.
چو سال طبع، دیوانش بجستم،
به گوشم مصطفاي گفت باري.

شود مرغوب دلها، با سرِ گل،
زجز ديوان ”بلبل“ آشكاري.

(8)

تاريخ از نتيجئه افكار، عالي سلك بند گوهر آلي، سخنور بيعديل دلفريب، صددل، جناب آخوند ميان عبدالقادر صاحب، ”بيدل“ مدرسه خانگي، شكارپور (سنده)

بنگر كريما نيچرل، ديونا دلستان،
كسن نقد جان نثار بدست آر رائگان.
ديونا بي نظير كريما ست بي مثال،
مثلش نه ديد ديده دوران در جهان.
چون شمسي باد روشن، چون، اين مشتهر،
از شمس الدين ”بلبل“ تصنيف بي گمان.
در داد مژدهء هاتف ديشب به گوش ”بيدل“،
تاريخ طبعِ او را، نامه، غريب خوان.

(9)

ايضاً

در كراچي، به مدرسه اسلام،
گفتگو جانبين باشد ياد.
اين كريمان، به پيش ”بيدل“ هم،
بي سر انديشه، ارمغاني باد.

1308ھ

(10)

تاريخ طبعزاد فصاحت و بلاغت، شاعر شيرين مقال
نازڪ خيال، جناب مير غلام مرتضيٰ شاه صاحب
”مرتضائي“ تتوي.

عجب، ديوان ”بلبل“ داستانو،
طراوت ده، گل و گلزار ڪيائين.
ڏسڻ جهڙو رهيو، سڀ قابلن وٽ،
منجهس الفاظ عمدا، ڏس وڌائين.
اڳيان سڀ قابلن، قابل پسندن،
وڌو دادِ سخن، هن ۾ ڏنائين.
پڙهي جيڪو پڇائي، سو ٿئي خوش،
ظرافت جون منجهس رمزون رکيائين.
ٿي ڳوليو ”مر تضائيءَ“ سال تاريخ،
اچي پورو ٿيو، جنهن ۾ ڇپيائين.
ڏيکاريو ان کي هاتف، ”عقل اظهر“،
طبع جي دل وٽي، سن ٿي چيائين.
طلب جو سر وٽي، ڪيو سال پورو،
چيو هاتف! ولا، موتي ڳتيائين.
ٿيو مطبوع هر شاهه و گدا کي،
طبع کي ”مرتضائي“ خوش رکيائين.

از ميان عبدالقادر صاحب ”بيدل“ شڪارپور
ڪتاب، نازڪ، نڪتن پريل نهاري ڏس،
منجهيس ظرائفِ بلبل، ظرافتي جا عجيب.
ڳنهي اهو جو ڳڻن وارو، هوءِ، ڳڻ ڳولو،
آهي گڻن سندو، اقبال اهڙو عام نصيب.
اجا ڇپيو به نه آهي، ته سنڌ ۾ سيکنهن،
رکيو آ شوق مطالع سندو، بعيد و قريب.
نه آ ڪتاب، ولي، گلستان حڪمت آهه،
ڪري سو سير جو علم و فهم رکي ٿو اديب.
نه قدر ڪانگ ڪميني، نه بوم بدصورت،
ڪئي آ طوطي طائوس، ناز وارو نجيب،
ڏسو جو ”بيدل“ تاريخ طبع تنهنجي چئي،
ڪتاب ”بلبل“ بيشڪ آ، وه عجيب و غريب.

تمت با الخير

الحمد للهِ، هي ڪتاب 24 - جمادي الاول 1308 ھ مطابق 6 - جنوري 1891ع، خير سان پورو ٿيو.

نڪته چين، ناظرين جي خدمت ۾ التماس آهي، ته سيڪو پنهنجي راءِ ۽ رياء کي ڇڏي، انصاف جي نظر سان هجو مليح، يا نو مذهبن جي تنبيهه ۽ رمز ڪتابن تي عيب جو ئيءَ کان برڪنار ٿي، غور فرمائين ۽ ان

منجهان پند ۾ تعجّب جي معنٰي وٺن ۾ امر کي با العڪس نهي ڄاڻن، جو اهي سپ پاپوش، رومال ۾ ويڙهيل، ڪرين ماڻهن ۾ زماني جي فندن، روءِ رواج تي لڳل آهن نه ائين ته ڪي صاحب وري، هن کي سَند، يا مثال ۾ حجت تي ڪم آڻين، پر ان کي نيڪ نفرين سمجهي، اهڙين ڳالهين کان احتراز ڪري، دين جي رستي تي محڪم ٿين، پڙهندڙ هن مصنف مسڪين کي دعائي خير سان ياد ڪن.

مصنف

شمس الدين ”بلبل“ ميهڙ

نوشته بماند سيه بر سفيد

نو يسنده را نيست فردا اميد

http://www.sindhiadabiboard.org/Catalogue/Poetry/Book40/Book_page1.html

http://www.sindhiadabiboard.org/Catalogue/Poetry/Book40/Book_page6.html

ڪلام بلبل

مجموعو پيون (رحيما)

ڪلام شمس الدين بلبل

ايڊيٽر (سهيڙيندڙ) : غلام محمد گرامي

ناشر طرفان به اکر

ڇپائيندڙ : سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو

http://www.sindhiadabiboard.org/Catalogue/Poetry/Book80/Book_page1.html

مرحوم شمس الدين ”بلبل“ جي ڪلام جو پيو مجموعو ”ڪلام بلبل“ پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪجي ٿو، مجموعي تي مولانا غلام محمد ”گرامي“ کان علاوه مرحوم ضياءُ الدين” بلبل ۽ مرحوم حافظ عبدالله” بسمل“، ”بلبل“ متعلق ڪافي معلومات افزا مواد پيش ڪيو آهي.

”ڪلام بلبل“ ۾ ’بلبل‘ جي نعتيه ڪلام کان سواءِ اهو ڪلام به آندو ويو آهي، جنهن ۾ هن پنهنجي مخصوص مزاحيه ۽ طنزيه انداز ۾ زندگيءَ جو هرشعبي ۾ شوخيءَ جو مقصد فقط تفريح طبع يا اجائي ياوه گوئي ڪونهي، بلڪ قوم جي معاشي ۽ معاشرتي زندگي کي بهترين روش تي هلائڻ جي هڪ سهڻي ڪوشش آهي.

جيئن اڳي عرض ڪري چڪا آهيون ته ”بلبل“ پنهنجي فن جو امام آهي ۽ سندس پايي جو انهي مخصوص فن ۾ اجا ڪو شاعر پيدا ڪونه ٿيو آهي، افسوس آهي جو سندس ڪيترو ڪلام هٿ نه اچي سگهيو آهي، جيڪي ڪجھ ملي سگهيو آهي، اهو بهر حال ”بلبل“ جي فن ۽ فڪر کي سمجهڻ لاءِ ڪافي آهي. ” ڪلام بلبل“ اسان جي پڙهندڙن لاءِ نئون نياپو پيش ڪري ٿو ۽ اميد ته ان جو مطالعو مفيد ثابت ٿيندو.

حيدرآباد، سنڌ (ڊاڪٽر اسد الله شاھ حسيني)

23 جولاءِ 1969ع اعزاز سيڪريٽري

سنڌي ادبي بورڊ

بہ لفظ

”ديوان بلبل“ جي اصلاح ۽ ترتيب کان پوءِ ”ڪلام بلبل“ جي ترتيب جو ڪم هٿ ۾ کنيو ويو، ان سلسلي ۾ مرحوم رئيس ضياءُ الدين صاحب ايس“ بلبل“ هن ”ڪلام

بلبل“ جي تڪميل تي مسرت ۽ اطمينان جو اظهار ڪيو ۽ ”ديوان بلبل“ وانگر ديباچو لکيو، جو نهايت معلومات افزا آهي.

”ديوان بلبل“ جي پراڻي ڇاپي ۾ ”ڪريمان نيچرل“ آيل آهي، جا مون اتاهون ڌار ڪري ”ڪلام بلبل“ ۾ آندي آهي، ان طرح ”ديوان بلبل“ مان حضرت خسرو رحه جي غزل تي تضمين به هن مجموعي ۾ آندي وئي آهي، ڇالاءِ ته خسرو جو ”نعتيه غزل“ آهي، جنهن کي هٿ تضمين سميت شان رسالت جي عنوان هيٺ درج ڪيو ويو آهي، ان تصرف کي مرحوم رئيس ضياءُ الدين ايس ”بلبل“ به قبول ڪيو آهي.

ان طرح ”پليگي ڪريما“ جي بوسيده ورقن تان فقط هڪ غزل ۽ ٻه چار شعر 1905ع جي مطبوعه نسخي، جو ڪِرم خورده (اُڏيهي کاڌل) هو، ان تان اتاري سگهيا آهيون، افسوس اهو اهي جو ڪوشش جي باوجود ”پليگي ڪريما“ جو ڪو صحيح ۽ سالم نسخو نه ملي سگهيو آهي، اميد ته ملڻ تي ٻئي ڇاپي ۾ اضافو ڪيو ويندو.

ان طرح ”رحيمان“ ۽ ”ڪريما نيچرل“ مڪمل ۽ ”پليگي ڪريما“ مان انتخاب هڪ هنڌ آيل آهن.

ان ڪانپوءِ ”بلبل“ مرحوم جي اخلاقي، اصلاحي، قومي ۽ ديني ڪلام جو انتخاب پيش ڪيل آهي، جن ۾ ڪجھ

مزاحيه اشعار به اچي وڃن ٿا. جيئن حمد و مناجات، نعت سرور ڪائنات (سنڌي اردو، فارسي، عربي) خاتون جنت، (سرائڪي)

ان طرح ا صلاحي شاعريءَ ۾ جذبات عرفاني، سيرو سياحت، آفتاب عالمتاب، تجارت، جماعت بندي، احساس ملت، فنا، رات، مسلمان، منتخب ڪلام آهي.

مزاحيه ڪلام ۾، نئون زمانو، نئين تعليم، حال زار زميندارن، گشت جي مصيبت، ڪارن جي ڪار گذاري، نئون سال، پوليس جي تلبيس مزاحيه ۽ اصلاحي چيزون آهن.

قصيدن ۾ فارسي، اردو ۽ سنڌي قصيدا ڏنل آهن، جي ان وقت جي مشاهير لاءِ چيل آهن، هونءَ ته قصيدا تمام گهڻا آهن، پر ان هن مجموعي جي ضخامت جي لحاظ سان چند منتخب قصيدا ڏنا ويا آهن، آخر ۾ تاريخي مادا ۽ قطعا آهن، جي بزرگن جي وفات ۽ مسجدن جي تعميرات تي آهن.

”ڪلام بلبل“ کي پوري غور مان درست ڪرڻ جي حتي المقدور ڪوشش ڪيل آهي، اميد ته ڪلام ۾ کي به فني معائب نظر نه ايندا، جي ڪتابن جي دست درازيءَ ۾ تساهل جي پيداوار هئا.

جڏهن ته مرحوم رئيس ضياءُ الدين ايس بلبل جو ڪلام ”بلبل“ تي لکيل ديباچو به نهايت جامع نظر آيو، ۽ ان سان

ڳڌ سنڌ جي مشهور شاعر حافظ عبدالله ”بسمل“ ٺڪڙائي جي مختصر تقريظ پڻ ڏنل آهي، تنهن ڪري مون مختصر مقدمي لکڻ تي اڪتفا ڪئي آهي، اميد آهي ته اهل ذوق حضرات ”ڪلام بلبل“ کي قبوليت جو شرف بخشيدا، ان طرح جن بزرگن وٽ مطبوع يا غير مطبوع ڪلام هجي، سي مهرباني ڪري اسان ڏانهن موڪليندا، جيئن ”ڪلام بلبل“ جي ٻئي حصي ۾ آڻي سگهجي.

والسلام

غلام محمد ”گرامي

حيدرآباد

ديباچو

از قلم؛ رئيس ضياءُ الدين ”ضيا“ بن مرحوم رئيس شمس الدين ”بلبل“

”ديوان بلبل“ جي مقدمي ۾ بلبل جي سيرت ۽ سوانح سان گڏ سندس فن تي به ڪافي بحث ڪيو اٿم، اميد ته ان جو مطالعو، ”بلبل“ جي فن کي سمجهڻ جي سلسلي ۾ ڪافي ثابت ٿيندو.

”ديوان بلبل“ کان علاوه ”بلبل“ جي باقي ڪالم جي تيار ڪرڻ جي سلسلي ۾ جيڪي به ڇپيل ۽ اڻ ڇپيل چيزون دستياب ٿي سگهيون، اهي نقل ڪرايون ويون، افسوس اهو آهي ته سنڌ مان تمام ٿورن دوستن ”بلبل“ جي مواد متعلق امداد ڪئي آهي، ان مان ڪجھ حصي مان ڪجھ چيزون مختصر طرح سان ڇپائڻ جي ڪوشش به ڪيل آهي، پر سارو ڪالم اجا يڪجا نه ٿيو آهي.

ان سلسلي ۾ جناب ”گرامي“ صاحب جي صلاح ۽ ترتيب تي آخرڪار اتفاق ڪرڻو پيو، جو پاڻ رحيما، ڪريما نيچرل، پليگي ڪريما جو انتخاب ۽ باقي اخلاقي اصلاحي ۽ قومي ڪلام، ”ڪلام بلبل“ جي عنوان تي جمع ڪيو اٿس، خيال هو ته هر هڪ حصو جدا نموني ۾ آڻجي ها پر باقي ڪلام جي ناياب هجڻ ۽ قلت محسوس ٿيڻ تي جو

ڪجھ به موجود ٿي سگهيو ان ڪي” ڪلام بلبل“ ۾ آندو ويو آهي.
مرحوم ”بلبل“ جي فن ۽ سندس ظريفانه، تنقيد ۽ تخريبي پهلوءَ لاءِ هن کان اڳ سمجهاڻي ڏئي چڪو آهيان، ته” بلبل“ جديد فيشن جي مضر اثرات جي ازالي لاءِ ان قسم جو اسلوب پيدا ڪيو، جو سنڌي ادب ۾ جديد هو، جنهن جو اعتراف سڀني محقق اديبن ڪيو.
”ڪلام بلبل“ ۾ آيل سارو ڪلام، مفرقات کان سواءِ ان تخريبي ۽ تنقيدي پهلوءَ تي آهي، ڪريما پليگي ڪريما وغيره.
ان حصي کي مطالع ڪرڻ سان ”بلبل“ جي فن ۽ ان جي افاديت جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو، جنهن سان مرحوم جو ڪلام معمور آهي، ٻئي حصي ۾ اخلاقي ۽ اصلاحي ڪلام آهي، جنهن ۾ توحيد رسالت، تصوف ۽ اخلاق کانسواءِ وقت جي قومي اڳوڻن لاءِ قصيدا ڏنل آهن، انهن قصيدن ۾ قوم ۽ اڳوڻن جي وچ ۾ باهمي تعاون ۽ محبت پيدا ڪرڻ مقصد آهي، اها قوم جا پنهنجن محسنن ۽ خادمن جا رڳا عيب جاچيندي رهندي، سا ترقي ڪري نه سگهندي، اهي قصيدا پڻ ساراهيا ويا آهن، انهن جي افاديت مطالعي کانپوءِ محسوس ٿي سگهندي.

البت ڪلام ۾ موجود جديد شاعريءَ جي مقابلي ۾ چند فني ۽ لغوي خاميون رهيل نظر اينديون، يا بحر ۽ وزن ۾ ڪٿي ڪٿي شڪستگي ۽ ناپختگي نظر ايندي، يا ٺهـ_ حرفا لفظ ختم، فهم، وهم، صبر، قبر وغيره غلط پڙهل نظر ايندا، جن کي به گهڻي پاڳي محترم گرامي صاحب درست ڪيو آهي، ان کان سواءِ ڪتابت جي لغزش به اصل عبادت کي بگيڙيو هو، جنهن کي به جناب گرامي صاحب درست ڪيو آهي، سندس اها اصلاح قدر جي لائق آهي، ٻيو ته اهي ٿوريون گهٽيون خاميون ان زماني ۾ نظرانداز ڪندا آيا آهن، جيئن موجوده شاعري پنهنجي شاعريءَ کي باڪمال چئي رهيا آهن، تيئن آئينده ايندڙ شعراءَ جي نظر ۾ سندن ڪالم ائين ئي نظر ايندو، جيئن اسان جي نظر ۾ اسان جي وڏن جو ڪلام آهي، جنهن ۾ لغت، قافيه، بحر، وزن، حرڪات، سڪنات، وغيره جون خاميون نظر اچي رهيون آهن.

ان سلسلي ۾ هڪ جدا بحث لکڻ جو ارادو آهي، ان جي روشنيءَ ۾ ”ڪلام بلبل“ جي علمي ادبي خوبين جو اندازو بخوبي لڳائي سگهندا.

قصيدن جي اهميت متعلق مون هن کان اڳ ”ديوان بلبل“ ۾ ڪافي لکيو آهي، منهنجو مطلب هي آهي ته ”بلبل“ پنهنجي زماني جي بزرگن ۽ بابرڪت هستين جي چوند

ڪري انهن جي مدح ڪئي آهي ۽ انهن جي علم، خدمت ۽ ڪمال فضيلت کان قوم کي آگاهه ڪري سندس، دل ۾ عزت ۽ محبت جو بي پناهه جذبو پيدا ڪيو آهي، ان طرح سان ڪارلائل جي ”هيرو ورشپ“ جو بنياد سنڌي ادب ۾ ”بلبل“ مرحوم ئي وڌو آهي، جو افسوس جو اڄڪلهه نه رهيو آهي اهو به عرض آهي ته ڪنهن ٻئي جي تعريف ڪرڻ وڏو فن آهي، انسان جي ڪمزوري هميشه خامين ۽ غلطين کي ڳولڻ لاءِ آماده رهندي آئي آهي ۽ نڪته چيني ڪرڻ آسان ڪم آهي، پر عيبن کي ڇڏي، هنر ۽ خوبيءَ جي ساراهه ڪرڻ لاءِ دل جي وسعت ۽ دماغ جي طراوت گهرجي، ان طرح مدح ۽ لنڊي خوشامد ۾ به فرق آهي، ”بلبل“ ڪنهن جي به اجائي خوشامد نه ڪئي آهي، نڪو مالي منفعت لاءِ قصيدا لکيا اٿس، ”بلبل“ جي فن جي افاديت جو اعتراف، هڪ طرف سندس همعصر عالمن ۽ فاضلن ڪيو آهي، ته ٻئي طرف شاعرن ۽ اديبن پڻ تسليم ڪئي آهي، ان طرح سندس سوانح نگارن پڻ مفصل طرح سان تبصرا ۽ جائزا پيش ڪيا آهن، جي مطالع جي قابل آهي.

سنڌ جي مشهور عالم ۽ بزرگ خاندان جي هڪ رڪن مخدوم ميان محمد انور صاحب پاٽائي، (مرحوم) قاضي نور الدين صديقيءَ ميمبر سنڌ سروس ڪميشن جي والد، مرحوم ”بلبل“ جي ڪلام ۽ فن تي هڪ مفصل جائزو،

آفتاب 25 اپريل 1908ع ۾ شايع ڪرايو هو، ان جو هڪ مختصر اقتباس پيش ڪجي ٿو، فرمائي ٿو:

”جيئن ناليري فيلسوف جانسن، اسڪاٽ ۽ ٻين يورپ جي مشهور شخصيتن پنهنجن ناولن ۾ فلسفي ۽ حڪمت کي جاءِ ڏيئي پنهنجي قوم ۾ جا فيشن جي دلداده ٿي چڪي هئي، هڪ وڏو انقلاب ۽ سڌارو آندو، تيئن ”بلبل“ جي ظرافتي مقالن، تضنيفن ۽ مزاحيه شعرن، جيڪو اخلاقي اثر پيدا ڪيو. سو قوم جي سڌارڻ ۾ اسان جي ٻگهين تقريرن، تحريرن ۽ مضمونن ڪڏهن نه ڪيو آهي، جيستائين مصنف عوام جي دلين جي لاڙي کي جاچي انهن جي مزاج مطابق نه کلندا تيستائين سندن تضنيفون گهربل اثر پيدا نه ڪنديون، مشهور شاعر شيڪسپيئر جي سر جو سهرو، جيڪڏهن سنڌ ۾ ڪنهن تي سونهي ٿو ته اهو اسان جي فخر قوم،” بلبل“ جي سر تي سونهي ٿو“

”بلبل جي فن ۽ ڪلام جا شائق اڄ تائين ”بلبل“ جي تاليفات کي ساهه سان سانديو ٿا اچن، ڪيترا اهڙا اهل ذوق به موجود آهن، جن کي ”بلبل جي نظم ۽ نثر جا ڪيئي ڪتاب اصل بر زبان ياد آهن، جن مان ڪافي مشهور ڪتاب، جناب گرامي، صاحب پنهنجي نوٽن سان ايڊٽ ڪيا آهن.

مون هت ”بلبل جي فن لاءِ چند اشارا ڏنا آهن، اميد آهي ته نظر وارا پارکو، ان مان ئي اندازو لڳائي سگهندا ته ”بلبل جي فن جي اڄ به ڪيتري نه ضرورت آهي.

هن سلسلي ۾ ٻين عالمن جا مختصر رايا پيش ڪرڻ ڪافي ٿو سمجهان، جن مان مرحوم، خان بهادر محمد صديق ميمڻ، مرحوم واصف صاحب، مرحوم حاجي محمود خادم، صاحب مرحوم حافظ ”بسمل“ ٺڪڙائي، جناب پير حسام الدين راشدي صاحب، محترم مولائي، شيدائي، جناب سيد علي اڪبر شاهه صاحب، ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم، صاحب خليل مرحوم مولانا حڪيم فتح محمد صاحب، سيوهاڻي، مرحوم ”مخلص“ صاحب، مرحوم مرتضائي ٺٽوي، مرحوم حڪيم نور محمد نظاماڻي، ”نورل ۽ مرحوم جمعو خان ”غريب“ قابل ذڪر آهن.

مرحوم ”بلبل“ جي فن کي هر ڪنهن نقاد ۽ صاحب فن تسليم ڪيو آهي ۽ داد ۽ تحسين ڏيڻ کانسواءِ رهي نه سگهيو آهي. مرحوم خان بهادر محمد صديق ميمڻ لکيو آهي.

ظرافت ۽ مذاقيه ڪلام جي ڪري ”بلبل“ پنهنجي همعصر، خواهه پيشين شاعرن کان گوءِ کٽي چڪو آهي، سارو مذاقيه ڪلام ناصحانو ڪلام آهي (تاريخ سنڌي ادبي جلد 515)

مرحوم ”واصف“ صاحب رقمطراز آهي:

”سرزمين سنڌ جي هڪ مشهور اديب، شاعر ۽ اهل زبان مرحوم شمس الدين”بلبل جنهن جي اڳيان بلبل هزار داستان به گنگي ۽ طوطي خوش گفتار کي به عجز جو اقرار هجي... مرحوم ”بلبل“ کي قسام ازل کان ڪيترين خوبيون قسمت ۾ آيون هيون، جيئن شعر و شاعري، فصاحت ۽ بلاغت، نثر نويسيءَ جي نزاڪت، ان سان گڏ ظرافت جي ضيافت فن صحافت جي قابل قدر لياقت ۽ قابليت، انهن مڙني خوبين ۾ مرحوم ”بلبل“ پنهنجو مٽ پاڻ هو“

”شعر و شاعري ۾ مرحوم ”بلبل“ پنهنجي همعصر شاعرن جي نقش قدم تي هليو آهي، جيئن ته دور جديد جي شاعرن وٽ جيڪا عروض وغيره جي پختگي ۽ پابندي آهي، اها مرحوم ”بلبل“ ۽ ان جي همعصر شاعرن ۾ ذرا گهٽ آهي، جنهن جا مثال ڳولبا ته گهڻي تعداد ۾ لڀي پوندا.

”در حقيقت هن ۾ مرحوم ”بلبل“ جو ڪوبه قصور ڪونهي، ڇو ته سندس دور ۾ شاعرن جو اهو دستور ۽ طريقو منظور هو، تنهن هوندي به سندس ڪلام جي رواني، موج، دريا جي نشاني آهي، چوندي چوندي بحر پلٽيو وجهي!

نظم جي عزم کي ڇڏي، سندس نثر نويسيءَ کي وٺبو ته اتي به حيرت تي حيرت آهي، نثر جي نفاست توڙي ان جي

نزاڪت لا جواب آهي، جنهن جي حد نڪو حساب آهي. وري ظرافت جي چاشني چکجي، ته اهڙي لذت ٿي ونجي جو گويا شيخ ڪباب کي بلا حجاب هضم ڪيو ويو....! ظرافت جي لياقت، ”بلبل“ جي فطرت ۾ بلڪل ڪثرت سان ٿي ڏسجي، فقري فقري ۾ اهڙو رنگ رچايو اٿس ۽ جملي جملي ۾ انهيءَ ڍنگ جو مچ مچايو اٿس. خليل صاحب جو هي قول بلڪل صحيح آهي ته ”بلبل“ کان پوءِ اهڙي ظرافت ڪنهن کي نصيب نه ٿي....“ باقي رهيون فن صحافت ان جي حڪايت به ڪهڙي ڪجي! پنهنجي وقت جي اخبار نويسن ۾ ”بلبل“ پنهنجي نوع جو پاڻ مالڪ هو، حضرت خليل جيڪي مثال ڏنا آهن، انهن ۾ هن بيمثال اخبار نويس جو شان بلڪل بلند ۽ بالا آهي، رب تعالى ان کي اها وڏي ڏات ڏني هئي، جنهن جي ڪهڙي بات ڪجي...“

(بلبل جي سنڌ ص... مولف ڊاڪٽر خليل ص؛ ه، و، ز)

مرحوم ”بلبل لاءِ مخلص“ مرحوم فرمائي ٿو:

”بلبل مرحوم سنڌ جي مسلمانن ۾ پهريون اخبار نويس هو ۽ پهريون شخص هو، جنهن ظرافت جي ميدان ۾ شاعري ڪئي ۽ اهو ئي هڪ هو، جنهن پهريان پهريان صحيح معنى ۾ ايڊيٽري ڪري ڏيکاري ۽ موجوده سليس پر اثر ۽ رنگين مضمون نويسيءَ جو سڪو ڄمايو“

(ڪشڪول رسالو، از مخلص مرحوم)

سنڌ جي مشهور عالم دين، محقق ۽ مورخ، مولانا دين محمد صاحب وفائي مرحوم لکيو آهي؛ ”بلبل“ جي لکڻي ظرافت آميز ۽ پر مذاق هوندي هئي. جنهن ڪري هر هڪ ماڻهو، سندس مضمونن کي ڏاڍي شوق ۽ لطف سان پڙهندو هو.هن سنڌي زبان ۾ تمام چڱو سڌارو ڪيو ۽ نئين رنگ ۾ سنڌي لٽريچر ۾ اضافو ڪيائين، نظم توڙي نثر ۾ گهڻائي ڪتاب لکيائين، ديني تعليم لاءِ به ڪتابن جو سلسلو لکيو اٿس، سندس مطالعو تمام وسيع هو.

1908ع آل انڊيا ايجوڪيشنل ڪانفرنس ۾ فارسي زبان ۽ تعليم تي جا بلبل تقرير ڪرڻ فرمائي، سا فصاحت ۽ بلاغت جو بهترين نمونو هئي، جنهن جو هندستان جي وڏن وڏن اڪابرن، نواب وقار الملڪ پاران داد ڏنو.

(الوحيد،”سنڌ آزاد“ نمبر ص ص 146_165)

سنڌ جي مشهور اهل قلم ۽ عالم دين، حڪيم مولانا فتح محمد سيوهاڻي مرحوم”بلبل جي فن جي تحسين هنن لفظن ۾ ڪئي آهي:

”اهو محترم شخص، سنڌ جو مشهور شاعر ۽ اهل قلم، رئيس شمس الدين ”بلبل“ هو جنهن جي شعر جو شهرو سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهتل هو، سندس قلم جو زور ضرب المثل هو، مرحوم ”بلبل“ ”پرگو ۽ بديد گو“ ظريف ۽

صاحب ذوق سليم شاعر هو، سندس قلم جون للڪارون، ”آفتاب“، جي صفحن تي ڏسڻ جهڙيون هونديون هيون، ظرافت نگاريءَ جو ته استاد هو، سندس ڪلام دلچسپ ۽ دلڪش هو“
(خود نوشت حيات، از حڪيم مرحو هڪ قطعي ۾ هن طرح ٿا فرمائين؛

شمس الدين ”بلبل جو هي شيرين مقال،
سنده مين، شاعر هي، عالي مرتبه،
پرچهءِ الحق هوا هي، اور بهي،
حضرت”بلبل ڪي اب زير”صغير“
روشن ”الحق“ آفتاب، دين سي وه!

مرحوم حاجي محمود خادم لاڙڪاڻوي لکي ٿو؛
”منهنجي خيال موجب هڪ اعلى مفڪر کي پرکڻ جون ٽي نشانيون آهن:

- هڪ ته هن ڪا جدت آفريني ڪئي هجي،
- ٻيو ته هن سوسائٽي ۾ نئون روح ڦوڪيو هجي ۽ نوان جذبا پيدا ڪري نيڪ اثر وڌو هجي، حقيقت جي ترجماني ڪري ٻين جي شڪن ۽ شبهن کي دور ڪيو هجي،

- ٿيون ته هن ۾ پيشنگوئي جو مادو هجي ۽ قوم خواهه وقت جو پورو نبض شناس ثابت ٿيو هجي.

هنن سڀني پرکائن تي ”بلبل“ بلڪل پورو اتري ٿو (پورو بيهي ٿو يا لهي ٿو)،

- هو پهريون آهي، جنهن ظرافتي نظم لکيو...
- هو پهريو آهي جنهن ظرافت جي رستي انگريزي تهذيب جي عيبن کان مسلمانن کي آگاهه ڪيو،
- هو پهريون آهي، جنهن ظرافت جي رستي حڪومت جي راشي آفيسرن، علماءَ ڪرام ۽ پيران عظام جي مخرب قوم ۽ اخلاق جي رياڪارانه ڪارروائين تي تنقيد ڪئي.
- هو پهريون آهي، جنهن يورپ جي مخرب اخلاق فيشن جي تقليد ۽ برائين جي اصلاح بابت انگريزي خوانده نوجوانن تي طنز ڪري کين ملڪي ۽ اسلامي تهذيب ڏي متوجهه ڪيو.
- هو پهريون آهي، جنهن ظرافت جي پردي ۾ ”ڪريما“ تي ”تضمين“ لکي پنهنجا اسلامي اصلاحي خيالات ظاهر ڪيا،
- هو پهريون آهي، جنهن ڪريما سعديءَ جي طرز تي رحيما مثنوي، مذاقيه ۽ اصلاحي رنگ ۾ نظم ڪئي،

- هو پهريون آهي، جنهن موجوده سليس نثر نويسيءَ جو رنگ اختيار ڪيو، جو خاص طرح اخباري دنيا لاءِ بلڪل ڪارائتو ثابت ٿيو...

”بلبل“ جو اهو احسان ڪڏهن به نه وسرندو، جنهن نه رڳو اهو نمونو ايجاد ڪيو، بلڪه ان کي پنهنجي خداداد ذهانت ۽ قلمي طاقت سان نهايت بلند مرتبي تي پهچايائين، هن پوئين راءِ ۾ ”بسمل“ مرحوم سان مخلص به شامل آهن.

” نوان استعارا، نيون تشبيهون، نيون تمثيلون، نيون ترڪيبون، نوان نڪتا، چست بندش، شوخ ادا، فصاحت، بلاغت ۽ نون مضمونن وغيره جهڙيون خالص فني خوبيون، سنڌي ادب ۾ اضافو ڪيائين ۽ ٻوليءَ جو ادبي پهلو روشن ڪيائين.“

(اپريل 1951ع ڪراچي ريڊيو تان نشر ڪيل)

مرحوم حافظ عبدالله صاحب ”بسمل“ ٽکڙائي مرحوم لکيو آهي:

”بلبل مرحوم پهريون ئي اديب آهي، جنهن موجوده سليس نثر نويسيءَ جي طرز ايجاد ڪئي، در حقيقت مرحوم شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ صاحب هن طرز ۾ مرحوم ”بلبل“ جوئي مقلد آهي، سندس ايڊيٽريءَ ۾ جيڪي اخبارون شايع

ٿيون، انهن ۾ سندس پر زور ۽ فصيح ۽ بليغ نثر نويسيءَ جو بي اختيار داد ڏيڻو پوي ٿو. هن ڪانپوءِ سنڌ ۾ جيڪي به پرزور اخبار نويس ٿي گذريا آهن، جهڙو مسٽر عبدالوهاب ايڊيٽر ”مسافر“ يا مرحوم شيخ محمد سليمان يا مرحوم”مخلص“ سي سڀئي ” بلبل“ جا خوشه چين ۽ مقلد آهن.

هن ڳالهه کان ته هرگز انڪار ڪري نٿوسگهجي ته سنڌ ۾ ظريفانه شاعري جو پهريون پهريون مُوَّجد مرحوم بلبل آهي، هن جو مخترع دماغ قومي اصلاح بابت جرات ۽ طاقت سان عجيب عجيب مضمون پيدا ڪرڻ لڳو.

.... سندس ظريفانه ڪلام مطالع ڪيو ته ......واضح ٿيندو ته هن طرز ۾ سنڌ جا سڀيئي ظريف شاعر، ويندي مخلص تائين ” بلبل“ جا متبع ۽ خوشه چين آهن.

مرحوم ”بلبل جو ظريفانه رنگ ۾ سنڌي نثر خواه نظم ۾ ڪوئي ثاني نه آهي.......

زبان جي صفائيءَ ۽ فصاحت ۽ بلاغت ۽ اداءِ مطلب ۾ ”بلبل“ مرحوم جو مَٽُ ڪو وري پيدا ٿيندو.

..... البت ڪلام جي موزونيت جو گهڻو خيال نه رکيو اٿس، جو ان وقت جي هر شاعر ۾ اها ڪمزوري نظر آئي

ٿي......... ظرافي نثر نويسيءَ جي ايجاد به سنڌ ۾ پهريائين ”بلبل“ مرحوم ڪئي.“

(بلبل جا ادبي اوليات، بلبل نمبر، نئين زندگي 1965ع)

پير حسام الدين صاحب راشدي، ”سنڌي ادب“ ۾ رقمطراز آهي:

مرحوم ”بلبل پهريون شاعر شيرين بيان آهي، جنهن مولانا حاليءَ ۽ اڪبر الله آباديءَ جي اصلاحي ۾ ظريفانه رنگ ۾ شاعري ڪئي“ (سنڌي ادب، اردو)

محترم مولائي شيدائي آفتاب اخبار جي تاريخ لکندي هڪ هنڌ لکيو آهي:

مرحوم شمس الدين”بلبل آفتاب جو ايڊيٽر ٿيو، جو وقت جو جيد عالم ۽ نظم ۽ نثر ۾ يد طولى رکندڙ اديب هو“

(آفتاب،سکر_ نئين زندگي 1965ع)

جناب سيد حاجي علي اڪبر شاهه صاحب، (سابق ايم.ايل.اي سنڌ) لکي ٿو:

”بلبل“ پنهنجي پر زور ۽ رنگين مضمونن سان ساريءَ سنڌ ۾ غلغلو پيدا ڪيو، جيڪي ماڻهو سندس سنڌيءَ جي رنگينيءَ کان غير مانوس هئا، سي نهايت عجب ۽ حيرت ۾ پيا، هن اهڙي فصاحت ۽ بلاغت سان صنعتون ۽ استعارا ڪم ۾ آندا، جنهن جي مطالع سان خود اهل قلم به دنگ

رهجي ويندا هئا. سنڌي زبان ۾ هن پنهنجي رنگينيءَ ۽ ظرافت نگاريءَ سان جيڪا جدت پيدا ڪئي سان ان ۾ اڳ نه هئي گويا ان فن ۾ کيس سنڌي انشاءَ جو موجد چئي سگهجي ٿو.

رسالو علمي دنيا، ڪراچي_ا پريل 1930)

ڊاڪٽر شيخ محمد ابراهيم”خليل“ لکي ٿو:

”بلبل“ مرحوم جي سخن سازيءَ تي غائر نظر ڪبي ته پڌري طرح معلوم ٿيندو ته جڏهن بلبل شعر ۽ ادب جي ڪوچي ۾ گامزن ٿيو، ته نه رڳو سنڌي شاعري بلڪه اسان جو ادب هڪ مضحڪه انگيز نقالي بنجي رهجي ويو هو، ان ۾ نڪو لطف هو ۽ نه زندگيءَ جا آثار هئا. ان جي رنگيني ڪاغذ جي گلن جي رنگينيءَ وانگر هئي. ”بلبل“ کان اڳ جي شاعري، بي لطف، ڦڪي ۽ سنئين سنواٽي، سنڌيءَ ۾ لکيل هئي. سندس ڪلام ناصحانه ۽ ظريفانه رنگ ۾ پريل آهي. ان جو مطالعو ڪبو ته ”بلبل“ جي خداداد قابليت ۽ شاعرانه قوت جو پورو پورو ثبوت ملي سگهندو ۽ واضح ٿيندو ته هن طرز ۾ سنڌ جا سڀئي ظريف شاعر ويندي مخلص تائين بلبل جا منبع ۽ خوشه چين آهن“ (بلبل سنڌ ص 63 ۽ 89)

مولوي حڪيم نور محمد نظاماڻي، ايڊيٽر مرغ فلڪ، هن طرح بلبل جي فن تي تحسين ڪئي آهي.

سخن جي ملڪ جو سردار بلبل،
بهارالحق سندو سينگار بلبل.
سخن جا سور، نرگس لاله، چندين،
وليڪن، غيرت گلزار بلبل.
به شهر شعر، ڪن شريعت فروشي،
گهڻا تاجر، مگر عطار بلبل.
سخنداني سندا درياءِ چندين،
مگر هي بحر آ ذخار بلبل.
منور جئن ڪ، شمس الدين، اسمش،
بلاشڪ، تئن پر از انوار بلبل.
خوشامد جي نه ورتي، راه ”نورل“،
مگر شيدائي، بر گفتار بلبل.
(مختصر از مرغ فلڪ)

جناب ڊاڪٽر محمد ابراهيم صاحب”خليل“ هڪ نظم ۾ چيو آهي:

ڪنهن کي ”بلبل جي نه هٿ آئي ڪڏهن طرز مذاق
ان جي شعرن جو تتبع ڪيو توڙي آفاق،
ملڪ و ملت کي ڏسي، اهڙي ته هن راه وفاق،
جو پڇي دور ٿيا، قوم کان خود بغض و شقاق،
سنڌ اهڙو نه ڪيو، هو ڪو سخنور پيدا،
به بلاغت ۽ فصاحت ۾ به همسر پيدا.

دلفريبيءَ جو ظرافت ۾ رکي ٿو سامان،
جنهن تنقيد تي نقاد ٿئي ٿو حيران،
دلڪشي نثر جي چڻ آهه، ٿڙيل ڪو بستان،
نظم جي آب تان پڻ گوهر رخشان قربان.
شعر جي هر سخن صف ۾ ماهر بلبل.
فارسيءَ جو هو ته سنڌي جو به شاعر بلبل

مرحوم جمعو خان "غريب" مرحوم"بلبل" جي وفات واري قطع تاريخ ۾ فرمايو آهي:

هو همداستان ۾ فصاحت جو فائض،
بلاغت جو عنوان، مرحوم بلبل
هوائي ادب ۾ هو پروان ان جو،
هو شاهين، باشان، مرحوم بلبل.
هو علم معاني جو استاد ڪامل،
هو سعدي ۽ سبحان، مرحوم بلبل.
هو فيلسوف زمانه ۽ شاعر،
اديب، همه دان، مرحوم بلبل.
"هو مغفور" ۽ باسر دل وري چئو،
1337ھ
حق! اعلى تر انسان، مرحوم بلبل.
سر دل ويو! عيسوي سال ٿي ويو!
"هو جنت ۾ ذيشان"! مرحوم بلبل

1317ھ   1919ع

اميد ته سنڌ جا اصل ذوق حضرات، ” ڪلام بلبل“ جي مطالعه وقت اڻويهين صديءَ جي تاريخي پس منظر ۾ ان دور جي حالات کي اڳيان رکي غور ڪندا ۽ ڏسندا ته ان دور ۾ پيش ڪيل خيالات هن اسان جي دور سان ڪيتري قدر ٺهڪي ڦهڪي ٿا بيهن.

آءٌ آخر ۾ جناب گرامي صاحب جو پڻ شڪريو ادا ڪريان جنهن جي وسيع مطالعي ۽ ڪاوش”بلبل جي فن ۽ ڪلام کي نئين زندگي بخشي آهي.

ان سلسلي ۾، گرامي صاحب هيٺيان ڪتاب پڻ ايڊٽ ڪيا آهن، جي سڀ مطالع جي قابل آهن، جيئن تيرهن چار مڪرن جا مار،”بهار عشق“،”مسلمان ۽ تعليم“، ”چٽ سوال پٽ جواب“، ”آئينه تجارت“، ”ميلو قلندر لال شهباز“، معيارالاديان“ رساله ترحم يتيمان“ لطائف ظرائف“ گلزار لطائف ۽ اوائلي تعليم، وغيره اميد ته باقي ڪتاب جيئن هٿ ايندا ويندا تيئن تيار ٿيندا ويندا.

مسلمان ۽ تعليم تي گرامي صاحب جو لکيل مقدمو هڪ تاريخي چيز آهي، جنهن جي پس منظر ۾ ان دور جي مسلمانن جا تعليمي مسئلا ۽ مطالبا سمجهي سگهجن ٿا، باقي سڀ ظرافت آمين ۽ مزاحيه نثر جا اصلاحي شاهڪار آهن ۽ معيار الاديان ۽ اوائلي تعليم خالص ديني آهي.

و السلام 20 فيبروري 1965ع

مقدمو

غلام محمد ”گرامي

مرحوم رئيس شمس الدين ”بلبل“ پنهنجي شخصي حيثيت توڙي فني ۽ شاعراڻي حيثيت سان سنڌ جو اهو سپوت آهي، جنهن تي سنڌي ادب جيترو به فخر ڪري، اهو ٿورو آهي. مرحوم”بلبل“ هڪ صحافي، هڪ شاعر، هڪ اديب ۽ مزاح نگار جي حيثيت سان جيڪي سنڌي ادب ۾ پنهنجي وطن جون خدمتون ڪيون آهن، اهي اڻمٽ ۽ امر آهن، مرحوم ”بلبل“ 1757ع ۾ ميهڙ جهڙي مردم خيز شهر ۾ ڄائو، اتي نپنو ۽ وڏو ٿيو ۽ اتي ئي پڙهيو ۽ ڪمال تي پهتو. مرحوم”بلبل جنهن دور ۾ اکيون پٽيون، اهو دور پنهنجي تاريخي ۽ سياسي پس منظر جي ڪري جنگ آزادي وارو دور چيو وڃي ٿو، هي اهو دور هو، جنهن ۾ وطن جي آزادي لاءِ هندن ۽ مسلمانن پاڻ ۾ گڏجي ڪري انگريزن جي خلاف آزادي جو جهنڊو کنيو هو، افسوس جو اها مهم

ڪامياب نه ٿي سگهي ۽ انگريز پنهنجا پير اڳي کان به وڌيڪ پختا ڪري ويا.
جڏهن ته هندستان جي حڪومت انگريزن، مسلمانن کان ئي حاصل ڪئي هئي، تنهن ڪري انقلاب جي ناڪاميابيءَ کان پوءِ انگريزن سمجهيو ته مسلمان قوم، پيهر اسان کان حڪومت کسڻ جو خيال پيهر اسان کان حڪومت کسڻ جو خيال رکي ٿي، تنهن ڪري ان قوم کي اهڙو ته ناس ڪجي جو پيهر ڪنڌ به کڻي نه سگهي.
انهن ارادن کي سانديندي، انگريزن هرطرح سان مسلمانن کي پيڙڻ ۽ لتاڙڻ شروع ڪيو. مسلمانن جا ليڊر ۽ عالم جيلن ۾ وڌا ويا ۽ ڪيترن کي ڦاهيءَ تي لٽڪايو ويو ۽ ڪيترن جون ملڪيتون ضبط ڪيون ويون. ان طرح ملازمتن، تجارت ۽ تعليم ۾ به مسلمانن کي نظرانداز ڪيو ويو. مسلمان اڳي ئي پيڙجي چڪا هئا، ويتر جو کين تجارت ۽ تعليم، روزگار ۽ معاشي حيثيتن ۾ ڌڪ هنيو ويو، تنهن کين ناس ڪري ڇڏيو. انگريزن جي انتقامي روش تي اڳتي هلي، سر سيد احمد خان ٿڌو ڇنڊو هنيو ۽ مسلمانن متعلق سندن غلط فهميءَ کي دور ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿيو.
سر سيد اهو فيصلو ڪيو ته مسلمان، جيستائين انگريزن جي پيدا ڪيل ڪاليجن ۾ جديد تعليم نه حاصل ڪندا،

تيستائين هنن جي راڄ ۾ خوش وقت نه گذاري سگهندا، نڪو هندن سان ڪلهو ڪلهي ۾ ملائي
زيرلب جي ملاوٽ به هئي. ”بلبل“ پنهنجي دور تي ڪلندي ڪلندي نشترون هڻي ڪڍيون ۽ سندس فاسد مواد وهائي ڇڏيو. سندس فن اهڙو ته انفراديت پسند آهي، جو اڄ تائين سندس فن جي تنقيد ڪوبه ڪري نه سگهيو آهي.
امر ڪي نهي ۽ نفيءَ ڪي اثبات جي رنگ ۾ رڱي پيش ڪيو. سندس مواد، موضوع، پيشڪش، اسلوب ۽ مقصد کي اڳيان رکي سڀني نقادن اهو فيصلو ڏنو آهي ته ”بلبل“ جو ان فن ۾ مقام نهايت بلند آهي، ”بلبل جي ظريفانه نڪته سنجيءَ ۽ بذله گوئي ۾ تعمير ۽افاديت کي مرڪزي حيثيت حاصل آهي، سندس ڪلام ”وادي سنڌ“ جي مسلمانن کي نئين تهذيب جي زهر کان بروقت خبردار ڪيو ۽ پنهنجي مذهبي روايتن ڏانهن رجوع ڪرڻ تي مجبور ڪيو. ”بلبل“ اهو ڪم ان دور ۾ ڪيو، جنهن ۾ صحيح معنى ۾ سوچيندڙ ذهن وارا ماڻهو ايترا هئا، جيترو اٽي ۾ لوڻ!
”بلبل“ جي فن کي ڏسبو ته کيس کل ڀوڳ، مسخريءَ ۾ خنده زنيءَ سان ڪو دلي چاھ نه هو، پر ان جي مقابلي ۾ ڪنهن مسئلي کي ظريفانه، طنزيه ۽ مزاحيه رنگ ۾ پيش ڪرڻ جو استاد هو، سندس مهارت ان مان صاف ظاهر آهي، ته سندس فن ۾ طنز موجود آهي، پر اها آهي مزاح ۽ ظرافت

جي رنگ ۾، جنھن کي ھڪ فنڪار ۽ ھنر مند جي ھٿ لڳڻ سان سندس فني رنگ زيادہ ديدہ زيب ۽ دلڪش پيو لڳي، پيو تہ ڪنھن فرد يا پوري سماع تي ان قسم جي ڪڙي تنقيد ڪرڻ، جنھن سان ذوق سليم کي ڪابہ ناگواري محسوس نہ ٿئي ۽ ظرافت جي اصولن جي پابندي بہ قائم رھي، ھزارن مان ڪو ھڪ اڌ ظريف ۽ دانشمند اھڙي فن جو مظاھرو ڪري سگھي ٿو.

ھن فن جي خاص اصولن ۾ اھا ڳالھ بہ ضرور آھي تہ فنڪار ۾ خلوص ھجي، سندس ذاتي لاڙن ۾ تعصب نہ ھجي، دشمني نہ ھجي ۽ ڪنھن سان بہ عناد نہ ھجي؛ چالاڪِ جو فن جو وڏو تعلق فنڪار جي خلوص سان آھي، اگر فنڪار ۾ خلوص موجود آھي تہ پوءِ سندس فن اثرائتو بہ ٿيندو ۽ ٻين کي پسند بہ رھندو، باقي شخصي چيڙچاڙ يا گار گند کي تہ ھرڪو نٿو پسند ڪري؛ پيو تہ ان کي نہ طنز سڏبو، نہ مزاح. اھو ئي ڪارڻ آھي، جو ھن فن جي استادن جو چوڻ آھي تہ فنڪار، فرد يا معاشري جا عيب ڀلي بيان ڪري، انھن جي مرضي ۽ غلطين تي ڀلي نشترون ھڻي، پر ڪيس ھر حال ۾ دانشمنديءَ ۽ بصيرت کان ڪم وٺڻو پوندو.

ان حيثيت سان ڏسبو تہ "بلبل" جو فن زندگيءَ جي

اونداهيءَ سان گڏ، سندس بي معنى گوشن کي به ظاهر ڪري ٿو، تعلق رکندڙ ماڻهو، سندس اشاري ۽ ڪنايي کي سمجهي، لذت به حاصل ڪري ٿو، ۽ کلندو به رهي ٿو، چالاڪ ته سندس نگاهه فرد ۽ سماج جي ڳجهن عيبن تائين به پهچي وڃي ٿي. ”بلبل“ جو اهو عمل آهي ته نهايت درد ناڪ، پر اهڙي مخلصانه ۽ دوستانه انداز سان ڪيو ٿو وڃي جو هر حال ۾ پريت رهجي ٿي اچي، ڪابه رنجش پيدا نه ٿي ٿئي.

”بلبل“ جي فن جو ٻيو وڏو ڪمال اهو به آهي ته هو سماج جي پيچيده ۽ منجهيل مسئلن جي ته تائين پهچڻ ۾ ڪامياب ٿئي ٿو. هو ايترو ته باريڪ بين آهي، جو پاڻ سان گڏ پڙهندڙن جي نگاهه کي به سماج جي جهرندڙ ديوارن تائين پهچائي ٿو ڇڏي. تان جو هو ٻاهران رونق وارن محلن جي دريچي مان جهاتيون پائي ڏسي ٿا سگهن ته اندر ڪاريءَ وارا ڪک آهن! ان سلسلي ۾ ”بلبل“ جو انداز بيان، جڏهن پرپور تنقيدي وار ٿو ڪري، تڏهن سماج جي بي روح ۽ کوکلي ڍانچي کي پنهنجي قلم سان نه فقط کڙڪائي ٿو ڇڏي، پر ان مان تڙڪاٽ ڪڍائي ٿو ڇڏي.

”بلبل جو اهو به ڪمال آهي، ته هو سماج جي اوڻاين کي هڪ چغلخور بد بخت وانگر پڌرو نٿو ڪري، پر ياران

خاطر ۽ حريفان بذله سنج وانگر ڪلندي ۽ ڪلائيندي چٽڪيون هڻي ٿو ڪڍي.
جتي آپريشن جي ضرورت ٿئي ٿي، اتي گهاءُ به گهرو ٿو ڪري، پر جتي نرميءَ ۽ شفقت جي ضرورت ٿئي ٿي، اتي ڪلندي تبسم زير لب ۾ زهر ملائيندي به نٿو گسي! فرق اهو آهي جو اهو زهر به مريضن لاءِ ترياق ٿي پوي ٿو، معاشري جي مطالعي ڪان پوءِ جڏهن ”بلبل“ ڏٺو ته چڱا چوڪا ماڻهو نقاليءَ ۾ مبتلا آهن، تڏهن سندس قلم، قئنچيءَ وانگر وهي ٿو ۽ نقالن جا پڇ ڪتري وجي ٿو مٿي چڙهي.
”بلبل“ جي فن ڪي غور سان مطالعي ڪرڻ ڪانپوءِ اهو به نظر ايندو ته سندس سماجي مطالعو نهايت تيز آهي، سندس نگاهه، سماج جي معمولي ڪان معمولي مسئلي ڪي به نٿي ڇڏي. ان طرح سندس فن جو ڪمال اهو به آهي ته سندس زبان ۾ لطافت آهي، جو ماڻهو پيو پڙهي ۽ گنگي وانگر ڳڙ جا چشڪا پيو وٺي ۽ ڪلي ۽ ٽڙي! سندس تنقيد ۾ تلخي ته هر حال ۾ هوندي، پر ان سان گڏ نه ڪنهن ڪي تلخيءَ جو احساس ٿو ستائي ۽ نڪو ڪڙيءَ سُتيءَ جي پيئڻ وانگر، ڪنهن جو منهن ئي بچڙو ٿئي!.
”بلبل“ جي فن جي تعارف ڪان پوءِ سندس ڪلا مان ڪجهه مثال ٿا ڏيون:

سندس ڪلام ۾ اهو ئي نظر ايندو ته ”بلبل“ هڪ طرف فرسوده ۽ بيروح، بي ذوق ۽ بي ڪيف مشرقيت تي طنز ٿو ڪري؛ ته ٻئي طرف مغرب جي انڌي تقليد ۽ بيجا تڪلف، خوشامدانه رنگ ۽ غير مخلصانه مک چک واري منافقانه چال ” ٻاهر زيب زبان سين، اندر هچارو _ _ واري اندر ڪارائيءَ تي به خوب گرفت ٿو ڪري، ان سلسلي ۾ ليڊرن ۽ انگريز پرست، ديسي صاحبلوڪن جي چڱي لاک لاٿي اٿس، پنهنجي فن متعلق ٻڌائي ٿو:

پنهنجا عيب سيڪو ڏسي ٿو سگهي:

ڏسي، نه ته هي اعمالنامو پڙهي
هي ڪل مسخريءَ ۾ نه آڻيو شمار،
مگر هي ڏسي ٿيو گهڻو شرمسار!
چوڻ جو چوڻ، ڪل جي ڪل آهہ،
ذهن ۾ ذڪاءَ لئه وڏي ذل آهہ!
رڳي ڪل چاڻي، سو آڪم_فهم،
سي حال ٿئي غور واري کي غم!
ڪديم ساري دنيا جو نقشو، شفاف،
ته اخلاق فاسد جو فوٽو گراف!

سنڌيدان جو نقشو، هن طرح چٽيو اٿس:

سنڌيدان جاهل، سيد رو ۽ سخت،
نحس، نا اهل، ناخرخ، خفته بخت.

سنڌيدان آدئٺ، سنڌيدان فول،
رڳا جانور جهنگلي ۽ جهول!
سنڌيدان جي ڪهڙي آدسترس،
سنڌيدان جو مان، گوبيم، بس!
سنڌيدان بي دانش و بي عقل،
انهن ساڻ صحبت نه گهرجي اصل!
سنڌيدان جو ورڪ، ويري خراب،
ويچاري کي آفيس ۾ پيي نه آب
سنڌيدان کي ڪين ملندو گريڊ،
سنڌي دل ۾ ويڪ بيڪار، بئدا!
سنڌيدان جو لسٽ ۾ لاسٽ پي،
سنڌيدان کي هڻ بندوقون پري!

سنڌيدان جي مقابلي ۾ انگريزيدانن جي هيءَ حالت آهي:
جي پائين ته مولا ٿئي مهربان،
ته سک علم تون انگريزي زبان.
انهي علم ٻاجهون، هجي جا هلي،
شقاوت، نحوست ته ٻي ڪاهلي!
جي سنڌي ۾ عربي، پڙهيئي پارسي،
ته سڏبين وڏو سست ۽ آرسي.
ٺڪر لاءِ محتاج، بي روزگار،

هجين حاڪمن وٽ وڏو بي وقار!
پٽيوال پي ڪين توکي پڇن،
ڪلارڪ ته جاهل ۽ احمق سڏن!
جي عزت جهان ۾ رکو ٿئڻ ٿش،
پڙهو انگلش، انگلش، انگلش
بنائي اهو علم، حاڪم حريف،
رسائي اهو علم لنڊن شريف.

جديد تهذيب لاءِ چوي ٿو:
لباس، نفيسن جي ٿي ٿئڻ ٿانءِ
مڪانن جي زينت سنڌي زيٺ زانءِ
گلا بند ڪالر، لڪڙ، هاف ڪوٽ
گهڙي، ڪوٽ، پتلون، چشما، چروٽ!
قميصون ڪفندار، جاڪٽ، جراب،
سليپر، سپاٽا، سبائڻ ٿواب!
ڏنگي سينڌ، ننيڙا چتا، مڇ دراز،
ٿوال ۽ ڪنگي، برش، صابڻ جو ساز!
صفا سر، ته ڏاڙهي، چپڙ چٽ، قلم،
زبان تي به گٽ مٽ رهي دمدم!
گلي ۾ هجي نڪيٽائي سياه،
ته پرشن يا ٿرڪش، ڪر سچن ڪلاه!

سچو ڏينهن سيفٽي، صبح شام واڪ،
هجي هٿ ۾ هنٽر، ته ٽم ٽم ٽڙاڪ! رکڻ هڪڙو بل ڊاگ آهي ضرور،
نه تان ٿيندو وڏ ماڻهپي ۾ قصور!
مقرر هجي چاءِ بسڪٽ جو نيم،
ته جاين جو سينگار ، پڪچر نه فريم!
نصارن جو ڪاڏو، نصارا لباس،
ڪبٽ، ميز، ڪرسي، بتي ۽ گلاس!
نئين طرز پوشاڪ جو ڊيل ڊول،
پراڻي ڪيائين ته ٿيو ڊيم فول!
اخلاق ۽ مذهب مان پيدا ٿيل اطوار، صبر ۽ شڪر، زهد ۽ تقوى لاءِ چوي ٿو:
هي سنڌ نمونا، ڪٿان ٿو وڏا،
جو چارئي لڳو لڳ، بلا تي بلا.
وفا، شڪر ۽ صبر ۽ راستي،
جفا، قهر ۽ زهر جان ڪا ستي!
اهي غير جنسون نه قابل شنيد،

اسان وٽ نه ڪي ديده دهر ديدار!
ڪوڙ جي تعريف ۾ چوي ٿو:
اسان جو ته لارڊ، اسان جو ته سر!
اسان جو ته ديوان صاحب دروغ،

لياقت، فضيلت جو آهي فروغ!

”بلبل جي ان پختگيءَ، سلاست ۽ جودت طبع جو داد ڪير نه ڏيندو؟ بيشڪ ظرافت آميز شاعريءَ ۽ مزاح نگاريءَ ۾ نه سندس ڪو مٽ ۽ ثاني پيدا ٿيو ۽ نڪو ڪنهن تتبع ڪيو آهي، ”بلبل“ ان فن ۾ يڪتائي زمانه هو، سندس ان قسم جي طنزيه نشترزنيءَ هڪ طرف ديسي صاحبلوڪن جا ڪپاٽ کولي ڇڏيا، ته ٻئي طرف جديد فيشن جي نقالن ۾ شرمساري پيدا ٿي.

پلا ”بلبل“ جي ان قسم جي طنزيه خيالات جي مطالع ڪرڻ کانپوءِ ڪير اهڙو نرجو ۽ بي نڪو ٿيندو، جو پاڻ کي صاحبلوڪ بڻائڻ لاءِ سوچيندو.

”بلبل“ جي فن جي بي پناه رواني ۽ اثرائتي طنزيه نشتر زنيءَ کي سندس هڪ ئي نظم ۾ ملاحظه ڪري سگهجي ٿو. فرمائي ٿو:

گهر کان نڪتا، نيٽو نيچر، تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا،
سر ۾ ٽوپي هٿ ۾ هنٽر، تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا!
ٽاپ ٽيپ ۾ آڪڙ شاڪڙ، ڏاڙهي ڪوڙي، مڇون ماڪڙ،
سواري بائيسڪل جي سر سر، تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا!
گينديِ، صابڻ، برش طرازي، بوس و ڪنار، ڪتن سان بازي!
فوٽو، فونو، پيانو، پڪچر، تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا.

هن نظم جي رواني ۽ نغمگيءَ، ڪيس ”بلبل“ جي فني شاهڪارن ۾ شمار ڪرايو آهي.

نئين تعليم جي منظر ڪشي ملاحظه ٿئي:

آه نئين، گڙٻڙ، در جهان انداخته،
حرڪتون، شيطان ڦڙڦڙ، در جهان انداخته،
علم انگلش جو ڏسي، اج زور، ”بلبل“ بيگمان،
عقل وارو خر ٿيو، از تاب و توان انداخته!

ڪاري جنٽلمين جي زباني ڏسو:

1. گرچه ڪارو منهن اٿم، ته به ڪاڻ ناهه،
2. ٽوپلو پائي ، حماقت ٿو گهران!

يا: لائي چشمو، چُست چاڙهي، سوٽ، بوٽ
مثل صاحبلوڪ، صورت ٿو گهُران!

ڪاري جنٽلمين جي ان حماقت ۾ تمنا تي گوري جو جواب پڙهو:

گرچه آهي، تنهنجو مون ڪان سينو صاف،
ڪاري ماڻهوءَ سان، ڪدورت ٿو گهران!
آ لقب لائق ٿيو تنهنجو، ڊيم قول!
مان ڏيڻ توکي نه عزت ٿو گهران!

زميندار ن جا بچڙا حال، ڪالهه به هئا اڄ به آهن ’بلبل‘ ان جي ترجماني ڪندي خوب چيو آهي:

زميندار ٿي ويا، زبون زار چٽ،

چوَن چٽ ته کھڙو ٿيو آه، وَخت!

گشت ۾ جيڪي ’پوچن‘ گشتي آفيسر ٿا ڪن، تن جو لقشو ’بلبل‘ هن طرح چٽيو آهي:

گشتي ڪاموري لاءِ فرمائي ٿو:

آهه ڪاموري سندي، هوڙ حرامن ۾ تِکي،
انب، گدرا مددِي، ٻڪرو ڪو موٽو مددِي!
خوب ٿا گشت ۾ ڪن، پوچن، پرساد وٺي،
پوري حلوو، مددي، پستو ۽ ڦوٽو مددي.
گهر ۾ آهي نه رعيت جي ڪو پائي پيسو،
لَٽ، لوٽو مددي، پيسو ۽ ڦوٽو مددي!

”ڪارن جي ڪار گذاري“ تي ’بلبل‘ جي هڪ ٻي مترنم ۽ سريلي نظم آهي، جا به فني طرح سان لاجواب آهي:

ڪارن جي ٻُڌ ڪار گذاري،
هِپ هِپ هري، هِپ هِپ هري،
جنٽلميني جلسا جاري، هِپ هِپ هري، هِپ هِپ هري!
جايون تن جون هال ۽ ٽاور،
چشما، فرش، فرش فروٽ، فلاور
لڪچر، پڪچر، ڊنر داري،
هِپ هِپ هري، هِپ هِپ هري!

ان نظم جي بي پناھ رواني، نھايت اثر انگيز ثابت ٿئي ٿي. ان جي مطالع کان پوءِ ديسي صاحبلوڪ جي تصوير،اکين اڳيان ڦرڻ لڳي ٿي.

ان طرح ’بلبل‘ جو ھڪ نظم نئون سال پڻ شاھڪار آھي.نئين سال جي مرحبا، صحافت ۾ ھڪ اھم ۽ ضروري ليک چيو وڃي ٿو. ’بلبل‘ ان کي نظم ۾ پيش ڪري، طنزيه ۽ مزاحيه رنگ ۾ جا نقشگري ڪئي آھي، اھا پڙھڻ وٽان آھي. ٻه ٽي شعر پيش ڪجن ٿا.

ھن اخبار کي سال مبارڪ،
گورن کي ناتال مبارڪ
ڪارن کي يو، ديم بلدي،
فول، لقب، في الحال مبارڪ
اھل اسلام جي لئي ڏک ڏاڍا ڳٽتيون، آل عيال مبارڪ!
ڏکا، ڏوٽا مِھٽا سھٽا قرض جا رنج، ملال مبارڪ

ان سلسلي ۾ ’پوليس‘ جي تصوير ڪشي به ’بلبل‘ جي شاھڪار چيز آھي. ’پوليس‘ سندن لاءِ عميق ۾ ويو آھي، تھڙو شايد ٻئي کي نصيب نه ٿيو ھجي!

ڏسو پوليس جي تايس، ملڪالموت جان مارو!
مثال گرگ، ڳاڙھو وات، سرءِ ٻيو بدن ڪارو!

هجي سوناري جو سئو ڌڪ، ته لوهر ٿو هڻي
هِڪڙو
ڪٿي جهرڪيون، ڪٿي ٿيو ڳُرڙ پَڪ جو لهس لامارو!

بهر حال ’بلبل‘ جي طنزيه انداز ۾ فن جي اندازي لڳائڻ لاءِ سندس ڪلام جو مطالعو ڪافي آهي.

’بلبل‘ جي ڪلام جو سنجيده ۽ اصلاحي ۽ اخلاقي پهلو به شاهڪار آهي، ان جي مطالع ڪرڻ مان اهو اندازو لڳائي ٿو سگهي ته ’بلبل‘ نه فقط طنز ۽ مزاح جو بادشاه هو، پر سنجيدگيءَ ۽ متانت جو به مثالي ڪردار هو. سندس طنزيه ڪلام پڙهڻ کان پوءِ جڏهن سنجيده ۽ اخلاقي شاعري ٿي پڙهجي، تڏهن سندس جامع الفنون هجڻ تي حيرت ٿئي ٿي. ان سلسلي ۾، حمدو مناجات، نعت، اخلاق ۽ تصوف تي جيڪي مضمون ’بلبل‘ ٻَڌا آهن، اهي به فني حيثيت سان بلند معيار رکن ٿا. مثلا الله تعالى متعلق فرمائي ٿو:

اهو باغ ۾ هل، اهو گل ۾ بو آه،
اهو باد و آتش، اهو آبجو آه،
اهو خندهء غنچہء خنده، رو آه،
اهو نغمہء طوطيءَ خوش گلو آه.
بها ان جي قدرت جو باغن ۾ آهي،
شميم خدائي، دماغن ۾ آهي!

حمد باريءَ جي سلسلي ۾ حڪيم ثنائيءَ رحه جي مشڪل زمين ۾ تضمين ڪندي، جا ’بلبل‘ خلاقي ڏيکاري آهي، اها قدر جي لائق آهي.

ذات واحد کي جڳائي، وڏ واکاڻ وڏائي
ٿو سُنهي، حمد و ثنا، ثابت ساراهہ سَدائي،
پائي ڳل پاند ڳچيءَ ۾، ڏئي ٻن حرص هوائي،
ملڪا ذڪر، تو گويم، ڪه تو پاڪي و خدائي!
نه روم من به جزآن ره ڪه تو آن ره نه نمائي!

جلوه قدرت جي نقشگري، جنهن دلا ويز انداز ۾ ’بلبل‘ ڪئي آهي، اها سندس ئي حصو آهي، فرمائي ٿو:

هر بر ۾ بازر ۾، هر بحرم، هر بَنَ ۾،
چا لاله ونونگن ۾، چا سنبل و سوسن ۾،
چا نرگس و نسرين ۾ سبزن ۾ نخلن ۾،
چا غنچو ته چا گل آ، چا رنگ ته چابو آ،
جلوو تنهنجي قدرت جو اي قادرا سرهو آ.

خداوند تعالى کي ’تون آن‘ جي خطاب سان جا ’بلبل‘ نغمه سرائي ڪئي آهي، اها فن ۽ اثر جو زنده مثال آهي، فرمائي ٿو:

الاهي نڪته دانِ علم و دانائي، هُنر تون آن،
خدا يا نطق آرائي، زبانِ هر بشر تون آن،

سخن پر داز، جان پر ور، حڪيم نڪته ور تون آن،
مدو خورشيد، ٻئي روشن دلائل تنهنجي قدرت تي،
گواهي ٿو ڏئي ذري ۾ ذرو، تنهنجي صنعت تي.
سندس بي پناهه رواني شعر ۾ ڏسجي:
ابد کان تا ازل هوندين، ازل کان تا اَبَد تون آن، الاهي ساري عالم ۾، آحد تون آن، صمد تون آن. ان طرح ’تون آن‘ جو هڪ عمدو مثال ڏسو:

عالم الغيب اي خدا تون آن،
خالق الارض و السما تون آن،
داغ تون، درد تون، دوا تون آن،
زيست تون، مرگ تون، قضا تون آن.

ان طرح سارو ڪلام، ان قسم جي فني لوازمات سان نباهيل آهي. صوفايانه انداز ۾ ’بلبل‘ جو ڪلام آهي، جو گهڻو نٿو، ’ديوان بلبل‘ ۾ آيل آهي. هن ’ ڪلام بلبل‘ مان هڪ مثال پيش ڪرڻ ڪافي ٿيندو، چوي ٿو:

هر دم، هر جا، هو حق چاڻ، آڻ نه وچ
اسم جسم جي تانگهه نه تاڻ، وصل فصل جو لاهه وهم
ياد الله ڪر، دم بر دم!

اهو سارو نظم، روانيءَ ۾ بيمثال آهي ۽ سندس مضمون نهايت اثرائتو ۽ دلنشين آهي.

’بلبل‘ جي نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جن سان والهانه محبت هئي، جا سندس ڪلام جي سٽ سٽ مان ظاهر آهي.
ان سلسلي ۾ سندس قدسيءَ، جاميءَ ۽ خسروءَ جي غزلن تي تضمين جا مثال ملن ٿا، جن جون زمينون فني طرح به مشڪل آهن، ۽ انهن تي پختہ ۽ معياري ڪلام ٻَڌڻ به مشڪل آهي، تاهم ’بلبل‘ جون تضمينون، نهايت پختہ ۽ پاڪيزه آهن.
مثلا، خسروءَ جي شعر تي تضمين جو هڪ بند ڏسو:

آٽيان سڄڻ جي شعر ۾ تنهن جي سراپا سرسري،
ساره سندي سوداءِ، هيءَ عمر ويندي مون ڳري،
ته به ان منجهان هڪڙي ذري،
پوري نه ٿي، مون ڪان وري!

قدسيءَ جي نعت تي تضمين جو هي بند ڏسو:

مُشڪ عنبر سان مليا وات، نه ٿئي پاڪ ته بي،
اسم اطهر جو وٺڻ آه به حد، بي ادبي،
اسم الله ڪري، وصف ڪريمن جي ڪَبي،
ساري تضمين سيد مڪي، مدني، العربي.

جاميءَ جي غزل تي تضمين جو هڪ بند ملاحظه ڪريو، فرمائي ٿو:

عشق احمد جي جنهين چوٽَ چکي، چاٽ چَشي،
سو چڻو غير غمن کان، پيو منجھ عين غشي،
بَرَ وڏڪار ۾ ووڙيندو وتي، جيئن وحشي،

رحمة للعالمين جهڙي والهانه انداز واري نظم جو مقطع ملاحظه ٿئي:
اوهان جي مدح خوانيءَ جي ته صدقي، بي ثمر ’بلبل‘
ويو شيرين بيان، طوطي، زبان شڪر دهان بنجي!
ٻئي هنڌ فرمائي ٿو:
سندن سڪ سوز فرقت ۾، دمادم درد، غم دل جو،
عطا، صحت صفا آهي، دوا آهي، شفا آهي.

صحابه ڪبار جي عظمت، بطور لف و نشر هن طرح آندي اٿس:
اسان جي مير مرسل وٽ، سدا چئن يارن سان،
وِلا آهي، وفا آهي، حيا آهي سخا آهي!
مقطع ۾ فائي ٿو:
گدائي بي نوا’بلبل‘ سندي داتا سندءِ درتي،
ندا آهي صدا آهي، دعا آهي، ثنا آهي!
ان سلسلي ۾، ’خاتم النبيين‘ نظم شاهڪار آهي، جا مطالعي ڪرڻ سان واسطو ٿي رکي.

’بلبل‘ سنڌي شاعريءِ جي پراڻي صنف ۾ مولود به چيا آهن، هڪ منتخب مولود پڻ قابل داد آهي، جنهن جي رواني ۽ سلاست، نغمگي ۽ شيريني ملاحظه ڪجي:

معراج هليو، سر تاج نبي ڪري ويس وڳا، وه وه بَنو!
جبريل ٿو صدقي صدقي چئي، اڄ صل علیٰ وه وه بنو!

سچو مولود، بهترين ۽ پخته مضمون تي مشتمل آهي. نعتيه رنگ ۾ ’بلبل‘ جو فارسي ۽ اردو ڪلام به گهڻو چيل آهي، ڪلام ’بلبل‘ ۾ نموني طور هڪ فارسيءَ هڪ اردو غزل ڏنا ويا آهن.

شهره حسن تو از عالم افلاڪ گذشت،
زان به ميزان فلڪ، زهره شرمناڪ گذشت!

سارو غزل مرصع آهي. ان جي پڙهڻ ڪان پوءِ ائين ٿو معلوم ٿئي ته اهو غزل ڪنهن اهل زبان جو آهي ۽ نه سنڌيءَ جو! ان مان ’بلبل‘ جي زبانداniءَ جي خبر پئجي سگهي ٿي. سارو غزل پخته ۽ معياري آهي.
ان طرح اردو غزل آهي:

هي ميري دل ڪي تمنا ڪه مدينه ديکهون،
خاتمِ ختم رسالت ڪا نگينه ديکهون.

مقطع ۾ چوي ٿو:

گلشن ڪوئي حرم مين هو مزارِ ’بلبل‘
آرزو هي ڪه وهان اپنا دفينه ديکهون

ان طرح فارسي تضمين به لا جواب آهي، به بنہ پيش ڪجن ٿا.

آن والي هر عربي عجمي، آن حاڪم برحربي و ذمي،
ڪنزالڪرم، مولي النعم، هادي الامَم، لشريعتہ
باشرف و ڪمال و جمال نبي، محبوبِ خدا، امي لقبي،
ازڪي النسب، آعلي الحَسَب، ڪل العربي في خدمتہ.

ان طرح هر عربي سٽ سان فارسي ۾ تضمين ڪئي اٿس، سندس فارسيءَ جا اشعار، نهايت پختہ ۽ مرصع آهن، جن ۾ ڪابہ فني لغزش ۽ تسامح ڪين آهي.

آخر ۾ چوي ٿو:

ليُتبلغ ’بلبل‘ مَد حتَنا، فِي شَرف حضور وَسيلتَنا،
هو مُحَمّد نا، هُو سَيّد نا، فا العِزّلَنا، لاجا بتہ

اها تضمين ’بلبل‘ جي والهانه عشق رسول لاءِ شاهڪار چئي سگهجي ٿي.

نعتيه ڪلام کان پوءِ ’بلبل‘ سادي ۽ سهڻي سرائڪي ۾ ’جنت خاتون‘ جي فضائل ۽ محاسن تي جا نظم چئي آهي،

اها شاهڪار آهي، ائين چئي سگهجي ٿو ته ان قسم جي نظم، ٻئي ڪنهن به نه لکي هوندي، هڪ بند ملاحظه ٿئي:

جنت، نعمت، طوبى، ڪوثر، تُساڏي، حُب دا،
چاهون جنهن ڪون، پل وچ خشو،
راز تُسان، سڀ ربّ دا،
تون سرڪار نبي و علي دي، او شافع امت سب دا،
حوا، مريم، فخر ڪريندين، تيڏي نام نسب دا،
بنت رسول، بتول، تُساڏي عزّت پاڪ وڏائي،
صدقي صدقي، سائڻ ٿيوان، پاڪ نبي دي جائي
گهِن خبران، بردي، در دي ديان، حَسن حسين دي مائي!

تصوف جي حقائق ۽ دقائق متعلق به 'بلبل' ۾ آيل آهن، جي تصوف جي رنگ جا ترجمان آهن.

' ڪلام بلبل' ۾ آيل ڪلام مان چند اشعار پيش ڪجن ٿا. فرمائي ٿو:

جذبات عرفاني، نه ڪنهن جا هل ۾ رهندا هِنِ
مگر هي حال ۽ احوال، ڪنهن قابل ۾ رهندا هِنِ
نه ڪائي چيز ۾، چڱائيءَ کان هجي خالي،
هي نظارا نوان بس، ديده ڪامل ۾ رهندا هِنِ.
هنر يا فن سان فوٽو گرافر چا ڪيِي سگهندا،
تصّور هي دماغِ شاعر و فاضل ۾ رهندا هِنِ.

ان طرح نظم جي حصي ۾ ’سير و سياحت، ’آفتاب عالمتاب‘ ’رات‘، فطري منظر ڪشيءَ ۾ بي مثال آهن. جناب سيّد (شاهنواز شاه) (ا) ٺڪڙائيءَ جي ’رات جي تات‘ نظم تي تضمين ڪندي ’بلبل‘ چوي ٿو:

واه ڇا رات جي آيات بيانات ڪيئي،
شب ظلمات جي هر بات کي اثبات ڪيئي،
سپ حسنات ۽ سيئا کي عرفات ڪيئي،
منجهه طلسمات، خيالات، ڪرامات ڪيئي.
چونه چئجي ته ’بلبل‘ هي نوخوانيءَ ۾،
سيّد الشعرء، سيّد کي سخندانيءَ ۾،

’بلبل‘ جي اصلاحي ۽ قومي شاعري به رنگين آهي. هونءَ ته اصلاحي ۽ اخلاقي شاعري، خشڪ ۽ بي مزه چئي وڃي ٿي، پر ’بلبل‘ جي طبعي رنگينيءَ، خوشيءَ ۽ معياري تجزيه، ان شاعريءَ کي به دلڪش ۽ دلاويز بنائي ڇڏيو آهي.

ان سلسلي ۾ ”احساس ملّت“ ”تجارت“ بندي، ۽ ”مسلمان“ نهايت معياري چيزون آهن، جن ۾ اهل اسلام جي حالت زار کي نهايت ناقدانه انداز ۾ پيش ڪيو ويو آهي. ’بلبل‘ کي ان رنگ ۾ به اوليت حاصل آهي، سندس تتبع ۾ ئي سنڌ جي قومي شاعري شروع ٿي.

ان طرح ’بلبل‘ جي بهترين نظم ’فنا‘ به آهي، جنهن جي نغمگيءَ ۽ فني پختگيءَ جو هر ڪنهن داد ڏنو آهي: به ٽي شعر پيش ڪن ٿا.

اي جاني هي جڳ فاني اٿو، ڪن سائين لوڪ صدا بابا،
هيءَ عمر روان ته رواني اٿو،
آخر ته فنا هئي فنا بابا،
نه ڪو شاه رهي، نه وزير رهي،
نه ڪو دانشمند دبير رهي
نه امير رهي نه فقير رهي،
هڪ رهندو پاڻ خدا بابا!
آهي سڀ جي قضا ۾ مرگ بلا،
ادنیٰ، اعلیٰ نه ڇڏي، اصلا
فقرا، اغنا، شعرا، امرا،
حڪما، علما نه بچا بابا!

ان ئي رواني ۽ برجستگيءَ جي رنگ ۾ سچي نظم تڪميل تي پهتي آهي. ان سلسلي ۾ دل کي خطاب نظم جو هڪ شعر ڏسو:

دنيا کي ڪيئي ترڪ ته جائز نه طمع مال
کيسا نه ٻڌاسون، فقراءَ جي ڪفنيءَ ۾.

مطلع اٿس:

اي دل تون مسافر آهين، دنيائي دني ۾
آ لطف وطن ڪهڙو، غريب الوطني ۾.

اتفاق ۽ اتحاد، هڪ پائمال مضمون آهي. ’بلبل‘،’جماعت بندي‘ نظم ۾ ان کي به دلاويز ۽ رنگين رنگ ۾ آندو آهي، هڪ بند آهي:

جي ڪنهن جاءِ، اسلام جي انجمن آه،
ته او نور و عرفان جو گويا چمن آ
اها رسم ٿي، پارسائي ڪُهَن آ،
جماعت، هدايت جو حبل و رسَن آه.
هي مسلم کي الفت جو فرمان آهي،
اسان جو اهو دين و ايمان آهي.

حبل و رسن ۾، و عتصموا، بحبل، الله جميعا، جي تلميح آهي.،جا دلپذير آهي.

انسان ۽ ان جي فطرت، حواس خمسه ۽ انهن جي استعمال تي جا نظم آيل آهي، سا به نئين رنگ ۽ ڍنگ جي آهي.

حواس خمسه هن طرح بيان ڪيا اٿس:

اسان جو باصره، حيرت فزائي عقل و حڪمت آهه،
اسان جو ذائقو، عبرت فروش، عام نعمت آهه
اسان جو ناطقو آ، يا ڪليد گنج صنعت آهه
اسان جو سامعو، گنجينہء صد زر فطرت آهه.
اسان ڇاڻون ٿا، گرم و سرد کي لمس انا مل سان،
سڃاڻون باس يا خوشبو ٿا توفيق ڪامل سان.

اها ساري نظم، ان رنگ ۾ تڪميل تي پهتي آهي ۽ نبي ڪريم صلي الله عليہ وسلم جي ذات و الاصفات تي ٿئي ٿي. ’بلبل‘ ان کي هن طرح بيان ڪيو آهي:

اهو مالڪ رسالت جو، پيارو پاڪ پيغمبر.
محمد، حامد و محمود، راحم و رهبر،
سچو مالڪ سڀاجهو، سيّد ۽ سرتاج ۽ سرور،
شفيع و شافع، محشر، سخي و ساقي، ڪوثر،
جهان ساري ۾ ’بلبل‘ نور جلوه گر محمّد جو،
محمد حقّ جو مظهر، ۽ حق مظهر محمّد جو.
’ڪلام بلبل‘ ۾ آخر قصيدا پڻ ڏنل آهن، ’بلبل‘ جي

فارسي قصيدن کي ڪن محققن، قا آني ۽ خاقاني جي قصيدن سان تشبيهہ ڏني آهي، جا راءِ مبالغي کان خالي ناهي، بيشڪ ’بلبل‘ جا فارسي قصيدا، قاآنيءَ ۽ خاقانيءَ

جي رنگ ۽ زمين ۾ تتبع طور چيل آهي، پر انهن جو معيار پنهنجو آهي. ان طرح سندس سنڌي قصيدا به قابل قدر آهن. ’بلبل‘ پين کي ساراهي، قوم ۽ ليڊرن جي وچ ۾ محبت مودّت کي پيدا ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سندس ممدوح آهن، حسن علي آفندي، سيد الهندو شاهه، سردار محمد يعقوب، خان بهادر سردار محمد ابراهيم ۽ مرحوم سر آغا خان، جن لاءِ سنڌي اردو ۽ فارسي قصيدا ’ڪلام بلبل‘ ۾ ڏنل آهن.

سيد الهندو شاهه جو قصيدو هن طرح شروع ٿئي ٿو:

ز گلشن، فيض تو، اي نو بهادم نوبهار آمد،
نسيم دلڪشا، بر در گهت بهر نثار آمد
به اصلاحي، به افلاحي، بي تعليمي، به تفهيمي،
نذير آمد، بشير آمد، قوي، دارو مدار آمد.

سر آغا خان مرحوم لاءِ سندس رنگ هن طرح آهن:

شد از ورودِ شاه من، مژده مسرّت موجزن،
از هر مڪان، از هر صحن، از هر زبان، از هر دهن،
عيش و نشاط و نازڪي، سبزه، طراوت، تازگي،
در گلشن و در گلبن، در هر دمن، در هر چمن.

اهو به ياد رهي ته ’بلبل‘ ۽ ان جا معاصر، سه حرفي الفاظن جي صحّت، توڙي ’اضافت‘ جي صحيح استعمال تي ايترو

توجه نه ڏيندا هئا، اهو ئي سبب آهي جو ’بلبل‘ جي قصيدن ۾ اهي فني لغزشون موجود آهن، جن کي نظرانداز ڪرڻ گهرجي. ان قصيدن جي مقطع ۾ فرمائي ٿو:

در مدح تو رطب اللسان، هم فاضلان، هم شاعران
’بلبل‘ بيان گوهر، فشان، طوطي زبان، شڪر شڪن!

ان سلسلي ۾ مختلف عالمن ۽ بزرگن جي وفات ۽ مسجدن جي تعمير ۽ ’آفتاب‘ اخبار جي اجراءِ تي ’بلبل‘ جي تاريخي قطعا چيا آهن، انهن جو انتخاب پڻ مطالعي جي قابل آهي، اگرچه انهن ۾ به فني لغزشون موجود آهن، سه حرفي الفاظ جي غلط استعمال ۽ حرڪات ۽ سڪنات جي غلط استعمال، توڙي فڪ اضافت جي عيب کان اهي تاريخي قطعا به بچي نه سگهيا آهن.
بهر حال اڄ کان مُني صدي کن اڳ جي مشهور شاعر ۽ اهل قلم جي شعر و شاعريءَ جي انتخاب تي مشتمل، مجموعه ”ڪلام بلبل“ هڪ تاريخي شاهڪار ثابت ٿيندو ۽ اهل نظر ان کي هڪ علمي اضافو تصور ڪندا.

هي انتخاب، مرحوم ’بلبل‘ جي اصل ڪلام جي ڏهين پتي به ناهي، ”بهارستان بلبل“ جنهن ۾ فارسي ڪلام آهي، اهو نهايت ضخيم آهي. نموني طور به چار چيزون ڏنل آهن.

ان طرح ’بلبل‘ جو سنڌي ڪلام اڃا به گهڻو آهي، ان مان ڳچ سارو حصو ناياب آهي ۽ باقي ڪرم خورده ورقن جي نذر ٿي چڪو آهي. اميد ته هي انتخاب غنيمت ڄاتو ويندو. آخر ۾ ايترو ضرور چوندس ته اهي شاعر خوش بخت آهن، جن جو ڪلام سندن زندگيءَ ۾ شايع ٿئي ٿو ۽ پوءِ زماني گذرڻ تي دوباره جمع و ترتيب جا مرحلا طئي ڪري چڪي ٿو. انهن مان ’بلبل‘ به هڪ آهي.

غلام محمد گرامي
ايڊيٽر سه ماهي’مهراڻ‘ سنڌي ادبي بورڊ
حيدرآباد سنڌ

تقريظ

مرحوم حافظ عبدالله صاحب ’بسمل‘ ٽڪڙائي

-

مرحوم ’بلبل‘ اهڙي زماني ۾ نشو نما پاتي هئي، جنهن ۾ سنڌي شاعري توڙي نثر نويسي مطلب ته سمورو سنڌي علم و ادب پراڻي نمونو جو هلندو هو.

سنڌي نثر، جو ڪنهن نامعلوم وقت کان وٺي مقفى نمونو ٿي هليو پئي آيو، جنهن کي به اچڪله نظم ليکيو وڃي ٿو، پر حقيقت ۾ نثر آهي، جو ٻيو روپ وٺي سچي پچي مقفى نموني ۾ ظاهر ٿيو، جنهن جو پڌرو مثال، گل خندان“ مرحوم آخوند لطف الله جو جوڙيل ۽ مرحوم قاضي هدايت الله ’مشتاق‘جو ڪتاب ”هدايت الانشاءَ“ ۽ ٻيون تصنيفون آهن.

’بلبل‘ پهريون ئي اديب آهي، جنهن موجوده سليس نثر نويسيءَ جي طرز ايجاد ڪئي. در حقيقت مرحوم شمس العلماءُ مرزا قليچ بيگ صاحب به هن طرز ۾ مرحوم ’بلبل‘ جو ئي مقلد آهي. البت ڪٿي ڪٿي مرحوم ’بلبل‘ مقفى عبارت ڏي به لاڙو ڪيو آهي، جهڙو قلندري ميلي جو ڳچ پاڱو مقفى آهي. پر سندس ايڊيٽريءَ ۾ جيڪي اخبارون شايع

ٿيون، انهن ۾ سندس پر زور ۽ فصيح و بليغ نثر نويسيءَ جو داد ڏيڻو پوي ٿو. هن کان پوءِ سنڌ ۾ جيڪي به پر زور اخبار نويس ٿي گذريا آهن، جهڙوڪ مسٽر عبدالوهاب ايڊيٽر ’مسافر‘ يا مرحوم شيخ محمد سليمان يا مرحوم ’مخلص‘ سي سڀئي ’بلبل‘ مرحوم جا مقلد ۽ خوشه چين آهن.

ظريفانه شاعري:

هن ڳالھ کان ته هرگز انڪار ڪري نٿو سگهجي ته سنڌ ۾ ظريفانه شاعريءَ جو پهريون پهريون موجد ’بلبل‘مرحوم آهي، هن جو مختر دماغ، اصلاح بابت ڏاڍي جرائت ۽ طاقت سان عجيب عجيب مضمون پيدا ڪرڻ لڳو. مسلمانن ۾ هڪ طرف انگريزي تعليم جي بر خلاف سخت نفرت پيدا ٿيل هئي ۽ ٻئي طرف يورپ وارن جي انڌي تقليد، مسلمانن جي ثاني طبيعت ٿي چڪي هئي. ’بلبل‘ مرحوم ٻنهي خرابين جي بر خلاف زور شور سان قلمي جهاد شروع ڪيو، پر اهڙي ظريفاني رنگ ۾ وڙهيو جو سندس هر هڪ جملو يا هر هڪ مصرعو، دل ۾ جاءِ ڪري ٿي ويا ۽ ڪنهن کي به ضد يا چڙ نٿي ٿي، ان جو ٿورو تفصيل، هن ريت معلوم ڪرڻ گهرجي. شراب نوشيءَ جي خلاف ’بلبل‘ مرحوم مسلمانن کي هن طرح سڻيو:

پيارج ڪو اڄ بيئر وسڪي جو پا، ڪريما به بخشائي برحال ما.
مسلمانن جي غفلت ۽ سستيءَ کين جهڙيءَ طرح دنيا ۾ بي وقار بنايو، تهڙي طرح دين کان به غافل رکيو، ان بابت فرمائي ٿو:

نمازون نه پڙه، ساڻ مخرج ۽ مَہ
ڪه زو ننگ دنيا و عقبى بود
ملان هي جي موڙها ۽ سوڙها وتن،
ڪه دولت به طاعت، توان يافتن.
مگر قاعدو، ڪرمنل، بيگمان،
ڪشايد، درِ دولت جا ودان.

يورپ جي تقليد ۾ رڱجي، مسلمان اسلامي حڪامن کان بيپرواهي ڏيکاري رهيا هئا. انهن کي مخاطب ٿي چوي ٿو:

ڪتي پستڙي کي تون ڪج ڪور ڪور
نه باشي ز گلزار فردوس دور.
تون پيشاب تنهنجي کي هلندي ۾ هار،
ڪه جنت بود، جائي پرهيز گار.
پئين چونه تون شوقِ دل سان شراب،
مڪن خانهءِ زندگاني، خراب.

مغرب زده مسلمانن بابت فرمائي ٿو:

ساقي ما ڪوئي دلداريم،
صورتِ بوزله، به رفتاريم،
اڄ ٿيون ڏينهن ٿيو جو انگلش ڪان،
اوفتاده جدا، ز گلزاريم،
هاءِ هاءِ اي مِسِ ولايت پاڪ،
اي زبَهرتو، عالم نمناڪ.

’ڪريمان نيچرل‘ ۽ ’مامقيما نيچرل‘ ٻئي ان ناصحانه ۽ ظريفانه رنگ سان پُريل آهن، ان جو مطالعو ڪبو ته پوءِ ’بلبل‘ مرحوم جي خداداد قابليت ۽ شاعرانه قوت جو پورو پورو ثبوت ملي سگهندو ۽ واضح ٿيندو ته هن طرز ۾ سنڌ جا سڀيئي ظريف شاعر، ويندي مرحوم ’مخلص‘ تائين مرحوم ’بلبل‘ جا متبع ۽ خوشه چين آهن.

تضمين:

هن فن ۾ ’بلبل‘ مرحوم پنهنجو مَٽُ پاڻ آهي. ٻيو ڪوبه ساڻس همدوش ٿي نٿو سگهي. مثلاً

وڃي هڪ شاپ تي ويهي، برانڊيءَ کي ڪيون هاها،
الايا ايها السّاقي، ادر ڪاسا وَ ناولها.
آهن ڪوڙا رڳا قاضي، وتن ٿا برهمن ٻتليا،

ڪجا دانند حال ما، سبڪساران ساحلها.
وجهي وارن ۾ وانگوڙا، هلي ٿي مس جڏهن ’بلبل‘،
ز تاب جعد مشڪينش، چه خون افتاد در دلها.
سانجهي صبح جو چاڙهج، پنگ جو پري پيالو،
تا بر تو عرض دارد، احوال ملڪِ دارا.
پٺڪو ڳچيءَ ۾ پاتل، جي گهِلبو ڏسين تون،
اي شيخ پاڪدامن، معذور دار مارا.

گهُرجي شائق کي هڪ پيالو شراب،
الصبوّح الصبوّح، يا احباب.
هڪ پري چهره، پڻ هجي، همدم،
المدام المدام، يا احباب.

ظريفانه رنگ ۾ مرحوم ’بلبل‘ جو سنڌي نثر خواه نظم ۾، ڪوئي ثاني ناهي، ’تيرهن چار مڪرن جا مار‘ توڙي ’چمن قربان جان ‘وغيره ظريفانه رسالا ۽ اخبار ”آفتاب سنڌ“ سکر جا پرچا پڙهي ڏسو ’ڪريما‘ تي تضمين، توڙي مامقيما جي تضمين، اسان جي دعوی جو پڌرو ثبوت آهن.
زبان جي صفائيءَ، صفاحت، بلاغت ۽ طلب جي ادائيءَ ۾ ’بلبل‘ جو مٽ ڪو ورلي پيدا ٿيندو. البت ڪلام جي

موزونيت جو گهڻو خيال نه رکيو اٿس، جو ان وقت جي هر شاعر ۾ اها ڪمزوري فطرتي شاعر جو ڪم آهي. ’بلبل‘ مرحوم جي اها نقش طرازي ڏسو، نئين فيشن جي دلداده ڇوڪرن ۽ ڇوڪرين جي چال چلت جو نقشو هن طرح ڪڍي ٿو:

جنٽلمين مسُين جا جوڙا، چيلهه ۾ پاڪر ڏوڙا، موڙا،
نچ وي باندر، نچ وي باندر_تاڪ ڌنا، ڌن تاڪ ڌنا!
ڪرڪٽ بال ۾ مرد زنانا، ٻوڙن ڍُڪن، تال ترانا،
هري هري ها ها، هر هر تاڪ ڌنا، ڌن تاڪ ڌنا!

ڇمڇا، ڪانٽا، ڪٽ ڪٽ، ڪڙ ڪڙ،
چيمبر ۾ چيئرس جي تڙ تڙ
شاش ڪرڻ ۾ بينڙ شڙ شڙ_
تاڪ ڌنا، ڌن تاڪ ڌنا!

هيءَ پوئين مصرع اهڙي روان ۽ فصيح آهي، جنهن تان ڪيترن مزاحيه شاعرن جو ڪلام گهوري ڇڏجي:
انصاف شيوه ايست ڪه بالائي طاعت است!
ظرافتي نثر نويسيءَ جي ايجاد به سنڌ ۾ پهريائين ’بلبل‘ مرحوم ڪئي، پر ان ۾ سندس خاص قابليت هيءَ آهي، جو

مخاطب کڍهن به پاڻ ڏي محسوس نه ڪندو، بلڪه ڪِلي ڏيندو ۽ سمجهندو ته مخاطب ڪو پيو آهي.

والسلام

حافظ عبدالله”بسمل“ ٽکڙائي

متن
پليگي ڪريما
(مطبوع 1905ع)

تضمين، بر غزل حافظ عليہ الرحمتہ
مِسانِ خود فريب آخر، فرستادند اين بِلها،
طلب ڪردند چندان زر، ڪه خود افتاد در دلها،
نشاط طبع برهم شد، شڪست آن رنگ محفلها،
”الايا ايها السّاقي اُدر ڪاساً و ناولها،
ڪه عشق آسان نمود اول، ولي افتاد، مشڪلها.“

هوئي هين علمِ دنيا، نورِ ايمان، قلب سي زائل،
ادهر ڪالج ڪا بيڙا پار ڪرني پر هي دل مائل،
ادهر هي نوڪري دشوار، چڪّر مين هي هر سائل،
”شب تاريڪ و بيمِ، موج، گرداب چنين حائل،
ڪجا دانند حال ما سبڪسارانِ ساحلها.“

نه قيدِ شرع باقي آ، نه آزاديءَ جي ڪجھ آ حد،
نه ڪر ڪا گفتگو هن بابَ ۾، چانيڪ يا چا بَد،
بزرگن جي به فتوى آ ته، پڙھ قانون سر سيّد،

” به مي سجاده رنگين کن، گرت پيرِ مغان گويد،
که سالک بي خبر نه بود، ز راه ورسم منزلها.“
ڪٿي آ پيش بيني ۽ طبيعت پي نه آ حاضر،
وٽي ٿي روح کي ڏاڍي، بلي! بزمِ بتِ ڪافر،
نڪو آ خوف ايماني، نڪو آ دين سان خاطر،
نهان ڪي مانند آن رازي ڪزو سازند محفلها

رحيما

رحيما، حليما، قديما، قدير،
ڪري عرض ٿو اڄ نماڻو حقير.
جو آهيان گناهن ۾ ورتل غريقِ،
رفاقت ۾ شيطانَ جي همه طريق.
نڪا ڪا پُڄي ٿي سند ئي بندگي،
گناهن ڪان آهي ٿي، شرمندگي.
نه اَمرونَهِي تي ڪيو مون ڌيان،
اجائي وئي عمر ساري زيان.
نه مون ڪئي عبادت، نه روزو نماز،
خورد خواب غفلت، هوا حرص و آز.
وئي سڀ حياتي، حرام ۽ وبال،
نڪو موت و محشر جو خوف ۽ خيال.
هي دنيا جا ڌنڌا، جٺي پروري،
انهن ۾ اسان چي بُندي وئي ڳري.
ٻٺاڪون سٺاڪون، گلائن بچار،
پرڻ پيٺ لئي آه جهوري جهڄڻ.
ڏسون ويٺا، ماني گهي شل اچي،
پڪي آ الائي، ٿي هاڻي پچي!

خدا شل ڪري، ڪو هجي ٻوڙ جوڙ،
هٺون زنب دهرا، ڪيون خوب ٺوڙ.
ڦُري ماري ٿا پيٽ پنهنجو پليون،
ڪٽي روز دانگي ٿا مُنهن تي مليون.
پري پيٽ، آڪڙجي، سيٺه جان ساهه،
چڻ آهيون سڀي ملڪ جا بادشاهه.
ٺٽي ٺهلجي، اوگرايون ڏَڪار،
پري ڦوڪ تان خواب جو ٿيو خمار.
وجهي بسترا نرم، ڳاڙها پلنگ،
ڪيون باد جا پيا خد نگ و تفنگ.
سڀي رات، سُڪَ، گهوگهرن جو ٺڪاءُ،
نڪا دين جي سُنڌِ نه دنيا سماءُ.
جڏهن سج، سوا پَهر ڪاني اچي،
اجا ننڊ تڏهين اسان جي مچي.
اُٿون پير پوٺا، نڌٽڪار نڪار،
ملي آهه چڻ موچڙن واري مار.
اوٻاسيون ۽ آرس، سيئي سَنڌ سور،
اُٿڻ سان پوي، پائخاني جو پور.
چڪيون چلم، يا ناس چُڪڙو شراب،
گناهن فسادن ۾ خانو خراب.

ته نالو ڏٽيءَ جو، توڪل نه توه،
اهي پيٽ پٽٽا، اها پَٽَ ـ کوه.
سچو ڏينهن هَڻ ـ هَڻ، سچو ڏينهن تاڻ،
اهي جوڙ چٽيون، اها خاڪِ چاڻ.
گرفتار، گهر ٻار جي گوڙ ۾،
عيالن جي چيهوڙ، پيهوڙ ۾.
ڪُتن جان ٻَهي، يا گڏه جان وَهي،
سٽيندي ڪُٽيندي وجي سج لَهي.
جتي پي لڳي ويو، هٽون زور جهَٽَ،
ويو دين دَمڙيءَ، ته ايمان چَٽ.
اسان کي نِيو نفس، هن نامراد،
شر و شور، شهوت جو فسق و فساد.
اُٺڻ سان لڳي، پيٽ پٽڪو پڙو،
وجهون وات ۾ ڪو ٽُڪر يا ٽڙو.
تڏهن اک پٽيون، ڪو سُجهي ڪم ۽ ڪار،
فريب ۽ دعائون، ڦريون، ڌاڙِ مار.
صبح ٿيو ته شيطان جي گهنڊڻي وڄي،
ننڍي ۽ وڏي کي ڪا پٽڻي لڳي.
ننڍا تان هليا، راند بازي رَمي،
وڏا پوک تي ويا، ٻيا ٿا ڪَمي.
لڳا جن کي پادر، ويا سي پڙهڻ،

سويلو سڪولن جي چاڙهي چڙهڻ.
پڙهيا سي ته چا، سڀ اجايا اکر،
لُچائي، ٺڳي ناٺ، ڪوڙ ۽ مڪر.
نه عَربي ادب، نا فقه، نا اصول،
نه ٿي معرفت يا حقيقت حصول.
جي منشي ته ڪَچَ ۾ قلمدان ڏس،
سندس جعلسازيءَ ۾ جولان ڏس.
جي نوڪر ته رشوت، تغلب، تمام،
نه سَنڌو نه سيڙهو، حلال و حرام.
جفا جور ۽ ظلم و زوري، غصَب،
غريبن تي ڦُرمار، غصو غضب.
مٿي ڪوڙ، ڪورٽ ۾ ڪيسن جو ڪم،
اٿين آني شاهد، ڪسيري قسم.
زمين ۾ جي بي بَرڪتي جو حساب،
زميندار، ڪڙميءَ جي نيت خراب.
ڳَٺئي لاءِ واپار، بازار ڏس،
اتي پي ڪُپت ڪوڙَ جي ڪار ڏس.
ڪمائيءَ ڪنهين ۾ نه روزي حلال،

ڪُپت ڪوٽ، لالچ، خيانت خيال.
اهو پيٽ اهڙو پَرائي ٿو پَن،

ڌرم دين اسان جو ته ايمان آن.
پنائي، ڦٽائي، رُلائي پليد،
ڪيو شڪم شيطان، زر و زن - مريد.
جي زَن آهي قبلو ته ڪعبو ٿي زر،
انهن جي اطاعت ۾ ٻَڌجي ڪمر.
مگر زال مرشد، ته زر، غوث پير،
اهي قبله عالم، اهي دستگير.
زمين و زر و زن، اسان جي مراد،
انهن تي ئي جهگڙو، انهن تي فساد.
حقيقت ۾ آهي ته زن راهزن،
زر و مال، و اولاد، ايمان شڪن.
انهن کي سڏيو، خالقِ عالمين،
ته ”فتنو“ ڪري، يا ”عدوَ مبين“.
اسان جي ته آهي، انهن سان پياس،
”عدو“ سان محبت رکون بي شناس.
انهن جو پيار آهہ نقصان ۾،
ننگو نانگ پاليون گريبان ۾.
اسان جو نڌر نف، پانڊي پڳو،
وهائي ڪيو جنهن آ، پوٺي- ڍڳو.
سڄو ڏينهن پوڄا اٿئون پيٽَ جي،
سياري، اونهاري، ڪَتي، چيٽَ جي،

چي ماڻهو رهن سورَ ۾، دردناڪ،
مڙئي جانور پيي، انهيءَ ۾ هلاڪ.
ڍڳو ڍور، ڍانڍو، چرندو پرند،
سڀن تي سويرو ٿو ڪڙڪي ڪمند.
مَيا مالَ هڪڙا، چڙيا جهنگ ۾،
ٻين کي هنيائون ٻڌي، تنگ ۾.
ڪنهين تي سواري، ڪي ڍوئين بار،
ڪنهين گِهِل گاڏي، ڪو هر ڦار نار.
ڪنهين ڪوس ڪارد، قَلم، دام بند،
بندوقن ۽ بازن، گڙن جا گزند.
انهن تي به شامت، اسان جي پئي،
پِٺيندي ڪُٺيندي، سڄي عمر وئي.
اهو آهي، ماڻهن مِرن جو ته حال،
ڏسو خوب، قدرت جو ڪرتب ڪمال.
غَرض آهه سڀني کي نفسن جو نيل،
جي ماڻهن کي پِٺڪو ته ڍورَن کي ويل
حياتيءَ اسان جيءَ تي، صد حيف آهه،
جو ڪوڙن ڪمن جو چڙهيو ڪيف آهه.
خباثت، خساست ۾ خوڪن، خصال،
ڪُتن کان به ڪمتر، مِرن جي مثال.
جي صورت ۾ انسانَ آهيون بَحال،

ته سيرت، سگ و گرگ، شير و شغال.
جنهين ڪاڻ آيا، ويا سو پُلِي،
عجب، گوڙ گهمسان جي وا، گهُلي.
رڳو پيٽ پالڻ ۾ سپ ويا مَچي،
انهيءَ گند ۾ گار ۾ ويا گچي.
جنهين کي ڏسو، سو اتي غرق آ،
مِرُن ۾ اسان ۾ نه ڪو فرق آ.
مِرُن ۾ پَسن جان سچو ڏينهن رات،
سمهڻ، کاڄ کائڻ سندي آھ تات.
مگر سچ، انهن کان به آهيون خراب،
جو تن تي نه آهي، حساب ۾ عذاب.
هتي پي اهي ئي چُٽا جي ڪُتا،
مگر هاءِ ماڻهو! ٻنهي هنڌ مُٺا.
شريعت جو شيوو، ڏنوسون ڇَڏي،
وڏوسون سون گناهن ۾، غفلت گڏي.
وَڏائي وِڏي، تنگ، حرص و اَمل،
ڦدوليون وڏا خرچ، خواري، خَلل.
لباسن نفيسن سندي، ٽنڊ ٺاءِ،
مڪانن جي زينت، سندي زيٺ زانءِ.
گلابَند، ڪالَر، لڪڙ، هاف بوٽ.
گهڙي، ڪوٽ، پتلون، چشما، چروٽ.

قميصون ڪفن دار، جاڪٽ جُراب،
سليپر، سپاٽا، سبائڻ ثواب.
ڏنگِي سينڌ. نَنيڙا چَٽا، مُڇَ دراز،
ٿوال ۽ ڪنگھي، برش، صابڻ جو ساز.
صَفا سِرُ ته ڏاڙھي، چَپَڙا چٽ، قَلم،
زبان تي به گِٽِمِٽ رھي دمبدم.
گلي ۾ ھجي نيڪٽائي سياھ،
ته پرشن يا ٽرڪش، ڪرسچن ڪلاھ.
سچو ڏينھن سيٽي، صبح و شام واڪ،
ھجي ھَٿَ ۾ ھنٽر، ته ٽم ٽم ٽراڪ.
رکڻ ھڪڙو بُل - ڊاگ، آھي ضرور،

مقرر ھجي، چانھ، بسڪٽ جو ٽيم،
ته جاين جو سينگار، پڪچر فريم.
نصارن جو ڪاٽو، نصارا لباس،
ڪبٽ، ميز، ڪرسي، بَتي ۽ گلاس.
نئين طرز پوشاڪ جو ڊبل ڊول،
پراڻي ڪيائين ته ٿيو، ڊيم فول.
رلايو ته شادين غمين جي رسوم،
ڪٽي قرض ڏوڙيو ڪجي، ڏامَ ڏوم.
سوين ناچ، نخرا، لکين رنگ راڳ،

ڀُلا، ٻوڙَ جا ڪوڙَ، لنگهن جا لاڳ.
خوشامد تي ڪوڙي، سمورو مَٿو،
تڏهن پي، ڳِلا جو نه گانگهو لَٿو.
جي ڏوڪڙ ڳَتا، سي نه هڙ هنج ٿيا،
پلئه گنج هڪڙن ته ٻيا رنج ٿيا.
ٻَها تي گناهن کي ٿا مُلھ وٺون،
جهُڳو پينگ، ته به ڪين هٺجون هَٺون.
جتي شور شَر، روح ريجهون اتي،
ٻُڌون دهل، آرام جئن ٿئي سُتي.
هنپوچيءَ تي ريءَ سَڏ جي هينئڙو هَلي،
لڳي لَٺِ، ڪِري پَڳ، به اڳتي مَرون.
جهمر ۾ سڄي رات پيو جهونجي،
حرام آهي جو اک ڪٽي ٻوٽجي!
ڏڪا ڏوڻ، دهلن جو سارو ثواب،
نمازن ۾ ٻيهڻ، نسورو عذاب.
ٻُڌوسون ڪو ٻارهو ۾ ميلو ته هاءِ،
هلون يار هت، خوب خرچيون ڳپاءِ.
سڄو ڏينهن، جهيڙن وجهائڻ جي جهورَ،
ٿيا ٻهَ، ته لاوَت ۾ چاوَت ۾ چور.
اچا ڪاٿي جهيڙي جو پٽڪار ٿيو،
هنيو ساهه، لَئون لَئون، ٺري ٺار ٿيو.

ڪَٽي چيٽون پورين ته ڏهڪار ٿئي،
ڪو ڪنڪار، سنڪار، ڦهڪار ٿئي.
جي برپا ڪتهين تي، ٿئي ڪو فساد،
اسان جو شغل، شوق، دل، شاد - شاد.
جي ڪنهن جو تنزل ۽ نقصان ٿيو،
ٻُڌي خوش خبر، دهن خندان ٿيو.
ملامت ۽ لعنت ۾، کوليون زبان،
گِلا ۽ بُرائيءَ جا آٽيون بَيان،
نٿو روح ڪنهن جي ڦدولي سهي،
سوا عيب، ڪجي ٻيو لچڻ نا لهي.

پرائي ترقي، سُٽي جا ڪَنَ،
حَسَد جي وجهي باھ، ساڙي بدن.
طبع کي موافق، گِلا جي غذا،
بَدن جي رطوبت، حَسَد ۽ ريا.
اسان جي لياقت ته غيبت غرور،
اسان جي فَضيلت ته فسق ۽ فجور.
صفائر، ڪبائر، اسان جي صلاح،
گِلا، ظلم، بدعت، اسان کي مباح.
اسان وٽ ته ابليس، واندو وَتي،
فراغت ۾ فرحان، گهُمي ۽ گهَتي.

رهيو جو مُذمت ۾ باقي زياد،
ڏياريو، انهيءَ کي، اسان آهي ياد.
اسان جي مَداين کان ٿيو منفعل،
خرابي اسان جي کان آهي پڳل.
وَڏئون وَڏ، اسان جي ڏسي بات هِن،
ڏني آهي بدليءَ جي درخواست هِن.
چيائين ته؛ هِت منهنجو، ٿيندو نه داد،
جو هرهڪ هتي ٿيو، سندم اوستاد.
چوي هڪ، گُنَه تان ڪريون، چار - پنج،
اسان وٽ پَلا ٿيا، گناهن جا گنج.
جي هن کي خبرهوءِ ته چوڏهين صدي،
کٽي گوءِ ويندي، مون کان، دربدي.
ته هيسين رهڻ جي ڪري ڪا نه ها،
جيئڻ لاءِ مهلت وٺي ڪا نه ها.
مگر فائدو هن کي هي ٿيو حصول،
جو فقرا گهٽا هِت سکيائين فضول.
سڏاري اسان کان قواعد زيان،
خدا کان گهرون ڪو وري پيو جهان.
نفاق ۾ ڏسو ڪفر جا سپ نشان،
ته ڪهڙا نه آهن، اسان ۾ عَيان.
اسان کان اچي، عار، ايمان کي،

شرارت ۾، ٿيو شرم، شيطان کي.
ڪمائي اسان جي، سڄي ڪوڙ ڪچ،
نه خالي ريا کان نه صافي نه سچ.
رڳو حَظ نفسي ۾ اڌريا هزار،
ڪشالا ڪروڙين، اوجاڳا آپار.
نه تڪليف تنهن ۾، نه عذر و قصور،
بدن باغ، دل خوش، ته سيني سرور.
ٿيو جي نمازن، درودن جو سَڏ،

ٻَرا، سورَ صدها، اچي ٿِين گڏ.
جي خيرات، صدقي جو ٻُڌبو ڪلام،
چڙهي تپ پُو ويندو، بَدن تي تمام.
جي هلندي، زڪاتن جي ڪا قال قيل،
سوين عذر معقول، دلبا دليل.
جي گهُرندو ڪو پئسو يا ڏوڪڙ فقير،
وٺي باھ ويندي، اندرِ چاڪ چير.
جي رنديءَ جو فرمان، تان عين فرض،
قضا ڪين ٿيندو، ڪٺون توٽي قرض.
ڪٿي وعظ ٻُڌبو، ته ٿيندي ٻُچان،
نه ايندي جميعت، لچان ۽ پچان.
جي لاچار وهبو ته دل بي اثر،

اتي پي، دنيا جا خيال ۽ خطر.
اها پندِ ايندي نه هرگز پسند،
چوي دل، ڪري شال بَڪواس بند.
بُڌڻ بانگ سان ٿو هٽي نانگ ڏنگ،
وڪوڙي وجهن وسوسا خوب ونگ.
جي چڪلي ۾ وڃبو ته ٿي چاق چست،
جي مسجد ۾ گهڙبو ته ماندو ۽ سست.
وڏو وس، جي اچبو، نمازن جي باب،
ته وٺبا هٽي، چار ٺونگا، شتاب.
جو الحمد بدران، اَتحيات، ڪار،
رڪعتون هُجن بَه، ته چاڙهيونس چار.
اڌو اڌ وضو، وقت ظاهر ضعيف،
بَدن روح بيجا ته نيت نحيف.
قضا، تان قضا جي پڙهي ته به قضا،
دَهن ۾ دعا آه دل ۾ دَغا.
نه ويچار ويهي ڪيون هڪڙو دَم،
ته مَربو ۽ پوندو، خدا ساڻ ڪَمُ.
ته عبرت، نه حيرت، نه عقبیٰ تلاش،
زماني جو ڳرڻو ته مرڻو معاش.
ڪرايا هئا حرص، حيلا هزار،
ته پوري پئي ڪينَ ساري چمار.

جئين گڏ ٿئي ٿو، زر و مال گنج،
تئين وڌ ٿئي ٿو، تڪلف ۽ رنج.
لُچايون ڪَچايون، مَدايون ڪري،
بديءَ جا رکيم بار، سِرَ تي پري.
خدايا، سندءِ در ئي جائي پناھ،
ڪري مُنهن سيَه، ۽ وٺي دل تباھ.

گنهگار، بدڪار، بيڪار، بَد،
تون پنهنجي ڪرم کان نه ڪر مون کي رد.
گناهن سندي ڳالھ کھڙي ڪريان،
عبادت به عصيانَ جهڙي ڪريان.
گنھ کان رهي، ڪينَ، پالهي پَلڪ،
جو تن جي لکڻ کان پيا ٿڪجي، مَلَڪ.
سچو آھ دفتر خطا تي خطا،
خدا تون ئي آهين ٿيو صاحبِ عطا.
بَدين جي ڪرڻ کان ڪِيَم ڪين بيِم،
پُڌو ٿم ته تون آن، غفورالرحيم.
گناهن ۾ ٿيس، بيحيا، بيپرم،
ڪريما، بچائيم، تنهنجو ڪَرَم.
دقيقو ڇڏيم، ڪينَ، عصيانَ ۾،
تفاوت نه مون ۾ ۽ شيطان ۾.
مگر آهيان رحمت ۾ اميدوار،

رهيو ثَم، اهو آسرو، برقرار.
مَدو هوسِ مون کي مدائي رهاءِ،
چڱو آهين، تو کي چڱائي جڳاءِ.
ڪيم پنهنجي لائق تي سڀ بد عمل،
تون ڪر لطف لائق، مٿمَ بي بَدل.
مَٺايون، مَدايون ڪري ٿيس ملول،
مُڪم ميڙ توڏي، محمد رسول.
رُلي دربدر، ڪائي ٿاٻا ڌڪا،
سندءِ دري ڏي آخر پڳس اي خدا.
هي ٻانهو پڳل، پُر خطا، پُر خلل،
رکي ڪم ٿو تو ساڻ، آخر اول.
تون مالڪ اسان جو تون داور ڏٽي،
خطائون سڀئي عفو ڪر تون ڪٽي.
تون معبود منهنجو، پَچان يا ٿَهان،
تون مقصود منهنجو ته ڪاڏي وڃان.
خدايا مون کي هن بدين کان بچاءِ،
شقاوت، شرارت، چيَن کان چڏاءِ.
اطاعت ۾ توڻي ڪيون ٿا قصور،
ته پي ڏين، پيو رزق روزي ضرور،
تون اهڙو سخي ۽ سخاوت شعار،
جو هيڪر ڏئين پو نه آڻين شمار.

نه عيبن خطائن تي تنهنجي نظر،
سنڌءِ رحم سپني مَٿي سربَسر.

پَڪَڙَ تي ٿو، نا گرم جوشي ڪرين،
ڍسي عيب تون، عيب پوشي ڪرين.
خدائيءَ جو لائق تون آهين خدا،
جو سپڪا صفت، تنهنجي بي انتها.
تون اهڙو اسان جو رحيم آهين رب،
گهُريو، اڻگهُريو ٿو بنائين سبب.
اميرن جو پرور، غريبن نواز،
تون ئي ساري مخلوق جو ڪارساز.
هِتي پي ڪيون تو، عطائون عَجيب،
اُتي پي ڪرين، شال رحمت قريب.
مُنس جي ڪئي مون سان عدل و حساب،
بچيس جي کُليو، تنهنجي بخشش جو باب.
تون ڏاتار آهين، مٿم ڏات ڪر،
سپئي منهنجا سيئات، حسنات ڪر.
بچائج خدا، شر شيطان کان،
نپاڄي، نڌِر، نفس نادان کان.
گهڻو، صبر ۽ شُڪر جو شوق ڏي،
پنهنجي ذڪر ذاتيءَ سندو ذوق ڏي.

ڪرين معرفت ۽ محبت عَطا،
هدايت مَٿي، استقامت سدا.
ٿئي خاتمو خير سان با نجات،
به حرمت محمّد عليه الصلوات.

در نعت حضرت نبي ڪريم

صلي الله عليه وسلم

خدا پڻ ڪريم ۽ محمّد ڪريم،
پو عاصي ڪريون ڪهڙو محشر جو بيم.
محمّد اسان جو شفيع و شفيق،
خدا خُلق اعظم سان خلقيو خلق.
محمّد اسان جو امين ۽ ايمان،
محمّد اسان جو، ضعيفن ضمان.
محمّد اسان لاءِ پشت و پَناه،
محمّد، ٿيو دين جو دستگاهه.
محمّد وڪيل و محمّد ڪفيل،
محمّد وسيلو، محمّد جَزيل.
محمّد حبيب و محمّد طبيب،
محمّد نجيب و محمّد مجيب.
محمّد مجيد و حميد و حڪيم،

محمّد، رسول ۽ رئوف الرّحيم.
محمّد مبشر، بشير و نذير،
محمّد سعيد ۽ سراجا منير.
محمّد مزمّل و قويّ و امين،

محمّد مَڪين و متين و مبين.
محمّد علوّشان، عالي نسب،
قريشي و عَرَبي و امّي لقب.
محمّد مڪمّل، جميل و لطيف،
ابوالقاسم و هاشمي و شريف.
محمّد ٿيو مظهرِ ذاتِ حق،
ڪيائين قمر، ساڻُ انگشت شق.
محمّد سچو، سيّد و سرفراز،
محمّد سچو، ربّ، عزّت جو راز.
محمّد کي مولا ڏني سروري،
محمّد کي بخشي خدا برتري.
محمّد سچو، پيشوا، مقتدا،
محمد سچو هادي و رهنما.
محمّد حمايت، محمّد امام،
محمّد عليه الصلوات و سلام.

دربيان صرف اوقات

اچي هاڻ ٿي، عُمر تنهنجي تمام،
مَٿائي نه تو طرز و رسم و ڪلام.
سکئين ڪا نه ڪا صاحباڻي سِيرَ،
نه گڏ مارننگ، مئي ڊئر، ڪم هيئر.
پڙهي پارسي تون ته جاهل ٿئين،
وڏي قافَ سان، ڪين قابل ٿئين.
ٿئين تون ته محروم، ”سنڌيءَ“ سبب،
نه تو ڪي مليو، ڪوئي ”ٿَرَ“ جو لقب.
رهئين تون نسورو چٽاڻو ئي چَٽ،
ڪو حاصل ڪيو تو نه سرٽيفڪيٽ.
نه تون ٿئين هچارا، فصيح اللّسان،
سکئين ڪين ڪي، انگريزي زبان.
وڃائي تو پنهنجا چڱيا، ڀَئي جَهان،
ڏنا ڪين ڪي تو انڌا، امتحان.
روينيو، جڊيشل، وڪالت، وغير،
ڪهاڙيءَ سان پنهنجو وڍيئي پاڻَ پير.
عمر پيي اجائي ٿي بيسود، صرف،

ڪيئي ڪين حاصل ولايت جو شرف.

نه ڊپٽي ٿئين تون نه مختيارڪار،
ٿئين همسرن ۾ ذليل و خوار.
جي، بي - اي، ٿي، تولئي بيعد از قياس،
ته ميٽرڪيوليشن به ڪيَڙئي نه پاس.
جي هِنِ، جَجَّ، سي ايس، چئو تن کي جِي،
مبارڪ، مبارڪ سندن ماءُ، پِي.
چڙٻي تو کي مائٽ، نه سنپريا ڪو سُک،
مُلون ٿي تنين کي، ڏنئي ڏنجھ ڏُکُ.
نه صاحبَ، ڪنهين جو ڪيو تو سلام،
نه ديوان ڪنهن سان، ٿئين همڪلام.
نه ٿئين ماستر، تون تڙو تپّدار،
نڪي ڊِڪَ مُنشي نه اميدوار.
ڪنهين نوڪريءَ جي نه تو ڪئي تلاش،
رهئين تون ته بيڪار اي بي معاش.
نه آئي ڪا تو کي، رفيقن تي ريس،
ندورا جو تو کان پري ٿي پليس.

در بيان سخاوت

سخاوت ڪري ڪو نه دانا قبول،
سخاوت ڪري جو رهيو بوالفضول.
سخا ۾ ته هڪڙو، خدا آهه بس،
ٻيو پاڻ کي ڪَس نه لائي اَوَس.
سخاوت ڪري ٿي، سَوَن کي سُجو،
سخي آ هميشه، بکيو ۽ اُجو.
سخا سو ڪري، جو هجي بادشاهه،
ڪري ٻيو ته جهٽ ٿئيس خانو تباهه.
سخا کي سياڻا نه ڪن ٿا پسند،
سخا کان رهن، دور سڀ هوشمند.
سخيءَ جو هميشه رهي تنگ دست،
سخاوت ڪيو آهه، ماڻهن کي پست.
سخاوت ڪري، مفلسيءَ ۾ ملول،
سخاوت ڪرائي ٿي، دعوا دخول.
سخاوت روا ناهه، انصاف ۾،
سخا ليکبي آهه اسراف ۾.

اڄوڪي سخا آهه، چندو ۽ فند،
مقدمن ۾ رشوت، ڀَتا، ”في“ ۽ ڏنب.

وڏو وَس ڏجي ناچَ يا رنگ ۾،
نهايت ته ناموس ۽ ننگ ۾.
مناسب سخا جا ته هي ٿيا عَمَل،
لباس ۽ جُوا، يا مڪان ۽ محل.
انهن کان سوا، خير خيرات ۾،
سخاوت شمار آهه بدعات ۾.

دربيان سخاوت

سخاوت ڪري ڪو نه دانا قبول،
سخاوت ڪري جو رهيو بوالفضول.
سخا ۾ ته هڪڙو، خدا آهه بس،
ٻيو پاڻ کي ڪَس نه لائي آوَس.
سخاوت ڪري، ٿي، سَوَن کي سُجو،
سخي آه هميشه، بُکيو ۽ اُجو.
سخا سو ڪري، جو هجي بادشاهه،
ڪري ٻيو ته جهٽ ٿئيس خانو تباهه.
سخا کي سياڻا ڪن ٿا پسند،
سخا کان رهن، دور سڀ هوشمند.
سخي جو هميشه رهي تنگ دست،
سخاوت ڪيو آهه، ماڻهن کي پست.
سخاوت ڪري، مفلسي ءَ ۾ ملول،

سخاوت ڪرائي ٿي، دعوا دخول.
سخاوت روا ناهه، انصاف ۾،
سخا ليکبي آهه اسراف ۾.
اڄوڪي سخا آهه، چندو ۽ فند،
مقدمن ۾ رشوت، ڀَتا، ”في“ ۽ ڏنڊ.
وڏو وَس ڏجي ناچَ يا رنگ ۾،
نهايت ته ناموس ۽ ننگ ۾.
مناسب سخا جا ته هي ٿا عَمَل،
لباس ۽ جُوا، يا مڪان ۽ محل.
انهن کان سوا، خير خيرات ۾،
سخاوت شمار آهه بدعات ۾.

دربيان بخل

هجي بخت جنهن کي ٿئي سو بخيل،
بخيلي ڪري سو هجي جو عقيل.
بخل آهي نعمت عجيب و غريب،
ٿئي ڪنهن وڏي نامور کي نصيب.

بخيلي خزاني سندي خير خواهه،
بخيلي گدا کي بڻائي ٿي شاهه.
بخيلي ته ”گارڊ“ رهي گنج جي،

ريا رام هر دم وٺي رنج جي.
بخيليءَ کي عاقل ڪري اختيار،
بخيلي ٻڏائي، وڏو بختيار.
بخيلي ڪري جو موافق، مزاج،
ڪڏهن ڪين تنهن کي رهي احتياج.
بخيلي وڌائي، زر و مال کي،
بخيلي نه هيٺو ڪري حال کي.
خدا کي نه پرواهه، خيرات جي،
نه حاجت زڪات ۽ نه صدقات جي.
سوالين تي آهي، خدا جو ڏمر،
ڇڏي در انهيءَ جو، رُلن دربدر.
نه پورهيو نه ڪارهيو، ٿا ڪن بيخبر،
پِنڻ ۽ سِنڻ تي ڪَشن ٿا ڪمر.
ڏيڻ پِي، انهن کي نه آهي رَوا،
نه پاراتي ۾، ۽ نڪي منجھ دعا.
رُکي ۽ سُڪي تي ڪجي پيو گذر،
ڏسي ڪو نه ٿو پيٽ ڪاڏو، پسر.
نه مهمان کي مُور ماني ڏجي،
مگر وات جي خوش زباني ڏجي.
ٿئي دين و ايمان، نقصان جان،
تڏهن پي ڪجي ڪين پيسو زيان.

بخيلن کي آهي، وڏي مدنظر،
سخي، هڪڙا، بي گُجي، بي ثمر،
بخيلن کي پر مغز، پيسي جو پور،
سخين کي سدائين، سُچائيءَ جو سور.

دربيان تواضع

تواضع ڪرڻ، نيچ عادت خسيس،
تواضع اهي ڪن جي سادا سليس.
تواضع خوشامد جو آهي نشان،
ڪري سو جو، مفلس ۽ محتاجِ نان.
ڪري، بينوا، بيشعور،
انهيءَ چاپلوسيءَ جو کهڙو ضرور.
تواضع غريبن، فقيرن جو ڪم،
تواضع شريفن جي لئي بي پرم.

گنهگار، بدڪار، بيڪار، بَد،
تون پنهنجي ڪرم کان نه ڪر مون
کي رد.
گناهن سندي ڳالھ کهڙي ڪريان،
عبادت به عصيانَ جهڙي ڪريان.
گنھ کان رهي، ڪينَ، پالهي پَلڪ،

جو تن جي لکڻ کان پيا ٿڪجي، مَلَڪ.
سچو آهہ دفتر خطا تي خطا،
خدا تون ئي آهين ٿيو صاحبِ عطا.
بَدين جي ڪرڻ کان ڪِيَم ڪين بيم،
ٻُڌو ٿم ته تون آن، غفورالرحيم.
گناهن ۾ ٿيس، بيحيا، بيپرم،
ڪريما، بچائيم، تنهنجو ڪَرَم.
دقيقو ڇڏيم، ڪينَ، عصيانَ ۾،
تفاوت نه مون ۾ ۽ شيطان ۾.
مگر آهيان رحمت ۾ اميدوار،
رهيو ٿَم، اهو آسرو، برقرار.
مَدو هوسِ مون کي مدائي رهاءِ،
چڱو آهين، تو کي چڱائي جڳاءِ.
ڪيم پنهنجي لائق تي سڀ بد عمل،
تون ڪر لطف لائق، مٿمَ بي بَدل.
مَٿايون، مَدايون ڪري ٿيس ملول،
مُڪم ميڙ توڏي، محمد رسول.
رُلي دربدر، کائي ٿاٻا ڌڪا،
سندءِ دري ڏي آخر پڳس اي خدا.
هي ٻانهو پڳل، پُر خطا، پُر خلل،
رکي ڪم ٿو تو ساڻ، آخر اول.

تون مالڪ اسان جو تون داور ڏڻي،
خطائون سڀئي عفو ڪر تون ڪڻي.
تون معبود منهنجو، پَڇان يا ٿَهان،
تون مقصود منهنجو ته ڪاڏي وڃان.
خدايا مون کي هن بدين کان بچاءِ،
شقاوت، شرارت، چيَن کان ڇڏاءِ.
اطاعت ۾ توڻي ڪيون ٿا قصور،
ته پي ڏين، پيو رزق روزي ضرور،
تون اهڙو سخي ۽ سخاوت شعار،
جو هيڪر ڏئين پو نه آڻين شمار.
نه عيبن خطائن تي تنهنجي نظر،
سندءِ رحم سڀني مَٿي سربَسر.

پَڪَڙَ تي ٿو، نا گرم جوشي ڪرين،
ڏسي عيب تون، عيب پوشي ڪرين.
خدائيءَ جو لائق تون آهين خدا،
جو سڀڪا صفت، تنهنجي بي انتها.
تون اهڙو اسان جو رحيم آهين رب،
گهُريو، آڻگهُريو ٿو بنائين سبب.
اميرن جو پرور، غريبن نواز،
تون ئي ساري مخلوق جو ڪارساز.
هِتي پي ڪيون تو، عطائون عَجيب،

اُتي پي ڪرين، شال رحمت قريب.
مُنس جي ڪئي مون سان عدل و حساب،
بچيس جي کُليو، تنهنجي بخشش جو باب.
تون ڏاتار آهين، مٿم ڏات ڪر،
سڀئي منهنجا سيئات، حسنات ڪر.
بچائج خدا، شر شيطان کان،
نپاڄي، نڏِر، نفس نادان کان.
گهڻو، صبر ۽ شُڪر جو شوق ڏي،
پنهنجي ذڪر ذاتيءَ سندو ذوق ڏي.
ڪرين معرفت ۽ محبت عَطا،
هدايت مَٿي، استقامت سدا.
ٿئي خاتمو خير سان با نجات،
به حرمت محمّد عليه الصلوات.

در نعت حضرت نبي ڪريم
صلي الله عليه وسلم

خدا پي ڪريم ۽ محمّد ڪريم،
پو عاصي ڪريون ڪهڙو محشر جو بيم.
محمّد اسان جو شفيع و شفيق،
خدا خُلق اعظم سان خلقيو خلق.
محمّد اسان جو امين ۽ ايمان،

محمّد اسان جو، ضعيفن ضمان.
محمّد اسان لاءِ پشت و پَناھ،
محمّد، ٿيو دين جو دستگاھ.
محمّد وڪيل و محمّد ڪفيل،
محمّد وسيلو، محمّد جَزيل.
محمّد حبيب و محمّد طبيب،
محمّد نجيب و محمّد مجيب.
محمّد مجيد و حميد و حڪيم،

محمّد، رسول ۽ رئوف الرّحيم.
محمّد مبشر، بشير و نذير،
محمّد سعيد ۽ سراجا منير.
محمّد مزمّل و قويّ و امين،
محمّد مَڪين و متين و مبين.
محمّد علوّشان، عالي نسب،
قريشي و عَرَبي و امّي لقب.
محمّد مڪمّل، جميل و لطيف،
ابوالقاسم و هاشمي و شريف.
محمّد ٿيو مظهرِ ذاتِ حق،
ڪيائين قمر، ساڻُ انگشت شق.
محمّد سچو، سيّد و سرفراز،

محمّد سچو، ربّ، عزّت جو راز.
محمّد کي مولا ڏني سروري،
محمّد کي بخشي خدا برتري.
محمّد سچو، پيشوا، مقتدا،
محمد سچو هادي و رهنما.
محمّد حمايت، محمّد امام،
محمّد عليه الصلوات و سلام.

دربيان صرف اوقات

اچي هاڻ ٿي، عُمر تنهنجي تمام،
مَٿائي نه تو طرز و رسم و ڪلام.
سڪئين ڪا نه ڪا صاحباڻي سِيرَ،
نه گڏ مارننگ، مئي ڊئر، ڪم هيئر.
پڙهي پارسي تون ته جاهل ٿئين،
وڏي قافَ سان، ڪين قابل ٿئين.
ٿئين تون ته محروم، ”سنڌيءَ“ سبب،
نه تو کي مليو، ڪوئي ”ٿَرَ“ جو لقب.
رهئين تون نسورو چِٽاٽو ئي چَٽ،
ڪو حاصل ڪيو تو نه سرٽيفڪيٽ.
نه تون ٿئين هچارا، فصيح اللّسان،
سڪئين ڪين کي، انگريزي زبان.

وڃائي تو پنھنجا چڱيا، ٻَئي جَهان،
ڏنا ڪين ڪي تو انڌا، امتحان.
روينيو، جڊيشل، وڪالت، وغير،
کھاڙيءَ سان پنھنجو وڌيئي پاڻَ پير.
عمر پيي اجائي ٿي بيسود، صرف،

ڪيئي ڪين حاصل ولايت جو شرف.
نه ڊپٽي ٿئين تون نه مختيارڪار،
ٿئين همسرن ۾ ذليل و خوار.
جي، بي - اي، ٿي، تولئي بيعد از قياس،
ته ميٽرڪيوليشن به ڪيَڙئي نه پاس.
جي هِنِ، جَجَّ، سي ايس، چئو تن کي جِي،
مبارڪ، مبارڪ سندن ماءُ، پِي.
چٽي تو کي مائٽ، نه سنپريا ڪو سُک،
مُلون ٿي تنين کي، ڏنئي ڏنجھ ڏُکُ.
نه صاحبَ، ڪنهين جو ڪيو تو سلام،
نه ديوان ڪنهن سان، ٿئين همڪلام.
نه ٿئين ماستر، تون تڙو تپّدار،
نڪي ڍڪَ مُنشي نه اميدوار.
ڪنهين نوڪريءَ جي نه تو ڪئي تلاش،
رهئين تون ته بيڪار اي بي معاش.

نه آئي ڪا تو کي، رفيقن تي ريس،
ندورا جو تو کان پري ٿي پليس.

در بيان سخاوت

سخاوت ڪري ڪو نه دانا قبول،
سخاوت ڪري جو رهيو بوالفضول.
سخا ۾ ته هڪڙو، خدا آهه بس،
ٻيو پاڻَ کي ڪَس نه لائي اَوَس.
سخاوت ڪري ٿي، سَوَن کي سُجو،
سخي آ هميشه، بکيو ۽ اُجو.
سخا سو ڪري، جو هجي بادشاهه،
ڪري ٻيو ته جهٽ ٿئيس خانو تباهه.
سخا کي سياڻا نه ڪن ٿا پسند،
سخا کان رهن، دور سڀ هوشمند.
سخيءَ جو هميشه رهي تنگ دست،
سخاوت ڪيو آهه، ماڻهن کي پست.
سخاوت ڪري، مفلسيءَ ۾ ملول،
سخاوت ڪرائي ٿي، دعوا دخول.
سخاوت روا ناهه، انصاف ۾،
سخا ليکبي آهه اسراف ۾.

اچوڪي سخا آھ، چندو ۽ فند،
مقدمن ۾ رشوت، پَتا، ”في“ ۽ ڏنڊ.
وڏو وَس ڏجي ناچَ يا رنگ ۾،
نهايت ته ناموس ۽ ننگ ۾.
مناسب سخا جا ته هي ٿيا عَمَل،
لباس ۽ جُوا، يا مڪان ۽ محل.
انهن کان سوا، خير خيرات ۾،
سخاوت شمار آھ بدعات ۾.

دربيان سخاوت

سخاوت ڪري ڪو نه دانا قبول،
سخاوت ڪري جو رهيو بوالفضول.
سخا ۾ ته هڪڙو، خدا آھ بس،
ٻيو پاڻ کي ڪَس نه لائي آوَس.
سخاوت ڪري، ٿي، سَوَن کي سُجو،
سخي آھ هميشه، بُکيو ۽ اُجو.
سخا سو ڪري، جو هجي بادشاھ،
ڪري ٻيو ته جهٽ ٿئيس خانو تباھ.
سخا کي سياڻا ڪن ٿا پسند،
سخا کان رهن، دور سڀ هوشمند.
سخي جو هميشه رهي تنگ دست،

سخاوت ڪيو آھ، ماڻھن کي پست.
سخاوت ڪري، مفلسي ۾ ملول،
سخاوت ڪرائي ٿي، دعوا دخول.
سخاوت روا ناھ، انصاف ۾،
سخا ليکبي آھ اسراف ۾.
اڇوڪي سخا آھ، چندو ۽ فند،
مقدمن ۾ رشوت، پَتا، ”في“ ۽ ڏنڊ.
وڏو وَس ڏجي ناچَ يا رنگ ۾،
نھايت تہ ناموس ۽ ننگ ۾.
مناسب سخا جا تہ ھي ٿا عَمَل،
لباس ۽ جُوا، يا مڪان ۽ محل.
انھن کان سوا، خير خيرات ۾،
سخاوت شمار آھ بدعات ۾.

دربيان بخل

ھجي بخت جنھن کي ٿئي سو بخيل،
بخيلي ڪري سو ھجي جو عقيل.
بخل آھي نعمت عجيب و غريب،
ٿئي ڪنھن وڏي نامور کي نصيب
بخيلي خزاني سندي خير خواھ،
بخيلي گدا کي بڻائي ٿي شاھ.

بخيلي ته ”گارڊ“ رهي گنج جي،
ريا رام هر دم وٺي رنج جي.
بخيليءَ کي عاقل ڪري اختيار،
بخيلي ٻڌائي، وڏو بختيار.
بخيلي ڪري جو موافق، مزاج،
ڪڏهن ڪين تنهن کي رهي احتياج.
بخيلي وڌائي، زر و مال کي،
بخيلي نه هيٺو ڪري حال کي.
خدا کي نه پرواه، خيرات جي،
نه حاجت زڪات ۽ نه صدقات جي.
سوالين تي آهي، خدا جو ڏمر،
چڙي در انهيءَ جو، رُلن دربدر.
نه پورهيو نه ڪارهيو، ٿا ڪن بيخبر،
پِنڻ ۽ سِنڻ تي ڪَشن ٿا ڪمر.
ڏيڻ پِي، انهن کي نه آهي رَوا،
نه پاراتي ۾، ۽ نڪي منجھ دعا.
رُکي ۽ سُڪي تي ڪجي پيو گذر،
ڏسي ڪو نه ٿو پيٽ ڪاڏو، پسر.
نه مهمان کي مُور ماني ڏجي،
مگر وات جي خوش زباني ڏجي.
ٿئي دين و ايمان، نقصان جان،

تڏهن پي ڪجي ڪين پيسو زيان.
بخيلن کي آهي، وڏي مدنظر،
سخي، هڪڙا، بي گُجي، بي ثمر،
بخيلن کي پر مغز، پيسي جو پور،
سخين کي سدائين، سُجائيءَ جو سور.

دربيان تواضع

تواضع ڪرڻ، نيچ عادت خسيس،
تواضع اهي ڪن جي سادا سليس.
تواضع خوشامد جو آهي نشان،
ڪري سو جو، مفلس ۽ محتاجِ نان.
ڪري، بينوا، بيشعور،
انهيءَ چاپلوسيءَ جو کهڙو ضرور.
تواضع غريبن، فقيرن جو ڪم،
تواضع شريفن جي لئي بي پرم.

ڏيو هاڻِ هن جهوني ''فيشن'' کي ٻَنِ،
ڪيو آهه ''ٻسمس''، علم يافتن.
تواضع ته ڪم، دل گرفتار جو،
ريا ڪار، مڪّار، غدّار جو.
تواضع ڦٽائي ٿو ماڻهوءَ جو مان،

تواضع وچائي ٿو شوڪت ۽ شان.
تواضع ڪري، رفعت و رعب رفع،
تواضع ڪري، دهشت و تاب دفع.
تواضع نه آهي، سياڻن صلاح،
تواضع نه آهي، ملوڪن ـ مزاح.

دربيان تڪبّر

تڪبّر هجي، خانداني ءَ جو خو،
ته گل عهده داري جو خوشرنگ بو.
تڪبّر ۾ آهن، حڪومت جا هَنڌَ،
هميشه هَٽي ٿو ڪِلي منجهه ڪَنڌَ.
تڪبّر ته وڏ ماڻهپيءَ جي ورونهن،
تڪبّر هجي، سروريءَ جي به سونهن.
تڪبّر، تجمّل جو آهي جمال،
تڪبّر، جلوو، جوڙ، حشمت جلال.
تڪبّر ته شهرت جو اوچو نشان،
تڪبّر ته آهي، شريفن جو شان.
تڪبّر ته حُڪما جو آهي، هُنَر،
تڪبّر ته اهلِ دَ وَل جو ثَمر.
تڪبّر ترشروئي ۽ تند خو،
اهي هرسه هِن، نسخهءِ آبرو.

تڪبّر سدا آهه سائي جو ساز،
نسب ۽ حسب لئي نزاڪت ۽ ناز.
تڪّبر ته آهي، معاون ملوڪ،
رُکو منهن، گهندي نرڙ ۾، ميٺ ڦوڪ.
برابر ڪو ويٺو - اُٺ بي ادب!
ڪو پيرين پيو نا ته غصّو غضب.
مگر افسرن، همسرن، ڪان سوا،
اٺڻ ڪنهن جي اڳيان نه رکجي رَوا.
مِلڻ جي رسم بَد ته پاڪر وجهڻ،
وڏو وس ته گهرجي، ڪٽي هٿ ڏيڻ.
خبر چارَ جي لاندي، ڪيڪر وڏڙي،
اسان تان رجسٽر تان ڊاهي چڏي.
سلامن جي ورنديءَ ۾ آگر ڪٽڻ،
اشارو ڪرڻ، يا پِرُن جو چُرَڻ.

جي بهتر ته آهي، تڪبّر تمام،
ته ڪنهن سان ڪجي، ڪو ڪلام و سلام.

در بيان علم

جي پانئين ته مولا ٿئي مهربان.
ته سِک علم تون انگريزي زبان.
انهيءَ علم ٻاجهون، هجي جاهلي،

شقاوت، نحوست سان گڏ ڪاهلي.
جي سنڌي ۽ عربي، پڙهيئي پارسي،
ته سڏبين وڏو سست ۽ آرسي
ٺُڪَر لاءِ محتاج، بيروزگار،
هجين حاڪمن وٽ، وڏو بيوقار.
پٽيوال پي، ڪين تو کي پڇن،
ڪلارڪ ته جاهل ۽ احمق سڏن.
رهن رنج تو کان، قريب و عزيز،
ته لائق ٿئين ڪين، اي بي تميز.
جي عزت جهان جي، رکو ٿنڌ ٿش،
پڙهو انگلش انگلش! انگلش!!
اهو علم، دولت جو آهي دليل،
زياده ته ''ميٽو'' پڙهي ٿي وڪيل.
اهو علم تو کي ڪري، عهده دار،
ڪليڪٽر ۽ ڊپٽي ۽ مختيارڪار.
اهو عمل بخشي فضيلت ڪمال،
حڪومت، مزا، عيش، اقبال و مال.
انهيءَ ۾ بلند بخت، نعمت الوف،
انهيءَ علم ڌاران، چَسو بيوقوف.
بنائي اهو علم، حاڪم حريف،
رسائي، اهو علم، لنڊن شريف.

دربيان جهل

سنڌيدان، جاهل، سيه روءِ سخت،
نجس نااهل، ناخِرَد، خفته بخت.
سنڌيدان، ”ڊيمٺ“، سنڌيدان، ”فول“،
رڳا جانور، جهنگلي ۽ جهُول.
سنڌيدان جي کهڙي آ دسترس،
سنڌيدان جو مانُ، ”گو - ڊيم“ بس.
سنڌيدان بيدانش و بيخبر،
انهن ساڻ صحبت نه گهرجي پسر.
سنڌيدان ڪمبخت، ڪم روزگار،
نه لائق اضافي، نه قابل شمار.
سنڌيدان جو وَرڪ، ويري خراب،
ويچاري کي آفيسَ ۾ پيي نه آب.

سنڌيدان کي ڪين ملند، گريڊ،
سنڌي ”ڊَلّ“، ۽ ”ويڪ“، بيڪار، ”بيَڊ“.
سنڌيدان جي ”لسٽ“ ۾ ”لاسٽ پيي“،
سنڌيدان کي هڻ بندوقون پري.
جو سنڌيءَ جي ”سروس“، ۽ سنڌي ”بريس“،
ڪرائي ٿي ”ڊسمس“ هلائي ٿي ”ڪيس“.
سنڌيدان اهڙا ته آهِن ذليل،

سزا تي انهن جي نه آهي ”اپيل“.
سنڌيدان ڪم ظرف، ڪِچرو، حقير،
پري پچ انهن کان، جيئن تيز، تِير.
اڳيئي سنڌي ماڻهو، صدقي جو ساهه،
پڙهيو جي نه انگلش ته ويتر تباهه.
سنڌيدان ڪم ظرف، ڪِچرو، حقير،
پري پچ انهن کان، جيئن تيز، تِير.
اڳيئي سنڌي ماڻهو، صدقي جو ساهه،
پڙهيو جي نه انگلش ته ويتر تباهه.
سنڌيدان محروم سرڪار کان،
انهن جي خورد و پوش اسرار کان.
سنڌيدان کان گهُر خدا جي ناهه،
انهن سان مِلڻ قاعدي جو گناهه.
سنڌيءَ جو وٺي ڪين صاحب، سلام،
سنڌيءَ جو سماعت نه عرض و ڪلام.

دربيان عدل

ڏيو عدل، رقمن ۾ رپين جو ”روڊ“،
بنيو عدل، ڪُوڙن ڪمائڻ جو ”ڪوڊ“.
عدالت مهانگي ۾ مدت گهُري،
رلائي، پِنائي، ڦُرائي، ڦري.
سوين ”سيڪشن“، فيصلا اڻ شناس،

تپاس و قياس و هراس و ”ڪراس“.
قلَم قاعدي جي هلي قال - قيل،
دليل و ”اپيل“ و اصيل و وڪيل.
پچا ۾ جو آيو، سَچو با صفا،
ذرو پير ترڪيو ته ڪائي هوا.
سَچا ڪاٺَ ۾ پيا ته ڪوڙا ڇُٽا،
وڪيلن رکيا خوب، ميڙي مُٺا.
هجي، عدل پالو، ”پليڊر“، ”پليس“،
رڳو ڪوڙَ تي ڪِن، ثبوتي سليس.

ڪَچي قيد ۾ جو پيو سو سُڪو،
ڇٽو ڇا؟ سزا هو ته پوڳي ڇُڪو.
وڏي ڪم ويو، ڪورٽن کي اُپار،
هلي ڪيس هڪڙو، مهينا به - چار.
اونهاري ۾ حاڪم رهن، ڏيهه - ڏور،
سفر جو مقدمات وارن کي سور.
سياري ۾ هر روز جي لڏ-پلاڻَ،
ڪِهِلبا وتن، سپ سمن دار ساڻ.
رلي ٿين گهڻو رنج، شاهد - گواهه،
مِلي ڪين تن کي پَتو، خرچ واهه.
وِڏا سيءَ ساڙي، سڄي راتِ هاءِ،

نه ماني نه ٽِڪي، نه جا ڳهه، نه جاءِ.
ڏهاڙي ڏَمَر هِي ته حاضر رهو،
ويچارن سندو ويو، آهو ۽ سَهو.
غرض آهه پيسو عدالت جو ساهه،
جي پيسو ڪٿو، تان عدالت، تباهه.

دربيان ظلم

ڪريان ظلم جي ڳالهه ڪهڙي ادا،
هجي سرخرو حاڪمن سان سدا.
ملي عام ماڻهن کي هن جي مراد،
نوابن، اميرن، سندو اوستاد.
زميندار جو آهه زيور ۽ زور،
سپاهين جو سرتاج، ميرن جو مور.
ڏئي سَريندي وارن کي سرٽيفڪيٽ،
وڪيلن سَندَ، نوڪرن جي ٽڪيٽ.
رهي راءِ صاحب جو هر دم رفيق،
هجي، خانصاحب جو خاصو خليق.
ٿيو ”جَنٽلي - مين“، جو ”گڊ - فرينڊ“،
ته مستر ۽ بابُن جي بازيءَ جو ”بينڊ“.
ڪري ڪو نه ڪامورو، ان ۾ قصور،
ٿيو سيني ڪاتن ۾ ان جو عُبور.
پَٽو پاڻ ڪائن، نه ڪو اُٺ رکن،

وٺي گشت ۾ گاڏيون، ٺا هلن.
سدائين سواريءَ جو آهي سوال،
ڏجي ڪين منشين کي، ڪنهن جي مجال.
هٽن خوب سرسات ۾ ٻيئي هَٽ،
نه پائي، نه پيسو، نه قيمت، نه ڪَٽ.
هٽن بٺ بيگر، ڪري ڏاڙ مار،

لڏائن، پٽائن، ڪرائن شڪار.
جتي ويا، اتي زلزلو، هل، هاڪ،
زميندار، ڪڙمي، رعايا، هلاڪ.
ڪمي ڪاري، ٻڪ ٻوڙ ۾ دردناڪ،
ڦر و مار، ڦڙڦوٽ، پرڙوٽ، پاڪ.

در بيان قناعت

قناعت جي معني سان دل لائجي،
بصر ساڻ ڍوڍي - جوئر، کائجي.
رُکي ماني آهي، نبين جو ڏاج،
قناعت، ڪفايت، ولين جو ڪاج.
قناعت ڪري، سادگيءَ کي قبول،
قناعت ته آهي، اڳين جو اصول.
پلاءِ، ٻوڙ، حلوا، مٺايون، ڪباب،
شڪر، شِير شربت، سلوٽو شراب.

اهو ڪاڄ فرعون وارو جناب!
انهن تي وڌو آ، حساب و ڪتاب.
هجي ذات ميوو مَنع، ۽ مَلو،
پَلي ڪاڄ ۾ ڪجھ نه آهي پَلو.
نه ڏي گوشت - چانور ڪي بصرن جو داغ،
جلائي جگر ٿو، ڦٽائي دماغ.
جي روغن ته آهي، نسورو زڪام،
مسالن جي ڪمتيءَ جو رک اهتمام.
مقوي ۽ جائز ته آهن، هي چار،
مَڇي ۽ لسي، ۽ بصر ۽ آچار.
رُڪو آنّ، سبحان! نسورو ئي نور،
نه مَلو نه چَلو، نڪو سور پور.
قناعت جي معنى نه ڄاڻن جوان،
خوشامد ۾ ڪن ٿا ضرر ۽ زيان.
قناعت جي معنى تي ڪر خوب غور،
ڪِري ڪين ڪائڻ ۾ مانيءَ جو پور.
ڪڪڙ، ڪانءُ، ڦيريو پريندو رهي،
ڪُتو ۽ ٻلو، مَر تڪيندو رهي.
ٻَچو ٻارُ ڦٿڪي ته پائي نه ڏي،
ائين مفت پنهنجي ڪمائي نه ڏي.
سوالي، سَڏيندي، ڏئي توڙي ساهہ،

ته پئسي بجا، ڏي نه هڪڙو گواهه.
تون مهمان کي مِل، هڪو ۽ ٻڪو،
پَهر کن جي ويٺو ته پاڻهي ٿَڪو.
ڏنو، منهن نه هڪڙي کي، اَٽهون، آلِي،

ته اڳتي ٻيو ڪو نه ايندو هلي.
قناعت جي معنی ته آهي، ڪِري،
نه ڏي مور ماني، پوي ڪو مري.
نڪي خير صدقي ۾، هيراءِ هٿ،
رکي سڌ ڏيندي ڪنهين وقت وَٽ.
تون هرگز، ڪڏهن، نقد کي هٿ نه لاءِ،
رڳو آنّ داڻا، هجن تان کپاءِ.
پنهنجي دل ته هوندي، پريل مغز پَر،
فضيحت ڪندي خلق کهڙا اَٿَر.
رڳو آهي دنيا ۾ پيسي جو دم،
جو هوندو ته ايندو، ڏکيءَ ويل ڪم.

در بيان حرص

وڏي حرص ۾ آهه حڪمت حضور،
بنا هن جي، دنيا جو چرخو ئي چور.
هوا حرص آهن، ضرورت زمان،
انهن سان ٻڌل آهه سارو جهان.
هوا، حرص دنيا جو سينگار آهه،

انهن سان ته هي گرم بازار آهه.
هي دنيا ۾ جيڪو به آهي ٿيو فن،
مڪان و محل، باغ، بستان، چمن.
زمين و زن و زيورِ زر نگار،
عجائب غرائب، تماشا هزار.
لکين نعمتون، راحتون، عيش و ناز،
سوين سلف - سودا، سٽا باز.
هي سڀ حرص جي آهه حڪمت تمام،
زماني جو سارو مٿس انتظام.
ڏيکاريائين جنّت جو نقشو هتي،
مگر ناهي ڏِمّو، سندس پوئتي.
سپئي شاهه، حڪام، گردن، دراز،
انهيءَ جي ٿا صدقي رهن سرفراز.
جڙيا شالَ جڳَ ۾ ته حرص و هوا،
ڏيکاريائون، ماڻهن کي ڏاڍا مزا.
هوا، حرص ڏاران، هلي ڪئن جهان،
هوا، حرص آهن، زماني جي جان.
هي اهڙا ته آهين، حرص و هوا،
نڪا تن پڇاڙي، نڪا انتها.

در بان طاعت

عبادت جي عادت نه آهي، اسان،

نه روزي جي طاقت رهي بيگمان.
عبادت پليڪن، نڪمّا نڪار،

نه ڏيتي نه ليتي، نه ٻچا نه ٻارَ.
جي ڪم جا پَڳل، مائٽن جا تڙيل،
رَنُن روڳڙين جا رُٺَل ۽ مُٺل.
مگر جو هجي، معتبر ۽ مڪين،
ڍڳو ڍور ٿيو، چار ٻارا زمين.
عبادت ۾ سو چو وڃائي مهل،
انهن جي ڪري چو نه ٿَهورَ، ٿهل.
ڍڳو ڍور ٻُک، پوک پئي پيلجي،
ڪري ٿو عبادت، ته ٿَر ٿيلهجي.
عبادت هجي، مفلسن کي روا،
تونگر تي آهي نه تڪليف ڪا.
جنهين کي مِلي، رزق روزي و فور،
گسائي پيو گوڏا، سو کهڙو ضرور.
خدا جن کي دولت ڏني آهي پاڻ،
عبادت جي تن کي هجي کهڙي ڪاڻ.
وري جي ڪو حاڪم ٿيو، پو ته جَسُ،
ذري گهٽ هلائي، خدائي جو وس.
عبادت ڪُجا، بلڪ معبود ٿئي،

ڦري سو ته نابود مان بود ٿئي.
هٽي د مزن فرّ، فرعون جي،
رکي اختياري، سچي، ”ٿون“ جي.
اسان جي عبادت ته دنيا جا ڪم،
اسان جا ٻچار ٻار، زالون صنم.

در بيان پرهيزگاري

اسان کي اهو لفظ ”ممريز“ آهه،
جو پرهيزگاريءَ کان پرهيز آهه.
پراڻو ڪو نسخو ٿو ڏسجي ردي،
ڪيو آهه منسوخ، چوڏهينءَ صدي.
اسان جا وڏا خرچ، ڪثرت عيال،
ته پرهيزگاري، ٿئي پائمال.
رکون جي اسان ٿا، انهيءَ جي نظر،
ته رهندا اسان جا نه هي ڪَرّ، فَر.
جڏهن ان جا ابتڙ، اسين ٿا ڪريون،
تڏهن آٽي پيٽيون، خزانن پريون.
دغا، رشوت و جعلسازي، فريب،
خيانت ۽ چوري، وٺائي ٿي زيب.
جڏهن ڪي ڪجن ٿا، هي حيلا حوال،
تڏهن ٿو هلي، ڪارخانو بَحال.

در بيان عصيان

هي عيان اسان جي ته املاڪ چئو،
مگر نوش ۽ خاص خوراڪ چئو.
گناهن ۾ گڏجڻ، اسان کي ثواب،
ثوابن ڪمائڻ ۾ حرف و حساب.
انهن ساڻ هر دم، هيڪاندا رهون،
گهڙي هڪ انهن کان نه واندا وهون.
اٿڻ ۽ وهڻ ۾ انهيءَ جو عمل،
اسان جو گهڻو آهه، ان ۾ دخل.
گناهن ۾ پهچي، خوشي ۽ سرور،
ثوابن ۾ ٿئي نفس، چڪنا ۽ چور.
رڳون، روح، عضوا، سڀئي سَنڌَ، بند،
انهن لاءِ حيران، رهن فيض مند.
جي مڪروه آهن، صغير و ڪبير،
مڙيئي اسان لئي، ٿيا دلپذير.
گناهن ۾ چاڙهون، فضيلت ـ اثر،
گناهن ۾ آهيون ته عالي قَدر.
ڪُلهي جا ڪلارڪ، لکن ٿا جو "لسٽ".
ته آهي گناهن ۾ نمبر فرسٽ.
گهٽي ان گهڻو، جو آ نمبر شمار،

اهو آ ڪروڙن ۾ هڪڙو هزار.
نه آهي، انهن جو حساب ۽ نه حَد،
خدا جو ٿئي رحَم غالب ته - رَد.
نه چاڻان ٿو پنهنجي، چڻڻ جو سبب،
مگر ڪو ٻڌائي، محمّد ۽ ربّ.
ڪريمن کي ٿيندي، ڪرَم جي نگاھ،
ته محشر ۾ مون کي، ڪندا چا گناھ.

در بيان شيطان

هي بزرگ اسان جو پراڻو آ يار،
اسان سان سندس آھ پَڪو پيار.
رهيو کير پائي ته ٻنڌڻن جو دوست،
اسان جو، انهيءَ جو، ته يڪلخت و پوست.
هجي صحبتي، همصلاحو، هميش،
چڻ آهي، اسان جو برادر ۽ خويش.
اسان جو ته ابليس، مونس، جليس،
اسان جو ته جاني، اسان جو انيس.
اسان جي ته چشمن جو آهي چراغ،
سندس جاءِ سينو، ته دل ۽ دماغ.

جيئن ٿو چوي، تيئن ڪيون، ٿا ضرور،
نه ڪو عذر معذور نا ڪو قصور.

نچائي، ٿپائي، هَٽي ۽ ڪَٽي،
اسان سان ڪري ڪيس جيڪي وٽي.
اسان لاءِ آهي، انڌي واري لٺ،
اسان لاءِ آهي، گنگا واري گٺ.
اسان کي سندس آهه نَڪ ۾ مهار،
اٿارڻ وهارڻ، سندس اختيار.
اسان پي سندس آهيون، قائم مقام،
پرايونس ٿا ڪنهن عمل ۾ سلام.
سکياسين ته اهڙو، فريبن جو فن،
جو بعضي، بَديءَ ۾ وثايونسِ ڪَن.
ڏَئِي، ينگ مئنَنن کي پنهنجو ”سَمَن“،
پرئي مڙس هاٿي وَتِي، ”پينشن“.
خدا يا تون هن بد بلا کون بچاءِ،
جو منهنجي پچڻ جي ته هت ناهه جاءِ.

در بيان مستي ۽ شراب

اري شاپ کيپر، يوئر ”کم هيئر“،
ادهر لائو، اک خوب ”ايزي چيئر“.
پلا، برف ”لمليث، سوڊا، يو - مين“،
ادر لائو ”ٽالر“، ادهر لائو، ”وين“.
”براندي“ کي بوتل کو ٽيبل پي لا،
ابهي ايک ”پائونڊ“، هم کو پلا.

سمجھٹا نہین ھم ٹمارا ”برام“،
نہین ھمٹو، بچائو، کچا ٹمام.
ڊکھائو ھمین ایکشا کاس ”یو“،
که ڊونون ھو نمبر کي ”ون اینڊ ٹو“.
چکھائو تو ”شمپن“ شیري شتاب،
مگر ”بیر بو ٹر، ٹو وسکي“ شراب.
او ھو، ھو گیا بھول، نوئي ڪا نام،
بھت لائو جلدي، اچھا ”اولٹام“.
”ڊزن“ تم رکھو آنکر،
”یو، گو، اِن پیگ، آءِ بیگ، سَرُ.
ھمارا به کھنا نه سمجھو گلٹ،
ابھي ٹوڙٹا ھي، ٹھمارا ڪبٹ.
پلائو ”چروٹ“، اور کھلائو ”فروٹ“،
که بڪسیس ڊیٹا ھي، ھم ڪوٹ بوٹ.
کدھر ھٹ ”سرونٹ“، جلڊي بٹا،
که بننا ڊوانا ھي، ھم مانگٹا.

که بننا ڊوانا ھي، ھم مانگٹا.

در بیان صبر

اھو زرد سگ ٿوَ، برادر شغال،
انھيءَ جي به ڳرندي، اسان وٽ نه دال.

اهو پيِ اَٿَوَ، نسخهءِ جاهلي،
ته ڪم همتّي، غافلي، ڪاهلي.
ڏسو، صبر ۽ صِبّر يا جنس هم،
اهو پيِ اَٿَوَ، زهر جو چڻ ڪو قسم.
اها آ نبيّن جي ڪَوڙي سُتي،
سَڻِي ئي انهن، پنهنجي سِرَ تي مُڻي.
پَلا ٿيندو، ”ايوب“ ڪوري ڪُجا،
اسان جي ڳچي، سبڪ ٿوري ڪُجا.
مگر ڳالھ، هيءَ پوري ناهي ادا،
اهو کهڙو ڳُجھ هو، سو ڄاڻي خدا.
اسين آدمي، عالم اسباب جا،
وٺن ٿا سبب اهلِ ارباب جا.
اسين ڇو ڪريون، صبر، ڏنا، ڏٺا،
”پڃي ڊاک کي نا چئون، ٿُو کٽا!“
توّڪل سان گڏ، صبر و شڪر و رضا،
اهي ٿَوَ فقيرن جا خيالي پلاءَ.
اسين سست ڇو ٿيون صبوري مزاج،
جو هر درد جو آهي، پيدا علاج.
تڏهن درد ويندو، جڏهن ٿئي دوا،
ٻُبو، نا ڏئي ماءُ، روئڻ بنا.
تون هڪ فلسفيءَ جو بجا آڻ فرض،

نه تو، صبر ۽ شڪر جو ڪهڙو غرض.

در بيان راستي

هي سنڌي نمونا، ڪٿان تو وَتا،
جو چارئي لڳو لڳ بَلا تي بَلا.
وفا، شڪر، ۽ صبر ۽ راستي،
جفا، قهر، ۽ زهر جان ڪا سُتي.
اهي غير جنسون نه قابل شنيد،
اسان وٽ نڪي ديده دهر ديد.
مروّج نه موزون موموم آهه،
مقامن ۾ رهندي، اها بوم آهه.
لکيو آ نه ڪنهن انگريزي لغت،
نه ڪا ”ڊڪشنري“ ۾ ثبوتي صحّت.
پراڻيءَ سنڌيءَ ۾ اهو لفظ سَچ،

اسان جي نه ٻوليءَ ۾ ڪوٺين ڪڄُ. اڳي هو اهو
جانور، خورش عام،
اسان وٽ ته هاڻي ٿيو آ حرام.
پڇون انهيءَ کي جو آهي، عَدَم،
نه جنهن ساڻ مطلب، نه جنهن ساڻ ڪم.
اجايو وڃايوسون ورقِ ڪتاب،
ڪرايوسون ٽائيم، پنهنجو خراب.

اسان جي انهن سان ملاوت نه آهه،
انهن سان ڪريون ٿا، اسين ”گُڏ - باءِ“!

در بيان دروغ

اها، ها! هي نالي مِٺو نامور،
اسان جو ته ”لارڊ“، اسان جو ته ”سَر“.
اسان جو هي ديوان صاحب دروغ،
لياقت، فضيلت، جو آهي فروغ.
هي مشهور معروف اوصافَ ۾،
هتان کان وٺي ڪوهه تا قافَ ۾.
هي ”ڪئونسل“ زماني جو ”ممبر“ مشير،
هي ”لوڪل ڪمشنر“، هي ”پبلڪ“ سفير.
وڏي هن جي شوڪت، وڏو هن جو شان،
وڏي هن جي عزّت، وڏو هن جو مان.
چيئرمين، سوسائٽيءَ سنڌ جو،
رڪن، نيشنل ڪانگريس، هند جو.
جي ڪورٽ ۾ تان، هنَ جي ڪرسي مَٿي،
سِول ۾ سندس آهي، سَرسي مَٿي.
هي آهي وڪيلن سندو رزق روز،
اصيلن ۽ دزدن سندو، درد دوز.
سپئي قاعدا، ”ڪوڊ“ هن جا مطيع،
سندس فيصلا، ”سرڪلر“ سپ وسيع.

هي زينت دهنده زمين و زمان،
هي رونق كننده مكين و مكان.
اسان جو وظيفو، اسان جو عمل،
اسان جو ”رمارڪ“، اسان جو رمل.
اسان جي ”ٿَريءَ“ جو ته ”ايڪسٽرا“،
اسان جو ته ”بِلَ“ آ، اسان جو ته ”لا“.
اسان جو ته آهي، وڏو ماسٽر،
اسان جو ته ”جنرل“، بَڙو ڊاڪٽر،
اسان جي تدابير جو رهنما،
اسان جي تجاويز جو پيشوا.

اسان جو مدارج، اسان جو مدار،
اسان جو وطيرو، اسان جو وقار.

در بيان گردش فلڪ

ڪيو هاڻ ”سر ويس بُڪ“ تي نظر،
تفاوت ڪڍي، قوم جو ڪيو پڌر.
مسلمان، هندن ۾ آڻيو تميز،
ته ڪيئن پست هي ٿيا، ته ڪئن هو عزيز.
لقب، واه ”ديوان صاحب“ وٺيو،
ننڍو وڏو ”راءِ صاحب“ بڻيو.
ڪيائون ترقي ته تعليم ۾،

پڪڙجي ويا، ساري اقليم ۾.
جو هڪڙا ته جَجَ ۽ اسسٽنٽ ٿيا،
ڏسو هڪ ته ”بئريسٽر، ايٽ لا“.
جو هڪڙا ته ڊپٽي ۽ مختيارڪار،
ته هڪڙا ڪليڪٽر جي دفتر مدار.
جي هڪ هيڊ منشي، ته ٻيا اوور سيئر،
جي هڪ سپروائيزر ته ٻيا انجنير.
جي هڪ سب رجسٽرار ته ٻيا فوجدار،
سِول جا ڪي ناظر ته سر رشته دار.
جي هڪ ماسٽر تا ٻيا ڊاڪٽر،
ته هڪڙا وري، سب انسپيڪٽر.
جي هڪڙا پليڊر، ته ٻيا پبلشر،
جي هڪڙا منيجر ته ٻيا ايڊيٽر.
جي هڪڙا ڪلارڪ ته بابو ٻيا،
ته ”فارسٽ“ جا ٿيان، آفيسر ٿيا.
جي هڪ ڊڪ منشي، ته ٻيا تپّيدار،
ته هڪڙا سلحدار يا ٺاٽيدار.
مڙيون ئي آفيسون، انهن جون خريد،
ٿين ڪو نه ڪاتو ڪو عهدو بعيد.
ڏسو قوم پنهنجي جو هاڻي نمط،
اول تان پڙهو، بسم الله، بر غلط.

افيسر جي مَس مَس ٿيا چار - پنج،
اهي ٿيا اسان لئي، غنيمت ۽ گنج.
انهن ڪانسواءِ ٻي ڪريون، هاڻ ڏوڻَ،
مسلمانَ منشي، ته اَٿي ۾ لوڻ.
جو هڪڙا، عمر تائين اميدوار،
نهايت ته ڍَڪَ - بَند، يا تپّدار.
جو هڪڙن ڪي ليسن، عريضي نويس،

ته ٻيا ”لاسٽ“ منشي، سپاهي، پليس.
جو هڪڙا حوالدار، نائڪ نڪار،
ته هڪڙا خلا صي ٿيا ڪوٺوار.
انهن ۾ به آهن، هندو، پائيوار،
جي ڳڻبو ته تن جو زياده شمار.
وريو واه، هندن جو وارو ڏسو،
پنهنجي قوم جو اَڄَ سڌارو ڏسو.
نڪا تنِ ڪي غيرت ۽ همّت ٿئي،
ته پُو، ڏوڙ حاصل هي نعمت ٿئي!
چون ٿا اسان لاءِ بس آه دين،
اهو عذر تن جو ڪڏهن ٻُڏوبو ڪين.
رڳو دين پي ٿيو، اسان کان پري،
ادهر ڪي هوئي نا اُدهر ڪي هوئي.

هجي دينداري ته ٻيو ڇا گهرون،
مگر سُست آهيون نه اڳتي سُرون.
ڏسو هي زماني جي گردش ۾ ڦير،
ته هو علم ڪنهن جو ۾ چاڙهن ٿا ڪير.
خدايا اسان جو ڪو وارو وَراءِ،
ڪڍي غار غفلت مان، اڳتي وَڌاءِ.

در بيان تڪيه ڪلام

تون رک پروسو، پنهجي دولت مَٿي،
حڪومت، نعم، ناز، حشمت مَٿي.
وڏا بنگلا ۽ بنائج تون باغ،
برفتار، گفتار، عالي دماغ.
اسان جو ٿئي، فرّ، هي فوت چا،
اسان کي ماري، ڪندو موت چا.
ملن جا هي دڙڪا، خيالي خطر،
جي ساحل حڪومت ته ڪهڙو حذر.
جي ٻچبو ته ٿيندو نه هي ڪار بار،
خورد و پوش، يا عيش و عشرت، بهار.
ڪري وٺ مزا تون، عجيب و غريب،
که ديده شود ٿيو مرڻ يا نصيب.
غرض خوب پنهنجي تون هلندي هَلاءِ،
پلي ماڻِ موجون پلي خوش هنڊاءِ

در بيان اهل جهان

گهٽائي ته صاحب، بهادر بلي،
گهٽا راءِ صاحب، دلي، بادلي.

گهٽا ته ديوان اعظم عمل،

گھٽا مستر و بابو ۽ داس مَل.
گھٽا چند، ۽ سنگ ِ سي. ايس. سَر،
گھٽا، خان، مرزان، ميان، معتبر.
گھٽا ايم. اي، - ايف. اي، ايل. ايل،
گھٽائي ته بي. اي، گھٽا ٻنگ ٻيل.
گھٽا آنريري ته سيڪريٽري،
گھٽائي ته سِولن، گھٽا ملٽري.
گھٽا آنريبل، ته ”جسٽس دي پيس“،
گھٽا سپرنٽيندنٽ، ناظم پوليس.
گھٽا رئيس، سردار، پير و فقير،
زميندار، جاگيردار و اعلى امير.
وڃائن ٿا وارو، نغارو هٽي،
مگر آه بيٺي جي بازي ٻٽي.

در بيان دل بستگي دوران

رکج دل تون اولاد، احباب سان،
رکج دل تون سامان، اسباب سان.
رکج دل تون ناموس ۽ ننگ سان،
رکج دل تون هر راڳ ۽ رنگ سان.
رکج دل تون، دولت سندي دامَ سان،
رکج دل تون بس، عيش و آرام سان.
رکج دل سَدا وَهٽ ۽ مال سان،

رکج دل تون صحبت سندي زال سان.
رکج دل تون خوراڪ، پوشاڪ سان،
ته دنيا سندي ساري املاڪ سان.
رکج دل مٿي عشقبازي ضرور،
شراب و حقو، ڀنگ، فسق و فجور.
رکج دل مٿي، ننڊ، غفلت مدام،
چڱي ۽ مٺي کي، نه ڏي تون سلام.
نه دنيا جي ڪِٿ ڪِٿ نه عقبیٰ جو ڏر،
سِڌو ئي سِڌو کول دوزخ جو دَر.

خاتمهءِ ڪتاب

خدا يا هي جيڪو چيو ٿم تباهه،
ڪيو ٿم، پنهنجو منهن ۽ ڪاغذ سياهه.
ڏيکاريم جي اقوال، افعال سڀ،
اهي خاص منهنجا ٿيا اعمال سڀ.
قسم آهي، تنهنجو ته ناهي ڪو شڪ،
سڀئي عيب مون بد آٿي يڪ بَه يَڪ.
هئو حال جيڪو سو ظاهر ڪيم،
مٿي عيب ماڻهن کي ماهر ڪيم.
اگرچ ڳجهو ناهي، تو کان ڪو غيب،
تڏهن پي ڪيم عرض تو کي هي عيب.
تون ستّار آهين، ڏي مون کي پناهه،

تون غفّار آهين، عفو ڪر گناهہ.
جو اقرار پنهنجا ڪيم سارا ڏوهہ،
ته ڪر معاف مون کي نه رک ڪو ستوهہ.
رکي آهہ ”چارج“، ڏيان ٿو بچاءُ،
محمد وسيلو ۽ ان جو وياءُ.
شفاعت انهن جي ڪرين تون قبول،
مون کي دين و دنيا ٻئي ڪر حصول.
ڇڏي ڏي هِي، قيدي، گنگهار بد،
ڪرم ساڻ پنهنجي ڪري ”ڪيس“ رد.
ٿئي فيصلو تنهنجو هن پَر رقم،
ته تنهنجي قهر تي آ غالب ڪرم.
شفاعت جو تو کان وٺي ”سيڪشن“،
ڇڏائين محابي ڇئن ۽ پنجن.
مسلمان ڀائر جي آهن عزيق،
انهيءَ ڏوهہ، واهَر ۾ مون سان رفيق.
خدايا تون سڀني کي بخشج تمام،
بحرمت، محمّد عليه السّلام.
اسان کي ٻه گهرجي، ادا و ڀرم،
خدا وٽ گهٽِ ناهہ، رحم و ڪرم.
ڏسِي هي مٿيان، عيب وارا بيان،
رکون ڪو ادا عاقبت جو ڌيان.

نه مون ۾ رڳو آهه پولو اهو،
سڄي خلق ۾ آهه، رولو اهو.
اگرچ گهڻا، نيڪ ڪردار هِن،
مگر، ڪنهن نه ڪنهن ۾ گرفتار هِن.
پنهنجا عيبَ سيڪو ڏسِي ٿو سگهي،
ڏسِي نه، ته هي اعمالنامو پڙهي.
اسان جو چوڻ، وس بڻ ڪم سندن،
بڌي پو، عمل پاڻ ڪن يا نه ڪن.
پڙهي روز هي، تازيانو رکو،
نه هڪدم ڏسي، زير زانو رکو.
هي ڪِلَ مسخري ۾ نه آڻيون شمار،
مگر هي ڏسي ٿيون گهڻو شرمسار.
چَوڻ جو چَوڻ، ڪِلّ جي ڪِلّ آهه،
عمل ۽ زڪا، لئي وڏي ذلِ آهه.
رڳو ڪِلَ چئي، ان جو فهم آهه ڪم،
پسي حال ٿئي، غور واري کي غم.
جي چاڙون ته جنسي اَٿو جامِ جم،
ڏئي ٿو جو ڪائي سڪندر جو ڪم.
ڪديم ساري دنيا جو نقشو شفاف،
ته اخلاق فاسد جو ”فوٽو گراف“.
گدا کان وٺي تا به شاهه و امير،

سپئي هڪ نه هڪ باب ۾ هن اسير.
اگرچه سڏائن سعادت مآب،
ته پي ڪنهن نه ڪنهن باب جو ٿن عتاب.
ڪيون ڪوڙ دل مان ته چاٽون صحيح،
ٿيون، پشيمان صالح صريح.
ظرافت ۾ آدنم، نصيحت تمام،
جو پنهنجا پين ڪان ڏنم، عيب جام.
سڀي خلق جو اڄ ڦري ويو خيال،
هي پنهنجو انهن ساڻ آندم مثال.
اهو آهه لائق، جو عبرت وٺي،
ڏسي عيب پنهنجا، نصيحت وٺي.
سنواريون، سڌاريون، هي عادات خام،
سنڀاليون اسين پاڻ پنهنجو مدام.
اسان پنهنجو ايمان، ٻوڙي ڇڏيو،
دنيا جي پُٺيءَ، دين، لوڙهي ڇڏيو.
اسان کي بلا هن ڪيو مبتلا،
بَه فرياد بر داد رس، يا خدا.
وسيلا، اسان جي اڇي واهه ڪر،
تون گمراهه کي برسرِ راهه ڪر.
سڀ مومنن کي تون رک اي رحيم،
هدايت، سعادت، مٿي مستقيم.

اهي روزا واڪا ڪيم، سر بسر،
ڪريان هاڻ ٿو، قصهءِ مختصر.
نهم (9) ماه ذيعقد جي هِي ڪتاب،
۽ هو سن تيرهن سو تيرهن حساب.
(۱۳۱۳ه)
مطابق ته ٿويهين (۲۳) اپريل جي،
هئو سال ارڙهن سئو ڇَهانوي.
(۱۸۹٦ع)
خميس ڏينهن، ڪيم، هن سندي ابتدا،
ظهر وقت، ۽ ٽين بجي، مهل سا.
ڪيم هڪڙي هفتي ۾ ٺاهي تيار،
هئو حال حاضر سو آندم بَه ڪار.
سليمي، سنڌي، بي تڪلفّ بيان،
سکڻ لاءِ ڪجھ حاڪماڻي زبان.
مروّج، مِٺي ۽ سلوڻي، سَچي،
چيم شعر ۾، پو پڪي يا ڪَچي.
جو شاعر ٿيس، ”نيم تر“ ان سبب،
مَلوڪَن سخن کان معافي طلب.
اي ”بلبل“ ٿي خوش آهين گوهر نگار،
رحيما هي تنهنجي رهي يادگار.

متفرقات

حمد و مناجات

اهو خالق، جمله ڪون و مڪان ڇئو،
اهو رونقِ ڪاروبارِ جهان ڇئو،
اهو سڀ جو رزاق، روزي رسان ڇئو،
اهو حل ڪُنِ مشڪلِ جانستان ڇئو:
اهو سڀ سندو مونس و يار سمجهو،
اهو ئي معاون، مددگار سمجهو.
خدا جي آهي سلطنت جاوداني،
هلي حاڪمن جي سندس حڪمراني،
سندس ذات آ پاڪ، حادث نه فاني،
نه ڪو جوڙ تنهنجو، نه شاني نه ثاني:
ڏسو جا بجا، جلوه فضل رب آهه،
غفور الرّحيم انجو لائق لقب آهه.
اهو هڪڙو آ ساري عالَم ۾ فائق،
اهو هڪڙو آ مشڪل ڪشائي خلائق،
اهو هڪڙو آ پنهنجي قدرت جو شائق،
اهو هڪڙو آهي، عبادت جي لائق:
نهان آهه ڪثرت ۾ وحدت جو جلوو،

ٿيو هر سو عيان آهي، قدرت جو جلوو.
اهو باغ ۾ گل، اهو گل ۾ بو آهه،
اهو باد و آتش، اهو آ بجو آهه،
اهو نخده غنچهءِ خنده رو آهه،
اهو نغمئه طوطي: خوش گلو آهه:
بهار ان جي قدرت جو باغن ۾ آهي،
شميم خدائي، دماغن ۾ آهي.

حمد

تضمين بر ڪلام حڪيم ثنائي رحه

ذاتِ واحد کي جڳائي، وَڏِ واڪاڻ وڏائي،
ٿو سونهي حمد و ثنا ثابت، ساراهه سدائي،
پائي ڳل پاند ڳچيءَ ۾ ڏئي ٻَن حرص ٻيائي،
ملڪا ذڪر تو گويم ڪه تو پاڪي و خدائي،
نه روَم من به جز آن ره ڪه تو آن ره نه نمائي.
جي ڪرين قادر مون تي ڪو ڪرم، لطف دمادم،
ته ڪجي ڪين سندءِ ياد سوا، دم نه قدم هم،
نه رکان ڪنهن سان غرض يا نه پوي ڪنهن ۾ ڪوئي ڪم،
همه درگاهه، تو جويم، همه درگاهه تو پويم،
همه توحيد تو گويم ڪه به توحيد سزائي.
سپ مخلوق، خدائي ٿي مڃي، تنهنجي هي ساري،
ڇا هجي خاڪي ۽ آبي، ڪه هوائي هجي ناري،
پوڇي هر ڪوئي ٿو توکي، اي خدا، خالقِ باري،
تو خداوند يميني تو خداوندي ساري،
تو خداوند زميني، تو خداوند سمائي.
تون ڏئين ڪنهن کي اميري، ٿو ڏئين ڪنهن کي فقيري،
ڪيئي آزاد گهمائين، ڪيئي منجهه دامِ اسيري،

توهه، تنهنجي سان تڳي ٿو، هتي هر حالِ حقيري،
تو خبيري، تو ڪبيري، تو سميعي تو بصيري،
تو مُعِزّي، تو مُذَلِيّ، ملڪ العرش علائي.
نه ڪهين شاهه کي طاقت، جو ڪري تو سان شراڪت،
نڪا جنّات کي جرات، نه ڪا مَلڪَن کي مساوت،
تون اڪيلو نه سنڌءِ ڪنهن سان، عزازت نه قرابت،
نه نيازت به ولادت، نه به فرزند تو حاجت،
تو جليل الجبروتي، تو امير ال امرائي.

جلوه قدرت

هر بَرَ ۾ بازر ۾، هر بَحر ۾، هر بَنَ ۾،
هر جهنگ ۾ هر رنگ ۾، جبلن ۾،
گلشن ۾، چا لاله ولونگن ۾، چا سنبل وسوسن ۾،
چا نرگس و نسرين ۾، سَبزن ۾ نخلن ۾:
چا غنچو چا گل آ، چا رنگ ته چا بو آه،
جلوو تنهنجي قدرت جو اي قادر هر سُو آه.
معشوق ۽ عاشق تون، تون شمع، تون پروانو،
محڪوم تون حاڪم تون، دانا به تون، ديوانو،
ڪِٿ عالم، ڪٿ صوفي، ڪٿ مشرب رندانو،
خسخانه هستي ۾ چِڻ، جلوه مستانو:
جا شئي ٿي چئي مان مان، سا ”تون تون“ هو هو آهه،
جلوو تنهنجي قدرت جو، اي قادر! هر سو آ.

ڪنهن عشق جي ڪوچي ۾، رستو نه هجي تنهنجو،
ڪنهن آئنه دل ۾، نقشو نه هجي تنهنجو،
سا دل نه هجي، جنهن ۾، جلوو نه هجي تنهنجو،
سا اک نه هجي، جنهن ۾، غمزو نه هجي تنهنجو:
چا زشتي ۽ چا خوبي، چا خواهش چا خو آهه،
جلوو تنهنجي قدرت جو، اي قادرا هر سو آهه.
هستيءَ ۾، مستيءَ ۾ چا وحدت و ڪثرت ۾،
چا ذلت و عزت ۾، چا عيش و عشرت ۾،
دولت ۾، نڪبت ۾، سيرت ۾، عسرت ۾،
عبرت ۾، فطرت ۾، غيرت ۾، حيرت ۾:
چا مومن چا هندو، چا بهمن و بابو آهه،
جلوو تنهنجي قدرت جو، اي قادرا هر سو آهه.
هر اسمي، هر جسمي، هر رسمي، هر جَس ۾،
هر ڪُو ۾، هر سُو ۾، هر راهه ۾، هر گَسِ ۾،
هر وَسَ ۾، بيوَس ۾، هر ڪَس ۾، ناڪَسَ ۾،
هر رنگ ۾، هر سُر ۾، هر تانَ ۾، هر رَس ۾:
چا توب جي ڏان ڏان، چا بندوق جي ڏوڏو آهه،
جلوو تنهنجي قدرت جو، اي قادرا هر سُو آهه.

ذات الاهي

الاهي، نڪته دانِ علم و دانائي، هنر تون آن،
خدايا نطق آرائي، زبانِ هر بشر تون آن،
سُخَن پرداز، جان پرور، حڪيم نڪته ور تون آن،
رکي بس روح جو رايو، انهيءَ ۾ جلوه گر تون آن:
مه و خورشيد ٻَئي روشن دلائل، تنهنجي قدرت تي،
گواهي ٿو ڏئي، ذرّي ۾ ذرّو، تنهنجي صنعت تي.
زماني کان ٻڌو آ مون، زمين تنهنجي، زمان تنهنجو،
فلَڪ تنهنجو، ملڪ تنهنجا، بشر تنهنجا، جهان تنهنجو
سَمَڪ کان تا سَما اي صانع ڪون و مڪان تنهنجو،
سريرِ عرش تنهنجو، فرش تنهنجو لامڪان تنهنجو:
ابد کان تا اَزَل هوندين، اَزَل کان تا ابد تون آن،
الاهي ساري عالَم ۾، احد تون آن، صَمد تون آن.

تون آن

عالم الغيب، اي خدا تون آن،
خالق الارض و سلما تون آن.
ساري عالم جي مدّعا تون آن،
نيڪ و بَد سڀ جو دلربا تون آن.
تون آن سرمو ۽ تو تيا تن آن،

رنگ تون، غازه تون، حنا تون آن.
داغ تون، درد تون، دوا تون آن،
زیست تون، مرگ تون، قضا تون آن.
عسر تون، یسر تون ، غنا تون آن،
فقر تون، فاقه تون، سخا تون آن.
ناله تون، آهَ تون، بُکا تون آن،
هست تون، حيّ تون، بقا تون آن.
ویچ تون، سور تون، شفا تون آن،
ناز تون، سور تون، شفا تون آن.

حمد

هر وقت حمد گهرجي، اي ذوالجلال تنهنجو،
قدرت جو ڪارخانو آهي، ڪمال تنهنجو.
هر هڪ صفت ۾ آهي، ذاتي ظهور ظاهر،
ساري جهان ۾ آهي، جلوو جمال تنهنجو.
سو سَر نه آهه، جنهن ۾، تنهنجي ڪشش نه آهي،
سا دل نه آهه جنهن ۾ ناهي خيال تنهنجو.
جنّت چون ٿا جنهن کي، جيڪو ٻجهي جهنّم،

هو آ جمال تنهنجو، هي آ جلال تنهنجو.
معبود، عبد وچ ۾، هستي، حجاب آهي،
پردي ۾ بحر جي آ، گويا وصال
تنهنجو.
قالب ۾ نقد جان، آ، دل ۾ متاع ايمان،
هو پي سندءِ امانت هي پي آ مال تنهنجو.
دبرو حرم ۾، شيخ ۽ زنار بند کي سودا،
قاريءَ کي قال تنهنجو، صوفيءَ کي حال تنهنجو.
ادراڪ کان منزه، آ ذات پاڪ تنهنجي،
ڪونهي مثال ۽ مَٿُ، اي بيمثال تنهنجو.
رزاقَ رزق سڀ کي، ٿو ريءَ گهرئي رسائين،

سپ جو سوال تو کي، سپڪو عيال تنهنجو.
اهڙو سخي جو بخشي، بديون، بلا عوض ٿو،
سو ڪئن سٽي نه سائين، ”بلبل“ سوال تنهنجو.

ياد الله ڪر، دم بر دم

رک وحدت جو عشق خرم،
ڇاڻ صفات کي ذات ۾ ضِم،
سارو عالَم، آهه عدَم،
ڪنهن جي شادي، ڪنهن جو غم:
ياد آلهَ ڪر، دم بر دم.
هر دم، هر جا، هو حق ڇاڻ،
آڻِ نه وچ ۾ پنهنجو پاڻ،
اسم جسم جي تانهه نه تاڻ،
وصل فصل جو لاهه وَهم:
ياد آلهَ ڪر، دم بر دم.
واجب آهي، هيڪ وجود،
ممڪن ناهي، پيو موجود،
سو ئي عابد، سو معبود،
سوئي قطرو، سو ئي يَم:
ياد آلهَ ڪر، دم بر دم.
وحدت مان ٿي ڪثرت بازي،

غير نه پانئج، ڪوئي غازي،
صانع جي ڪل، صنعت سازي،
قدرت جو ڪل آهي ڪم:
ياد آلهَ ڪر، دم بر دم.
تون ۾ مان جي وارِ نه وائي،
سڀ ۾ آهي ذات سچائي،
ايڪو ايڪ نه ٻول ٻيائي،
هر ڪو آهي، حق سان هم:
ياد آلهَ ڪر، دم بر دم.

آدم، سِر الاهي آهي،
حاصل منصب شاهي آهي،
تو ۾ حق آگاهي آهي،
دل جو اعلى عرش آتم:
ياد آلهَ ڪر، دم بر دم.
ناڪس آهين، منجهه ناسوت،
منزل ماڻِ وڃي ملڪوت،
لوڪ لتاڙي، لَهه لاهوت،
قابو قابو ڪڏج قدم:
ياد آلهَ ڪر، دم بر دم.
جسم ۾ سور نه رهه محدود،

بيوس، بيڪس، بي مقصود،
مَلڪن جو تون آن مسجود،
ايڏو توتي قرب ڪرم:
ياد آلهَ ڪر، دم بر دم.
”بلبل“ آهين، پل، مهمان،
تنهنجو هي نه مڪان، زمان،
اصل وطن جو ڏار ڌيان،
فڪر فنا جو رکج فهم:
ياد آلهَ ڪر، دم بر دم.

نعت سرور ڪائنات
(شان رسالت)
تضمين بر غزل قدسي رحه

مشڪ، عنبر سان مليان وات نه ٿئي پاڪ تَبي،
اسم اَطهر جو وٺڻ آهه، بخود، بي اَدبي،
بِسم الله ڪري، وصف، ڪريمَن جي ڪَبي:
مرحبا، سيِّدِ مڪّي، مَدَني العَرَبي،
دل و جان باد فدايت، چه عجب خوش لقبي.
سنهن سيّد جي سچائي نه ڪو، قادر جو قَسم،
حسن ۾ حضرتِ يوسف نه هنيون، حورن دَم،
منهنجي خواجي تي خدا، خوبِي ڪئي، ختم ۽ تَم:
منِ بيدل به جمالِ تو عجب، حيرانم،
الله الله، چه جمال است، بدين بوالعجبي!
ذات تنهنجيءَ ۾ ظهورو آ سچو نورِ خدا،
ڪيئي حيران، هَجِي ويا ته هئي حڪمت ڇا؟
ڪن چاتو آ، اوهان ڪي ۽ خدا ڪي نه جدا:
نسبتي نيست، بَذاتِ تو بنِي آدم را،

نورِ وحدت سان جُڙي آهه سندءِ پاڪ سرشت،
ساري اُمت جي خبر تو ڪي هجي، زيبا، زشت،

دستِ قدرت ۾ ڏنئي داوَر، دوزخ ۽ بهشت:
شبِ معراج، عروجِ تو از افلاڪ گذشت،
به مقامي ڪه رسيدي، نه رسد هيچ نبي!
قربِ قادر جو اُتي جامَ، جتي تنهنجو قيام،
سورَ، تن دور ٿيا، جيڪي پيا تنهنجيءَ سام،
وسَ وسنديون ٿيون، چوڏار، سندءِ ڇائي ڇام:
نخل بستانِ مدينه، ز تو سرسبز مدام،
زان شده شهره آفاق، به شيرين رطبي.
تو ڪيو مُلڪ منور، ڪري ضايع ظلمات،
هَٿَ ۾ تنهنجي اي هادي، ٿي نِڪارن جي نجات،
عاصين کي به ڇڏائيندين، ڏهاڙي عرصات:
ما همه تشنه لبانيم تو ئي آبِ حيات،
رحم فرما ڪه ز حد مي گذرد، تشنه لبي.

عشق محمد

(تضمين بر غزل مولانا جامي رحه)

عشق احمد جي جنهن چوٽ چکي، چاٽ چَٽي،
سو ڇٽو غير غمن کان پيو منجه، عين عشي،
بَر وٹڪار ۾ ووڙيندو وتي، جئن وحشي:
لي حبيب عربي، مَدَني قُرَشي،
ڪه بود درد و غمش، مايه شادي و خوشي.

هي آئم آسون اميدن ته مديني ۾ مران،
گهور گهايل کي ونهيون گهوٺ گهرائيندو گهران،
سَو ڪوهن تي رهي سن ۾ ڳاراٽي ڳران:
گرچه صد مرحله دور است به پيش نظران،
وجه في نظري، ڪلّ غدات و عَشي.
بات ۽ تات توهان جي ٿي رهي، ڏينهن ۽ رات،
ڪين ڊاپي ٿو تنهنجي ڳالهه ڳڻڻ، وائي وات،
قول ۽ فعل اوهان جو آ مٺا، قند و نبات:
مصلحت نيست مرا سير، ازين آبِ حيات،
ضعف الله، بِه ڪلّ زمان عطشي.
رمز راحم جي رسالت جي رڳي آ رحمي،
قرب ڪامل جي قدر جي نه ڪنڏي ۽ نه ڪمي،
خاصيت ان جي پروڙڻ نه خيالي، وَهمي:
اتي خاموش ٿو هر ڪو رهي، عاقل، فهمي،
فهم رازش نه ڪنم، او عربي، من عجمي.

آهي ”بلبل“ کي سفر سنڌ سندو، باري بند،
جي ڪرم سان ڪري قرب اچين، ڪاٽين ڪمند،
ته وجي شال ٿيان، پنهنجي پرين سان پيوند:
”جامي“ اربابِ وفا، جز رهِ عشقش نه روند،
سر عبادت گر ازين راه، قدم باز ڪشي.

رسول الله

مخمس بر غزل خسرو رحه

آٽيان سچڻ جي شعر ۾، تنهنجي سراپا سرسري،
سارھ سندي سوداءَ ۾، هيءَ عمر مون ويندي ڳري،
ته به ان منجهان هڪڙي ذري، پوري نه ٿي مون کان وري:
اي چهره زيباي تو، رشڪِ بتانِ آ ذري،
هر چند و صفت مي ڪنم، ليڪن ازان بالاتري.
مون ساري عالَم ۾ ڏٺا، سهڻا چٽائي سربسر،
سپ نازنين، ناز آفرين، نازڪ بدن، نازڪ نظر،
نقاش قدرت جا ڏٺم، نقشا مڙيئي نادر، مگر:
هرگز نيارد در نظر، نقشي ز رويت خوبتر،
شمسي نه دانم يا قمر، حوري نه دانم، يا پري.
جاني هلين ٿو لوڏ مان، لٽڪي چلبين ٿو لاڏ سان،
سايه مثل آن ٿو ٿيان، بي ساھ، بيتاب و توان،
بيهي ته ٻُڌ منهنجو بيان، سائل ٿو مان سِڪندو وَتان:
اي راحت و آرام جان، باقد چون سر وِ رِوان،
ازمن مرو، دامن ڪشان، ڪه آرامِ جانِ مَن بَري.
درياءُ وحدت جو هي، دل ۾ اهو نالو - ندي،
ٿيو ذات واحد پاڪ مان، نروار نورِ احمدي،
جو ذات ان ۾ گم ٿئي، سالڪ ٿئي سو سرمدي:

من تن شدم، تو جان شدي، من تن شدم، تو من شدي،
تا ڪس نه گويد، بعد زين، من ديگرم، تو ديگري.

جلوه مصطفائي

رخِ نور، جلوه مصطفى هو،
خدا جو نورِ جلال هو،
جو تمام خلق ۾ ٿيو عَيان،
هي ڪمان ان جو ڪمال هو.
تنهنجي ذبح ۾ به اي ذي فنون،
لٿي پياس منهنجي ٿي حلق جي،
ڇا نه آب تنهنجي هو تيغ جو،
اهو آب، آبِ زلال هو.

تنهنجي شوق ۾ مان ته روز و شب،
روئندو رهيس، جهُرندو رهيس،
سڄو ڏينهن رنج و ملال هو،
سڄي رات شوقِ و صال هو.
جڏهن عشق تنهنجي ڪيو اثر،
نه رهي آ غير جي ڪا خبر،
نڪو جذب هو نڪو وجد هو،

نڪو تال هو نه ڏمال هو.
تنهنجو آهي ”بلبل“ بي نوا،
رهي ان تي تنهنجو جي هَٿ سَها،
ٿئي شاهه ملڪ جو سرو را،
جيئن عبد، تنهنجو بلال هو.

رحمته اللعالمين

جو آيو رحمته اللعالمين، رحمت، جهان بنجي،
ظهور و ذاتِ حق جو ٿيو، نِهان بنجي، عيان بنجي.
مٿن هي دين ٿيڳو آتمم ۽ هي اسلام ٿيو ڪامل،
ڪيائين مشڪلون آسان، امن بنجي، امان بنجي.
جڏهن زيبِ زمان اسهيا، اُپن تي، سيَر جي ڪارڻ،
تڏهن چا ساز ۽ سامان سان ويا آسمان بنجي.
شبِ معراج جي محفل، ملهائي مالِڪن ڏس ڪيئن،
محمّد ميهمان بنجي، ته مولا ميزبان بنجي.
پچان نئي پار پيغمبر، حجازين سان ملان هڪر،
جوان بنجي، توان بنجي، روان بنجي، دوان بنجي.
رهان جي رب، حَرم نبوي ﷺ حاضر، دَمَ حياتيءَ جا،
ته خاڪِ آستان بنجي، منجهان سلڪِ سگان بنجي.

اوهان جي مدح خواني جي ته صدقي، بي ثَمَر "بلبل"،
ويو شيرين بيان، طوطي زبان، شڪَر دهان بنجي.

شاهه رسالت

محمد ميرِ مجلس، مالڪِ هر دو سرا آهي،
شهنشاهه رسالت، شافعِ روزِ جزا آهي.
مٿي محبوب مدني جو پسي هي مرتبو عالي،
خدا مطلوب مڙني جو، هو مطلوبِ خدا آهي.
ڏسي محراب ابرو کي، ڏين سجدا جي سڪ وارا،
ته چا آهي، روا آهي، سزا آهي، بَجا آهي.
سندن سڪ سوز فرقت ۾، دمادم درد، غم دل جو،
عطا صحّت صفا آهي، دوا آهي، شفا آهي.

اسان جي مير مرسل وٽ، سدا گڏ چئن يارن سان،
وِلا آهي، وَفا آهي، حيا آهي، سخا آهي.
گدائي بي نوا "بلبل" سندي، داتا سندءِ در تي،
ندا آهي، صدا آهي، دعا آهي، ثنا آهي.

تمنائي دل

هر دوسرا ۾ شاها! شان خدائي گهرجي،
مولا مدد ۾ منهنجي، ڪم مصطفائي گهرجي.
ڪوڙ و ڪَچو، ڪمينو، آهيان ڪثيف ڪاهل،

صدقي، صديق اڪبر، صدق و صفائي گهرجي.
عادل عمر جو آهي، مون کي اجهو امن لئي،
صاحب حيا جي حرمت، حلم و حيائي گهرجي.
ڪمتر کي ڪنهن به ڪم ۾، هرگز پوي نه مشڪل،
بهر علي، وليءَ جي، مشڪلڪشائي گهرجي.
در پنجتن جو پينو، پاڇي گهري ٿو پاڪر،
تنهن لاڳِ ۾ لنگهي کي، عفوو عطائي گهرجي.
گذري آ منجهہ گناهن، سڀ عمر وئي اجائي،
آڏو ڪريم ڪهڙي، ڪنهن جي ڪمائي گهرجي.
آهي نه ڪم ڪريمن، ڪنهن جي عمل ڏسڻ جو،
حرف و حساب ڪان بس، راحم، رهائي گهرجي.
در مصطفى جي دائم، ”بلبل“ گدائي گهرجي،
محبوب تنهن مِٺي جي، مدحت سرائي گهرجي.

مولود شريف

معراج هليو، سر تاج نبي، ڪري ويس وڳا، وه واھ بَنو!
جبريل ٿو صدقي صدقي چئي، اج صلي علی، وه واه بَنو!
بيٺا مَلڪ فلڪ جا قطار ڪري،
نِوِڻ، دُرج گهُرَ جا نثار ڪري،
هڪبئي کي چَون، جيءُ جانِ فِدا:
اي نورِ هدا، وه واه بَنو!
جي ڪُل مُرسل موجود هئا،
آدم کان وٺي تائين عيسی،
جنهن جنهن ٿي ڏٺو، تنهن تنهن ٿي چيو:
محبوبِ خدا، وه واه بَنو!
تو قاب قوسين جو قرب لَڌو،
۽ ادنی جو اسرار آڏو،
اُپت پردو کڻي حق هيئن چيو:

منهنجو ماهِ لقا، وه واه بَنو!
گلزار خدائيءَ جو گُل گُل،
مقصود مڙين، مخلوق جو ڪُل،
تنهنجو مدح سرا، مسڪين "بلبل":
بلبل جي صدا، وه واه بَنو!

خاتم النبييّن

ٿيو ختم النبي خاتم، نبوت هئي ته اهڙي هئي،
مڙين مخلوقن تي مرسل، رسالت هئي ته اهڙي هئي.
سچو رحمت مجسّم هو، شهنشه شافعِ محشر،
جي رحمت هئي ته اهڙي هئي، شفاعت هئي ته اهڙي
هئي.
ته ان جي گلبدن کي مِس ڪيو مَک، ڪين پيو پاڇو،
لطافت هئي ته اهڙي هئي، نزاڪت هئي ته اهڙي هئي.
ڇڏايو سڀ ڇِيَن ۽ آفتن کان پنهنجي اُمت کي،
نيابت هئي ته اهڙي هئي، سفارت هئي ته اهڙي هئي.
وَتَن ٿا حسن تي حيران مَلَڪ، جن و بشر، حيوان،
جمالت هئي ته اهڙي هئي. ملاحت هئي ته اهڙي هئي.
ٿيا قرآن جي تنزيل کان، فصحا، عرَب قائل،
فصاحت هئي ته اهڙي هئي، بلاغت هئي ته اهڙي هئي.
سچو اسلام ۾ سابق خليفو، اوّل و اعظم،
جي سبقت هئي ته اهڙي هئي، خلافت هئي ته اهڙي هئي.
فرار ابليس هو فاروق کان، فرقان هم رائي،
جي حشمت هئي ته اهڙي هئي، فراست هئي ته اهڙي
هئي.
غنيءَ جي مال جي منّت، مڃي ٿي مصطفى هر دم،

جي دولت هئي ته اهڙي هئي، سخاوت هئي ته اهڙي
هئي.
عزازت، علم و حڪمت ۾ هئو، حضرت علي اڳرو،
جي عظمت هئي ته اهڙي هئي، عزازت هئي ته اهڙي
هئي.
ٻيا سردار شهزادا، شباب اهل جنّت جا،
جي عزت هئي ته اهڙي هئي، بشارت هئي ته اهڙي هئي.
صحابي ڪُل سچا سردار جا، اڳواڻ اُمت جا،
محبت هئي ته اهڙي هئي، صحابت هئي ته اهڙي هئي.
ائمه دين جا لائق، چڱائي چارئي، سچار رهبر،
جي ملت هئي ته اهڙي هئي، امامت هئي ته اهڙي هئي.
وليّن ۾ وڏو اڪمل، محيّ الدين ميران آه،

ولايت هئي ته اهڙي هئي، ڪرامت هئي ته اهڙي هئي.
ٻهاريدار روضي جو، وجي ٻيلي ٿئي ”بلبل“،
جي خدمت هئي ته اهڙي هئي، شهامت هئي ته
اهڙي هئي.

غزل نعتیه، فارسي

شهره حسن تو از عالمِ افلاک گذشت،
زان به میزانِ فلک، زهره شرمناک گذشت.
آن مهِ حسن، شبي بر اسپِ ناز سوار،
صید دلهاي، بتان، بسته به فتراک گذشت.
کس نه دیدم ز دلیرانِ جهان شیر صفت،
که گه از کوچئه آن قاتلِ بي باک گذشت.
بر سرِ کويِ تو، اي ماهِ لقا گاه به بین،
آن که دیوانه تو، دامنِ صد چاک گذشت.
"بلبل" شاد کنون باش که درکشورِ عشق،
دستِ همت، تو چواز جان، سرِ افلاک گذشت.

دیدار مدینه

(اردو)

هي ميري دل کي تمنا که مدينه ديکهون،
خاتمِ ختم رسالت کا نگينه ديکهون
در پي سگهائي حرم، ساته زمين پر سو کر،
جيتي جي رفع سماوات کا زينه کا ديکهون.
کنکريان، آنکه کي پلکون سي رکهون چن چن کر،
خاکروبي سي خدائي کا خزينه ديکهون.
اي ميري مالک مولا، مين ڈوبا جاتا هون،
بحرِ عصيان سي شها، پار سفينه ديکهون.
گلشنِ کوئي حرَم مين هو مزارِ "بلبل"،
آرزو هي که وهان، اپنا دفينه ديکهون.

قصیده تضمین، برقصیده عربي،
در نعت
حضرو سرکار کائنات

کا الشمس بضو صباحتہ، کا القمر بحسنِ جمالتہِ،
الصبّح بدا مِن طلعتہ، ولَّیل دَجی منَ و فرتہ.
آن بِحرِ عطا، آن بحرِ سخا، آن نورِ خدا شہِ ارض و سما،
فاقَ الرّسلا، فضلاً و عُلا، آهدي السبلا لِدَلالَتہِ.
آن والي هر عربي عجمي، آن حاکم بر، حربي و ذمِي،
کنزالکَرَمِ، مولا النعمِ، هادي الامم، لِشَریعتہِ.
با شرف و کمال و جمالنبي، محبوبِ خدا، امّي لقبي،
ازکَي النّسبِ، اَعلي الَحَسبِ، کُلّ العَربي في خدمتہِ.
آن سیّد و سرورِ جنّ و بشر، اکسیر نظرِ، اعجاز اثر،

سعتِ الشَجَر ونطق الحَجَر و شَقُّ القَمَر وَ باشارَ تہِ.
آن شاہِ رسالت ماہِ هدا، آن شافعِ نافعِ روزِ جزا،
نال الشّرفا وَ ﷲُ عفی، عَمّا سَلَفا، مِن اَستہِ.
لولاک لما کشِ تاجِ لوا، معراج عطا، شد قرب لقا،
جبریل اتی، لَیلة اَسری، و الرّبُّ، دَعاہ لِحَضرتہِ.
لَیِتُبَلّغِ ’’بلبل‘‘ مَد حَتنا فِي شَرفِ حضورِ وسیلَتنِا،
وَ مُحمّدِنا، هُوَ سَیِّدُنا، فالعِزّلنا لاِجابَتہِ.

خاتون جنت
(سرائڪي)

يا بنت نبي، خاتون جنت، تون خاص ڪنيز الاهي،
تيڪون آپ خداوند بخشي، ڪلّ عالم دي شاهي،
حور و قصوران، تابع تيڏي، ماه ڪنون تا ماهي،
ملڪ امين خدا دا ڏيندا، عظمت دي آگاهي،
ٿي آيت تطهير تسان تي، خلقت خاص خدائي:
صدقي صدقي، سانئڻ ٿيوان، پاڪ نبي دي چائي،
گهِن خبران بردي در دي ديان، حسن حسين دي مائي!
ڪيا انسان بيان ڪري، اي شوڪت شان تساڏا،
خلق ڪنون، اڳ خلق ڪيتا، رب، نور نشان تساڏا،
جن ملائڪ، حوران اتي پي هئي احسان تساڏا،
”فاتح“ تون، ”والنّاس“ توڻين، قرآن بيان تساڏا،
ختم نبوت والي، خاتم، توڙ تسان تي آئي:
صدقي قدقي، سانئڻ ٿيوان پاڪ نبي دي چائي،
گهِن خبران، بردي در دي ديان، حسن حسين دي مائي!
جنت، نعمت، طوبى، ڪوثر، ثمر تساڏي حب دا،
چاهو جنهن ڪون پل وچ بخشو، راز تسان، سڀ رب دا،
تون سرڪار نبي و علي دي، او شافع امت سڀ دا،
حوّا، مريم، فخر ڪريندیان، تيڏي نام نسب دا،
بنت رسول، بتول تساڏي، عزت، پاڪ، وڏائي:

صدقي قدقي، سانئڑ ٹیوان پاک نبي دي چائي،
گھِن خبران، بردي در دي ديان، حسن حسين دي مائي!
بابا تيڈا، بيشک سانئڑ، افسر سبھ انبيا دا،
خير بشر تي شافع محشر، پيارا دوست خدا دا،
شوهر تيڈا، شير خدا دا، صاحب علم و سخا دا،
عقده کشا اي، راه نما اي، فخر سچي فقير دا،
ڈون شهزادي، پيٹي تيڈي، والي جنت چائي:
صدقي قدقي، سانئڑ ٹیوان پاک نبي دي چائي،
گھِن خبران، بردي در دي ديان، حسن حسين دي مائي!
جنت دي جاگير ملي، سرسبز تي باغ بهاران،
صحنِ چمنِ گل گلشن دي وچ، رهن سدا گلزاران،
"بلبل" باغ محبّت دي وچ، پَڑهن درود هزاران،

ارض کنون افلاک توڑين، بوفيض ديان هبکاران،
ٹئِي شفاعت، شامل تيڈي، شکر کري هر کائي:
صدقي قدقي، سانئڑ ٹیوان پاک نبي دي چائي،
گھِن خبران، بردي در دي ديان، حسن حسين دي مائي!
بحر جهان وچ، حبّ تساڈي پيڑي وانگي تاري،
جيکو چڑهيا، موج گنه تون پهتا بيشک پاري،
حيف النهادي حال اُتي، جو منکر هِنِ مرداري،
الفت والي شاد هميشان، دشمن سڑن سدائي:

صدقي قدقي، سانئڻ ٿيوان پاڪ نبي دي ڄائي،
گهِن خبران، بردي در دي ديان، حسن حسين دي مائي!
ظاهر باطن روشن تيڪون، امت دا احوالي،
بيبي سانئڻ، بابل تون ڪر، پارت، رب دي نالي،
ڪوئي رفيق، شفيق ته جڳ وچ، نا ڪوئي محرم والي،
ٻاجه تساڏي بيشڪ بيشڪ، سختي وچ سنڀالي،
سوا جناب تساڏي، ٻِي ڪا راهَ نه سجهندي ڪائي:
صدقي صدقي، سانئڻ ٿيوان، پاڪ نبي دي ڄائي،
گهِن خبران، بردي در دي ديان، حسن حسين دي مائي!
اي بحرِ ڪرم رک لاج شرم، مين تيڏي در تي سوالي،
عالي هي سرڪار تساڏي، ڪوئي نه آوي خالي،
ڪر مقبول، رسول دي صدقي، مدح ميڏي في الحال،
دهري ڏاڻ ڏيوو سگِ در نون، دين و دنيا دي والي،
نا ٿيوان محتاج ڪهين دا، رکّو دامن لائِي:
صدقي صدقي، سانئڻ ٿيوان پاڪ نبي دي ڄائي،
گهِن خبران، بردي در دي ديان، حسن حسين دي مائي!

اصلاحي شعر و شاعري

جذبات عرفاني

ڪڏهن جذبات عرفاني، نه ڪنهن جاهل ۾ رهندا ، هِن،
مگر هي، قال ۽ احوال، ڪنهن قابِل ۾ رهندا، هِن.

نه ڪائي چيز دنيا ۾، چڱاءَ کان هجي خالي،
هي نظارا نوان، بس، ديده ڪامل ۾ رهندا، هِن.
هُنَر يا فنّ سان، فوٽو گرافر چا ڪڍي سگهندو،
تصّورَ هي، دماغِ شاعر و فاضل ۾ رهندا، هِن.
جنين کي خبط آهي، خال و خط، ابروئي خوبان جو،
اهي شاعر سدائين، خنجرِ قاتل ۾ رهندا، هِن.
خوديءَ ۽ خود نمائيءَ کي ته مردانِ خدا ڪڍندا،
جي دانسته ۽ ديده صورتِ سائل ۾ رهندا، هِن
خدا رزّاق آهي، ڪڍ تون ”بلبل“ فڪر روزيءَ جو،
اهي پي پيٽ ٿا پالين، جي آب و گِل ۾ رهندا، هِن.

سير و سياحت

دنيا جا دورَ دادا، گهر کان نِڪرُ ته ڏسندين،
هر ملڪ جا تماشا، گهَر کان نِڪرُ ته ڏسندين.
آهي سفر وسيلو، چا فتح چا ظفر جو،
پڻ سيرَ تن ۾ صدها، گهر کان نِڪر ته ڏسندين.
عالم سندا تماشا، ڪن جي ته لاءِ آهن،
صحرا ۽ ڪوهه، دريا، گهر کان نِڪر ته ڏسندين.
هر ملڪ جي ترقي، هر عهد جي حڪومت،
زر، زور، زشت و خوبا، گهر کان نِڪر ته ڏسندين.
هر ملڪ جي ترقي، هر عهد جي حڪومت،

زر، زور، زشت و خوبا، گهر ڪان نِڪر ته ڏسندين.
هن وقت ۾ سياحت، هڪ امر لازمي آهه،
ان جي طلب، تقاضا، هڪ امر لازمي آهه،
ان جي طلب، تقاضا گهر ڪان نِڪر ته ڏسندين.
چاچا ترقيّن جا اسباب ٿيا جهان ۾،
واپار، سلف، سودا، گهر ڪان نِڪر ته ڏسندين.
ڪل ڪائنات جا ڪم، قدرت سندا ڪرشما،
گهَر ويٺي ڪين ڏسبا، گهر ڪان نِڪر ته ڏسندين.
جيسين نه ڪڏندين، تيسين نه مرد ٿيندين،
مردن سندا معرڪا، گهر ڪان نِڪر ته سندين.
بيڪار ويٺي ويٺي، ڪجهه پي نه ٿيندو "بلبل"،
باغ و بهار بابا، گهر ڪان نِڪر ته ڏسندين.

آفتاب عالمتاب

واهه پيارا، سج سونهارا،
چمڪن تو ڪان، چنڊ ۽ تارا،
عالم جا هِن تو سان آرا،
ڪم ۽ ڪاريون، سارا يارا:
تو سان سونهي، سارو منڊل،
تون آن هنٿر، تون آن، هنڊل.

هندو، مجوسي، ٻئي پوڄاري،
تو کي ليڪن، ڪٿ اختياري،
آهين تون هڪ، ڪرهٔ ناري،

ڳورو ڳورو، باري باري:
تو ۾ خاص، خواص، رڪايل،
چڪرّ، ڦيرا، گهُمرا، منزل.
پوکون توکان، اُپجن نپجن،
ڦل ۽ ميوا، رَسَ ۾ رچَن،
نينگر ڏسندي، تو کي خوش ٿين،
ٻوڙن، ٻڪن، نچن، ٽپن:
تنهنجي حرڪت ۾ آ برڪت،
ڪم ۽ ڪاريون، ڪثرت، ڪثرت.
واهه ڙي سورج تنهنجي طاقت،
تنهنجي همت، تنهنجي شوڪت،
تنهنجي گرمي، تنهنجي حدّت،
اُس ۾ تنهنجي ڪوسِي شدّت:
تو ڪان روشن جڳ آ سارو،
تنهنجي دشمن جو منهن ڪارو.
جاتي تنهنجو تڙڪو ناهي،
تاتي گند ۽ گچ مچ آهي،

مونجهہ مرض ات آيا ڪاهي،
بانس، بڙانس نہ ويندي گاهي:
تنهنجي تابش، آهي تازي،
سيڪو تو ڪان، راضي بازي.
تون انڌاري دور ڪرين ٿو،
ڪارنهن ڪل ڪافور ڪرين ٿو،
سارو عالم، نُور ڪرين ٿو،
ماڻهن کي مسرور ڪرين ٿو:
اپرڻ سان ٿو مچ مچائين،
ننڍا وڏا، ناچ، نچائين.
اچا نڪتي تنهنجي سيلي،
جاڳي سائين، ٻانهون ٻيلي،
هئي هئي ٿي وئي، مهل اويلي،
گهوڙا گهوڙا، علي، عيلي!
اٿو اٿو ، جاڳو جاڳو،
ڊوڙو، ڊوڙو، پاڳو پاڳو.
تو سان آهي، هي جڳ جاري،
بادل، باري، باغ بهاري،
سبزي، ساوڪ، گل گلزاري،
تنهنجي منهنجي آهي ياري:

تو ڪان تازا سوسن سنبل،
مون ڪان موزون، ”آهِ بلبل“
صبح جو ويلو آ اربيلو،
سهڻو سهڻو سهج سويلو.
جاڳي جاڳي، گابر، گاگن، گيلو،
ٻانپڻ، ملا، چاڪر، چيلو:
وڄندا گهنڊ گهڙيال نفيلون،
ٻانگ صلواة جون ٻڌجن زيلون.

رات

واه ڇا رات جي آيات، بيانات ڪيئي،
شبِ ظلمات جي هر بات کي اثبات ڪيئي.
سڀ حسنات ۽ سيئات کي عرفات ڪيئي،
منجهه طلسمات، خيالات، ڪرامات ڪيئي.
ڇو نه پو ڇئجي، ته ”بلبل“ هي نواخانيءَ ۾،
سيّدالشعراءِ، سيّد کي سخندانيءَ ۾ (1)

احساس ملت

ڪنهين ڪي اڄ ڪشش قومي ڪمن ۾ ڪا نه ٿي ڏسجي،
دلين ۾ آهه جيڪ، سا دَهن ۾ ڪا نه ٿي ڏسجي.
بنائڻ قوم کي اسلام جي احڪام تي قائم،
مٽيا، اهڙي مسلمان جي مَنَ ۾، ڪا نه ٿي ڏسجي.
سچي تحريڪ، تهدل سان هجي، جا قوم جي ڪارڻ،
نه ڪنهن اخبار ۾ يا انجمن ۾ ڪا نه ٿي ڏسجي.
نه پيرن ۾ رهي پيري، نه فقرا ۾ فقيري آهه،
عمل ۽ بي ريائي، عالمن ۾ ڪا نه ٿي ڏسجي.
وڏيرن کي هجي وائي، رڳو ڪوڙيءَ وڏائيءَ جي،
اها انصاف جي اک حاڪمن ۾ ڪا نه ٿي ڏسجي.
اچي ڪيئن موعظة بالحنسة وَ حڪمه، ڪرڻ هاٿي،
اها وائي، سچائي واعظن ۾ ڪا نه ٿي ڏسجي.
جي دنيا سان رکي دل، دوستي ٿا دين جي وڪڻن،
محبّت پنهنجي ملّت جي، مُلَن ۾ ڪا نه ڏسجي.
ويا حڪمت هلائي، طمع جا جي ڪين ها طالب،
شفا تن جهڙي، اڄ ڪنهن جي هٿن ۾ ڪا نه ڏسجي.
ٿي آهي جوٺ سپ جوتش، سر تي ناهه ساڌن ۾،

سچائي، برهمڻ جي ست - پچن ۾ ڪا نه ڏسجي.
خبر دين و ڌرم، اخلاق ۽ آداب جي هرگز،
اها ڪاليج ۽ پڻ مدرسن۾ ڪا نه ٿي ڏسجي.
نه ڪنهن مجلس مشائخ ۾، ادا، بو، معرفت جي آهه،

جمع دل، قلب جي راحت، قبن ۾ ڪا نه ٿي ڏسجي.
رهن شيخ و برهمن، شغل دنيا ۾، مگر خالص،
عبادت، مسجدن ۽ مندرن ۾ ڪا نه ٿي ڏسجي.
اجالو عقل ۾ ناهي، نه اڄ جي علم ۾ اوجر،
فضيلت فائدي جي، علم و فن ۾ ڪا نه ٿي ڏسجي.
نئين تهذيب ۾ اڄ ماڻهپي جو ڪو نشان ڪونهي،
نصيحت ناولن ۽ ناٽڪن ۾ ڪا نه ٿي ڏسجي.
نه يارن ۾ رهي ڪا يڪدلي، يڪرنگ، يڪرائي،
وفائي، دلبري، اڄ دوستن ۾ ڪا نه ٿي ڏسجي.
وڏن جو ڪو ادب، ارڪان ناهي ناشناسن کي،
اها فرمان بَري، فرزند وزن ۾ ڪا نه ٿي ڏسجي.
ننڍا ٿيا نااهل ناڪس، نپاڳا، بي حيا بلڪل،
پراڻي پاڪبازي، اڄ نوَن ڪا نه ٿي ڏسجي.
هئي جا اجنبي ماڻهن جي الفت، پاڻ ۾ ايڪو،
اها ساڃاهه، ويڳن جي سڳن ۾ ڪا نه ٿي ڏسجي،
لڪين ماڻهو، لڪيڙا ها، لياقت ۽ فضيلت ۾،
سَوَن جي سونهن سوپيا، اڄ ڏَهَن ۾ ڪا نه ٿي ڏسجي.
بصارت جي وئي اک پورجِي، ڪان پيرويءَ پاڪَن،
اڳوڻي اوٿَ انڌن جي، سڄن ۾ ڪا نه ٿي ڏسجي.
مساوات ۽ مسلمانِي، شرافت ۽ نجابت سان،
ثقاهت ۽ وجاهت چڱ، وڏن ۾ ڪا نه ٿي ڏسجي.

جوانن ۾ هئي جا جوتِ ڪلهه طاعت ۽ تقوى جي،
اها اڄ پارسائي، پيرسن ۾ ڪا نه ٿي ڏسجي.
سخاوت جي عوض، سادات سائل ٿي وتن پنندا،
اها پرهيز، آلِ پنجتن ۾ ڪا نه ٿي ڏسجي.
شغالن کي هئو جو شوق، هن ڪان اڳ شڪارن جو،
گواهي اڄ اها گرگ ِ ڪُهَن ۾ ڪا نه ٿي ڏسجي.
رهيا من ۾ اسان جي اڄ، ڪدورت، ڪوڙ ڪينو،
صفائي صاف سينن جي، بَدن ۾ ڪا نه ٿي ڏسجي.
بهاريون، بوند، برساتون، سڻاوا سپ سڪر، ساول،
اها برڪت ته اڄ بحرن، بَرَن ۾ ڪا نه ٿي ڏسجي.
جنجل، هيڙا، جنگيون، ڏاڙا، مسلمانن ۾ جي آهن،
جب، اهڙي ڪا حالت، ڪافرن ۾ ڪا نه ٿي ڏسجي.
بهار آئي، خزان جي مٿ رهي، ڪيئن باغ ۾ ”بلبل“،

اها خوش رنگي ۽ خوشبو، گلن ۾ ڪا نه ٿي ڏسجي.

فنا

اي جانِي، هي جڳ فاني ٿوَ،
ڪنِ سائين لوڪ، صدا، بابا!
هيءَ عمر روان ته رواني ٿوَ،
آخر ته فنا، هِي، فنا، بابا!
گياني نه رهيا، ڌياني نه رهيا،
ڪئي جوتش - لاثاني نه رهيا،
ٿيا آخر سڀ فاني، نه رهيا،
فانيءَ ڪينه آهي، بَقا، بابا!
ڏس، ڪهڙا شاهِ زمين ويا،
افسوس نه ٿين جا باقي رهيا،
نه نشانَ رهيا، نه مڪان نه مڪين،
بنگلا، بستان ۽ سرا، باباٰ!
نه ڪو شاهه رهي، نه وزير هي،
دانشمند ، دبير، رهي،
نه امير رهي، نه فقير رهي،
هڪ رهندوپاڻ، خدا، بابا!
ڌن، دولت، خواب و خيال اٿوَ،
اقبال، ڪمال، زوال اٿوَ،
هيءَ مِلڪ، پرائو مال اٿوَ،

پنهنجي نه اٿوَ ئي ڪا، بابا!
هن دَم جو قدم هر، سوي عدم،
سڀ موت اڳيان ٿيندا سرخم،
هي ناز، نعم، يا جاه و حشم،
ڪنهن ساڻ ڪندا نه وفا، بابا!
هل هيٺون ٿي، ڪر هورو هڏ،
چڏ ماڙيون، ڪر نه خزانو گڏ،
ٿئي آخر نيٺ اَجل جو سڏ،
هيءَ ٿرندي ڪين قضا، بابا!
آهي سڀ جي قضا ۾ مرگِ بلا،
ادنى اعلى نه ڇڏي، اصلا،
فقرا، اغنا، شعرا، امرا،
حڪما، علما نه بچا، بابا!
گلزار ۾ گل گل ڪين رهي،
هن باغ ۾ ”بلبل“ ڪين رهي،
هي غوغا، غلغل ڪين رهي،

نه ادا، نه ندا، نه صَدا، بابا!

خطاب به دل

اي دل تون مسافر آهين، دنياي دَني ۾،
آ لطف وطن ڪهڙو، غريب الوطني ۾.
پرواني کي حاصل نه ٿيو، شمع کان هرگز،
جو لطف محبّت جو هجي سو ختني ۾.
ڪي گنج ۾ گم غرق ته ڪي رنج ۾ راضي،
ڏس فرق عيان آه چا، محتاج و غني ۾.
دنيا کي ڪيئي ترڪ ته جائز نه طمعِ مال،
کيسا نه ٻُڌاسون، فقرا جي ڪفني ۾.

تجارت

گهڻو افسوس آ يارو، اسان کي پنهنجي حالت تي،
جو دلداده ٿيا آهيون، سدا يورپ جي عادت تي،
لباسن تي، ۽ فيشن تي، تمدّن تي، طبيعت تي،
نه عزت تي نه دولت تي، نه محنت تي، نه صنعت تي:
ولايت جو هلي واپار، ۽ دولت اسان جي آهه،
سئي ڌاڳي سندا محتاج! چا حالت اسان جي آهه.
ننڍن کي يا وڏن کي وات ۾ وائي ولايت آهه،
سوديشي ساز سامان کان سڀني کي نفرت آهه،
اسان ۾ ڪا نه ڪا اهڙي حميّت آ نه همّت آهه،
جي ورتايون اسين ديسي شيون، ڪهڙي قباحت آهه:

ڏسو، ان ڪانسواءِ، سڀ چيز ورتايون ٿا ٻاهر جي، گريبان
۾ نهاري، ڪي ڏسو، حالت ادا گهر جي.
اپت، پيداواري ۾، هي اسان جو ملڪ افضل آهه،
زراعت ۾ زياده روز اول ڪان سو اول آهه،
مگر هن ۾ جو عقدو آ، ترقيءَ جو سو لاحل آهه،
وڏايون ملڪ جي صنعت ته اهڙو حق حاصل آهه:
رڪاوٽ ڪين ڪي ان جي بڻي ڪا ٿي نهاني آهه،
اجايو بيوقوفن ۾ پئي اچ بدگماني آهه.
اجايا جي ڪيو ٿا خرچ، تن مان ڇا ٿئي حاصل،
توهان جو جنهن ۾ واڌارو ٿئي، ان ۾ رهو شامل،
ولايت مثل، پنهنجي ملڪ کي ڪيو، ڇو نه ٿا قابل،

خدا جي واسطي، صنعت ۽ حرفت ۾ ٿيو شاغل:
ادا اچ وقت ويهڻ جو نه آ، آرام راحت جو،
مگر آهي، زمانو هي، هنر، حرفت ۽ صنعت جو.
بنايو ڪارخانا ۽ وڏايو فن و حرفت کي،
وڃايو ملڪ جو افلاس ۽ پنهنجي مصيبت کي،
ڪپايو ديس جي واپار ۾، ڌن، مال دولت کي،
ٻيائي ٻن وجهي، ايڪو ڪريون، هاريون نه همت کي:
نصيحت هيءَ مجي منهنجي، همه هرجا هجو يڪدل،
مسلمان يا هجو هندو، ڪه جاهل يا هجو عامل.

ادا ٿيندي پڇاڙي ڪا، اسان جي خواب غفلت جي،
رواجن جي ۽ رسمن جي، سچائيءَ جي، مصيبت جي،
ڪندئو ڪا قوم جي، يا ملڪ جي ملّت جي حاجت جي،
ڪسب جي، ڪار جي، تعليم، حرفت جي ۽ صنعت جي:
حقيقت تي رکي بنياد ”بلبل“ جو بيان سارو،
اوهان تي ئي، اوهان جو حال، آ جنهن ڪيو عيان سارو.

جماعت بندي

محمد جو فرمان آهي هدايت،
سندن قول آهي، سراسر سعادت،
موافق تي شايان آهي شفاعت،
مخالف تي لاحق آ لعنت، ملامت:
اطاعت ته سنت جماعت ۾ آهي،
اها خوبي، هن خير امت ۾ آهي.
جي ڪنهن جاءِ، اسلام جي انجمن آ،
ته او نور و عرفان جو گويا چمن آ،
اها رسم ٿي، پارسائي ڪُهَن آ،
جماعت، هدايت جو حبل ورَسَن آ:
هي مسلم کي الفت جو فرمان آهي،
اسان جو اهو دين و ايمان آهي.
هجي دين و ايمان، سرافراز، ان ڪان،
ترقي ۽ دولت جو در، باز ان ڪان،
پرائي ٿو، انسان، اعزاز، ان ڪان،
کُلي ٿو حقيقت جو سڀ راز، ان ڪان:
انهيءَ راز جو اتفاق آهه، نالو،
اهو دين جو آهه، حلقو هالو.
انهيءَ ڪان جو چڙواڳ، آزاد رهندو،

بلاشڪ هو بي يار، برباد رهندو،

ڪڏهن ڪين دنيا ۾، دلشاد رهندو،
جو پنهنجن سان هڪ آ، سو آباد رهندو:
ٻُڌو باتِ ”بلبل“ جي دل سان هنڌائي،
ٿو هر هر، اوهان کي، چتائي، سڻائي.

مسلمان

اسان جو باصره، حيرت فزاي عقل و همت آهه،
اسان جو ذائقو عبرت فروشِ عام نعمت آهه.
اسان جو ناطقو آ، يا ڪليدِ گنج صنعت آهه،
اسان جا سامعو، گنجينه صد رازِ فطرت آهه:
اسين چاڙون ٿا گرم و سرد کي، لمس انامل سان،
سڄاڻون باس يا خوشبوءِ ٿا، توفيق ڪامل سان.
دماغ آهي، اسان جو داٻلو، هڪ راز قدرت جو،
انهيءَ جي خاني خاني ۾، تماشو آهه صنعت جو،
ڪوئي گهر، عيش جي منزل، ڪوئي خانو مسّرت جو،
ڪوئي ڪاشانهءِ خوبي، ڪوئي خانو محبت جو:
امانت چورخاني ۾، رکيو ٿس، نقد پنهان کي،
لکي پيشاني ۾ ٿس، پيش اچڻي آ جا انسان کي.
اسان جي شمعِ دل روشن رکيل سيني جي اندر آ،
نِڙي چمني مثال آهي، ضيا افروزِ نيچر آ،

گلوب ان جي مثان قابو، اسان جو ڪاسهءِ سر آ،
زبان ان جي، زبانهءِ روشني، نطقِ سخنور آ:
الاهي موم بتي دل سندي تو چا جلائي آ،
ولايت جسم جي، جنهن ڪان سدا روشن نمائي آ.
مگر سچ چئو مسلمانو! اسان کي ان کي سڃاتو ڪئن؟
خدا جي هيڪڙائيءَ جو اسان هي ڄاڻ ڄاتو ڪئن؟
اسان، اسلام جي ملت ۾ آڻي پيچ پاتو ڪئن؟
عبادت، عشق، عرفان ۾ نظارو، نينهن لاتو ڪئن:
رسي هي روشنائي سڀ، اسان کي آ رسالت مان،
ڪڍيو جنهن دين سان، دنيا کي ٻاهر ڪفر و ظلمت مان.
اهو مالڪ رسالت جو، پيارو پاڪ پيغمبر،
محمد حامد و محمود، احمد، راحم و رهبر،
سچو مالڪ سڀاجهو سيّد ۽ سرتاج ۽ سرور،
شفيع و شافعِ محشر، سخي و ساقي ڪوثر:
جهان ساري ”بلبل“ نور جلوه گر محمّد جو،

محمّد، حقّ جو مظهر ۽ حق، مظهر محمّد جو.

گرمي

لفظ گرميءَ جو لکان ٿو ته قلم ۾ گرمي،
دل ۾ گرمي، دهن و ديده و دم ۾ گرمي.
گرم مس، ڪاغذ مضمون جي معنيٰ گرمي،
منجهه هٿن، پير، بدن، پوست، لحم ۾ گرمي.
نور ۾، نار ۾، هر خشڪ ۾، تر ۾ گرمي،
وڻج واپار ۾، هر ڪار ۾، ڪم ۾ گرمي.
باغ ۾، صحن ۾، گلزار و چمن ۾ گرمي،
گل و ”بلبل“ ۾، شجر شاخ ۾ نم ۾ گرمي.
آهي اڄ سونهن سراپاي صنم ۾ گرمي،
ناز و انداز ۾ ۽ دم ۾ قدم ۾ گرمي.
گل تي گويا هي، پگهر جو ٿو چڪي آب گلاب،
اک جي شوخيءَ ۾، سنديءَ زير ۽ بم ۾ گرمي.
عود و عنبر ٿو جلي، آتشِ گرمي ۾ عجيب،
زلف ۾، پيچ ۾، هر تار ۾، خم ۾ گرمي.
لب، سندءِ لعل بدخشان ٿو پچي گرميءَ ۾،
دهن ۾، دم ۾ ۽ دندان ۾ ۽ غم ۾ گرمي.
هٿ هجي، چاڙ ۾، ۽ چيڙ ۾ گرمي ته هتي،
چوهه ۾ چڪ ۾ ۽ چڏ چڏ ۾، قسم ۾ گرمي.
آهي، ”بلبل“ جي بدائع ۾، بيان ۾ گرمي،

نثر ۾ نظم ۾، ڪاغذ ۾، قلم ۾ گرمي.

يتيمن لاءِ امداد

اسان ۾ اي اِلٰہ العالمين، ايمان پيدا ڪر،
اسان جي فارغ الباليءَ سندو امڪان پيدا ڪر!
اسان ۾ خير جي ڪم جي خدا ڪا آن پيدا ڪر،
خدا، مُرده دلين ۾ جود جي ڪا جان پيدا ڪر!
يتيمن جي ٿئي ياري، سندن ڪو غور غمخواري،
اهي وڻجار، واپاري، ڪي بازرگان پيدا ڪر!
وٺي ٻج واليتامى جو، تقاويءَ ساڻ تقوى جي،
جو پوکي پوک عقبى جي، اُهو دهقان پيدا ڪر!
يتيمن کي ڪيو آ ياد، خالق گڏ قريبن سان،
ته تون پي پالنا جو گڏ، سندن سامان پيدا ڪر!
يتيمن جو ادا ڏاڍو ڏکيو آ درد بي مُهتو،

انهن جي دردِ دل جو جلد ڪو درمان پيدا ڪر!
يتيمن تي رکي جو هٿ، خدا جو هٿ انهيءَ تي آهه،
عنايت ايزديءَ جي عونَ جو عنوان پيدا ڪر!
يتيمن لئه ”فلاتقهر“ ۽ سائل لئه ”فلا تنهر“،
ڌڻيءَ جي حڪم جو هر وقت، دل ۾ ڌيان پيدا ڪر!

خدا ڪا خير جي توفيق، بخشج اهلِ دولت کي،
يتيمن لاءِ يا ربّ، راهه ڪا آسان پيدا ڪر.
بچائين جي ادا پنهنجي تون ڪِشتي، بحرِ عصيان کان،
يتيمن جي سهاري ساڻ ڪشتيبان پيدا ڪر!
مبارڪ جي ڪرين تون مال دولت، خير و برڪت سان،
يتيمن، بيڪسن جي دلبري جو دان پيدا ڪر!
يتيمن جي ڪري جو ياوري، تنهن جو خداوندا،
متاع و مال افزون، آل صالح شان پيدا ڪر!
”فتح“ (1) آهي ”محمد“ جي، مبارڪ اسم سان شامل،
انهيءَ تحريڪ جو ڪو قدر، قيمت، مانُ پيدا ڪر!
يتيمن لئه ڪراچيءَ ۾ آڏايو خوب ڪو خانو،
سگهو اي ”سيٺ عبدالله (2)، ڪو سامان پيدا ڪر!
چپر ۽ چانوَ ۾ ويهي، پڙهن، پَلجن، چنا چورا،
دلين ۾ داورا، امداد جو ايمان پيدا ڪر!
يتيمن لئه نهي خانو ته سڀ آباد ٿن خانا،
انهن جي استعانت لاءِ ڪي انسان پيدا ڪر.
سخا جي سَروَ جا صلصل ڏين صدقا اچي، ”بلبل“،
بلاغت ساڻ تون تبليغ جو بستان، پيدا ڪر!

مزاحيه شاعري
نئون زمانو

گهر ڪان نڪتا، نيٽونيچر، تاڪ ڌنا، ڌن تاڪ ڌنا!
سيرَ ۾ ٽوپي، هٿ ۾ هنٽر، تاڪ ڌنا، ڌن تاڪ ڌنا.
ٽاپ ٽيپ ۾، آڪڙ شاڪڙ، ڏاڙهي ڪوڙي، مڇون ماڪڙ،
سواري بائيسڪل جي سرسر، تاڪ ڌنا، ڌن تاڪ ڌنا.
ڪالر ڪوٽ، قميصون، جاڪٽ، پائن ٽا پتلون ۽ پاڪٽ،
چيچاٽي بوٽن جي چرچر، تاڪ ڌنا، ڌن تاڪ ڌنا.
سيٽي ۽ سگريٽ سدائي، گٽمٽ، گٽمٽ، واتَ ۾ وائي،
يو - سي، مسٽر مسٽر، تاڪ ڌنا، ڌن تاڪ ڌنا.
ڪيلَ خوشيءَ ۾ بردم خوردم، ميل جول ۾ وحشي بيدم،
ٽورَ ٽِلڻ ۾ هربر، هربر، تاڪ ڌنا، ڌن تاڪ ڌنا.

ڪرڪٽ بال ۾ مرد زنانا، ٻوڙن ڍُڪن، تال، ترانا،
هرّي، هرّي، ها، ها، هر، هر، تاڪ ڌنا، ڌن تاڪ ڌنا.
چمچا، ڪانٽا، ڪٽيٽ، ڪڙڪڙ، چيمبر ۾ چيئرس جي تڙ تڙ،
شاش ڪرڻ ۾ بيٺڙ شرشر، تاڪ ڌنا، ڌن تاڪ ڌنا.
گينڊي، صابڻ، برش طرازي، بوس وڪنار، ڪتن سان
بازي،
فوٽو، فنو، پيانو، پڪچر، تاڪ ڌنا، ڌن تاڪ ڌنا.

جنٽلمين، مِسِين جا جوڙا، چيلهہ پاڪر، ڏوڙا سوڙا،
نچ وي باندر، نچ وي باندر، تاڪ ڌنا، ڌن تاڪ ڌنا.
ڏسج نئون تهذيب نمونو،”بلبل“ باطل فيشن جهونو،
بابُو، يابُو، مِيم، مڪسچر، تاڪ ڌنا، ڌن تاڪ ڌنا.

نئين تعليم

آه نئين تعليم گڙٻڙ، در جهان انداخته،
حرڪتون شيطان ڦڙڦڙ، در جهان انداخته.

عمر ساري، علم انگريزيءَ اندر وري ڪري، علم
هر هنر اخلاق کي گهر، در نهان انداخته.

انگلش جو ڏسي، اچ زور ”بلبل“ بيگمان،
عقل وارو خر ٿيو درتاب و توان انداخته.
گرچه ڪارو منهن اٿم، ته به ڪاڻ ناهه،
ٿوپلو پائي، حماقت ٿو گهران.

ڪاري جو قول

عقل ۾ آڻي شريعت کي تمام،
دين و ايمان، پنهنجو غارت ٿو گهران.
پل نه مرتد، هي چون، ملا مگر،
مان نه انگريزن ۾ عزت ٿو گهران.
لائي چشمو، چست چاڙهي، سوٽ بوٽ،
مثل صاحبلوڪ، صورت ٿو گهران.

گوري جو جواب

گرچه آهي، تنهنجو مون ڪان سينو صاف،
ڪاري ماڻهوءَ سان ڪدورت ٿو گهران.
آ لقب لائق ٿيو تنهنجو، ”ڊيم فول“،
مان ڏيڻ تو کي نه عزت ٿو گهران.

حال زار زميندارا ن

جڏهانڪر پئي رسم سرسات جي،
نه باقي رهيس ڪوئي سامان نه رخت.
زميندار ٿي ويا، زبون زار چٽ،
چون چٽ نه ڪهڙو ٿيو آه ”وخت“.
رعايا جون آهون ۽ دانهون سدا،

مڙيون، حاڪمن وٽ، وجي، گرد تخت.

چوايو هي ”بلبل“ انهن ڏي آ قول،
”رعيت چون بيخ ست، سلطان
درخت.“

گشت جي مصيبت

تنگ سرسات ڪيو، بار الاهي مددي،
بٺ بيگر مددي، سُوٺو ۽ گهوٺو مددي.
آهه ڪاموري سندي، هوڙَ، حرامن ۾ تڪي،
انب، گدرا مددي، اڪرو، ڪو موٺومددي.
خوب ٿا گشت ۾ ڪن، پوچن، سرسات وٺي،
وري حلوو مددي، پستو ۽ ڦوٺو مددي.
گهَر ۾ آهي نه رعيت جي ڪو پائِي پيسو،
لٺ لوٺو مددي، صافو ۽ موٺو مددي.
هيلهه پاٽي به نه آهي، جو سُڪن ٿا پيجا،
سربرهنه مددي، صاف لنگوٺو مددي.
جو چوي سچ، سو وٺي ڪين ٿو هرگز ”بلبل“،
ڏَڪُ باٺو مددي، گار ۽ گهٺو مددي.

ڪارن جي ڪار گذاري

ڪارن جي ٻڌ، ڪار گذاري،
”هِپ هِپ هري، هِپ هِپ هري.“
جنٽليميني جلسا جاري
”هِپ هِپ هري، هِپ هِپ هري.“
جايون تن جون، هال ۽ ٽاور،
چشما، فرش، فروٽ، فلاور،
لڪچر، پڪچر، ٻنر ڀاري،
”هِپ هِپ هري، هِپ هِپ هري.“
ڪاڻ و داع سلوٽ سلامي،
ٽوپي هٿ ۾، ٽامي ٽامي،
”آءِ ايم ويري ساري“ پياري،
”هِپ هِپ هري، هِپ هِپ هري.“
باجو، بينڊ، بگل ۽ بڙگم،
وايولن جي رين رين، رم رم.
نچڪو ٽيڪو، واري واري،
”هِپ هِپ هري، هِپ هِپ هري.“
ڪوٽ سبائن سارو ڪارو،
ڊانس بوٽ، ولايت وارو،
ٽوپي ڪاري، سر تي ڪاري،

”هِپ هِپ هري، هِپ هِپ هري.“
ڏارهيءَ ساڻ ڏهاڙي جهيڙو،
مچون گانگٽ، وچونءَ ويڙهو،

سيٺي، لڪڙي، چرخ شماري،
”هِپ هِپ هري، هِپ هِپ هري.“
ڌرم ڪرم کي ايسي ويسي،
عادت انگلش مينن جيسي،
ديسين جي آ، ڌاري نياري،
”هِپ هِپ هري، هِپ هِپ هري.“
گهر ۾ ”بلبل“ گائون ڊڪائج،
شام صبح جو واڪ وٺائج،
ٻانهن بغل ۾، منهن تي چاري،
”هِپ هِپ هري، هِپ هِپ هري.“

وقت حال، نئون سال

هن اخبار کي سال مبارڪ،
گورن کي ناتال مبارڪ.
ڪارن کي ”يو، ڊيم بلڊي“، فُول، لقب في الحال مبارڪ،
هارين کي هَرَ، ڏَنون بيگر، ڪوڏر، قحط ۽ ڪال
مبارڪ.
زور زمينـدارن تـي ڏاڍا، ضبطيون، ظلم، زوال
مبارڪ،
هندن کي زر، زور، حڪومت، عـزت، مـال، اقبال
مبارڪ.
اهل اسلام لئي ڏک ڏاڍا، ڇٽيون، آل، عيال مبارڪ،
ڏڪا، ڌوٻا، مِٺا سِٺا، قرض جا رنج، ملال مبارڪ.
بيعلمي ۽ جهيڙا، جهٽا، جام ٽيا، جنجال مبارڪ،
انگلش مئن کي جاڪٽ پاڪٽ، صابڻ، برش، ٽوال
مبارڪ.
ناچ تماشا، نچّن ٽپّڻ، ڪرڪٽ ۽ فٽبال مبارڪ،
افسر عالي کي ٽيو اچڪله، دورو ۽ پرتال مبارڪ.
مرغيون، ماڪيون، مصريون ميوا، بيدا، ميدا، مال
مبارڪ.

ڪوڙا ڪيس ۽ ڪوڙا شاهد، فتوىٰ ٿي في الحال
مبارڪ.
واءِ وڪيل ڪفيل لچن جا، ڏوڏ، دليل، ڌمال مبارڪ،
متمحنن جي موت، معمّا، سخت جواب، سوال مبارڪ.
اخبارن جا ٺهڪا ڦهڪا، تيز تعصّب، تال مبارڪ،
قومي جهڳڙا، جهيڙا، جهٽا، چالاڪين جي چال مبارڪ.
حملا، هوڏون، طعنا، تنڪا، ڪوڙ، بدوڙ ڪمال
مبارڪ.
آه رفارم جي ٿي رين ريجن، حال نه آهي، قال مبارڪ.
ڪالج، ڪلب، مدرسا، ميڙا، صدها، سال بسال مبارڪ.
سورس لاءِ سدائين سوالي، ٻاڪارن برحال مبارڪ.
حاڪم ڪين پچن ٿا تَن کي، ڪن ٿا، ٿالم ٿال مبارڪ،
پرانا، انعام، عطائون، لنگيون، پوتيون شال مبارڪ.
خاطن جي خوشخبري خاصي، عمدا حال احوال مبارڪ،
ٿنبو ٿوپڙ، لُنبي پوڙِي، شعر جو شغل اشغال مبارڪ.
حيف زمانو، آه مقابل، شير سان شاه شغال مبارڪ.
مشتاقن کي پٽڪو، ڪُٽڪو، وائِي، هُجرُ و وصال مبارڪ،

”بلبل“ کي گل، مضمون، رنگين، گل کي شاخ، نهال
مبارڪ.

پوليس

ڏسو پوليس جو تلبيس ملڪ الموت جان مارو،
مثالِ گرگ ڳاڙهو وات، سر ۽ پيو بدن ڪارو.
روينيو يا ڪ سيول جا، اچن تنهنجي مقابل ۾،
ڪٿي گر به ڪٿي آ گرگ، فرق آ ڪيترو سارو.
هجي سوناري جو سؤ ڏڪ ته لوهر ٿو هڻي هڪڙو،
ڪٿي جهرڪيون ڪٿي ٿيو گرڙ پڪ جو لهس لامارو.
رهن ٿا ديو هيبتناڪ جان ڪرڙا ڪنسٽيبل،
ڏسو جو وارداتن تي لڳي ٿو تن سندو وارو.
ستمگر سنگدل ٿيا صاف صوبيدار صاحب جن،
رکن ٿا جور جمعدار جابر سي جفا ڪارو.
هجن راڪس اهي رهزن سپاهي سڀ وڏا ننڍا،
انسپيڪٽر بهادر برڙ باڪس جان رکن بارو.
پلي پاڄئي ڏنو اطلاع جي چوري چَڪاريءَ جو،
اچي ٿيندو مٿي ان گند گارين ويڻ وسڪارو.
يڪي نقصانِ مايه پيو شماتت زار همسايه،
ٿيون پادر پُليسي پيو اچي منجه ويل ويچارو.
گهرن ٿا گاه ۽ داڻو، آٽيو ڪاٺيون ڪڪڙ چيلا،
ڪرن ميڙي ڪَٺا ماٺهو وجهن تن جي مٿان مارو. ڪڍيو
جي پئون پتو چوري سندو ڪو ڪن زميندارن،
ته سڏبو ڪار ۾ هوشيار صوبيدار سوپارو.

نه ملندو مال ساڳيو يا سمورو جي نه تن کي پو،
ته ويڳو پاڻ پي پوري پٺائيندا اهو پارو.
پري چالان ڪوڙو ڪيس ڪورٽ ۾ ڪندا داخل،
وجهي ڪوڙا سچا شاهد رکي بهتان جو بارو،
رپوٽن ۾ ڪندا ريهون ته ٿيو بغداد آ بيحد،
هليو آ ڪيس ڪورٽ ۾ سچو هر طرف هڪ پارو.
خدا شل ڏئي پنه پوليس جي خوفن ۽ خطرن کان،
انهن جي دوستي آهي، ڪٽڻ سر تي ڪُنو ڪارو.
معافي ٿو گهُري ”بلبل“ جي آهي هن ۾ گستاخي،
اگرچه مون لکيو آهي، سچو احوال هي سارو!

قصيدا

حسن علي افندي

اڄ مڪرّم حسنعلي آهي،
اڄ معظّم حسنعلي آهي.
اهل اسلام لاءِ، واهَر، وڙ،
دين جو دم، حسنعلي آهي.
آسمان اوج ۾ فضيلت جو،

روشن انجم، حسنعلي آهي.
صدر منجهه سنڌ، نائب سلطان،
رڪن اعظم، حسنعلي آهي.
فيض ۾ علم خواهه دانش ۾،
رشڪ قلزم، حسنعلي آهي.
قدردانيءَ ۾ ميهمانيءَ جو،
مرد منعم، حسنعلي آهي.
فيض ۾ بخت جي جبين روشن،
اسم ارقم، حسنعلي آهي.

دولتِ رم و سنڌ و هند اندر،
اڄ ته اڪرم، حسنعلي آهي.
قوم جي زخم واسطي بيشڪ،
مثل مَرهم، حسنعلي آهي.
روئي گل، فيض و لطف تي ”بلبل“،
رونق و غم، حسنعلي آهي.

خانبهادر سید الهندو شاه

ز گلشن فیض تو اي نو بهارم نو بهار آمد،
نسیمِ دلکشا بر درگهت بهرِ نثار آمد.
بحمدالله که شامل حال لطفِ گرد گار آمد،
بشارت بر زیارت تو اشارت این دیار آمد.
نهال مال و اقبال و کمال اجلال تو قائم،
به بیخش شاخسار آمد به شاخش بزگ و بار آمد.
بنامِ پاک سید میر آندل شاه هر کس را،
ز هي امن و امان آمد حصن آمد حصار آمد.
تو گشتي میر محفل آنریبل میمبرِ کونسل،
اهالي سنڌ را صد افتخار و صد وقار آمد.
به تعظیم و به تکریم و به اعزاز و به اکرامت،
مبارک در مبارک صد هزار اندر هزار آمد.
به اسم اعظم به جسم اکرم برادر زور بازو او،
انیس آمد جلیس آمد مجیر و مستجار آمد.
به جسم و جان و دل هر آرزو مندي ز الطافت،
توان آمد روان آمد شکیب آمد قرار آمد.
به دل هر آرزومندي ز الطافت،
توان آمد روان آمد شکیب آمد قرار آمد.
به دل بحر و به کف ابرو به دم عیسی و رخ انور،

عطا آمد، سخا آمد، شفا آمد چو يار آمد.
قضا تابع قلم طالع ملکَ خادم فلک مونس،
به نام آمد به کام آمد چو رام آمد چو يار آمد
به مک اندر به نظم به رزم اندر به بزم اندر،
امير آمد دبير آمد نصير آمد نگار آمد.
تنت سيما، کفت دريا، دمت شافي، دلت صافي،
به آب آمد، به تاب آمد، بديع و بي غبار آمد.
ز انعامت ز انصافت، دعا گو عدل جو يان هم،
صغار آمد کبار آمد، قطار اندر قطار آمد.
به اصلاحي به فلاحي به تعليمي و تفهيمي،
نذير آمد بشير آمد قوي دارومدار آمد.
به حالِ زار قومِ ما، ز مردم اهل استغنا،
نه کس را انتظار آمد، نه جانش بيقرار آمد.
نه وصفِ فيض و فضل وجودَ بذات دربيان گنجد،
نه آنرا اختصار آمد، نه اين را اقتصار آمد.
سردار محمد يعقوب سي آءِ اي
وزير خيرپور ميرس
بلبل کو سرِ مدح که هر بار هوا هي،
ديکها تو يه سردار سزاوار ثنا هي،
جو کام هي ان کا وه بجز روئي ريا هي،
جتني که کهون ان کي مدح خوب روا هي،

بیان خبي اوصاف کي کچھ حد نہین ھي،
وہ فرد ھین ایسي کہ کوئي رد نہین ھي.
ھین منتظمِ حسن تدابیر سیاست،
ھین عقدہ کشا، مہم امورات ریاست،
نازندہ انہین سي ھین فن و فہم فراست،
بالندہ انہین سي ھین امن و عدل قیامت،
ھي نسق عیان مملکت آباد ھي ان سي،
ھان رفق نہان ھر کس دلشاد ھي ان سي.
ھي گرچہ صدر اعظم ذي مرتبہ سردار،
پر ان کو نہین کبر نہ خود بیني نہ پندار،
ھر بات مین ان کا نہین ثاني کوئي سالار،
اقبال مین اجلال مین افضال مین زنہار،
انصاف رواني کي یہ کمتر ھي نشاني،
پیتا ھي ھرن شیر بھي اک گھاٹ پہ پاني.
وہ مخزنِ الطاف و حیا صدق و صفا ھین،
وہ معدنِ اشفاق و رضا مہر وفا ھین،
وہ بحرِ سخا، بذل توا، جود عطا ھین،
وہ ابرِ کرم مہر ضیا ظلِ ھما ھین،
کیا نام پیارا ھي محمد مع یعقوب،
کیا خوب ھي مرغوب ھي محبوب ھي مطلوب.

تدبیر مین ایسي هین که تسخیر جهان هو،
تحریر مین هر نکتهءِ تنویر عیان هو،
تقریر مین هر پهلوئي تصویرت بیان هو،
توقیر مین تطهیر مین تنظیر کهان هو،
لو جامعِ حسنات هین سردار هماري،
اي سنده مبارک هو یه هین بخت هماري.

دعا نامه بحضور خان بهادر محمد ابراهیم خان

سزا هي حمد بذاتِ جنابِ رب جلیل،
روا هي نعت به حضرت نبي کریم و جمیل.
بجا هي گر مین دعا و ثنا کرون اسکي،
که اک ریاستِ اسلامیه کي هین جو کفیل
وزیر دانشور بینظیر خوش تدبیر،
بلند همّت عالي نظر، امین و عقیل.
خدیو خابهادر محمّد ابراهیم،
خلیل احمد و سردار صاحبِ تفضیل.
اگرچه ابر چهپاتا هي نور سورج کا،
مگر ه اور چمکتا هي با جزائي جزیل.
هوئي هین دولت و نعمت کي گر بهت حساد،
تو بس کمال ترقي کي به قوي هي دلیل.
تري محاسن کو دیکه دایئه قدرت،

لگا کي ٹيکه نظر سي بچائي هي چو سليل.
تمهاري نام مبارک کو کيسي آنچ لگي،
که نار خود هوئي گلزار و برد بهرِ خليل.
تمهاري ياور و همدم علي حسين و حسن،
تمهارا ناظر هر لحظه مهبطِ جبريل.
تمهاري حامي هين هر بار چار يار کبار،
تمهارا حافظ هر آن مصحفِ تنزيل.
جو تجه په وار کري سر په اسکي هو تلوار،
جو تجه کو تا کي اسي آنکه مين هو خار مغيل.

قصیده بر تشریف آوردن حضور هائینیس سر آغا خان بهادر

شدِ از وردِ شاهِ من مژده مسرّت موجزن،
از هر مکان از هر صحن، از هر زبان از هر دهن.
عیش و نشاط و نازگي، سبزي طراوت تازگي،
در گلشن و در گلبن و ر هر دمن در هر چمن.
در صحن باغ و بوستان نازان و خندان شادمان،
هر سنبل و هر سوسن و هر نرگس و هر نسترن.

از جلوه تشریف شهِ ر شغل شادي زمزمه،
هر محفل و هر مجلس و هر مجمع و هر انجمن.
ما رازي نوري روي تو از بس سروري خوي تو،
سر بر فلک تن در طرب در فرح جان در جشن.
صد مرحبا صد مرحبا اي مالکِ مهر و وفا،
فخرِ جهان بدرِ زمین پیرِ زمان میرِ زمن.
شکر ست کز شرفِ قدم کردي کراچي چون ارم،
روشن ز تو عرب و عجم چین و حبش یورپ یمن.
انوارِ حق دیدار تو باعث یُمن دربار تو،
بي جستجو، بي گفتگو، بي کاست کم بیشکّ وظن.
چون خضر گشتي رهنما، عیسي عه دم و یوسف لقا،

راحت فزا، مشکلکشا، دافع عنا، رافع محن.
ظاهر ضیا، باطن صفا، شاه ولا، ماه هدا،
نور نبي، ابن علي، وارث ولایت پنجتن.
اي پیشوا اي مقتدا، از همتِ گردیده وا،
دارِ ولا کارِ هنر، انوار علم اسرار فن.
باطلوع در طینت طبع شد دین و دنیا مجتمع،
علم و عمل، عقل و ادب، حلم و حیا فهم و فطن.
از فیض احسانت عیان، با یک زبان اسلامیان،
هر معترف، هم معتقد، هم مطمئن هم مرتهن.
در بهتريِ قوم خود، هرگز نه با تو دم زنند،
هر معتبر، هر مقتدر، هر مدّعي هر لافزن.
سعي فراوان ساختي، پرادختي به نواختي،
باصد عطا، باصد سخا باصد نوا، باصد منن.
اي شاه من والاهم، پیشت چه نذرانه نهم،
بهتر که سر قربان کنم، سازم فدا این جان و من.
در مدح تو رطب اللسان هم فاضلان هم شاعران،
"بلبل" بیان گوهر فشان، طوطي زبان، شکّر شکن.

تاریخي مادا ۽ قطعا

تاریخ وصال پرملال پیر روشن ضمیر حضرت خواجه پیر عبدالحلیم جان سرهندي

دریغا که آن خوا
جهء حق پرست،
ز دارالفنا شد بدارالمقیم.
ز نقلش مریدان را سینه چاک،
زممهرش دلِ دوستان شد دونیم.

ولي خدا صاحبِ فیض بود،
براهِ هدا عام فیضش عمیم.
به علم و عمل شرع او مشتغل،
به زهد و ورع معرفت مستقیم.
یا حسرتا زین وقوع وداع،
ویا ویلتا ز انتقالِ الیم.
بتاریخ هفده محرّم حرام،
ز گلزار جنّت رسیدش نسیم.
بشد روز آدینه غفران مآب،
مشرّف لقاي غفورالرّحیم.

ز هر مصرعِ ثاني سال فوت،
نمايد كمالِ كلامِ كليم.
سروشِ سخن سال وصلش بگفت:
كه - شد راحتِ افزون به قلب سليم.
هم ز آسمان بار آمد ندا،
مكانش امان دار جنّت نعيم.
(١٣٣١هـ)
بحورانِ فردوس اين قول بود،
ولي مرد قابل برحمت رحيم.
(١٣٣١هـ)
حبيبِ خدا را به اين شوق برد،
قضاي به وصلِ حبيبِ كريم
(١٣٣١هـ)
زو روئي خرد هاتف سنِ گفت:
كه - گويا نهان ماند گنجِ عظيم.
(١٣٣١هـ)
بگو هم تو "بلبل" ز سالِ وفات،
فغفورِ ارم خواجه عبدالحليم.
(١٣٣١هـ)

تاریخ بنا و اتمام مسجد شریف شهر نصیر آباد ضلع لاڑکانه

ز آخوند صاحب محمد صديق،
بنا گشت تعمير خانهء خدا.
هم از دست صادق محمد نجار،
كه بودند همراه پسرش دوتا.
يكي ز ان. الهه بخش مرحوم بود،
بنامِ خدا كرد جان هم فدا.
دگر هست رمضان كه اين كارخير،
يكم ماه رمضان نمود ابتدا.
اگر سال آغاز خواهي بدان،
كه ”شمس الفيوض“ است سالِ بنا.
(١٣٢٧ﻫ)
كرم بخش حاجي وريل ارّه كش،
نمودند دركار خود انتها.
ز احمد ز صديق و عبدالله،
نگارش شد اين نقش فرحت فزا.
ازين هر كسان تا ابد ياد ماند،
بنامِ بقا و بكامِ دعا.
در اتماماين صرف شد هفت سال،

به سازندگان خیر باشد جزا.
یکم ماه ذوالحج اتمام افت،
به نقش و نگار و به نشو و نما.
چو پرسیدم از سال تمام او،
ز هجري "چراغِ فلک" شد ندا.
(١٣٣٤ھ)
سنِ عیسوي گفت "بلبل" سروش،
که "کعبهء مکان خاص بیتِ خدا".
(١٩١٦ع)
مکرّر بخوان طرفه ترخوشد هند،
چه خوشتر ز هاتف رسید این صدا.
خدایا همین مسجد آباد باد،
به بانگ و صلواة و بذکر و ثنا.

تاریخ وصال پرملال علاه دهر فریدالعصر مولوي
میان محمد صاحب فقیہ و مدرس هالا کهنه

دریغا از وفاتِ حاج مغفور،
مثال آمد تو گوي نفخ في الصور.
ز هجرت او چراغِ فیض گل گشت،
ز رحلت ا در آمد ظلمت از نور.
ازین واقع جداي عالم دین،
اهالي علم و عالم گشت رنجور.
میانجي مولوي حاجي محمّد،
ز دنیا رفت و علم دین شد دور.
ادیب و عالمَ و مشفق مدّرس،
فقیہ و فاضل و فیاض مشهور.
محق مفتي و ماهر مصنّف،
مجاهد متقي بر خیر مامور.
ز هر تلمیذ عندالناس مشکور،
شد از تدریس عندالله ماجور.
بود اندوه هاله گرد هالا،
که چون رفت از میانش فیض گنجور.
چهارم مه ربیع الاخر آخر،

شبِ آدینه گشت آن ماه مهجور.
به سالِ وصل او ”بلبل“ چنین گفت،
شده زین بلده گنج علم مستور.
(۱۳۳٦ھ)
ز سالِ عیسوي گو بادل پاک،
که درِّ بحرِ معنی باد مغفور.
(۱۹۱۸ع)

تاريخ وفات سيد مان قائم شاھ صاحب مرحوم جاگيردار جھانگارا تعلقو سيوهڻ

آه آه از وقوعۂ جانکاه، يعني از فوت آلِ دين پناه.
به شب آدينه مه جامد اوّل، بيستم درخسوف شد آن ماه.
نونهال چمن نَبي افسرد، گل چراغِ علي بشد ناگاه.
واي آن نوجوان زمرگ نمود، در نظر اهلِ ملک ملک سياه.
مرد مان راز رحتلش ماتام، اقربا را ز فرقتش صد آه.
هاي گلزار خاه اش به خزان، گشت - جهانگارهم ز درد سياه.
گل به ”بلبل“ بگفت سال وصال، ”سير جنت نصيب قائم شاه“.
(١٣٣٢ه)

تاریخ وفات وڈیرہ میاں امام بخش خان ڻيپو تعلقو ميهڙ

و زید باد فراق و رسید درد و عذاب،
ز انتقال وڈیرہ کہ بود از ارباب.
بتحملش چو فقیر و تجمّلش جو چو امیر،
بہ اوج ھمچو سماؤ بہ فوق ھمچو شھاب.
مدادم ناز و نعم شد غلام بردر او،
همیشہ جیش غلامان او بزیرِ رکاب.
زھمزمان اکابر معزز و ممتاز،
زھمقرآن عمائد، مرید شرف مآب.
بہ عقل و ھمت والا، تَرَزھمہ رفقا،
بہ بخت و دولت بالاتر ز ھمہ اصحاب.
بہ شان شوکت ماند و بہ عیش و عشرت راند،
فشاندہ دست ز دنیا کشاد جنت ماب.
سوم ربیع الثاني بروزِ شنبہ صبح،
کہ طئي نمود مراحل بسو ارم بشتاب.
بہ سال وصلش ”بلبل“ ھمین ندا آمد،
”ارم بباد بلادِ امام بخش نواب“
(۱۳۳۰ھ)

تاریخ انتقال فخر قوم خانبهادر شیخ صادق علي صاحب سابق وزیر ریاست خیرپور

واجب آید تاکه گرید خون زمین و آسمان،
بر وفاتِ شیخ ابن الشیخ فیّاضِ زمان.
روز چون شب مي نماید در نظر روشندلان،
شور ماتم گشت برپا ”هائي هو“ اندر جهان
حق آن باشد که افتند آسمان بر رو زمین،
یا زمین از جوش شگفتد سوزد این دریا روان.
هند رابي دل نمود و سنده رابي سر گذاشت،
جود را بي جان نمود و بذل را بي خانمان.
اندرین ماتم کده شد هر کسي را دمبدم،
آه سوزان چشم گریان سینه بریان دل طپان.
زیب دولت رفت گویا از ریاست خیرپور،
زینتِ دین رفت گویا از محافل مومنان.
هائي هائي آفتابِ علم آمد هر کسوف،
ماهتابِ عقل آمد در خوسفِ جاودان.
مادرِ گیتي نزاید این چنین فرند نیک،
دیدهء دنیا نه بیند مرد کامل آن چنان.
رفت از دنیا که در دنیا و دین بودش کمال،
در مروّت در حیا در حلم در نام و نشان.
حامِي، دین فخرِ ملّت پیشوائي قم بود،

بي تڪلّف بي ريا و بي نمود بي زيان.
نام، او صادق به قول و فعل بود،
صاف نيت صاف دل صافي نهان صافي عيان.
واقف، اطوار ورع و ڪاشفِ اسرار شرعِ،
لامعِ انوار فيض و زبدهء انصاريان.
سايهء الطاف او از ما جدا شد هاي هاي،
پايهء اقبال او برگشته شد از خانمان.
دوستان از غم فراقش سينهاي دارند چاک،
دشمنان از هجرتش هم اشکبار و خونفشان.
از فراقش شد هنود و مومنانان در الم،
هر کسي را داغ بردل آه و زاري بر زبان.
هاي هاي من چگويم وصف آن عاليجناب،
يک ازان هرگز نمي سنجد ترازوئي بيان.
در سفر لاهور ناگه باسفر عقبی شتافت،
برحديثِ مصطفی گرديد ناجي بيگمان.
باوجود اين بخت و دولت مال و اقبال و عيال،
بر تقاضائي قضا چون رفت تنها بيکران.
مہ جماد الاول و تاريخ غرهّ وقت شب،
روز آدينه به عقبی رفت و رست از اين و آن.
سال فوتش جست ”بلبل“ هاتفم از غيب گفت،
”رفت هاي هم حليم انسان و حاڪم مهربان“.

(۱۳۳۰ھ)

گفت سال وصل او هاتف که بي سروِپا گذاشت،

علم و عمل و هنر و عقل و بخت اثر و لطف شان.

ل م ن خ خ ث ط الف

۱۳۳۰ھ

باز سالِ فوت او پرسیدم از روح القدس،

زود گفتا: روح پاک شیخ را جنّت مکان.

(۱۹۱۲ع)

یا رب از من این دعا در دوستان آمین باد،

قصر عالي جائگاهش باد در باغِ جنان.

واي بر جاني قصائد و مدح گفتم مرثیه،

باز از "بلبل" نه شنود کس توائي داستان.

تاريخ انتقال مرزا ڪلب علي بيگ
ڊپٽي ڪليڪٽر حيدرآباد سنڌ

هي زما مير زا چو گشت جدا، سانحهء ڪربلا بکرد بپا
صورتِ يوسف و ملک سيرت، خوش روان خضر پئي
خجسته لقا
نيکدل نيک کار نيک اطوار، فاضل و باذل و فياض و فتا
کار خيرش بپديد در عالم، نام نکش عزيز در دلها
ناگهان رفتنش که واي هشرت، بيگمان رحلتش که
واويلا.
دولت اقبال تا به آخر دم، به رکابش دويدو بخت رسا.
آخرت جرعهء ز موت چشيد، ارجعي از خدا شنيد ندا.
فکر ”بلبل“ چو کرد در تاريخ، از سروش فلک شد اين
القا
سال فوتش بگو که ”جائي فلاح“، يافت کلب، علي به شيرِ
خدا.
۱۳۳ ۱۷۷۰= ۹۰ع

تاريخ وصال حضرت پير خواجه نظام الدين
نقشبندي پاٽ شريف

ها ي شد در جهان پريشاني، که زما رفت هادي و باني.

پير ما خواجهء نظام الدين، روئي پوشيد از جهان فاني.
مرشدِ ما ولي خضر لقب، در زمان بود غوث صمداني،
در شريعت چو شمس روشن بود، در طريقت به مثلِ همداني.
در حقيقت چو بود حق آگاه، معرفت را نداشت پاياني.
بود عالم به علم و فقه و حديث، عارف آيات و نصّ قرآني.
ظاهر اندر هدايتِ طلبا، باطن اندر لقائي رحماني.
پير روشن ضمير پاک سرشت، رهبر راه فيض حقّاني.
زنده دل خضر پئي خجسته شعار، حق پرست و حبيب سبحاني.
مجتهد وقت مرشدِ دوران، در شرع و ورع بوذرِ ثاني.
صاحب ذکر و فکر سکر و سلوک، مالکِ شوق ذوق سلماني.
از توجه هزار مرده دلان، زنده ميکرد در ذکر خواني.
بيست و يک ربيع اوّل بود، که بدل کرد جان قرباني.
روح پاکش چو ارجعي بشنيد، گشت پرواز او به آساني.
وَ ادخلِي جَنّتي خطابش شد، حاصلش گشت قرب يزداني.
جستم ز فکر سال وصلش چون، گفت: گويم بستوا گر داني.
به سرِ معرفت به نزدِ خدا، رفت از دهر قطب رباني.
۱۳۱۱ ۱۲۷۱

تاريخ وفات پر سيد مير ميان ناصرالدين دودائي تعلقو لاڙڪاڻو

صاحبِ فيض پير ناصرالدينڪ، سوئي جنّت چو گشت زود روان.

بيست يكم زمهٖ صفر بشافت، يوم آدينه ساعتِ غفران.

در جواني چو جان بجانان داد، گشت منصور ثانِي دوران.

”لايموتون“ اولياءَالله، گرچه اين ست راز در عريان.

لِڪ در چشمهاي ظاهر بين، از فراقش پديد آه و فغان.

سال وصلش چوجستم از ملكوت، شدندا - ”محو ذات قطب جهان“.

١٣٢٥

از زبان اهل دل شده اظهار، ”فوز مصباح فيض ماند نهان“.

١٣٢٥

عاشقان راشده همين گفتار، ”دولتِ نقد كردجان قربان“.

١٣٢٥

صالحان بر وصال او گويند، ”مونس الحق گشت پير زمان“.

١٣٢٥

یک شده ذکر و ذاکر و مذکور، ”جس عمل کمال ذاکر دان“.
۱۳۲۵
عارفان سال رحلتش دانند، ”برقعه پوشید مستجب سجان“
۱۳۲۵
هم دران سال شد ز رو تاریخ، ”موسس روضه سایهء یزدان“.
۱۳۲۵
سان اتمام وي ز ”بلبل“ دان، ”کعبهء مکّه - قبهء رضوان“.
۱۳۲۵ھ

اخبار آفتاب سنده


تاریخ اول در تقریب سالِ او، اخبار آفتاب سنده
که از هر مصرع سال نومبر ۱۹۲۰ع برمي آید
سالِ نو آمد مبارک، بهر دیوان آفتاب،
جام ”احمد“، زیبِ ملت، زور اخوان آفتاب.
درج گوهر، علم و حکمت، برجِ اختر، پندو وعظ،
جان پرور، کانِ درّر، درس لقمان آفتاب.
در کشایش طع و خاهش، عدل و آرایش جهان،
فرحتِ دل، جعد حکما، تاجِ سلطان آفتاب.

از سرور انشاء، نظاره، ناظرين، باغِ بيان،
باده گلگون، چشمِ نرگس، گل گلستان آفتاب.
باب حكمت، آبِ دانش، تاب مضمون پر بهار،
كانِ منطق، خط صلحا، زيب دامان آفتاب.
از برائي تنگ نظران، حال قومِ تشنه لب،
نور بينا، چشمه فيضان، آب حيوان آفتاب.
بانوائي نغمه "بلبل" حسن مطلب، قولِ صدق،
تاج هد هد، جان عالم، صبح خندان آفتاب.
از خيالِ لطفِ مئي شعر و سخن، شيرين بيان،
جام مئي نو، رزم شعراء، بزم رندان آفتاب.
در گروهِ همسران، باگوئي تحريرِ قلم،
صدر اركان، تيز جولان، مرد ميدان آفتاب.
مظهرِ عدل و سياست، منظرِ احوال ملک،
داد گستر، كار فرمان جود احسان آفتاب.
واعظِ هر دل عزيز و ناصح مشفق شفيق،
سايه نور اهل ايمان، فيض يزدان آفتاب.
برسرِ اعدائي دين، گرگ وسگ، روبه خصال،
ريگ سوزان، برق لمعان، شير دوران آفتاب.
نزد اربابِ علوم و شهشوارانِ فنون،
هيه معنى، سير بستان، عرصه چوگان آفتاب.
اسم دارد با مسمّي، نور دارد در ظهور،

سعد كوكب، شمس عالم، مهر تابان آفتاب.
در فصاحت، در بلاغت، در هدايت، اهل دين،
بانگ طوطي، ناله "بلبل" باغ ايقان آفتاب.

http://www.sindhiadabiboard.org/Catalogue/Poetry/Book80/Book_page1.html

http://www.sindhiadabiboard.org/Catalogue/Poetry/Book80/Book_page10.html



مينديءَ جي هُبڪار ۽ مائي جي مناڻ جي حوالي سان سجاڳپ رکندڙ ”منهنجو“ شهر

بلبل جو شهر، گل جو شهر، تنهنجو شهر، منهنجو شهر

ميهڙ

Mehraan 1963 3 and 4 Bulbul Jo Kalaam Sindhia mein Mazahnigaree

http://www.sindhiadabiboard.org/catalogue/mehran/Book70/Book_page13.html

#سنڌي ادب ۾ مزاح نگاري

غلام محمد ’ گرامي‘

سنڌي ادب ۾ مزاح نگاري

(’بلبل‘ جي مزاحيه فن جو تنقيدي مطالعو)

فن جو تعارف:

دنيا جي مهذب ۽ متمدّن، علمي ۽ معياري زبانن ۾ خوش ڪلاميءَ ۽ خوش ذوقيءَ، خوشي بيانيءَ ۽ خوش طبعيءَ لاءِ مختلف النوع عملي ۽ اصطلاحي لفظ ۽ اسلوب موجود آهن. فصاحت جي نمڪينيءَ ڪان وٺي بلاغت ۽ معانيءَ جي رنگينيءَ تائين، هزارها لفظ موجود آهن. باالخصوص مشرقي ادب ۾ مزاح آهي، طنز آهي، ظرافت آهي، هَجو آهي، تفنّن آهي، لطائف ۽ ظرائف آهن، نڪته

آفريني ۽ بذله سنجي آهي. اهي سڀ مختلف النوع، اساليب دراصل ڪلام نه پر حسنِ ڪلام جا درجات آهن.

سلسله ڪلام ۽ مرقع سخن، آرائشِ بيان ۽ سحرلسان، گويا طلسمات جو هڪ گنجان عالم آهي، جنهن ۾ ترصيع الفاظ کان وٺي تزئينِ بيان ۽ رفعتِ معاني تائين، شوڪتِ بيان ۽ جمالِ نطق و گويائي موجود ۽ محفوظ آهن.

قادرالڪلام ۽ سخن سنج، انشاپرداز ۽ اهلِ قلم عالمن انهن سڀني جي لغوي ۽ اصطلاحي، صوري معنوي فرق ۽ امتياز، تفاوت ۽ اختلاف جي حدبندي ڪئي آهي. متقدمين جي ڪلام ۾ انهن جي وصف ۽ درجه بنديءَ متعلق ڪوبه ابهام نظر نٿو اچي.

اسان جي مشرقي زبانن، عربي ۽ فارسي، اردو ۽ سنڌيءَ ۾ مزاح، تفنّن، هجو ۽ طنز، ظرافت ۽ بذله سنجيءَ جو استعمال نهايت مبهم، غير فصيح ۽ غلط نموني ۾ ٿيندو رهيو آهي، ايتري قدر جو اصطلاحي اعتبار کان انهن جي تعريف ۽ توصيف ۾ فرق ۽ امتياز قائم ڪرڻ دشوار ترين مسئلو بنجي ويو آهي.

ان جا ٻه سبب ٿي سگهجن ٿا: هڪ ته اهل قلم قصداً ۽ ارادةً مفردات ۽ مرڪبات جي صحيح مقام ۽ معاني کان غير واقف ٿين ٿا، تنهنڪري مترادفات جي دامن ۾ پناهه وٺندي ويرم نٿا ڪن. ائين ڪندي ’واؤعطف‘ جي استعمال

سان پڙهندڙن کي به منجهائي ٿا ڇڏين، جيئن ’طنز و مزاح‘ ’مذاق و هجو‘ لکندا ويندا. پيو ته اهلم قلم بزرگن جي علمي بساط حقيقت ۾ ايتري ته محدود ٿئي ٿي، جو هو ’طنز ۽ مزاحيه‘ مضمون لکندي، طنز ۽ مزاحيه اصناف جي اصطلاحات جو اطلاق درست نٿا ڪري سگهن. اهوئي سبب آهي جو اسان جي موجود ادبي سرمايي ۾ ’مزاح ۽ طنز‘ متعلق نه ته ڪو صحيح مصطلحات جو علم آهي ۽ نه انهن جي صحيح استعمال جا ڪي گهڻا مثال ئي ملي سگهن ٿا.

مصطلحات جي ناقص معلومات ۽ غلط استعمال جي ڪري، نڪو ان فن تي مطالع جو ڪو معيار قائم رهي سگهيو آهي، ۽ نڪو ان فن جي ڪنهن تنقيدي مطالع لاءِ ڪا معياري ۽ افادي تاليف ئي پيدا ٿي سگهي آهي.

اسان جي ادب جي مشهور مذاحيه فنڪارن جي فن، طنز ۽ مزاح متعل بحث ڪرڻ کان اڳ تمام ضروري آهي ته اول اول، ان فن جي اصطلاحات ۽ ڪلمات جي لغوي ۽ معنوي مطلب ۽ استعمال کان واقفيت پيدا ڪئي وڃي. انهن جي لطيف ۽ نازڪ فرق ۽ امتياز کي ڄاتو وڃي ۽ ڏسجي ته انهن لفظن جي لغوي ۽ معنوي فرق ۽ امتياز جي مختلف النوع صورتن تي ڪهڙا ڪهڙا معنوي حجابات چڙهيل آهن.

مثال طور، جديد ادب ۾ انگريزيدان نقاد Humour گھڻو ڪري ’مزاح‘ جو لفظ ڪري استعمال ڪن ٿا، ۽ ان کي صحيح لغوي ۽ معنوي حيثيت سان هوند تفنّن چوڻ وڌيڪ مناسب ٿو نظر اچي، ۽ ٻيو ته اهو هڪ لفظ بذله سنجيءَ جي مختلف النوع لفظن جو سرچسمو پڻ آهي. ان طرح ائين به چئي سگھجي ٿو ته اهو لفظ هڪ جنس آهي، باقي لطائف نگاريءَ جون سڀ صنفون ۽ انواع ان جو شاخون آهن.

انگريزي لغت ڏي رجوع ڪبو ته معلوم ٿيندو ته مزاح (Humour) کل ڀوگ، مسخري ۽ مذاق کي به چئي سگھجي ٿو. ان طرح ان ملڪهء ذهني کي به چئي سگھجي ٿو جو ڪوائف مزاحيه جو ادراڪ ڪري سگھي، ۽ جو ان جي بيان ڪندي خود به ڪيفيت نشاط ۽ ذوق مزاح حاصل ٿو ڪري، پر شرط اهو آهي ته بيان خنده آور هجي، محض وعظ ۽ خشڪ بياني نه هجي.

وائلڊ (Wilde) جي لغت، چيمبرز (Chambers) جي لغت ۽ شپلي (Shipley) جي لغت ۽ ماخذ الفاظ ڏانهن اگر رجوع ڪيو ويندو ته معلوم ٿيندو ته مزاح چئجي! ان جواب کي جنهن کي هوند موزون جواب سڏي سگھجي، جنهن جي ٻڌڻ سان ٻڌندڙ خاموش ۽ لاجواب ٿي وڃي ۽

سندس اُچلايل معترضانه سوال، موٽي ڪيس ئي منهن ۾ لڳي.

Irony يا تعريض پڻ ان تجاهل عارفانه کي چئجي ٿو، جنهن ۾ لفظ جي ظاهري معنيٰ هڪ هجي، پر ڳالهائيندڙ جي مدعا ۽ منشا ان معاني جي عين مخالف هجي، بلڪ ضد ۾ هجي. جيئن چئجي، ’فلاڻو ته ڪو بادشاهه آهي،‘ ان استعمال ڪرڻ سان قائل جو مطلب آهي ته بادشاهه نه پر ’احمق‘ آهي.

يونان جو مشهور فلسفي سقراط پنهنجو ڪلام هميشه ڪلام تجاهل عارفانه جي نوع ۾ ڪندو هو، جنهن مان ظاهري طور ته جهالت پئي بکندي هئي، پر حقيقت طور معارف ۽ حقائق کي سميٽي چڏيندو هو. علمي طور ان فن کي ’ تعريض سقراطي‘ سڏجي ٿو، ان طرح تمثيلي تعريض به آهي. ان تمثيل ۾ اهڙو فقرو ٿئي ٿو جنهن جي اهميت ٻڌڻ شرط نه، پر دير سان واضح ٿئي ٿي. اها اهڙي تمثيل آهي، جا ڳالهائڻ وقت نه متعلقه ڪردار کي معلوم ٿي رهي ۽ نه ٻين ڪردارين کي ڪجهه پتو ٿو پوي. اها تمثيل گهڻو ڪري ڊرامائي تمثيل آهي الغرض، تمثيلي تعريض جا ٻيا به ڪيئي نمونا ٿين ٿا، جي بديع ۽ معابيءَ جي ڪتابن ۾ ڏسي سگهجن ٿا.

لغت جو بيان آهي ته يونانين وٽ قديم تمثيلن ۾ معمولي ڪردار، پنهنجي فني شعبده بازيءَ ۽ عياريءَ سان وڏن وڏن ديوهيڪل ۽ خطرناڪ ڪردارن کي شڪست ڏيندو هو. ان کي Eironi چون ٿا. Irony مان نڪتل آهي.

طنز يا Satire انگريزيءَ ۾ اهڙي منظوم تصنيف کي چئجي ٿو جا انفرادي ۽ معاشرتي نقائص کي هدف انتقاد بنائڻ وقت تضحيڪ ۽ تمسخر، مزاح ۽ تعريض، بذله سنجيءَ ۽ نقطه طرازيءَ کان ڪم وٺي.

والٽيئر جي طنّازي ۽ طنزنگاري به ان سلسلي ۾ شمار ڪرڻ گهرجي. برائيڊن ۽ پوپ جو طنزيه انداز تنقيد پڻ مشهور فن آهي.

ايتري تمهيدي تعارف کان پوءِ به لازمي طور اهو سوال پيدا ٿئي ٿو ته تعريض، طنز، هجو ۽ مزاح، اسان وٽ معروف منظوم صنف سهي، پر انهن ۾ڪو واضح ۽ بيّن فرق به آهي يا نه؟ چالاءِ ته آخرڪار ’هجو‘ ۾ به ته شاعر سماج جي معائب کي ئي هدف انتقاد بنائي ٿو ۽ معاشي براين کي به نٿو ڇڏي. ان ئي سلسلي ۾ شاعر تضحيڪ، تمسخر، تعريض، ۽ مزاح وغيره چيزن کي استعمال ڪري ٿو. ايترو ضرور چئبو ته مشرقي هجويات ۾ فحاشيءَ جو رنگ زياده نمايان نظر اچي ٿو. ليڪن سوزني، خاقاني، ابوالعلاعه، گنجوي، انوري، قا آني، يغمائي جندتي جي

هجويات ۾ تعريض ۽ تضحيڪ جا ڪي خوبصورت مثال پڻ لڀن ٿا.

فارسيءَ کي ڇڏي، اگر اردو ادب جو مطالع ڪيو ويندو ته پوءِ معلوم ٿيندو ته سودا، مير، انشاءَ ۽ مصحفيءَ وٽ به ’هجو‘ ملي ٿي، پر ايترو ضرور چئبو ته انهن جي هجويات جو بيشتر حصو انفرادي نقطه چينيءَ تائين محدود آهي. البته اڪبر الهٰ آباديءَ جي فن متعلق اردو دان ان راءِ جا آهن ته سندس فن ۾ هجو، تعريض، مزاح، تضحيڪ، تمسخر، طعنه ۽ طنز جا تمام عناصر ملن ٿا. حالانڪ اردو نقادن جي اها راءِ مبالغي کان خالي نه سمجهڻ گهرجي. اڪبر وٽ مزاح ۽ طنز جي ادبي لطافت ۽ فني جزالت جو گهڻو تڻو فقدان آهي. البته ’هجو‘، تمسخر ۽ تضحيڪ جو فن وٽس نمايان آهي. ذاتي اشارا به ملن ٿا ۽ تلخ ۽ شخصي، ذاتي ۽ نفسي دل آزاري به موجود آهي. اڪبر جو فن هڪ اهڙي نشتر آهي، جنهن کي هر هنڌ، هر نموني ۾ استعمال ڪري، تعميمي فن پيدا ڪري، تخصيصي افاديت کي ختم ڪيو ويو آهي. ان جي مقابلي ۾ ’بلبل‘ مرحوم جي فن ۾ اعتدال ۽ توسط، احتياط ۽ شيريني آهي. اهوئي سبب آهي جو سندس فن ۾ نه ذاتي هجويات آهي ۽ نه ڪو شخصي تمسخرات جو وجود ئي ملي سگهي ٿو.

بلبل جي فن ۾ به هڪ نشتر آهي، پر ان جو آپريشن تعميري ۽ افادي آهي، ۽ هڪ معالج واري نشتر وارو ڪم ڪري ٿي. ’بلبل‘ جي نشترزني به ڪٿي ڪٿي هجو صريح جي تيغ بي امان وارو رنگ ڏيکاري ٿي. پر ان ۾ فني شيريني آهي، محض ڪنهن حجام واري نشتر جو زخم نه آهي. مرحوم بلبل جو فن ڪڏهن ڪڏهن هجو جو هنٿر به بنجيو وڃي، جنهن سان هو هدف انتقاد جي کل کي ادوڙي ٿو رکي. تمام غور سان مطالع ڪرڻ کان پوءِ، ڪوبه منصف مزاج نقاد ائين چئي نٿو سگهي ته بلبل جي فن ۾ انگريزي طنز، تعريض، بذله سنجي، تفنّن، ظرافت ۽ هجو مليح جا سارا علمي ۽ فني عناصر ملي نٿا سگهن. کيس ’اڪبر‘ سڏي. هجونگار سمجهڻ اها غلطي آهي، جنهن ۾ سنڌ جا سيئي ناقد ۽ بلبل تي لکندڙ مؤلف ۽ مقاله نگار مبتلا نظر اچن ٿا. منهنجي خيال ۾ مرحوم بلبل جي فن کي محض’هجو‘ تائين محدود سمجهڻ، هڪ غيرفني ۽ غير علمي فيصلو آهي، حالانڪ بلبل جو فن اڪبر جي هجو ۽ تمسخر کان بڪل جدا گانه حيثيت ٿو رکي.

سندس فن شيرين به آهي ۽ اثرنگيز به آهي، جاذب به آهي ۽ ڪشش انگيز به . اها ٻي ڳالھ آهي ته اڪبر جي ترجماني هزارن ڪتابن ۽ مقالن جي ذريعي ڪئي وئي آهي، ۽ ان جي مقابلي ۾ بلبل مرحوم جي فن تي فقط چند

مقالا لکيا ويا آهن، جي ايترا ته تشنه ۽ ناقص آهن جن کي مقالو به چئي نٿو سگهجي. ان طرح هڪ اڌ تاليف به موجود آهي، جا نهايت مختصر آهي، جنهن ۾ سندس سوانح کي زياده بيان ڪيو ويو آهي، پر فني تجزيو نه فقط گهٽ ملندو، پر نهايت لغو ۽ گمراه ڪُن مواد تي مشتمل آهي. ان جي شڪايت ڪنهن سان ڪجي؟ افسوس اهو آهي ته انهن مقاله نويسن ۽ سوانح نگارن بلبل مرحوم کي اڪثر سان اڪبر ثاني سمجهي، اوپاريون لهواريون ڳالهيون ڪري، جند ڇڏائي آهي. انهن بلبل جي پوري فن جو مطالعو نڪو غائرانه نظر سان ڪيو آهي نه ڪو ناقدانه نگاهه سان، حالانڪه اڪبر جي ايتري تشهير کي اضافي سمجهي، بلبل جي نثر ۽ نظم جو لفظ لفظ پڙهڻ گهرجي ها، ۽ پوءِ ڪجهه لکڻ گهرجي ها!

مون تي معاف ڪيو وڃي اگر عرض ڪريان ته انهن بزرگن نه 'هجو' ۽ طنز ۾ فرق ڄاتو آهي ۽ نه ڪو مزاح ۽ ظرافت جي فني حدود کان ئي آشنائيءَ جو ڪو سهڻو ثبوت پيش ڪيو آهي. ڪن سوانح نگارن ته بلبل مرحوم جي پوري فن جي ئي ڪايا پلٽ ڪري ڇڏي آهي.

انهن پنهنجي دلي جذبات ۽ پنهنجي پسنديده معتقدات کي بلبل جي 'فن' تي هڪ عملي خول بنائي چاڙهي پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي. سندن اها ملمعسازي،

بلبل جي ’فن‘ کي نڪو تابنده ڪري سگهي آهي، ۽ نڪو علمي دنيا ۾ متعارف ڪري سگهي آهي. ’بلبل‘ جي اثبات ۾ نفي آهي، ۽ امر ۾ نهي آهي. جتي هو جديد تهذيب ۽ انگريزي تعليم کي حاصل ڪرڻ لاءِ اثبات ۾ ڳالهائي ٿو، اتي دراصل سندس مطمح نظر نفي آهي. جتي سنڌيءَ جي درماندگيءَ ۽ سادگيءَ کي هدف ملامت ٿو بنائي، اتي دراصل سندس مطمح نگاهه اثبات آهي. هو سنڌي اهي ۽ سنڌيءَ جي سادگي، ساده دلي، پرهيزگاريءَ ۽ مشرقي ۽ مذهبي اطوار ۽ اخلاق کي ظاهري ٽيپ ٽاپ، هيٽ ٽوپ ۽ پائونڊر ۽ لونڊر جي چمڪ ڌمڪ تي ترجيح ٿو ڏئي. مگر مؤلفين، بلبل جي نه اثبات کي سمجهيو آهي نه امر کي، نه نفيءَ کي نه نهيءَ کي. انهن :

خرد ڪا نام جنون رک ليا، جنون ڪا خرد جو چاهئي آپ ڪا حسن ڪرشمه ساز ڪري تي پورو پورو عمل ڪيو آهي، ۽ بلبل جي فن کي اصليت ۽ جزالت تان هٽائي، مسخ ڪري پيش ڪيو آهي.

ان ئي سلسلي ۾ ظرافت کي به ڪافي طور تختهء مشق بنايو وجي ٿو. ظرافت (Wit) ڪلام جي لطافت جي معراج ڪمال کي چيو ويو آهي. يعني نطق و بيان ۽ حسن اظهار جي آخرين ۽ ڪامل ترين حد، ظرافت تي پهچي ٿي. ظرافت جي لغوي معنيٰ آهي؛ دانائي. چنانچه ظريف

اهو آهي جو دانشمند ۽ معمله فهم، زيرڪ ۽ ذي هوش هجي.

شپلي جي تحقيق موجب، انگريزي لفظ Wit اصل سنسڪرت ۾ ’ود‘ آهي. ان موجب آريائي زبان ۾ ’ ت ۽ د‘ جو تبادلو عام چيز آهي. ’ود‘ جو مطلب آهي علم و دانش. ’وديا‘ ان تان ورتل آهي، ۽ ’ويد‘ جي معنيٰ آهي ’خزينهء حقائق.‘ ۽ ’چتر ويدي‘ مشهور ڪتاب، علم و دانش جي نسبت ۽ مواد ڪري پنهنجي علم معرفت تي فخر ڪري رهيو آهي.

هي به عجيب اتفاق آهي ته ’ظرف، ظريف ۽ ظرافت‘ ٽيئي سامي الاصل لفظ آهن. تاهم عبراني ۽ آريائي زبانن جي لفظي ۽ لغوي معاني ۾ به يڪسانيت جي ڪانه ڪا صورت موجود ۽ مضمر ضرور آهي. Wit ، ود،وديا ۽ ويد آريائي نزاد آهن، ۽ انهن جو زباني، مڪاني ۽لساني بُعد به هڪ مسلم حقيقت آهي. ان جي باوجود انهن لساني گروهن ۾ ته ’ظرافت‘ جو بنيادي شرط آهي؛ ’دانش ۽ عقل؛‘ ۽ ان کي ئي ’بذله سنجي‘ پڻ سڏيو ويو آهي. ان طرح دانشمند ۽ صاحب عقل کي بذله سنج به ان صورت ۾ ئي چيو ويو آهي. الغرض ظرافت آهي دانشمندي ۽ زيرڪيءَ تي حاوي، نقطه طرازيءَ جو بنياد، متوازن

ڪلام جو خوش رنگ اسلوب ۽ اجمال ۽ اختصار جي جامع ۽ معنوي هيئت.

اصطلاحي حيثيت سان ’ظرافت‘ ان ملڪهء ذهني کي پڻ چيو ويو آهي، جنهن کي استعمال ڪري، هڪ دانشمند ۽ ظريف انسان اهڙين مختلف النوع حالتن ۾ مشابهت جا اصول تلاش ٿو ڪري، جي ظاهر ۾ هڪٻئي جي مخالف نظر اچن ٿا. ٿورن لفظن ۾ ائين چئجي ته مشابهه ۽ مخالف علمي ڪيفيتن ۾ اختلاف جي سببن کي تلاش ڪري ڳولي لهڻ به ظرافت ۾ داخل آهي.

ظرافت جي اها لغوي تعريف ته ’ اهو ڪلام جنهن ۾ نقطه طرازي ۽ دانشمندي هجي‘ ۽ اختلاف ۽ مشابهت جي جستجو ۽ ڳولا تي حاوي هجي،‘ ذرا سمجھ ۾ گھٽ ايندي. ان سان گڏ اهو به سمجهي ڇڏجڻ گهرجي ته اصل ۾ ’ظريف‘ جو ڪم خنده آور ڳالھ ڪرڻ نه آهي. ان جو سبب هي آهي، ته جتي ڪو مخفي نقطو ٿئي ٿو، ۽ ان جو بنيادي عقل ۽ شعور تي ٿئي ٿو، اتي تبسم زيرلب ’خنده‘ جي جاءِ وٺي ٿو. ان سان گڏ اها به وضاحت ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته ظريف طنز و تعريض، تضحيڪ ۽ تمسخر جا اهي باريڪ ۽ لطيف پهلو پڻ سامهون آڻي ٿو، جن جي بنياد تي ان جي ظريفانه شعبده گري، نهايت تيز ۽ تند نشتر وانگر هلڪي هلڪي چڀن بنجي وڃي ٿو. ايتريقدر جو

معاشرتي ناسور مان گند ته وهي ٿو هلي، پر مريض کي خبر ڪانه ٿي رهي. البته ڏسندڙ کيس ٻڌائي سگهن ٿا ته سندس زخم تي ڪهڙي نشتر لڳي، ۽ سندس زخم جي هاڻي حالت ڪهڙي آهي. اها عيارانه نشترزني، اها شاطرانه تضحيڪ، اها صناعانه طنز، اهو خنده آور تمسخر، اها مزاحيه بذله سنجي ئي ظرافت جو روح آهي. ان کان سواءِ ظرافت جي ٻي هرڪا تعريف، محض ’ڦوڪ‘ آهي. ظريف جو ڪمال اهو آهي ته هو تمام مختصر ڳالھ ڪري وجي ٿو. ان اختصار ۾ معانيءَ جو درياءُ لڪل رهي ٿو. ٻڌندڙ ۽ پڙهندڙ کي تبسم زيرلبيءَ تي مجبور ڪري ٿو. پر پاڻ خود ان ڳالھ جي وچ مان ائين غائب ٿي وجي ٿو، ڄڻ ته سندس مقصد ۾ ان قسم جي ڇيڙ ڇاڙ جو ڪو دخل ئي ڪونه هو! برجستگي، بيساختگي، پيوستگي، زيرڪي، دانشمندي، نقطه سنجي ۽ نقطه طرازي ’ظرافت‘ جي ڇاڻ سڃاڻ لاءِ منطقي ذريعا سمجهڻ گهرجن.

شاعريءَ جي فن موجب جيئن غزل جي پخته ۽ استادنه مطلع جون ٻئي سٽون، باهم يڪلخت ٿي ڪري استعجاب جو اثر پيدا ڪن ٿيون، بلڪل ان وانگر ظريف جا فقرا، پاڻ ۾ مربوط ۽ متحد، پخته ۽ پيوسته ٿي ڪري، ماڻهوءَ جي سلسله خيال ۽ ذوق انتقاد کي اهڙي مهميز ٿا

ڏين جو ان جو منطقي ۽ فڪري نتيجو هڪ صحتمند تنقيد بنجي وڃي ٿو.

اهو به ياد رهي ته ظرافت، مزاح کان دور ٿي رهي، پر تعريض ۽ طنز جو ڪم هر حال ۾ ڪندي رهي ٿي. اصل ائين ڪٿي چئجي ته ظرافت ۾ ئي طنز ۽ تعريض جا جوهر ڳُلن ٿا. پر ان سان گڏ اهو به ذهن نشين ڪرڻ گهرجي ته طنّاز جو ظريف هئڻ ضروري نه آهي، البته ظريف جو طنز نگار هئڻ ۽ تعريض گفتار هئڻ لازمي امر آهي. جيئن فصاحت، بلاغت لاءِ لازم آهي پر بلاغت، فصاحت لاءِ لازم نه آهي، بلڪل ان طرح طنز ۽ ظرافت جو تعلق آهي.

بلبل جو فن:

فن جي مذڪور بالا تعريف کي اڳيان رکي، ڪو ناقد ۽ پارکو، مرحوم بلبل جي پوري ڪلام کي مطالع ڪري. سندس نثر کي ڏسي ۽ مزاحيه انداز ۾ لکيل تحريرن کي جاچي. معلوم ٿيندو ته مرحوم بلبل کي تفنّن جي ٿهڪن ۽ مزاح جي خنده آور برجسته فقرن سان ڪو دلي اُنس ڪين هو. البته طنز ۽ تعريض کي ظريفانه انداز ۾ پيش ڪرڻ جو ماهر هو. سندس ڪمال ۽ مهارت ان مان صاف ظاهر آهي ته سندس فن ۾ طنز ۽ تعريض، ظرافت، لباس ۾ ملبوس آهن، هڪ چابڪدست هنرمند جي هٿ لڳڻ سان سندس فني رنگ زياده ديده زيب ۽ پرڪشش پيو لڳي.

ڪنهن فرد يا پوري معاشري کي اهڙي نموني ۾ هدف انتقاد بنائڻ، جنهن سان ذوق سليم کي ڪابه ناگواري نه محسوس ٿئي ۽ بذله سنجيءَ جي اصولن جي پابندي به قائم رهي، هزارن مان ڪو هڪ اڌ ظريف ۽ دنشمند ئي اهڙي فن جو مظاهرو ڪري سگهي ٿو. باقي هرڪو ان فن کي نڀائي نٿو سگهي. هتي ذاتي تعصب ۽ عناد ڪارفرما نٿا رهن. بلڪ هن فن ۾ عقل ۽ شعور جا فيصلا صادر ٿين ٿا. شخصيات سان ڪو واسطو نٿو رکيو وڃي، پر اهي ڪوائف شخصي ۽ واقعات ذاتي ئي بيان ڪيا وڃن ٿا، جن جو ذڪر مفاد عامه لاءِ لازمي ٿي پوي ٿو.
تنهنڪري چيو ويو آهي ته ظريف ۽ طناز، فرد جا عيب پلي بيان ڪري يا معاشري جي غلطين ۽ مرضن تي پلي نشترزني ڪري، پر هاحال ۾ کيس دانشمنديءَ ۽ بصيرت کان ڪم وٺڻو پوي ٿو.
اهڙو فنڪار پنهنجي فن سان تبسم زيرلبي به پيدا ڪري ٿو، پر ان سان گڏ، پڙهندڙ کي سلسله در سلسله افڪار و خيالات جي عجيب غريب دنيا ۾ پهچائي ٿو ڇڏي، تان جو معائب ۽ نقائص جي انهن سپني لفظن تي پهچي ٿو وڃي، جي ’هدف انتقاد‘ ڏاڍي اهتمام سان مخفي ڪري ڇڏيا هئا.
مرحوم ’بلبل‘ جو فن زندگيءَ جي تاريڪ ۽ سطحي، بي معنيٰ ۽ نقل ڪيل گوشن کي پنهنجي علم تعريضيءَ سان

منور ٿو ڪري. جتي جتي عيوب ۽ نقائص ڳجها ٿا رهن، اتي سندس بذله سنج نگاهه پهچي ٿي وڃي، ۽ تعلق رکندڙ ماڻهو سندس اشاري ۽ ڪنايي کي سمجهي لذت ٿا حاصل ڪن. اهو عمل، اصل ۾ آهي ته بيباڪ ۽ دردناڪ، پر اهڙي مصلحانه شان سان ڪيو ٿو وڃي، جو 'پريت' رهجي ٿي وڃي، ڪابه تلخي نٿي پيدا ٿئي.

'بلبل' جي ظريفانه طنز ۽ سندس تعريضي بذله سنجي، 'اختلافات ۾ مشابهه پهلو' ۽ 'مشابهه حالتن ۾ اختلافي پهلو،' ٻنهي کي روشن ٿي ڪري، تان جو پڙهندڙن جي نگاهه معاشري جي جهرندڙ ديوارن تائين پهچي ٿي وڃي. هو ٻاهران رونق وارن اوچن محلن جي دريچي مان جهاتيون پائي ڏسي ٿا سگهن ته اندر ڪاريءَ وار ڪک آهن! 'بلبل' معاشري جي بيروح ۽ کوکلي ڍانچي کي پنهنجي قلمي لٺ سان نه فقط کڙڪائي ٿو ڇڏي، پر تڙڪاٽ ڪڍائي ٿو ڇڏي!

ڪمال اهو آهي ته 'بلبل' کي هڪ چغلخور بدبخت وانگر نٿو پڌرو ڪري، پر ياران شاطر ۽ حريفان بذله سنج وانگر کِلندي ۽ کِلائيندي، چٽڪيون هڻي ٿو ڪڍي.'بلبل' ڪٿي ڪٿي پنهنجي خودبيانيءَ ۾ ٻين جي عيبن تي ڀرپور وار به ڪري ٿو، پر اهي وار دشمنانه نه پر استادانه ۽ مشفقانه رهن ٿا.

جتي ضروت ’آپريشن‘ جي ٿئي ٿي، اتي گهاءُ به گهَرو ڪري ٿو، پر جتي نرميءَ ۽ شفقت جي ضرورت ٿئي ٿي، اتي تبسم زيرلبيءَ سان ’زهر‘ ملائيندي ويرم نٿو ڪري. پر فرق اهو آهي ته اهو ’زهر‘ به مريض لاءِ ترياق ٿيو پيو، ۽ ’علاج با المثل‘ ۽ ’علاج باالضد‘ موجب نفعي کان خالي نٿو رهي.

معاشري جي مطالع کان پوءِ، جڏهن ’بلبل‘ ڏٺو ته هت ’رڍون مڙئي ٻوث ڪاريون آهن چڱا چوکا ماڻهو نقاليءَ ۾ مبتلا آهن، تڏهن سندس قلم قينچيءَ وانگر وهي ٿو ۽ نقالن جا نقلي پچ ڪتري وجي ٿو مٿي چڙهي! ان وقت ۾ ’بلبل‘ نڪو ڏسي اعليٰ نڪو ادنيٰ، نه پير نه ملا، نه مفتي نه نمازي .

منهنجو عرض آهي ته ’بلبل‘ جي پوري ’فن‘ کي مطالع ڪرڻ کان پوءِ، صاف نظر ايندو ته ظريفانه بذله سنجيءَ ۽ دنشمندانه تعريض لاءِ جنهن ذوقِ سليم، استعدادِ ذهني، خلوصِ نيت، وسعتِ مطالع ۽ ديانت طبعيءَ جي ضرورت آهي، اهي سڀ علمي ۽ اخلاقي جوهر، جامعيت سان، ’بلبل‘ جي فن ۾ موجود آهن.

مون کي ائين پيو محسوس ٿئي، چڻ ’بلبل‘ جهڙي ذهين ۽ طباع دانشمند جو مطالعو ۽ شعور پنهنجي زماني جي چاڻ پچاڻ جو خزانو بنجي چڪو آهي. سندس گرفت

اهڙي سنجيده ۽ پختي آهي جو ڪوبه گرفتار، جند ڇڏائڻ لاءِ پَرُ ئي نٿو ئوڪي سگهي! پڄري ۾ ڦٿڪندو، باقي پڄي نه سگهندو. اهوئي سبب آهي جو سندس ’حريف‘ ڪٽي مٿو ڦاڙي وجهي، پر بلبل جي مقابلي ۾ پاڻ کي حيران بي دست و پائي محسوس ڪندو.

مٿي بحث ٿي آيو آهي ته ’بلبل‘ جي ظريفانه طنزنگاري ۽ بذله سنجي، عقل ۽ مشاهدي، استدلال ۽ مطالعي سان وابسته آهي. تنهنڪري حسد ۽ عناد، ذاتيات ۽ شخصي رنجيدگيءَ کي منجهس ڪوبه دخل نه آهي. سندس زبان اهڙي سليس ۽ شسته، شيرين ۽ نمڪين، جو ماٺهو پيو پڙهي، ۽ گنگي وانگر ڳڙ جا چسڪا وٺي پيو کلي ۽ ٽڙي! سندس هدف ۽ تلخي موجود، ۽ ان سان گڏ تلخي ڪام و دهن جي آزمايش به موجود. پر رنگ اهڙو شيرين جو پيئندڙ کي نڪو تلخيءَ جو احساس ستائي، نڪو ڪَڙيءَ سُتيءَ جي پيئڻ وانگر، منهن ئي بڇڙو ٿئي! ’بلبل‘ جي ان معنوي رهاڻ، تضاد ۽ اختلاف جي ظريفانه وَڌَ ٺُڪَ کي ڏسي، پڙهندڙ سندس ذهني شعبده بازيءَ تي حيران رهجي ٿو وڃي ۽ داد ڏيندي ڍاپي ئي نٿو!

بلبل جي طنزيه ۽ ظرافت آميز شعرن کي پڙهجي، يا سندس نثر مرصع کي مطالع ڪجي، ڪڏهن به ماٺهوءَ جي ذوق سليم کي ڏکيو نه لڳندو. اوهان ڏسندا ته سندس قلم نشتر کان

به تيز هوندو، پر بيجا خونريزي نه ڪندو، صرف زخم کي کوليندو ۽ فاسد مواد وهائي ڇڏيندو. مريض کي ته ڇا، سندس تيماردار کي به ڪو پرو نه پوندو ته قلم جي نشترزنيءَ جا ڪمالات ڪهڙا آهن.

سنڌينءَ سوليءَ ڳالهه کي لطائف ۽ ظرائف جي لباس ۾ آڻڻ، طنز ۽ تعريض کي بذله سنجي بنائي ڇڏڻ، بلبل جي طنّاز هجڻ لاءِ ڪافي ثبوت چئي سگهجن ٿا.

آخر ۾ فقط ايترو عرض ڪندس ته بلبل جي فن جو مقام ان کان به بلند آهي. بلبل، سنڌ جي طنز نگارن (جي به حقيقي طنز نگار چئي سگهجن) ۽ انشاپردازن ۾ فرد واحد آهي،جنهن طنز کي هجو کان ممتاز ڪيو، ۽ سنڌي زبان ۽ ادب ۾ ظرافت جي هڪ ناقابل تتبع اسلوب جو بنياد وڌو. سندس مقابلي ۾ جن به پين هن سنگلاخ زمين ۾ پير پاتو، تن پنهنجا پير ته ڦيهي وڌا، پر ڇڳن ڇڳن پرين مڙسن جون پڳون لاهي وچي مٿي چڙهيا. انهن جو فن هجو ۽ طنز جي لطيف فرق کان نابلد رهجي ويو. آخرڪار اهو منصب جليل’بلبل‘ سان ئي وابسته رهيو. اڄ سنڌي ادب ۾ طنز ۽ مزاح جو بادشاهه بلبل ئي آهي ۽ نه ڪو پيو!

بلبل جو سنڌي ادب ۾ مقام:

سنڌي شاعريءَ جي جديد دوُر ۾ اوليت جو شرف بقول پير حسام الدين راشدي، بلبل مرحوم کي حاصل آهي. بلبل

سنڌي شاعريءَ ۾ اهڙي نئين طرز جو موجد بلڪ خاتم آهي، جنهن جي تخليق جو شرف ڪيس حاصل آهي. سندس اهو تخليقي رنگ اهڙو ته منفرد ۽ مثالي آهي، جو نڪو اڄ تائين ڪنهن ان جو تتبع ڪيو آهي ۽ نڪو ڪو نباهي سگهيو آهي، جيئن مٿي عرض ڪري آيو آهيان.

سندس ظرافت آميز ۽ طنزيه ڪلام لفظي حيثيت سان به نهايت شسته ۽ پخته آهي، ۽ قديم شاعريءَ ۽ جديد دوُر جي وچ واري ڪَڙيءَ جي حيثيت رکي ٿو. عروضي پابندين ۽ لغوي ۽ لفظي مروجه اسلوب سان گڏ، سندس ڪلام ۾ اهي سڀ علمي، ادبي، تهذيبي، عمراني ۽ معاشرتي رجحانات موجود آهن، جي مغرب جي تقليد ڪورانه جي ڪري بعض ناپخته ۽ ناتجربه ڪار ادارن ۽ شخصيتن ۾ پيدا ٿي چڪا هئا، جن جو اثر هند مان نڪري سنڌ تائين پهچي چڪو هو ۽ هتي جي تعليم، تهذيب، طرز حيات ۽ طريق معاشرت کي متاثر ۽ متعفن ڪري چڪو هو.

بلبل مرحوم هن ملڪ جي اصلاح ۽ بيداريءَ لاءِ اهو ساڳيو طريقو اختيار ڪيو، جو هندستان ۾ سر سيد احمد، شبلي، حالي ۽ اڪبر الهه آبادي آزمائي چڪا هئا.

بلبل مرحوم پنهنجي دور جي حال جو تنقيدي جائزو ورتو آهي، ۽ تعميري نڪته چيني ڪندي، پنهنجي شاندار

ماضيءَ ڏانهن توجهه ڇڪايو اٿس. پاڻ هڪ آزاد خيال ۽ محقق جي حيثيت سان معتدل ۽ درمياني راهه جو مبلغ هو.

هڪ طرف فرسوده ۽ بيروح، بيذوق ۽ بيڪيف مشرقيت تي طنز ڪئي اٿس ته ٻئي طرف مغرب جي انڌي تقليد، تڪلف بيجا، تملق ۽ خوشامندانه رد عمل، غير مخلصانه زيبائش ۽ آرائش، ”ٻاهرزيب زبان سين، اندر هڇارو“ واري منافقانه چال ڍال، ٻاهر پف ۽ پائوڊر ۽ اندر ڪارائيءَ تي خوب گرفت ڪئي اٿس. ليڊرن، پيرن ملن مولوين ۽ انگريزن پرست ديسي صاحبلوڪن جي چڱي لاڪ لاٿي اٿس.

ايتري شخصي تنقيد، سخت گيري، نڪته چيني، عيب جوئي، بلڪه ائين چئجي ته بدگوئي، اهڙي ته ظريفانه ۽ مذاحيه انداز ۾ ڪئي اٿس جو ماڻهو پڙهڻ شرط کلي ڏيندو؛ ٻئي دفعي پڙهڻ کان پوءِ کلڻ سان گڏ هلڪو طنزيه انداز، نشتر وانگر چڀندي محسوس ٿيندو ۽ جڳ بيتيءَ کي آپ بيتي قرار ڏيندو. اهوئي سبب آهي جو ناقدين ۽ اهل راءِ جي راءِ آهي ته سنڌي زبان ۾ ان فن کي نباهڻ وارو ٻيو ڪوبه شاعر پيدا نه ٿيو آهي، جو بلبل جي انداز بيان ۽ اسلوب تحرير کي نباهي سگهيو هجي، جنهن جي قلم ۾ تلخيءَ ۾ شوخيءَ سان گڏ پختگي ۽ برجستگي، شائستگي ۽ سنجيدگي به هجي، ۽ جو عريان نگاري ۽

ابتذال کان بچي ڪري اهڙي طنز ڪري سگهيو هجي، جا دلين لاءِ جرح جو سبب نه بني هجي، پر تفنن طبع ۽ مزاح سان گڏ افادي ۽ تعميري ادب تي مشتمل به هجي.

بلبل مرحوم جي پرورش ۽ پيدائش نهايت غريب خاندان ۾ ٿي، پر پنهنجي ذاتي صلاحيت جي ڪري وڏي مقام تي پهتو، جنهن مان ثابت آهي ته بلبل غير معمولي دل و دماغ جو مالڪ هو ۽ پنهنجي دوُر جي عالمن ۽ فاضلن، شاعرن ۽ اديبن، صحافين ۽ سربر آورده ماڻهن ۾ کيس انفرادي حيثيت حاصل هئي.

سندس شاعري نه ڪنهن عروضي استاد جي مرهون منت آهي ۽ نڪو ڪنهن مشاق ۽ کهنه مشق شاعر جي اصلاح ۽ تربيت جي منت ڪش آهي؛ بلبل کي شاعر، سندس طبع خداداد ۽ نگاهه دور رس بنايو. سندس طبع ۾ ايجاد ۽ تخليق جو سحر انگيز مَلڪو پيدا ٿي چڪو هو، جنهن کيس پنهنجي دوُر جو وڏو طناز ۽ مزاحيه نگار بنائي ڇڏيو هو.

اڪبر ۽ بلبل.

’بلبل‘ جي ڪلام جي سڀ کان نمايان ۽ مرڪزي خصوصيت آهي، ابتذال کان پري، ظرافت آميز، نشترزني ۽ طنزيه اصلاح، جنهن مان ثابت آهي ته سندس ڪلام بذله سنجيءَ ۽ پاڪيزه مذاق جو شاهڪار آهي.

مرحوم ’بلبل‘ طبعي طرح سان به نهايت وسيع القلب، زنده دل، شوخ ۽ ظريفانه مزاج رکندڙ، کلمک ۽ خنده رو اديب ۽ شاعر هو.

بلبل مرحوم 1877ع ۾، هند جي مشهور طنزيه اخبار ”اوڌ پنچ“ کي جڏهن مطالع کيو، جنهن سر سيد احمد جي تحريک ۽ کورانه تقليد ۽ مغرب پرستيءَ جون طنزيه ۽ مذاحيه انداز ۾ ڌڇيون اُڏائي ڇڏيون هيون، تڏهن منجهس لاشعوري طور بذله سنجي پيدا ٿي، جا اڳتي هلي سندس’فن‘ جو ’مرڪزي ۽ مثالي‘ نقطو بني.

سرسيد جي نقاليءَ ۽ کورانه مغرب پرستيءَ جون ڌڇيون جهڙي نموني ۾ اڪبر اله آباديءَ اُڏايون آهن، ان جو مثال بيشک نه پيدا ٿي سگهيو آهي، پر سندس تنقيد محض تنقيد آهي؛ تعميري طور، عملاً ڪجھ به نظر نٿو اچي. بيشک ’اڪبر‘ ئي پهريون طناز ۽ نقاد آهي، جنهن مغربي تهذيب ۽ سندس کورانه تقليد، غلامانه ذهنيت ۽ پنهنجي تهذيبي سرمايي کان بي تعلقيءَ جي خلاف صدائي احتجاج بلند ڪئي، ۽ گمراهن ۽ مغرب پرست ماڻهن جي دل و دماغ تي چوٽون ڪيون، ۽ انهن جي ضمير کي چهنبڙيون هنيائين ۽ سندن فاسد مواد نصيحت جي نشتر سان ڪڍڻ جي ڪوشش ڪيائين، ۽ هک پوري گروه جي دل آزاري ڪري، انهن کي پاڻ کان بيزار ۽ ڪناره ڪش

ڪري ڇڏيائين. ان جي مقابلي ۾ بلبل مرحوم، باوجود نشتر زنيءَ جي پنهنجي ظرافت آميز رنگينيءَ ۽ شيرينيءَ سان انهن کي رسڻ ۽ بگڙجڻ جو موقعو نه ڏنو. رسڻ ۽ بگڙجڻ جي بدران کين خفت آميز کلڻ تي مجبور ڪيائين.

سنڌ ۾ مرحوم’بلبل‘ هتي جي مرده ۽ مقلد، بيروح ۽ بيرنگ طبقي کي ظريفانه بذله سنجيءَ سان نشترون هنيون ۽ سندس فاسد مواد کي خارج ڪيو.

هنڌ ۽ سنڌ ۾ ’اڪبر‘ ۽ ’بلبل‘ ٻنهي چاهيو ٿي ته مسلمانن کي مغرب پرستيءَ جي غير مفيد ۽ انڌي چار مان ڪڍيو وڃي. پر ٻنهي ۾ فرق اهو آهي ته ’اڪبر‘ نهايت انتها پسند ۽ قدامت پرست هو، هو قديم نظام تمدن ۾ ڪنهن به ترقيءَ ۽ تبديل جو قائل نه هو. ان جي مقابلي ۾ ’بلبل‘ نڪو قدامت پرست هو ۽ نڪو رجعت پسند. هو مسلمانن لاءِ جديد علوم جي تحصيل ۽ تڪميل جو قائل هو.

ديني نصاب سان گڏ علوم عاليه ۽ سائنس جي تحصيل لاءِ گهڻو ڪجهه لکيائين. بلبل مسلمانن جي تعليم تي هڪ مفصل ڪتاب پڻ لکيو، جنهن ۾ ثابت ڪيائين ته مسلمانن جو تعليمي نصاب جديد ۽ قديم علوم و فنون تي مشتمل هئڻ گهرجي. اها ساڳي راءِ امام الانقلاب عبيدالله سنڌي، مولانا محمد علي شيخ الجامع مليه، ڊاڪٽر ذاڪر حسين ۽ مولانا مودودي ۽ علامه اقبال جي به رهي. پر ’بلبل‘ جو اختلاف

فقط ان چيز سان هو ته مشرقي ۽ ديني اطوار ۽ اخلاق کان ڦري. فقط ظاهرداريءَ ۽ تراش خراش، بيروح ۽ بيرنگ تقليد کان نوجوانن کي بچڻ گهرجي. ان سان گڏ ڪٺ مُلا قسم جي مذهب ۽ ان جي رسومات سان به بغاوت ڪيائين ۽ بدعتي پيرن ۽ ملن جي به خوب خبر ورتائين.

هونئن به 'بلبل' مرحوم، اڪبر وانگر في نفسہ مغربي علوم ۽ فنون جو مخالف ڪين هو، پر مغربي تعليم جي سيلاب بيپناه جي ڪري جا نفرت قديم علوم ۽ معاشرتي نظام کان پيدا ٿي رهي هئي، ان کي پسنديده نگاهن سان نٿي ڏٺائين.

بلبل ڏٺو ٿي ته جديد تعليم يافته گروهه جا خيالات، عادتون ۽ عقيدا، اطوار ۽ اخلاق سڀ بيروح ۽ بيذوق، معمولي ۽ سطحي، پست ۽ مضررنگ ۾ رڱجي رهيا آهن؛ پنهنجي ضمير جي احترام ڪرڻ ۽ پنهنجي ماضيءَ جي سربلنديءَ کي سمجهڻ ۽ قبول ڪرڻ جي بدران مغربي تهذيب جي ذهني غلامي قبول ڪري چڪا آهن. غلط زندگي اڪبر ۽ بلبل جهڙن باشعور ۽ زنده دل شاعرن لاءِ نهايت صبرآزما هئي.چنانچه ٻنهي چڱن نهايت لطيف ۽ طنزيه، مزاحيه ۽ ظريفانه انداز ۾ جائزو وٺڻ شروع ڪيو، جيئن قوم جو مرده حس بيدار ٿئي، ۽ غلاميءَ جي ڪورانه تقليد ختم ٿئي، اجتهاد ۽ بصيرت پيدا ٿين، ۽ ملتّ پنهنجي

ضمير جو احترام ڪري ۽ پنهنجي قومي ڪردار ۽ مذهبي معيار جي زنده جاويد قدرن کي نفرت سان نه ڏسي.

اڪبر ۽ بلبل جي اسلوب ۽ طرز بيان متعلق ايترو چوڻ ڪافي آهي، ته سندن اسلوب سندن ئي تخليق ۽ ايجاد آهي، اهو اڌارو ۽ مستعار نه ورتل آهي، لهذا سندن اسلوب ۽ فڪر ٻئي هڪ سڪي جا گويا ٻه پاسا آهن. سندن جذبات جي شدت ، خيالات جي ندرت ، ماضي پسندي ۽ دينداري، مشرقي اخلاق جي تبليغ، مغرب کان نفرت، اقبال جي مقابلي ۾ اگرچه معياري نه آهن، انهن ۾ سبڪائي ۽ سطحيت ضرور نظر اچي ٿي، پر ان جو داد دشمن به ڏيندا ته اهي سطحي ۽ فني موشگافيون ۽ تسامحات سندن مخلصانه جذبات اڳيان هيچ آهن، جي بلبل کان زياده اڪبر ۾ موجود آهن.

اڪبر جو مزاج ۽ طبعي افتاد، سنجيدگيءَ ۽ وقار کان هٽي، مزاح ۽ ظرافت ڏانهن ان ڪري ويو، ڇا لاءِ جو اڪبر طبعي ۽ فطري طور مزاحيه طبع وارو شوخ ۽ شنگ، ظريف ۽ لطيف طبع شخص هو، پر بلبل نهايت سنجيده هو. سندس فن سندس اڪتساب ۽ مطالع مان پيدا ٿيو.

ان حيثيت سان ٻنهي کي ”اوڌ پنچ“ جي مزاحيه ۽ طنزيه افڪار ۽ مطائبات ۾ ئي ڪشش محسوس ٿي. اهوئي

سبب آهي جو هنن رنگينيءَ ۽ تغزل کي بدلائي طنزيه ۽ مذاقيه، ظريفانه ۽ مزاحيه انداز ۾ پنهنجو فن تخليق ڪيو. سندن ظريفانه انداز جي جدت ۽ ندرت اها به آهي ته هنن پنهنجي قطعات، رباعيات، فرديات، غزلبات ۽ نظمن ۾ ظريفانه رنگ پيدا ڪرڻ لاءِ انگريزي لفظ به تضمين ڪيا ۽ پنهنجي محاورات ۽ مصطلحات ۾ انهن لفظن کي ائين مڙهي چڙهيائون جيئن منديءَ تي ٽڪ.

اڪبر ۽ بلبل پراڻين تشبيهن ۽ استعارن ۾ نئون روح پيدا ڪيو آهي. انهن سان پيا مرڪبات ملائي، نيون ترڪيبون گهڙيون آهن، نوان لفظي صنايع ۽ بدايع بنايا آهن، نوان نوان قافيا ۽ رديف گهڙيا آهن، پنهنجي تعميري ۽ اصلاحي تنقيد ۽ طنز لاءِ نيون نيون علامتون ايجاد ڪيون اٿن. جيئن اڪبر- مس، شيخ، سيد، اونٺ، گائي، گرجا، مندر، بت، ڪالج، ٻڌو، برهمن، لالا، جمن، ڪلو، نٿو وغيره لفظ پيدا ڪيا، تيئن بلبل مرحوم جي ’تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌن‘ کي ئي ڏسڻ گهرجي. اهي الفاظ، اسماءَ ۽ اعلام ظاهري طرح ڀلي ته ڪن نقادن جي نظرن ۾ بلڪل پست ۽ سطحي نظر اچن، ۽ شرفاءه ۽ فصلحاءه انهن جي استعمال کان ڀلي ته ڪيٻائيندا هوندا، پر اڪبر ۽ بلبل پنهنجي طبعي ظرافت، چابڪدستيءَ، طنازيءَ ۽ سحرڪاريءَ سان انهن ۾ اهڙي ته سليقه داري، رنگيني،

چاشني ۽ خوش آهنگي پيدا ڪري ڇڏي هئي، جو انهن جي متروڪ هجڻ ۽ مبتذل هجڻ تي ڪنهن جي نظر ئي نٿي پيئي؛ هرڪو لفظن جي لطافت ۽ نفاست مان محظوظ ٿيو ٿي. اڄ به هرڪو پڙهڻ کان پوءِ کلي ٿو ۽ تبسم زيرلبيءَ سان پنهي کي داد ڏئي ٿو.

اڪبر ۽ بلبل جو ٻيو ڪمال اهو آهي ته انهن اهڙن متروڪ ۽ مبتذل لفظن مان مختلف رنگين اسلوب به پيدا ڪيا، پر انهن ۾ زندگيءَ جي مختلف تصويرن کي به چٽيائون. معاشري جون مختلف الحال تصويرون لفظي مصوريءَ مان پيدا ڪيائون، جن کي ڏسي ائين چئي سگهجي ٿو ته هي شاعر نه هئا، پر ادب ۽ سماج جا نقاش هئا يا مؤرخ هئا يا نقاد هئا يا مصور. اوهان پنهي جي ظرافت آميز ڪلام ۾ هند سنڌ جو پورو معاشرتي دوُر ڏسي سگهو ٿا

سر سيد جي تحريڪ، مغربي تعليم، ڪاليج، اسڪول، خلافت، گانڌي، علي برادران، علمائي ڪرام، نمازي، روزه دار، حاجي، جج، جيل، مسجد، ليگ، هوم رول، نيٺو، نيچري وغيره؛ ان کان سواءِ متوسط طبقي جي معاشرت، مسجد ۽ مندر جي آويزش، دين ۽ ڌرم جي باهمي ڪشمڪش، هندو ۽ مسلم جي بيانگي، انگريز جي چابڪدستي ۽ عياري، مڪاري ۽ منصوبه بندي: مطلب ته ڪو به قومي، ديني، ادبي، سياسي ۽ معاشرتي مسئلو اهڙو

نٿو نظر اچي، جنهن ذانهن اشارتاً يا ڪنايتاً ڪو شعر راجع نٿو ٿي سگهي.

پر اهو به ياد رهي ته انهن تصويرن جي زندگيءَ ۽ دلڪشيءَ ۾ جنهن چيز جو زياده دخل آهي، اها آهي ظرافت، جنهن انهن تصويرن کي غيرفاني بنائي ڇڏيو آهي دراصل اڪبر ۽ بلبل جو فن ئي آهي ظريفانه اسلوب! جيئن اڪبر پاڻ چيو آهي ته:

اڪبر ڪا قلم صنعت لفظي مين هي ڪامل!.

اڪبر پنهنجي انشاء لطيف جو داد خواه به ٿئي ٿو ۽ چوي ٿو ته سندس سحر انگيز طنزيه ڪلام سان دنيائي فڪر و نظر ۾ لطف ۽ انبساط جو بيش بها سرمايو پيدا ٿي چڪو آهي.

بلڪل ان وانگر بلبل به پنهنجي ڪمالات ۽ لساني تصرفات، ظريفانه نقاط ۽ مزاحيه نشترن جو اعتراف ڪرائي ٿو. کلندي کلندي، بلبل مرحوم چٽڪي هڻي ٿو وٺي، ۽ کلائي داد وصول ڪري ٿو وڃي.

جيئن اردو شاعريءَ ۾ وري 'اڪبر' ثاني پيدا نه ٿيو آهي، تئين سنڌي شاعريءَ ۾ ڪو 'بلبل' رنگين نوا وري نه پيدا ٿيو آهي، جنهن جي ترنم ريزيءَ ۽ نغمه سنجيءَ سان باغِ ادب ۾ ڪا زندگي ۽ تازگي پيدا ٿئي. جيئن 'اڪبر' جو تتبع

نه ٿي سگهيو آهي، تيئن ’بلبل‘ جو تتبع به اڃا تائين نه ٿي سگهيو آهي.

اها به علمي ۽ ادبي حقيقت آهي ته ’اڪبر‘ ۽ ’بلبل‘ ٻنهي جي تقليد ۽ اتباع ڪندي، ڪيئي سخن ور ۽ نغمه طراز شاعر، ظرافت ۽ مزاح جي پخته ۽ معتدل راهه کان هٽي ڪري، وڃي هزليات ۽ هجويات ۾ پيا آهن. ڪي هڪ – اڌ ضرور اهڙا پيدا ٿيا آهن، جن جي ظرافت ۾ پختگي نظر اچي ٿي، پر اهي اشاذ ڪالمعدوم آهن. انهن جو ذخيرو ايترو ته محدود آهي، جو مقابلي ۾ آڻي ئي نٿو سگهجي. حالانڪ ’اڪبر‘ نظم ۾ دفتر پري ڇڏيا، ۽ بلبل به نظم ۽ نثر ۾ واهڙ وهائي ڇڏيا! اخبارون، رسالا، مقالا، ڪتاب پري ڇڏيائين! هر هنڌ سندس شوخ ۽ ظريفانه انداز ۽ اسلوب نمايان پيو نظر ايندو. سندس قادر الڪلاميءَ ۽ طرز ادا جي پختگيءَ جو ڪمال هر تحرير مان مترشح پيو ٿئي. باقي عاقلن لاءِ، هڪ ناقدِ فن جي حيثيت سان، بلاخوفِ ترديد ائين چوڻ کان نٿو رهي سگهجي ته انهن جو ’فن‘ مجاز ۽ نقل آهي، انهن سوقيانه انداز ۾ ’ڇيبڙا‘ ڪيا آهن، ۽ ڪٿي ڪٿي سندن ڪوڙو رنگ به ظاهر ٿيو پوي. پر ’اڪبر ۽ بلبل‘ هر تحرير ۾ ۽ هر هنڌ اڪبر ۽ بلبل پيا نظر ايندا. ممڪن آهي ته ’اڪبر‘ جي ڪلام مان اردو ادب ۾ ڪو اضافو نه ٿيو هجي، پر ’بلبل‘ جي ظريفانه نثر ۽ نظم

تي سنڌي ادب کي فخر حاصل آهي. ’ٻلبل‘ نه فقط، ظرافت آميز ڪلام جو موجد آهي،پر سنڌي شعر جي تاريخ ۾ ڪيس ’نئين دؤر جو باني‘ به سڏيو وڃي ٿو! ان سان گڏ هڪ صحافي، هڪ با اخلاق ۽ ديانتدار قومي ليڊر، هڪ با اصول سياستدان، هڪ لطيف طبع فنڪار ۽ فن – پسند جي حيثيت سان به معروف آهي.

اڪبر جي ’ڪليات‘ جا چار جلد شايع ٿيل آهن. مرحوم ٻلبل جي نثر ۽ نظم جا درجن کان مٿي ناياب ۽ نادرالوجود ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن، جن جي اشاعت ثاني هوند هٿؤن هٿ هلي وڃي، پر جي ڪو شايع ڪري.

ٻلبل جي فن جي زندگي ۽ پائيندگيءَ جو اهو حال آهي جو اڄ تائين اهڙا پير ڪهنه سال موجود آهن، جن کي ٻلبل جي نثر ظريف ۽ نظم لطيف جا باب ته ڇا، پورا ڪتاب ياد آهن. اڄ به محترم محمد عثمان ڏيپلائي، تيرهن چار مڪرن جا مار، صدپند سود مند، قلندر جو ميلو، عشقيه خط برزبان ائين ٻڌائيندو آهي، جيئن ڪو حافظ القرآن بيٺو تراويحون پڙهائي!

ٻلبل جون تشبيهون، استعارا، ڪنايا، مصطلحات، بندشون، طنزيه ٽوٽڪا، انداز بيان جون شوخيون ڏسي، ائين ٿو محسوس ٿئي ته ”ٻلبل“جو مٽ ۽ ثاني اڃا پيدا ڪونه ٿيو آهي:

جاي استاد خالي است

اڪبر ۽ بلبل جي فن ۾ فرق:

اڪبر ۽ بلبل جي فني مماثلت کان پوءِ ڪي قدر ۽ معيار اهڙا به رهجي ٿا وڃن، جن ڏانهن اسان جي نقادن جو توجهه گهٽ ويو آهي. مون اڄ تائين مرحوم بلبل کي ’سنڌ جو اڪبر‘ ۽ ’سنڌ جو حالي‘ چوندي ۽ لکندي ڏٺو ۽ ٻڌو آهي، ۽ هميشه منهنجي ذوق سليم کي ڏڪ لڳندو آهي. ڏسڻو هي آهي ته بلبل کي ’اڪبر‘ سڏڻ جا آخر دلائل ۽ معيار ڪهڙا ٿي سگهن ٿا؟ متشابه ۽ متجانس به- چار پهلو آهن، پر متخالف ۽ متضاد پهلو به ته ڪيئي آهن، انهن کي نظرانداز ڪري يڪ طرفو فيصلو ڏيڻ علمي فيصلو نه چئبو.

اڪبر جي طبع محض شاعرانه هئي. ان جي مقابلي ۾ بلبل جي طبع شاعرانه سان گڏ عالمانه هئي. اڪبر ۾ ابتذال ۽ اشتعال آهي، پر بلبل وٽ رنگيني ۽ لطافت. اڪبر محض طنزيه ۽ مزاحيه رنگ اختيار ڪري نشترون هڻندو رهيو آهي. اڪبر جا موضوعات زياده تر منتشر ۽ پوليده آهن، پر بلبل وٽ ربط ۽ تسلسل آهي. اڪبر جو فني شعور محض طنز آهي، پر بلبل جو فني شعور ظرافت سان گڏ، تعمير فڪر ۽ ذهني تشڪيل لاءِ آهي. اڪبر جا تصورات محض شاعرانه ۽ ناقدانه آهن، جي ’في ڪل واد يهيمون‘ جي مصداق مختلف خيالات تائين منتشر آهن. پر بلبل جا

اشعار، شاعرانه ۽ ناقدانه ته آهن، پر ان سان گڏ مختلف موضوعات تي حاوي ۽ جامع آهن. اڪبر جي انداز بيان ۾ سبڪائي ۽ ابتذال آهي، ۽ سندس زبان ۾ متروڪ لفظن جي ڀرمار آهي، ان جي مقابلي ۾بلبل جي انداز بيان ۾ رعب ۽ متانت، دلڪشي ۽ شوخي آهي. ان طرح مختصر طور چئي ڏيان ته اڪبر وٽ فن برائي فن آهي، پر بلبل وٽ فن برائي حيات ۽ حيات برائي مقصد آهي. اهوئي سبب آهي جو بلبل جو فن زندگيءَ جي مختلف الحال معاملات تي جامع ۽ حاوي آهي، ۽ بلبل اهڙو ته انسان شناس ۽ علم النفس جو استاد نظر ٿو اچي، جو سيرت ۽ ان جي تشڪيل جي سڀني ڪلي ۽ جزوي مسئلن تي بيڪ وقت سندس ناقدانه نگاهون پهچن ٿيون. اڪبر جي نشترزني بعض اوقات نيش زني محسوس ٿيندي، پر بلبل وٽ نيش سان نوش شامل آهي. اڪبر جون پوريون قوتون شعر و شاعريءَ تي محدود رهجي ويون، ۽ سرسيد احمد جي تنقيص ۽ معائب ۾ ئي سندس قوتون صرف ٿيون، پر عملي طور ڪجھ به نه ڪري سگهيو. ان جي مقابلي ۾ بلبل جتي قديم ۽ جديد طرز معاشرت تي تنقيد ڪئي آهي، اتي ٻنهي لاءِ جامع ۽ مرتب نصاب تعليم ۽ نصب العين مليّ به پيش ڪيو اٿس. ان سان گڏ علم ۽ فن جي هر شعبي تي حاوي رهيو آهي. اهي ۽ اهڙا ٻيا ڪيئي اسباب آهن، جن ڪي

محسوس ڪندي هميشه منهنجو ذوق سليم بلبل کي اڪبر سان پيٽڙ ڪان ڪيپائيندو رهيو آهي. اها ٻي ڳالھ آهي ته اهلِ سنڌ احساس ڪمتريءَ ۾ مبتلا آهن ۽ پنهنجن جو اجا قدر نه سکيا آهن، تنهنڪري هت ولايت جي ڪپڙ به مينا پئي سڏجي! ورنه بلبل جو فن ۽ شعور اڪبر کان گهڻو بلند آهي. بلبل جو ظريفانه ڪلام ۽ ظرافت آميز نثر ملاحظه ڪرڻ گهرجي، ان جي مقابلي ۾ اڪبر جو ظرافت آميز نثر ڪالعدم آهي.

بلبل جو قلم نثر ۽ نظم ٻنهي ۾ هڪ انفرادي ۽ خصوصي معيار ظرافت پيدا ڪري چڪو آهي. ان جي مقابلي ۾ اڪبر فقط شاعريءَ تائين محدود آهي. اها ٻي ڳالھ آهي ته بلبل جي پوري فن ۽ شعور کي مطالع ڪري، ڪا مرتب ۽ جامع چيز پيدا ڪئي وڃي، اها مشڪل نه ته محال ضرور آهي؛ چا لاءِ ته سنڌ ۾ اڄ اهڙي پايي جا ظريف الطبع ۽ اعليٰ درجي جا، بلند مرتبه، پخته ۽ صاحب ڪمال ماڻهو هيائي ڪين آهن، جي بلبل تي پنهنجي ظريفانه طبع ۽ انداز بيان سان ڪجھ لکي سگهن!

اهو ائين آهي، جيئن هڪ مرثيه گو ويهي هزليات ۽ غزليات لکي يا ” قصيده بهاريه“ لکي ڏيکاري. جئين ته مرثيه ۽ قصيدي جون زمينون جدا جدا آهن، تيئن ظرافت ۽ مزاح جو فن ۽ ان جي جمع و ترتيب جا معيار پڻ جدا جدا

آهن. افسوس اهو آهي ته بلبل کان پوءِ، اهو فن سنڌ ۾ قريب قريب ختم ٿي چڪو آهي، البته دشنام طرازيءَ کي اگرڪي نافد ظرافت سڏين ته اها انهن جي مرضي آهي!
بلبل ۽ حالي:
ان طرح بلبل کي ’سنڌ جو حالي‘ سڏڻ به صحيح نه آهي. حاليءَ وٽ ماتم سرائي ۽ اشڪ سوئيءَ کان سواءِ ٻيو ڪجھ به نظر نٿو اچي. حالي اهل اسلام جي زوال تي قنوطيت ۽ نااميديءَ جو مجسمو بنجي روئندو رهيو، سندس طبع ۽ مزاج ۾ شگفتگي ۽ روح پرور آسودگي ڪانه هئي. ان جي مقابلي ۾ بلبل جو هرهڪ داستان سدا بهار، شگفته، رنگين، زندگي بخش ۽ غمثار آهي. حالي خشڪ ۽ زاهد مرتاض آهي، پر بلبل قلندر آهي بيباڪ، ۽ رند آهي خوش نوا. حاليءَ سوانحات جا مشرقي اصول مرتب ڪيا ۽ بلبل سنڌي مشاهير متعلق قصيده گوئي ڪري ان جي تلافي ڪئي. حاليءَ جي ماتم سرائي ۽ مرثيه گوئي کان پوءِ طبعيت ۾ قنوطيت ۽ جمود طاري ٿئي ٿو، پر بلبل جي هر هڪ لطيفي ۽ مزاح ۾ زندگي ئي زندگي پئي بکندي. ان ڪري بلبل کي هروپرو سنڌ جو حالي به نه سڏڻ گهرجي.
منهنجي خيال ۾، ’اڪبر‘ ۽ ’حالي‘ کان بلڪل جداگانه حيثيت سان هڪ مڪتب فڪر جو بنياد مرحوم بلبل وڌو آهي، مگر جڏهن ته اهو سنڌ جهڙي محدود خطي

۽ ان جي محدود لساني حدبنديءَ تائين هو، تنهنڪري باقي ملڪ روشناس ٿي نه سگهيو.

مرحوم بلبل جامعيت جي لحاظ سان هڪ شاعر، اديب، ظريف الطبع، مصلح ۽ عملي ماڻهو هو. ان جي مقابلي ۾ اڪبر ۽ حالي خاموش طبع ۽ گوشه گير هئا.

مرحوم بلبل جي تصنيفات ۽ فن جي عميق مطالع جي نه فقط ضرورت آهي، پر ان جي فني ۽ تنقيدي تقليد ۽ تتبع جي پڻ ضرورت آهي. اگر ان کان موجوده دؤر جا شاعر عاجز رهجي وڃن، ته پوءِ ان جي مڪتب فڪر کي اشاعت ۽ تبليغ جي حيثيت سان ئي فروغ ڏيڻ گهرجي. ايتري دليلبازيءَ ۽ علمي ۽ ادبي موشگافيءَ کان پوءِ، آءٌ سمجهان ٿو ته مرحوم بلبل کي نه اڪبر ۽ حالي سڏڻ گهرجي، ۽ نه لسان العصر، ۽ لسان القوم. ڇا لاءِ ته مرحوم بلبل فقط سنڌي عوام جي مخصوص ”شگفتگيءَ ۽ بذله سنجيءَ“ کي جنهن دانشمندانه حيثيت سان پيش ڪيو آهي، ان جي پيش نظر ئي ڪن عالمن کيس ” لسان السنڌ“ سڏيو آهي، جو مناسب نظر اچي ٿو!

بلبل جي فن ۽ فڪر کي مطالع ڪرڻ لاءِ هن صديءَ جي ابتدائي حالات ۽ واقعات کي سمجهڻ ضروري آهي. ان پرآشوب ۽ انقلاب انگيز دؤر ۾ مرحوم بلبل جي پر خلوص ۽ نافدانه صاف گوئيءَ جو داد ڏيڻو پوي ٿو.

ان دؤر جي پس منظر ۾ مسلمانن جي هڪ هزار ساله پرشڪوه ۽ باجلال نظام حڪومت جي بيدردانه خاتمي کي اڳيان رکو. مغليه دؤر جي خونچڪان داستان کي دوباره نظر اڳيان آڻيو ۽ 1857ع جي جدوجهد ۽ جهاد جي ناڪاميابيءَ جي خوني پس منظر ۾ اهل اسلام جي تهذيبي ۽ ثقافتي، ديني ۽ عمراني پسماندگيءَ ۽ زوال جي تصويرن کي ملاحظه ڪريو. هي اهو دؤر هو، جنهن ۾ برٽش سامراج پنهنجي عيارانه ۽ مڪارانه، مستبد ۽ سرمايه دارانه نظام کي ڇمائي ڇڪو هو. هي اهوئي دوُر هو، جنهن ۾ انگريز ڏانهن آڱر کڻڻ به جرم عظيم هو.

1857ع جو جهاد، پنهنجي وسائل ۽ عوامل، نتائج ۽ مقاصد جي لحاظ سان وڏي تاريخي اهميت رکي ٿو. 1857ع کان پوءِ، مسلمان هميشہ جي لاءِ انگريزن جي نظرالتفات کان محروم رهجي ويا، حالانڪ رڳو مسلمان نه موردِ الزام ٿي سگهيا ٿي ۽ نڪو مجرم ئي هئا. انگريزن انتقام وٺندي، مسلمان کي هر نقطه نظر سان پيهي ڇڏيو. انگريزن جي بي التفاتيءَ ۽ انتقامي ڪشمڪش مان موقع پرست قومن ڪافي فائدو ورتو، ۽ مسلمانن جي ڪسمپرسيءَ ۽ زبون حاليءَ جي بهاني سان ڪامياب سازشون ڪيون ۽ تعليمي ۽ تجارتي، معيشي ۽ معاشي حيثيت سان مسلمانن کي فنا ڪري ڇڏيو.

اهڙي دور ۾ هڪ طرف سر سيد احمد ۽ حالي ۽ اڪبر جهڙا بيلوث ۽ باحوصله ماڻهو پيدا ٿا، جن پنهنجي پنهنجي انفرادي ۽ مخصوص حيثيت سان مسلمانن کي سجاڳ ڪيو. ٻئي طرف مرحوم بلبل 1857ع ۾ پيدا ٿيو، ان ئي ماحول ۾ تربيت حاصل ڪيائين، ان ئي ماحول جي مطالع کان پوءِ، سياسي شعور حاصل ڪيائين، ۽ هڪ اهڙي محيّرالعقول حيثيت حاصل ڪيائين، جنهن کي ڏسي اعتبار ئي نٿو اچي ته ڪو 'ميهڙ' جهڙي سرزمين اهڙي مردم خيز زمين ثابت ٿيندي! اهو دؤر، جنهن ۾ اجا نه ڪو سنڌ ۾ ڪاليج هو ۽ نه مدرسو، قدامت پسندانه طرز جا ڪي چند مڪتب مَسَ هئا، اهڙي دؤر ۾ بلبل جهڙو جامع اوصاف ماڻهو ميهڙ، ۽ سنڌ ۾ پيدا ٿئي، ان کي فطرت جو وهب ۽ عطائي سمجهڻ گهرجي.

مرحوم'بلبل' جي دور رس نگاهه، فهم ۽ فراست جو داد ڏيڻ گهرجي، جنهن اڄ کان گهڻو اڳ، موجوده معاملات ۽ حالات (سياسي ۽ مليّ) جي پيشگوئي ڪئي آهي.

مرحوم بلبل جي شعور ۽ فن کي ڏسو، ڪيس قدرت طرفان اهڙوئي مؤثر ذريعهء اظهار مليو، جنهن جي چاشنيءَ ۽ رنگينيءَ براه راست عوام جي دلين کي موهي ڇڏيو ۽ خواص کي جنجهوڙي وڌو. سندس زباني لطائف ۽ تنقيدي ظرائف ان دؤر ۾ هڪ ذهني انقلاب پيدا ڪيو. هو

انگريز جي جابر ۽ مطلق العنان گرفت کي سمجهن کان پوءِ به، مختلف النوع تعبيرات سان، انگريزن ۽ ان جي چاڙتن ۽ ديسي صاحبلوڪن کي ٺوڪيندو رهيو. اجائي نقاليءَ ۽ بيروح زندگيءَ تي نشترون هڻندو آيو، سندس هر شعر ان رمز کان خالي نه هو. مقبوليت جو اهو عالم رهيو، جو پڙهڻ کان پوءِ هر شعر ماڻهن جي زبان تي دائم رهيو ۽ قلب ۾ قائم.

بلبل جو طريق ڪار:

مرحوم بلبل جي ان اصلاحي ۽ ظرافت آميز نشترزنيءَ سنڌين جي مذاق ۽ مزاج ۾ بتدريج شعور پيدا ڪرڻ لاءِ هڪ ديرپا اثر ڇڏيو آهي خود آگهي ۽ خود شناسيءَ جا عظيم جوهر پيدا ڪيا آهن. ممڪن آهي ته هن دؤر جي صاحب شعور ۽ اهل نظر ماڻهن مرحوم بلبل جي فن ۽ شعور کي ذوقي حسي نقط عه نظر سان نه مطالع ڪيو آهي، ورنه هو ڏسندا ته مرحوم ’بلبل‘ پنهنجي هموطن، ساده لوح ۽ معصوم عوام کي ۽ غافل ۽ ڪاهل خواص کي ڪيئن نه بيدار ۽ خبردار ڪرڻ لاءِ مختلف النوع نشترون هڻندو رهيو.

ان انگريز پرست دور ۾ مرحوم بلبل جنهن دانشمنديءَ ۽ ديانتداريءَ جو حڪيمانه ۽ مصلحانو مظاهرو ڪيو آهي، ان جو داد ته اهي ئي ڏيئي سگهن ٿا،

جن جهدللبقاء جي راھ ۾ ڪنهن غافل ۽ سست الوجود قوم کي بيدار ڪرڻ لاءِ ذهني ۽ فڪري جدوجهد ڪئي هوندي.

مرحوم بلبل ۾، سندس ديني تربيت، جلال ۽ جمال تي حاوي هڪ اهڙو جامع شعور پيدا ڪيو، جنهن منجهس حق گوئي ۽ بيباڪي پيدا ڪئي. سندس معنوي ۽ فڪري نشترزنيءَ جو داد اهي به ڏيندا رهيا، جي کيس لائق تعزير سمجهندا رهيا، ۽ خود اهي به خنده رو ٿي برداشت ڪندا رهيا، جن تي براه راست چوٽون ڪيون اٿس.

فن جو اهو ڪمال تاثر ۽ انجذاب جو اهو معراج، ٻڌائي ٿو ته بلبل جي عزم ۽ ارادي ۾ خلوص هو. سندس شاعريءَ ۾ گهري ۽ عميق معنويت ۽ رمزيت هئي. ان جي ڪلام ۾ حسن تخيّل ۽ پختگيءَ فن جا اهي سڀ اسباب موجود هئا، جي هڪ مرده ۽ مدهوش قوم کي جاڳائي سگهيا. ۽ اهي اهڙا لازوال آهن جو هوند اڄ به استعمال ڪري هن ستل قوم کي جاڳائي سگهجي ٿو.

اهل سنڌ جي غلفت ۽ مرده پرستانه ذهنيت تي ڪيترو ماتم ڪجي، جنهن بلبل جهڙي طنّاز ۽ ظريف الطبع اديب کي وساري ڇڏيو. جنهن مخصوص سياسي راءِ ۽ مخصوص تمدني زاويي کي بتدريج حڪمت سان بيان ڪيو ۽ هڪ اهڙي جمود کي ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪئي، جو همگير ٿي چڪو هو. اهل فڪر سندس ان دانشمندانه

فن جا مرهون منت آهن. سندس فن اسان جي بيروحي، بيحسي ۽ ڪور ذوقي ۽ ذهني غلاميءَ کي اڄ به دور ڪري سگهي ٿو.

آءٌ مرحوم بلبل جي فن ۽ فڪر متعلق اهو به عرض ڪرڻ گهران ٿو ته سنڌ ۾ غير ملڪي تسلطّ جي خلاف مرحوم بلبل پنهنجي ذهانت ۽ حڪيمانه نقطهء نظر سان تنها شخص هو، جنهن پنهنجي معاصرين کان وڌيڪ ڪم ڪيو، ۽ جنهن وڏيءَ جرات سان پنهنجو مخصوص انداز بيان ۽ اسلوب تحرير وضع ڪيو ۽ پوءِ علي الاعلان پنهنجي نظريات ۽ محسوسات کي پيش ڪيو.

مرحوم بلبل جي ذهانت ۽ طبّاعي جو روشن دليل هي به آهي جو جتي طول طويل مبلغانه ۽ مولويانه، واعظانه يا عالمانه تقرير ۽ خشڪ ۽ زهد آميز نصيحت ڪو اثر پيدا نه ڪري سگهي، اتي سندس اثرانگيز ۽ فڪر آموز طنزيه ۽ مزاحيه اشعار وڏو ڪم ڏنو. اگرچه بظاهر مرحوم بلبل ظرافت ۽ مزاح کي پيرايه بيان لاءِ مستعار ورتو هو، تاهم ڪوبه اهل نظر ان حقيقت کان انڪار ڪري نٿو سگهي ته سندس ان طنز ۽ مزاح ۾ ڪيترو نه وقار آهي، ڪيڏي نه سنجيدگي آهي، ڪيڏي نه پختگي آهي، ڪيڏي نه افاديت آهي، ڪيڏي نه مقصديت آهي! سندس طنز ۾ اصلاح، مزاح ۾ خيرخواهي، مذاق ۾ خلوص ۽ ظرافت ۾ سنجيدگيءَ جا

ڪيئي اهڙا پهلو موجود آهن، جن جي چند چاڻ ڪرڻ هن دؤر جي عالمن ۽ ناقدن جو فرض اولين آهي. اهو فرض سنڌ جي اديبن ۽ عالمن تي هڪ مشترڪ فرض آهي ۽ واجبات مان سمجهڻ گهري.

مرحوم بلبل جي مزاح ۽ طنز، لڙڪ ۽ ٽهڪ مان اهائي مراد هئي ته سنڌ جي مسلمانن ۾ نئون روح پيدا ٿئي، شڪست خوردگيءَ ۽ زوال پذيريءَ جا آثار گم ٿين، سنڌي عوام ۾ حدّت ۽ حرارت، خود آگهي ۽ خودشناسيءَ سان گڏ، پنهنجي تهذيب ۽ زندگيءَ، معاشرت ۽ ثقافت جي صحتمند اصولن سان هم آهنگي پيدا ٿئي ۽ طوطي ۽ پوپٽ واري نقاليءَ کان قوم جا خواص به بچن ۽ عوام به محفوظ ٿين.

مرحوم بلبل جي صحيح نصب العين ۽ طريق بيان جي ندرت ۽ جدت، جزالت ۽ جامعيت کي سمجهڻ لاءِ، اڪبر جو هڪ شعر ڏسڻ گهرجي، جنهن ۾ انگريزي جي ادنيٰ ترين بيوقوف ۽ بيضمير آفيسرن تي جٽڪ ڪئي اٿس:

عهدِ انگلش کو وهي سب سي هي بهتر سمجها
جو هر اڪ گوري کو لفٽنٽ گورنر سمجها

عهد انگريز جي نعمتن ڳڻڻ کان پوءِ، اڪبر هن طرح چوٽ ٿو ڪري:

جب اتني نعمتين موجود هين يهان، 'اڪبر'
تو هرج کيا هي جو ساته اس کي ڊيم فول بهي هي

اڪبر جو رنگ اوهان ملاحظه فرمايو، هاڻي مرحوم بلبل جو ’ڊيم فول‘ ملاحظه فرمايو!

نئون زمانو

گهر ڪان نڪتا نيٽونيچر، تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا،
سِرَ ۾ ٽوپي، هٿ ۾ هنٽر، تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا.

ٽاپ ٽيپ ۾ آڪڙ شاڪڙ، ڏاڙهي ڪوڙي مڇون ماڪڙ،
سواري بائيسڪل جي سرسر، تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا.
ڪالر ڪوٽ، قميصون جاڪٽ، پائن ٽا پتلون ۽ پاڪٽ،
چيچاٽي بوٽن جي چرچر، تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا.
سيٽي ۽ سگريٽ سدائي، گٽ مٽ گٽ مٽ وات ۾ وائي،
يو سِي، آءِ سِي، مستر مستر، تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا.
کيل خوشيءَ ۾ بردم خوردم، ميل جول ۾ وحشي بيدم،
ٽور ٽلڻ ۾ هربر هربر، تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا.
ڪرڪٽ بال ۾ مرد زنانا، ٻوڙن ٻڪن تال ترانا،
هُرّي هُرّي ،ها ها، هر هر، تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا.
چمچا، ڪانٽا، کٽ پٽ کڙ کڙ، چيمبر ۾ چيئرس جي تڙ تڙ،
شاش ڪرڻ ۾ بينڙ شرشر، تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا
گينڊي، صابڻ، برش طرازي، بوس و ڪنار، ڪتن سان بازي،

فوٽو، فونو، پيانو، پڪچر، تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا.
جنٽلمين مِسين جا جوڙا، چيلهه ۾ پاڪر ڏوڙا سوڙا،
نچ وي باندر، نچ وري باندر، تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا.
ڏسج نئون تهذيب نمونو، ” بلبل“ باطل فيشن جهونو،
بابو يابُو ميم مڪسچر، تاڪ ڌنا ڌن تاڪ ڌنا.

هن بيپناهه روانيءَ واري طنزيه شاهڪار جي اڳيان ٻين جو دفتر ۽ طبع جو زور به بيزور ۽ بي پر آهن.

نفسياتي طور، نقالن جي مضحڪه خيز حرڪات کي جنهن طريقي سان بيان ڪيو ويو آهي، ان جي پڙهڻ سان بظاهر مذاق پيدا ٿئي ٿو، پر بباطن نفرت ۽ حقارت جا جذبات دل ۾ جاگزين ٿين ٿا.

مرحوم بلبل سنڌ جي ساده لوح ۽ مفلوڪ الحال عوام جي تهذيبي نفسيات کي برمحل سڃاتو، سندس خواص جي منافقانه نقاليءَ کي بروقت ڇاتو. بلبل ڏٺو ته ماڻهو مغربي تهذيب جي ٻاهرين چڪ ۽ مڪ، جاذبيت ۽ ڪشش تي مري رهيا هئا؛ ڪوٽ ۽ پتلون، گهڙيءَ ۽ هنٽر، جوراب ۽ هيٽ ۾ گرفتار ٿي، پنهنجي اصليت، جزالت، مشرقيت، تهذيبي شرافت، بزرگن جي وراثت، دين جي اطاعت، الله ۽ رسول جي محبت، جهاد ۽ جهد کان پاسيرا ٿي رهيا آهن، منجهن غلط قسم جي آزاد خياليءَ ۽ بي عمليءَ جا جراثيم سلو پوائزن بنجي سرايت ڪري رهيا آهن، ۽ سر تا پا ماديت ۾

رنگجي رڻ ۾ رلي رهيا آهن: بلبل ان قسم جي نقاليءَ ۽ بيروح ترقي معڪوس تي دل کولي ڏک هنيا.

بلبل پنهنجي معاصرين جي علمي، ادبي، تعليمي ۽ صحافي ڪمن ۾ پنهنجي قلم ۽ ذهن سان به خوب مدد ڪئي، پر منهنجي خيال ۾ اها سندس ثانوي حيثيت آهي: سندس مقصدي ۽ افادي حيثيت هئي ذهني انقلاب آڻڻ، سنڌين کي پنهنجي اصليت ڏانهن واپس موٽائڻ، سنڌين کي پنهنجي ورثي کي سنڀالڻ لاءِ سجاڳ ڪرڻ ۽ غلاميءَ جي ڄٽ مان آزاد ٿيڻ.

بلبل پنهنجي احباب ۽ معاصرين ۾ مون کي تن تنها نظر اچي ٿو، جنهن مشرق جي روحاني اقدار کي مغرب جي ان دوُر واري بيروح ۽ مادي، کوکلي ۽ خالي چمڪ ڏمڪ کان بچائڻ لاءِ سيني کان جدا گانه طرز جهاد ڪيو.

بلبل مرحوم ان دوُر جي مغرب پرستيءَ ۽ نيئن تهذيب جي طلسم فرنگ جي خلاف تن تنها، نبرد آزمائي ڪئي، ۽ ان امر جي مصلحت، ”جهڙي لڳي واءُ تهڙي ڏجي پٺ“ جي فرسوده ۽ پائمال خيال جي خلاف جنگ جوٺي. تعليمي اصلاح ۽ سياسي تغير ۽ انقلاب کان وڌي ڪري، سندس پورو زور قوم جي فڪري ۽ ذهني انقلاب لاءِ صرف ٿيو. سندس اها انفرادي حيثيت سندس معاصرين ۾ ممتاز آهي. منهنجي دل ۾ مرحوم بلبل جي عظمت لاءِ اهوئي هڪ

ڪافي دليل آهي، ورنه مرحوم بلبل اگر معمولي انسان هجي ها ته پوءِ، ان ڪٺن ۽ سنگلاخ سرزمين ۾ قدم نه رکي ها ۽ ٻن- ٽن محاذن تي جنگ نه جوٽي ها. سندس اهو فني ۽ تهذيبي شعور ٻڌائي ٿو ته بلبل غير معمولي دماغ ۽ دل وارو ماڻهو هو. پاڻ سستي شهرت حاصل ڪرڻ لاءِ خوشامند ۽ چاپلوسيءَ جا اگر پاافتاده ۽ ڪريل معيار ۽ اصول قبول ڪري ها ته پوءِ نه سندس فن رهي ها، نه شعور. پاڻ ٻين وانگر، انگريز جي نه ڪا خوشامد ڪيائين، نه انعام ورتائين، نه جاگير نه زمينداري، نه ڪرسي، نه خلعت! اها ٻي ڳالھ آهي ته انگريز، ڪيس زير ڪرڻ لاءِ خلعت فاخره به ڏني، ۽ ڪرسي به آڇي، تلوار به ڏني ۽ لنگي به ٻڌائي! —پر سندس بيقرار روح، انهن ڦندن ۾ نه ڦاٿو. پڻ انهن سڀني چيزن کي قبول ڪرڻ کان پوءِ به بغاوت کان نه هٽيو، ۽ صلح تي آماده نه ٿيو. ٻيا خانبهادر به ٿيا، ۽ شمس العلماء به ٿيا، پر پاڻ ان تلوٺات کان پالهو رهيو، ۽ ’طلسم فرنگ‘ جي خلاف جهاد جوٽيو آيو ۽ هر مسلمان تي، باطل جي نقاب ڪشائي ڪندو آيو.

بلبل ڪو، ڪٺ ملا، ناصح ۽ زاهد مرتاض نه هو. مرحوم بلبل مغربي خيالات، علوم و فنون، اختراع ۽ ايجاد جي تازگيءَ ۽ افاديت کان واقف هو. هن جديد علوم جي خلاف نه بغاوت ڪئي ۽ نه ڪفر جي فتوا ڏني، پر اعتدال ۽

احتياط سان انهن جي غلط اثرات تي ٺوڪيندو رهيو، جي هت نقاليءَ طور پيدا ٿيندا رهيا.
بلبل جديد طرز حيات ، علوم و فنون، ايجاد ۽ اختراع کي قدر جي نگاهه سان به ڏسندو رهيو، پر ڪيس ان غير ملڪي تهذيب جي سيلاب بيپناهه ۾ پنهنجي آباء ۽ اجداد جي زندگي بخش ورثي جو خاتمو نظر آيو.
بلبل مشاهدو ڪيو ته جا قوم پنهنجي اصليت کي ڇڏي، غير ملڪي اقتدار ۽ اثرات جي زد ۾ اچي، پنهنجي تاريخي عظمت، پنهنجي ثقافت، پنهنجي ادب ۽ پنهنجي تهذيب کي ڇڏي ڏيندي، ان قوم جو روح ڪڏهن به زنده نه رهندو. مغرب جي ڪورانه نقالي، ۽ مشرقي خاص طور اسلامي تهذيب و تمدن کان روگردانيءَ کيس هميشه پريشان ۽ نالان رکيو. اهو ئي سبب آهي جو سندس طنزيه اشعار ۽ ظرافت آميز لطائف ان موضوع ئي تي ڪم ڪندا رهيا.
اهو ياد رهي ته بلبل جا مخاطب ديسي ۽ ڪارا صاحبلوڪ هئا، ۽ ان سان گڏ اهي غلامانه ذهنيت وارا بي ضمير ماڻهو هئا، جي انگريزن جي لنگيءَ ۽ پوتيءَ، القاب ۽ اعزاز تي پنهنجي انفراديت وڪڻي رهيا هئا، ۽ ڪي خانبهار ۽ خانصاحب ته ڪي شمس العلماء ۽ زبدةالحڪماء بنجي رهيا هئا. ان طبقي جي واڌ ڪيس پريشان ڪيو ۽ انهن جي خلاف علي الاعلان چئي ڏنائين ته اهي انگريز جا پٺو ۽

ٿوڌي آهن. ان مان واضح آهي ته بلبل مغرب جي ترقي پسندانه علوم جي خلاف نه هو، پر مشرق جي اخلاقي زوال، باالخصوص سنڌين جي بيروح ۽ غلامانه نقاليءَ ۽ زوال جي خلاف هو. اهوئي سبب آهي جو ’بلبل‘ بروقت تنبيھ ڪئي ته قوم پنهنجي شاندار تهذيب ۽ شرافت کي ’پراون ڍهلين احمق نچي‘ وانگر فراموش نه ڪري، ورنه هميشه لاءِ ختم ٿي ويندي.

بلبل جو انداز بيان:

بلبل جو فني ڪمال سندس زبان داني، شوخ انداز بيان، تشبيهات ۽ محاورات جي طنزيه استعمال ۾ پوشيده آهي. ڪيس يقين هو ته محض پندونصائح، وعظ ۽ تقريربازيءَ سان ڪي به اصلاحي خيال پيدا نه ٿي سگهندا. ان ڪري پاڻ هڪ خاص هيئت ۽ طرزبيان ايجاد ڪيائين، ۽ پنهنجي طنز ۽ مزاح لطيف سان تمام وڏو ڪم ڪيائين. اهو ڪم هڪ مبلغ ۽ مصلح ئي ڪري سگهيو ٿي، جنهن ۾ شعوري پختگي ۽ فني جزالت ٿئي ٿي؛ جنهن جي دل و دماغ ۾ خيالات جو سيلاب بيپناھ، هردم روان ۽ دوان رهي ٿو؛ جنهن جي نظر حالات ۽ واقعات تي ناقدانه مگر شگفته، قاهرانه مگر سنجيده، عالمانه مگر بصيرت افروز رهي ٿي. بلبل جي ان انفراديت کي، افسوس آهي جو اسان جي

اهل وطن عالمن ۽ اديبن، ناقدن ۽ فنڪارن اجا تائين سمجهڻ جي ڪوشش نه ڪئي آهي.

بلبل جي سنجيده شخصيت:

مرحوم بلبل جي اجا هڪ تصوير جي ڪيفياتي نقشگري ڪرڻي اٿم. مرحوم بلبل جي فن کي سمجهڻ لاءِ برنارڊ شا جو نالو وٺڻ ضروري آهي.’شا‘ انگريزيدان طبقي لاءِ هڪ متعارف ۽ مانوس مزاحيه نگار آهي. ’شا‘ جي فن ۽ تنقيدي مزاح جڏهن اهڙو رنگ نه ڄمايو، تڏهن ان جي تلافيءَ لاءِ ’شا‘ ڪجھ خارجي معاملات پيدا ڪيا. اول اول ماڻهن کي متوجه ڪرڻ لاءِ ’شا‘ ڏاڙهي وڌائي. ڏاڙهي به زوليده ۽ پيچيده، طول طويل، گهاٽي ۽ گهٽي، ان جو نڪو خط درست نڪو جاميٽري ۽ اقليدس جو اُسترو ڦيرايائين. بيڍنگ ڏاڙهيءَ سان سندس شڪل مهيب، رعبدار، خوفائتي ۽ ان کان زياده مسخريءَ جهڙي ٿي پئي. ان سانگ رچائڻ کان پوءِ ’شا‘ پنهنجي هيئت ۽ لباس ۾ به تبديلي آندي. سارو لباس ڳاڙهو پهريائين، ۽ هڪ قسم جو جوڪر بنجي پيو. اهي خارجي اثرات پيدا ڪري، پوءِ طعن ۽ تشنيع، طنز ۽ تنقيد جي زبان کوليائين. ان کان پوءِ مس مس وڃي ماڻهن کي متوجه ڪري سگهيو. اهو ساڳيو سانگ اڪبر الہ آباديءَ به رچايو. اڪبر جي بوسيده ترڪي ٽوپي، بُڇي ۽ زوليده ڏاڙهي، شيرواني جا ڪالر گم، بٽڻن وجهڻ جو

اهتمام غائب، پيرن ۾ ڦاٽل ساٽل چمپل، سندس تصوير ڏسڻ سان ئي کِل وٺيو وڃي. اهو ساڳيو رنگ نظير اڪبر آباديءَ ۾ به موجود آهي. ان به جوڳين جو حليو اختيار ڪيو. گيڙوءَ رتا ڪپڙا پاتا. هٿ ۾ آديسين وارو چمٽو، مٿي تي مسخرن واري طول طويل ٽوپي پاتي.

منهنجو نقطه نظر هي آهي ته ’شا‘، اڪبر ۽ نظير جي مقبوليت لاءِ ڪجهه خارجي اثرات به آهن. انهن جي مقابلي ۾ بلبل نه سانگ رچايو، نه زوليده ڏاڙهي رکي. نهايت پاڪيزه ۽ شريفانه لباس ۾ ملبوس، مٿي تي اعليٰ درجي جي پڳ، ڪپڙا بيش بها، صاف ۽ دلڪش، حليو جاذب ۽ ذوق نظر جي تسڪين جو باعث، هر موقعي تي سنجيده ۽ شگفته. ان مان ثابت آهي ته فن ۾ جڏهن جزالت ۽ اصليت پيدا ٿئي ٿي، تڏهن فنڪار خارجي اثرات جي تڪلف ۽ تصنع کان بي نياز ٿي وڃي ٿو. بلبل جي ظريفانه ڪلام پڙهڻ کان پوءِ، جڏهن سندس تصوير ڏسجي ٿي، تڏهن طبيعت اهو قبول ئي نٿي ڪري ته ڪو هڙي سنجيده ۽ شسته ماڻهوءَ جي قلم مان اهڙو ظرافت آميز، مزاحيه ۽ پر لطف، نمڪين ۽ تلخ ڪلام نڪتو هوندو. ان جي مقابلي ۾ ’شا‘ ۽ اڪبر جي تصوير ڏسڻ کان پوءِ :

صورت ببين، حالت مَ پُرس

وارو قصو اڳيان اچي ٿو. انهن کي ڏسڻ سان معلوم ٿو ٿئي ته انهن جي افتاد طبع ۾ ئي طنز ۽ مسخري، مضحڪه ۽ مزاح سمايل آهي.’بلبل‘ مرحوم ان نقطه نظر سان به وڏو فنڪار معلوم ٿئي ٿو. اهو سندس’فن‘ پنهنجي داخلي محسوسات مان پيدا ٿيو. ڪي به خارجي تڪلفات ۽ مصنوعي تصنعات پنهنجي طرفان نه پيدا ڪيا ويا. اهوئي سبب آهي جو مان ڪيس ’اڪبر‘ کان زياده طناز تسليم ڪريان ٿو. ’اڪبر‘ متعلق هڪ نقاد ممتاز حسين چوي ٿو:

”’اڪبر‘ جو ظريفانه ڪلام تمام ٿورو آهي،
سندس غير ظريفانه ڪلام البته سرس آهي.“

ان جي مقابلي ۾ ’بلبل‘ جو ظريفانه ڪلام، نثر توڙي نظم ۾ جام آهي. ’اڪبر‘ جو ظريفانه ڪلام فقط هڪ پهلوءَ تي تلخ ۽ تند تنقيدون ڪندو رهيو، پر ’بلبل‘ زندگيءَ جي هر شعبي تي، ۽ معاشري جي هر مرض تي، اخلاقيات ، دينيات، تعليم ۽ تربيت، تهذيب ۽ رسومات تي گرفت ڪندو رهيو. سندس اها جامعيت سندس فن جي انفراديت آهي، جا ’اڪبر‘ وٽ مفقود آهي.

اڪبر جا چند مثال:

’اڪبر‘ وٽ ’فن‘ مزاح جي درجي ۾ نه پر ’هجويات‘ ۽ طنزيات ۾ داخل آهي. اهوئي سبب آهي جو ’اڪبر‘ جي فن

جي مطالعي کان پوءِ ’سر سيد جو ڪردار اُڀري ٿو اچي.
اڪبر جو فن سرسيد احمد جي مقاصد ۽ طريقيڪار جي اردگرد گهمي رهيو آهي. ان جي مقابلي ۾ بلبل جي فن ۾ جامعيت آهي. بلبل ڪنهن به خاص شخصيت تي نقطه چيني نه ڪئي آهي، پر زندگيءَ جو همه گير جائزو وٺندو رهيو آهي. اڪبر جا چند مثال ڏجن ٿا:
پهريون شعر ڏجي ٿو:

باهم شبِ وصال، غلط فهميان هوئين
مجهه ڪو پري ڪا شبه هوا، ان ڪو ڀوت ڪا.

شيخ هن طرح خبر ورتي اٿس:

شيخ ڊرتي هين، ڪهين دم نه نڪل جائي مرا،
انس اس وجهه سي ڪم رکتي هين ياسين ڪي ساٿ.

عاشقن ۽ سندن هجر و وصال تي هن طرح طنز ڪري ٿو:

هجر ڪي يون رات ڪاٽو پائيو
ان ڪا فوٽو لي ڪي چاٽو پائيو
هم سي شب وصال وه بي ميل هوگئي
افسوس انٽرنس مين هم فيل هو گئي

ٻئي هنڌ گريجوئيٽ کي هن طرح لتاڙيو اٿس:

تو بهي گريجوئيٽ هي، مين بهي گريجوئيٽ
علمي مباحثي هون، ذرا پاس آڪي ليٽ

شاعريءَ تي هن طرح ٿو تنقيد ڪري:

حقيقي اور مجازي شاعري مين فرق هي اتنا
ڪه يه جامي سي باهر هي، وه پاجامي سي باهر هي
طرزِ عمل تي هن طرح ٺو ٺوڪي:
ڪيون ڪر ڪهين ڪه طرز عمل ان ڪا نيڪ هي،
جب عيد مين بجائي سوئيون ڪي ڪيڪ هي.
مِس جي لونڊر جي هن طرح خبر ٺو وٺي:
هر چند ڪه هي مس ڪا لونڊر پي بهت خوب ،
بيگم ڪا مگر عطر حنا اور هي ڪچھ هي.
انگلستان جي مسافر لاءِ فرمان آهي:
سدهاري شيخ ڪعبي ڪو، هم انگلستان ديکين گي،
خدا ڪا گھر وه ديکين، هم خدا ڪي شان ديکين گي.
چندي متعلق فرمائي ٿو:
جدهر مسٽر ادهر دولت، جدهردولت ادهر چنده،
جدهر چنده ادهر آنر، جدهر آنر، ادهر بنده.
جناب شيخ جي قرآن خوانيءَ تي هن طرح طنز ٿو ڪري:
شيخ تثليث ڪي ترديد تو ڪر سڪتي هين،
گھر مين بيٺي هوئي وَالتيّن پڑها ڪرتي هين.
’والتين‘ تي تثليث جي آڙ ۾ طنز ملاحظه فرمايو.
ڪائونسل جي ووٽر تي لکي ٿو:
شيخ جي ڪونسل ڪي ووٽر هو گئي،
ليجئي چڪڙي سي موٽر هو گئي.

اس زماني مين اڙينگي ديکڪر قانون ڪي،
شيخ ني تهمد سي هجرت ڪي طرف پتلون ڪي.
شيخ جي اولاد جو حال اجهو هي آهي:
شيخ جي ڪي دونون بيٽي، با هنر پيدا هوئي،
ايڪ هين خفيه پولس مين، ايڪ ڦانسي پاگئي.
ليڊر جي تصوير هيءَ آهي:
قوم ڪي غم مين ڊنر کاتي هين حڪام ڪي ساٿ،
رنج ليڊر ڪو بهت هين، مگر آرام ڪي ساٿ.
قرآن خوانيءَ متعلق ارشاد آهي:
مري قرآن داني پر نه هون يون بدگمان حضرت،
مجهي تفسير پي آتي هي، اپنا مدعا ڪهيي.
مولي صاحب جو حليو هن طرح پيش ڪيو اٿس:
مولي صاحب نه بخشينگي، خدا گر بخشندي،
گهير هي لين گي پولس والي، سزا هو يا نه هو.
مولوي تي اجا به هن طرح ٺو ڪاوڙ چنڊي:
برگڊ ڪي مولوي ڪو تم جانتي هو ڪيا هي،
انگلش ڪي پالسي ڪا عربي مين ترجمه هي.
جديد ماڻهن تي هن طرح ٺو طنز ڪري:
چوڙ لٽريچر ڪو، اپني هسٽري ڪو پول جا،
کا ڊبل روٽي، ڪلرڪي ڪر، خوشي سي ڦول جا.

حامده تي هن طرح ٺو طنز ڪري:

حامده چمڪي نه تهي، مغرب سي جب بيگانه تهي،
اب هي شمع انجمن، پهلي چراغِ خانه تهي،
تعليم لڙڪيون ڪي ضروري توهي مگر،
خاتون خانه هون، وه سبا ڪي پري نه هون.

انگريز تي هن طرح ٺو تنقيد ڪري:

راج انگلش ڪا، ملڪ هندو ڪا،
خدا حافظ هي، بهائي صلو ڪا.

لوگ هنستي هين جو پيش آتي هي يه حالت ڪبهي،
من ترا حاجي به گويم، تو مرا حاجي بگو.
ايڪ اخلاقي نظر مين اس سي تو بهتر هي يه،
من ترا پاجي به گيوم، تو مرا پاجي به گو.

’اڪبر‘ جا ﭙه شعر پيش ڪجن ٿا، جي فارسيءَ تان سرقو ٿيل آهن. لکي ٿو:

بتون سي ميل خدا پرنظر، يه خوب ڪهي،
شب گناه و نماز سحر، يه خوب ڪهي.
فٽن نفيس، سڙڪ خوشنما، ڊنر هر شب،
يه لطف چوڙ ڪي حج ڪا سفر، يه خوب ڪهي.

اصل فارسيءَ ۾ هن طرح آهي:

صنم پر خواب، خدا در نظر، چه خوش بادا ،
شبِ گناه، نمازِ سحر، چه خوش بادا.

مڪان نفيس و بتان مہ لقا، زمان ياور،
به ترڪ اين هم حج وسفر، چه خوش بادا.

ملازمت پيشه تي هن طرح ٺو طنز پيش ڪري :

شوق ليلائي سول سروس ني مجھ مجنون کو،
اتنا دوڙايا، لنگوٽي کرديا پتلون کو.

ٻئي هنڌ فرمائي ٿو :

جامه هستي ڪي ٽڪڙي هو رهي هين نزع مين،
ڦينڪئي اب ڪوٽ ڪو، ته ڪيجئي پتلون ڪو.

مهذب جي تعريف هن طرح ٿو ڪري:

هوئي اس قدر مهذب، ڪڀي گهر ڪا منهن نه ديکا،
ڪٽي عمر هوٽلون مين، مري اسپتال جاڪر.

سر ’سيد‘ تي تنقيد هن طرح ٿو ڪري:

سيد اُٺي جو گزٽ لي ڪي تولاکون لائي،
شيخ قرآن دکاتا ڦرا، پئسه نه ملا.

’اڪبر‘ جي مٿين شعرن ۾ محض طنز برائي طنز آهي. جدت پسند ماڻهن تي، جديد تعليم تي، عالمن تي، مولوين تي، نهايت تلخ ۽ شدت آميز، ذاتي ۽ نفسي حملا آهن. ’اڪبر‘ جي ان قسم جي فن کي ’هجويات‘ ۾ شمار ڪري سگهجي ٿو، ۽ نه مزاح ۾.

آءُ اڳتي هلي مرحوم ’بلبل‘ جا اهي ساڳيا مضمون پيش ڪندس، ان مان اوهان کي اندازو ٿيندو ته ’مزاح ۽ طنز‘ جو فن ڇا آهي، ۽ ’بلبل‘ ڪهڙي ڪمال جو ماڻهو هو.

مرحوم ’بلبل‘ جي پوري فن ۾ شخصيت جو منافي امر هي به آهي جو سنڌ جي ڪن مؤلفن ۽ مقاله نگارن، ’بلبل‘ کي مرحوم حسنعلي افنديءَ جو دوست راست سڏيو آهي. ڪن اهل قلم برزگن ته مورڳو ’بلبل‘ جي انفراديت ۽ فن کي ختم ڪري، کيس افندي جو مثنيٰ قرار ڏنو آهي، حالانڪ ائين چوڻ دعوائي بي دليل محض آهي. ’بلبل‘ مرحوم سنڌ جي هر ترقي پسند ۽ تعميري گروهه سان شامل هو. تعليمي نصاب ۾ انقلاب جو قائل هو. هو ديني علوم سان گڏ سائنسي علوم جي حڪيمانه آميزش جو به قائل هو. هن ملن ۽ مدرسن جي پراڻي نصاب تي به تنقيد ڪئي آهي. پر ان سان گڏ هو سر سيد احمد جي ’ڪورانه تقليد‘ ۽ مغرب زدگي جي خلاف هو. ان متعلق پاڻ ’مسلمان ۽ تعليم‘ ۾ وضاحت ڪئي اٿس .

بلبل جي معرڪه آرا تقرير، جا آل انديا ايجوڪيشن ڪانفرنس ڪراچيءَ ۾ ڪيائين، ان ۾ صاف صاف ٻڌايائين ته

’هن ملڪ ۾ ديني علوم سان گڏ جديد علوم جي آميزش ڪرڻ گهرجي. محض جديد علوم اسان جي ديني شعور، مذهبي طبع ۽ روحاني حيات لاءِ ناڪافي ٿيندا.‘

ان تقرير جو داد مولانا حاليءَ، نواب وقارالمڪ ۽ علامه شبليءَ پارن دل کولي ڏنو. ان کان پوءِ ان ڪانفرنس جيڪو طول طويل ريزوليشن پاس ڪيو، اهو نه فقط ’بلبل‘ تيار ڪيو هو، پر ان جو محرڪ به بلبل ئي بڻيو. اهو تاريخي ريزوليشن، عليگڙه جي نظام تعليم ۽ ڪور نه مغرب پرستيءَ جي خلاف هڪ چئلينج هو. ان وقت جي ارباب بست و ڪشاد ۽ انگريز گورنمينٽ جي اعليٰ افسرن کي پسند نه آيو.

مرحوم افندي ، سرسيد جي ڪورانه تقليد ۾ وقت جي انگريز ڪمشنرن جي تائيد ۽ تجويزن سان، عليگڙه جي طرز تي مدرسي جي تعمير ڪئي، ۽ هوبهو اهو نصاب آندو جو عليگڙه ۾ مروج هو.

مرحوم آفنديءَ جو دست راست دراصل مرحوم ’ابوجهو‘ هو. مرحوم بلبل فقط چند سال مرحوم آفنديءَ جي رفاقت ۾ رهيو ۽ سندس اخبار ۾ ايڊٽ ڪيائين. خيالات جي هم آهنگيءَ نه هئڻ ڪري، سنت ئي اخبار کان به جند ڇڏايائين، ۽ مرحوم جي وفات کان پوءِ، انفرادي طور ڪم ڪندو رهيو.

مرحوم آفنديءَ جي خيالات ۽ طريقِ ڪار، مقصد ۽ حالات جو پورو پورو نقشو مسدس اڀوجهي ۾ موجود آهي، جنهن ۾ انگريزن جي مدح سرائي به آهي ۽ انهن جي نظام حڪومت لاءِ دعائون به آهن، حالانڪ هند جي زعيم مشاهبير، انگريزن جي وڌندڙ اقتدار ۽ سيلاب بي پناه کي تاڙي ورتو هو ته انگريزن جو نظام اسان لاءِ غلاميءَ جا اسباب پيدا ڪري رهيو آهي. اهوئي سبب آهي جو مرحوم افنديءَ جي سوانح نگارن نه مرحوم 'بلبل' جي رفاقت جو ذڪر ڪيو آهي ۽ نه ڪو ڪيس 'دست راست' هجڻ جو شرف بخشيو آهي، ڇا لاءِ ته مرحوم'بلبل'جي تحرير ۽ تقرير، تنقيد ۾ مزاحيه اندازِ نظر ۾ انگريزن کي پنهنجي تائيد ۾ هڪ حرف به نظر نٿي آيو؛ تنهنڪري افنديءَ جي دست راست هجڻ جو ڪو سوال ئي پيدا نٿي ٿيو.

مرحوم حسن علي افنديءَ جي سوانحعمري، مرحوم شمس العماعه مرزا قليچ بيگ لکي آهي . اهو بزرگ بلبل جو همعصر هو، تاهم ساري ڪتاب ۾ ڪٿي به بلبل جو ذڪر خير نٿو ملي. رڳو بلبل کي مرحوم افنديءَ جي معاصرين، احباب ۽ معاونين ۾ به شمار نه ڪيو ويو آهي. مرحوم شمس العلماء جي اها ارادةً سهونه آهي، پر اها هڪ حقيقت آهي، ته بلبل مرحوم افنديءَ جي مغرب پرستانه خيالات ۽ سر سيد احمد جي جديد مذهبي افڪار جي سخت خلاف هو.

بلبل مرحوم جا اهي نوٽ شاهد آهن، جن ۾ سرسيد احمد جي انهن اعتراضن جا جواب لکيا اٿس، جي سرسيد احمد امام غزاليءَ جي چند مختصر رسالن تي ڪيا آهن. اهي ساڳيا اعتراض دارالعلوم ديوبند جي بانيءَ مولانا قاسم نانوتويءَ به اڳتي هلي دهرايا آهن، ۽ سر سيد احمد جي خيالات ۽ معتقداد جي ترديد ڪئي اٿس.

انگريزن جي مدح سرائيءَ ۾ جو ڪجھ سر سيد احمد چيو آهي يا لکيو آهي، ان جو عڪس مسدس اٻوجهي ۾ موجود آهي. ان جي برعڪس، بلبل جي پوري علمي ۽ ادبي ذخيري ۾ نه هڪ _ اڌ مضمون هٿ ايندو، نڪو هڪ _ اڌ شعر ئي ملي سگهندو، جنهن ۾ انگريزي جي مدح بيان ڪيل هجي. ان مان صاف ظاهر آهي ته بلبل مرحوم هڪ انقلابي فڪر جو ماڻهو هو. هو انگريز پرست گروه سان نه شامل هو ۽ نڪو انهن سان گڏجي ڪو ڪم ڪيائين. البته اصلاحي ڪمن ۾ ساڻن شامل رهيو.

مسدس اٻوجهي ۾ انگريزن جي مدح:

مسدس اٻوجهي جي حيثيت مرحوم حسن علي آفنديءَ لاءِ اهڙي آهي، جهڙي مسدس حاليءَ جي سرسيد احمد لاءِ.

مرحوم مولوي الله بخش اٻوجهو، انگريزن لاءِ رقمطراز آهي:

اسان کي خد، حاڪم عادل ڏياريو، اچي جنهن اسان ۾ سڌارو جياريو،
انهيءَ هڪ نظر سان سڀن کي نهايو، سڀن کي انهيءَ فيض يڪسان ڏياريو،

ڏسو رحم جي پٺتي پئجي ويا ها،
انهيءَ همٿايو جي رهجي ويا ها.

رعيّت سندو هال دانهون ٻڌي ٿو، سندن مال ۽ جان جي رک رکي ٿو،
سندن حال تي غور بيشڪ ڪري ٿو، ڪڏي اهنج کي سهنج سارا ڏئي ٿو،

جدا ٿي پون جي رعيّت جون دانهون،
مذبذب ٿئي ٿو هر حاڪم اتانهون.

ڏسو پاجه سرڪار جي ماڻهن تي، سپئي اختياريون عطا ٿيون انهن تي،

... ...

بريٽن سندا بار احسان آهن، جي انصاف سان ويري ويري وجهائن.
ان طرح مسدس ابوجهي ۾ چند خاص عنوان آهن، جن ۾ انگريزن جي مدح ڪيل آهي _ جهڙوڪ: انگريزي راڄ ۾ آسائش، سندن سڌارا، اسلامي خصلتون، اهل مغربيه ۽ سندن عروج ۽ علم، سندن وڏارا، وغيره. مسدس ابوجهي

جي مرتب مرحوم محمد صديق مسافر، ڪتاب جي منڍ ۾ مرحوم ابوجهي جي سوانحعمري لکي آهي. ان ۾ مجمع محمدي جو قيام، حسنعلي افنديءَ جي خدمتگذاري، مدرسي لاءِ تحريڪ جو مفصل احوال لکيو اٿس، پر ڪٿي به مرحوم بلبل جو بيان ڪين آيل آهي؛ هر هنڌ ابوجهي کي مرحوم افنديءَ جو دست راست لکيو اٿس.

ان طرح مجمع محمدي جو محرڪ به ابوجهي کي قرار ڏنو ويو آهي، جنهن جي ٻن مهينن جي ڪوشش کان پوءِ 16- مارچ 1884ع تي پهرين مجلس گڏ ٿي. ان ۾ ٽيهٺ ماڻهو حاضر رهيا. انهن ۾ مرحوم بلبل ڪين هو.

مسافر مرحوم لکي ٿو:

”مجمع محمدي قائم ڪرڻ ۽ سنڌ مدرسي جي بنياد ٻڌڻ ۾ مولوي صاحب مرحوم، سچ پچ ته خانبهادر حسنعلي مرحوم جو پرجوش ۽ اٽڪ رفيق بلڪ ساڄو بازو هو. “

مسافر مرحوم تمهيد ۾ لکي ٿو:

”سنڌ ۾ خدا تعاليٰ جي مهربانيءَ سان جهونن خواه نوجوانن شاعرن جو سڪار هو، جهڙوڪ: حامد، فاضل، گدا، عاجز، سبزپوش، علوي، بلبل، سانگي وغيره وغيره؛ پر وطني حب ۽ قومي جذبات واري ڪلام جو سهرو فقط مولوي صاحب مرحوم جي سڳوري سر تي ئي سونهي ٿو.“ (مسدس ابوجهو: تمهيد)

مرحوم بلبل جو ذڪر جنهن خشڪ ۽ معمولي نموني ۾ ڪيو ويو آهي، اُن ۾ نڪو مجمع محمدي ۾ شموليت جو ذڪر آهي، نه مدرسي جي تحريڪ ۾ تعاون جو ذڪر آهي، نڪو ڪو دست راست هجڻ جو اشارو آهي، نڪو افنديءَ جي مصاحبن ۽ رفيقن ۾ بلبل جو ذڪر آهي.

ان طرح مرحوم مسافر مسدس ۾ جي نوٽ هنيا آهن، ۽ جتي مختلف رفيقن ۽ ڪارڪنن جا نالا ڏنا آهن، اتي ڪٿي به بلبل مرحوم جو ذڪر نه آندو اٿس. لکي ٿو:

"مجمع محمدي جي تحريڪ اصل ۾ ڪلڪتي ۾ شروع ٿي هئي. ان جو سيڪريٽري جناب آنريبل سيد امير علي بار ايٽ- لا هو، جنهن گورنر جنرل ۽ پارليامينٽ کي عريضيون ڪيون ته مسلمان تباه ٿي ويا آهن، سندن سڌاري جو ڪو بندوبست ٿئي." (مسدس اپوجهو)

"ان کان پوءِ سنڌ 1880ع ۾ مجمع محمدي جو بنياد وڌو ويو، پر هلي نه سگهيو. آخر 1884ع ۾ جڏهن ميان حسنعلي ڪلڪتي جو سير ڪري موٽي آيو، تڏهن مولوي الله بخش ملاقات لاءِ وٽس ويو. تڏهن جناب افندي صاحب ڪلڪتي جي مجمع جون ڳالهيون ۽ مسلمانن جا سڌارا چئي ٻڌايا." (مسدس اپوجهو)

"16- مارچ 1884ع تي مولوي الله بخش پنهنجي مڪان تي مجلس گڏ ڪئي، جنهن ۾ ٿيهٺ ماڻهو حاضر ٿيا.

مولوي الله بخش جي خواهش ۽ سيٺ فتح عليءَ جي تائيد سان خانبهادر حسنعلي صدر مقرر ٿيو.“

”ان کان پوءِ 1884ع کان 1885ع تائين شڪارپور، لاڙڪاڻو، سکر ۽ حيدرآباد ۾ شاخون کوليون ويون.“ (مسدس ابوجهو)

مجمع محمدي ۽ ان کان پوءِ تعليمي تحريڪ جو زمانو 84ع کان 85ع تائين آهي ۽ مرحوم ’بلبل‘ جي افندي مرحوم سان ملاقات 1889ع ۾ ٿي، ۽ افندي مرحوم1895ع ۾ وفات ڪئي. بلبل 5-6 سال افنديءَ جو دوُر ڏٺو، ۽ سندس اخبار جي ايڊٽ به ڪئي ۽ ڪي تعليمي مشهورا به ڏنا. پر انهن جي حيثيت اهڙي رهي جو نڪو شمس العلماءه مرزا قليچ بيگ مرحوم افنديءِ جي سوانح ۾ بيان ڪئي آهي، ۽ نڪو مرحوم مسافر ’ابوجهي‘ جي سوانحعمريءَ ۾ آندي آهي. مرحوم لکي ٿو:

”قومي جذبات واري ڪلام جو سهرو فقط مولوي صاحب مرحوم جي سگهوري سر تي سونهي ٿو.“

حالانڪ حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، پير حسام الدين راشدي، حاجي محمود خادم ۽ ڊاڪٽر خليل صاحب پاران عالم ۽ اديب متفقه طور لکي چڪا آهن ته قومي جذبات جي ترجماني سڀ کان اول مرحوم ’بلبل‘ ڪئي آهي.

ٻيو ته انگريزن هر طرح سان ’سڀوڄهي ۽ اڀوڄهي‘ يعني مرحوم افنديءَ ۽ مرحوم مولوي الله بخش کي پٺي نوازيو. ان جي مقابلي ۾’بلبل‘ مرحوم القاب ۽ انعام کان پري رهندو آيو.

مرحوم آفنديءَ کي خانبهادر جو لقب:

مرحوم آفنديءَ جڏهن ته سنڌ ۾ سرسيد احمد وارو ڪم ڪيو ۽ انگريزن جي نظام کي نه فقط ساراهيو، پر ان سان عملي تعاون به ڪيائين. اهلِ علم آفيسر طبقي کي ملڪ ۾ پيدا ٿيل تحريڪن کان پاسي تي رکڻ ۾ ڪامياب ٿيو. ان جي صلي ۾ کيس خانبهادريءَ جو خطاب مليو. مرحوم شمس العماء مرزا قليچ بيگ ان سلسلي ۾ ڪراچيءَ جي ڪمشنر ڪرنل واليس جِي گورنر کي موڪليل سفارش ۽ ڪراچيءَ جي ڪليڪٽر بولٽن جي سفارش ۽ لارڊ ڊفر گورنر جنرل هند جو پروانو شايع ڪيا آهن.

ڪرنل واليس لکيو آهي:

”منهنجي صلاح آهي ته هن کي خانبهادريءَ جي لقب جي ڏيارڻ جي سرڪار کي سفارش ڪجي. انهيءَ ڪري سنڌ جا مسلمان خوش ٿيندا ۽ انهيءَ مهربانيءَ جو قدر ڪندا.“

ان طرح 1887ع ۾ ڪراچيءَ جي ڪليڪٽر بولٽن پڻ سفارش ڪئي ۽ لکيائين:

”اڳوڻو خط سال 1884ع وارو چڪائي آهُ مناسب موقعو چاڻي وري سفارش ٿو ڪريان ته مسٽر حسنعلي تعليم جي ڪم ۾ سنڌ جي مسلمانن کي گهڻي قدر مدد ڪئي آهي. هاڻي ملڪه معظمه جي جوبليءَ جو تمام چڱو موقعو آهي.... هن سان گڏ پيا به ڪي ڪاغذ موڪليان ٿو.“

انهن سفارشن مان صاف ظاهر آهي ته انگريزن ڪهڙي مصلحت سان کيس لقب ڏنو هوندو! ان جي مقابلي ۾ مرحوم ’بلبل‘ جو ڪردار مولانا شبليءَ وارو سمجهڻ گهرجي، جو اول اول سر سيد احمد سان شريڪ ڪار هو، پر پوءِ سر سيد احمد جي انگريز نوازيءَ کان بيزار ٿي، جدا ٿي ويو ۽ ” ندوة العلماعه“ جي تحريڪ شروع ڪيائين، جنهن ۾ ديني تعليم جي اهميت تي زور ڏنائين. ان طرح ’اپوجهي‘ جو ڪردار مولانا حاليءَ وارو سمجهڻ گهرجي، جنهن حاليءَ جو مسدس ٿوري ڦيرڦار سان ترجمو ڪيو ۽ حاليءَ وانگر مرحوم آفنديءَ جو هر معاملي ۾ ساٿ ڏنائين.

هن هيٺري بحث مان اها ڳالھ ته صاف ٿي چڪي آهي ته مرحوم ’بلبل‘ انگريزن جي وڌندڙ اثر ۽ اقتدار کي پنهنجي دور رس نگاھ سان پرکي چڪو هو. اهوئي سبب آهي. جو انگريز پسند نقالن ۽ ٺوڊين کي ور ور ڪري ٺوڪيندو رهيو. انهن جي بودوباش ۽ نشن ۽ برخواست،

حال ۽ چال جذبات ۽ خيالات تي طنزيه انداز ۾ ذڪ هڻندو آيو. اهوئي سبب آهي جو انگريز پسند آفيسر ۽ مصلح، تعليمي ڪارڪن ۽ ماهر، ۽ خود انگريز اعليٰ عملدار سندس ان نقطه نگاهه کان چرڪندا رهيا. ’بلبل‘ جي مقبول شخصيت ۽ مقبول فن جي خلاف ڪوبه قدم کڻي نه سگهيا، البته ڪيس مطيع ڪرڻ لاءِ آفرين ناما موڪليندا رهيا، پر هي عنقا صفت نقاد ڪنهن جي به شڪار ۾ نه ڦاٿو.

ڀلا انگريز ۽ ان جا نقال ٻُوڏي، هن قسم جو ڪلام پسند ڪندا؟

آهي نئين تعليم گڙٻڙ درجهان انداخته،
حرڪتون شيطان آڻي درجهان انداخته.
عمر ساري علم انگريزيءَ ۾ ئي پوري ڪري،
اڄ هنر ۽ ڪسب کي گهر ۾ نهان انداخته.
علم انگلش جو ڏسي اڄ زور ’بلبل‘ بيگمان،
عقل اهڙي وقت در تاب و توان انداخته.
يا
گرچه ڪارو منهن اٿم ته به ڪاڻ نانهن،
ٽوپلو پائي، حماقت ٿو گهران.
يا
عقل ۾ آڻي شريعت کي تمام، دين ايمان پنهنجو غارت ٿو گهران.

پل مرتد هي چون مُلا مگر، مان ته انگريزن ۾ عزت ٿو گهران.

لائي چشمو، چست چاڙهي سوٽ بوٽ، مثل صاحبلوڪ صورت ٿو گهران.

مرحوم بلبل جو سارو فن ان دوُر جي تعليمي ۽ تهذيبي ماحول جو شديد رد عمل آهي. ان رد عمل جا اسباب ڪهڙا آهن؟ اهو هڪ طويل تاريخي داستان آهي. ان متعلق اسان وٽ به رايا موجود آهن. هڪڙا عالم اهي آهن، جو جوخيال آهي ته ان دوُر ۾ انگريزن جي تهذيبي اتباع ۽ سندن نظام تعليم جي تحصيل ضروري امر هو. مسلمان حد ڪان وڌيڪ پسمانده ٿي چڪا هئا. انهن جي نئين سر اُپرڻ لاءِ انگريزن جي نصاب جي تدريس لازمي چيز هئي. ان گروهه جو سرپرست سرسيد احمد مرحوم هو. ٻيو گروهه اهو هو، جنهن جو خيال هو ته ڌاري ۽ پرديسي تهذيب ۽ نظام تعليم سان اسان جي نئين نسل جي تهذيبي، فڪري، علمي ۽ اخلاقي ڪاياپلٽ ٿي ويندي ۽ پوءِ نه هت هندو هندو رهندو، نه مسلم مسلم؛ هڪ اهڙي گڏوڙ ۽ مرڪب تهذيب پيدا ٿيندي، جا اسان جي مذهب ۽ تهذيب کي ناس ڪري ڇڏيندي. اها معتدل راهه ورتي وڃي جو جديد علوم سان گڏ قديم علوم به پاڙهيا وڃن، جيئن هندستاني آبادي جي مذهبي ۽ تهذيبي حيثيت برقرار رهي سگهي.

ان سلسلي ۾ شبليءَ ۽ اڪبر الھ آباديءَ، سر سيد احمد جي جدت پسند سرگرميءَ جي مخالفت ڪئي، پر حاليءَ موافقت ڪئي. ان طرح سنڌ ۾ مرحوم حسن عليءَ آفنديءَ سر سيد جي مؤقف ۽ نظام کي نه فقط تسليم ڪيو، پر ان بنياد تي درسگاھ کي قائم ڪرڻ لاءِ جهدوجهد ڪئي، ۽ ان دوُر جي انگريز آفيسرن جي امداد ۽ تعاون، سرپرستيءَ ۽ سربراهيءَ سان ڪاميابي حاصل ڪئي. مرحوم بلبل سنڌ ۾ شبليءَ ۽ اڪبر الھ آباديءَ جي مؤقف جي تائيد ڪئي. آل انڊيا ايجوڪيشن ڪانفرنس ۾ سنڌس زوردار، پر جوش، مدلل ۽ معقول تقرير کي سڀني ساراهيو. سنڌس اهي تقريرون ۽ تجويزون سنڌس ڪتاب، 'مسلمان ۽ تعليم' ۾ موجود آهن. ان طرح ڪانفرنس جي ڪاروائيءَ ۾ به آيل آهن.

اها ٻي ڳالھ آهي تھ انهن ٻنهي گروهن مان صحيح ڪير هو؟ پر جيستائين اخلاق ۽ نيڪ نيتيءَ جو دخل آهي، تيستائين ائين چئي ٿو سگهجي تھ شبلي، اڪبر ۽ بلبل پارن جا خدشا ان دوُر ۾ زوردار دلين تي مبني هئا. ان سلسلي ۾ ان دوُر جي تعليمي حالات جو مطالعو ڪرڻ گهرجي.

آغاز: عام طور هر ڪنهن جي زبان تي اها ڳالھ آهي تھ مسلمانن کي هندستان جي عالمن " جديد تعليم"(1) کان روڪيو آهي، اهي ئي مسلمانن جي تعليمي پسماندگيءَ لاءِ

جوابدار آهن. ان لاءِ ايترو چوڻ ڪافي آهي ته تاريخ ۽ تحقيق ان نظريي جي ترديد ٿي ڪري. ايترو چوڻ ڪافي ٿيندو ته امام الهند شاه ولي الله محدث دهلويءَ جي فرزند، حضرت شاه عبدالعزيز دهلويءَ کان وٺي مولانا رشيد احمد گنگوهيءَ، مولانا عبدالحي لکنوي فنگي محلي (وفات1887ع)، مولانا شبلي، مولانا اشرف علي ٿانوي، مولانا محمد قاسم نانوتوي، شيخ الهند مولانا محمود الحسن، مولانا عبيدالله سنڌي، وغيره عالمن انگريزي تعليم جي جائز هجڻ جون فتوائون ڏنيون آهن. مولانا عبدالحي لکنوي 1887ع ۾ جڏهن انگريزي تعليم پڙهڻ جي جواز جي فتوا ڏني آهي، ان دوُر ۾ سر سيد احمد جي ’تعليمي تحريڪ‘ جي ابتدا هئي. عالمن صاف صاف لکيو آهي ته ڪابه لغت، زبان، علم ۽ فن نه حرام آهي ۽ نه ناجائز، بلڪ زبانن جو اختلاف به نعمت آهي، جيئن قرآن ۾ آهي : ” خلق السموات و الارض و اختلاف اسنتڪم و الوانڪم ان في ذالڪ لايات اللعالمين“ (رعد)

ڪانگريس جي دوُر ۾ وديا مندر اسڪيم ۽ واراڌا اسڪيم کي به عالمن چند ترميمن سان قبول ڪيو هو.

سرسيد احمد جي راءِ:- ان دور جي عالمن متعلق سر سيد احمد فرمايو ته ” وڏن وڏن قدوسي عالمن گهڻي غور ۽ فڪر کان پوءِ تجويز ڪئي آهي ته ’انگريزي تعليم‘ سان

گڏ مذهبي تعليم به ڏيڻ گهرجي، ۽ درسي ڪتابن مان عقائد، فقه، اصول تفسير، حديث، علم ڪلام به ’انگريزي‘ سان گڏ پڙهائجي، جيئن مذهبي عقيدا به پختا ۽ درست ٿين“ (تهذيب الاخلاق ص 153)

سر سيد احمد مرحوم صاف ٻڌايو آهي ته عالمن جا تقليدي مذهبي ڪتاب انگريزي تعليم سان گڏجي ” لامذهبيت ۽ بداعتقادي“ پيدا ڪندا! سر سيد جي اها راءِ نهايت صحيح آهي، ۽ ان جو مشاهدو اڄڪلهه ڪري رهيا آهيون. حاصل مطلب ته اهو چوڻ ته علماء انگريزي تعليم جي خلاف آهن، اهو تاريخي طور درست نه آهي. اها به حقيقت آهي ته ماڻهو اختلاف ۽ ضد جي وقت اعتدال تي قائم رهي نه سگهندا آهن. انگريزن جي خلاف عالم اعتدال کان متجاوز ۽ سختگير ٿي چڪا هئا. اهو دؤر انقلابي بحران جو دؤر هو. انگريزن نهايت ظلم ۽ تشدد، بي ايماني ۽ مڪاريءَ سان ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ جي آڙ ۾ مسلمانن جي هڪ هزار ورهين جي تخت ۽ تاج کي ختم ڪيو هو. اهڙي دور ۾ غيرت ۽ مذهبي جذبي وارا ملا ۽ مولوي هر چيز جي سخت خلاف هئا، ۽ ان سان گڏ انگريزي تعليم جي خلاف سندن نفرت ۽ حقارت حد کان ٻاهر نڪري چڪي هئي. سندن اها غير معتدل نفرت انساني فطرت موجب

واجب هئي. دشمن جي ترار سان به دشمني ٿئي ٿي. ترار جو وڍيل، قلم کان به ڪنبندو آهي.

هاڻي اهو سوال رهيو، ته ڇڱو، عالمن به جديد تعليم کان منع نه ڪئي هئي ته پوءِ پلا مسلمانن جي تعليمي زوال جو جوابدار ڪير آهي؟

ان جو جواب به ٻڌو، جو دراصل هڪ درد انگيز ۽ خونچڪان ٽريجڊي (tragdy) آهي، ۽ ان سان گڏ سبق آموز آهي، ۽ عبرت خيز پڻ!

---

(1) دور برطانيا جو ”نظام تعليم“، ملا مخزن حيدراباد، 2_ آڪٽوبر 1953ع، از غ.م. گرامي.

مسلمانن جي تعليمي زوال جا اسباب:

دراصل مسلمانن جي تعليمي زوال جو سبب حڪومت برطانيه جو ظلمانه تسلط هو، جنهن ’صد ساله‘ راڄ ۾ هندستان جو ’رت ۽ ست‘ نپوڙي ڇڏيو هو. هندستان جي بدبختي ۽ محڪوميت جي تاريخ ايسٽ انڊيا ڪمپني (East India company) جي اقتدار کان شروع ٿي آهي، جا ظاهر ۾ تاجرانه مقصد سان آئي. زرڪشي ۽ نفعي خوري کان سواءِ پيو ڪوبه سندن مقصد ڪونه هو. بقول جسٽس سيد محمود، ”ڪمپني جي مالڪن جو خيال هو ته تجارت ۽ ٻين ذريعن سان هندستان جي زياده ۾ زياده ملڪيت هٿ ڪجي؛ ڪمپني اهلِ هند کي تعليم ڏيڻ جي

خلاف هئي“ (تاريخ التعليم ص2، از جسٽس محمود). ﭘيو ته آمريڪا ۾ تعليم ڏيئي ان جو نتيجو ڏسي چڪا هئا، اهو خطرو هت به دامنگير هو. ڪين اهو فڪر ۽ خوف هو ته ڪٿي ’سوني جهرڪي‘ هندستان به هٿ مان نه نڪري ! تنهنڪري تعليم جي بجاءِ، ان وقت جا ﭘيا ديسي تعليمي ذريعا به ختم ڪرڻ شروع ڪيائون. بقول ايڪنس سمنڊي (Eckons Somondy) ته ’جڏهن ڪا قوم غلام بنائبي آهي، تڏهن سڀ کان اول فاتح قوم ﭘنهنجي مفتوح قوم جي تعليم کي تباهه ڪرڻ ضرور سمجهندي آهي، ڇو ته ” علم ۽ غلامي “ ڪڏهن به گڏ هلي نٿا سگهن‘، (تعليم هند ص ص 8-7). فاتح قوم کي ﭘنهنجي تهذيب ۽ دوُر گذشته جو علم ٿيندو، اها قوم اٿي کڙي ٿئي ٿي، ۽ غلاميءَ جا زنجير ٽوڙي ٿي ڇڏي. انگريزن به اهو ئي ڪم ڪيو هندستان جي هندن ۽ مسلمانن جي تهذيب، تمدن، تاريخ ۽ مذهب کي ختم ڪيائون. نيون نيون تحريڪون ﭘيدا ڪري، هندن ۽ مسلمانن کي مذهبي ﭘاڳل بنائي، ﭘاڻ ۾ويڙهايائون.خلافت ۽ ڪانگريس کي ختم ڪرڻ لاءِ آريه سماج تحريڪ، مسلمانن جي خلاف ۽ قادياني مذهب، هندن ۽ آرين جي خلاف ڪم ڪيو. آريه تحريڪ هلائڻ لاءِ سوامي شرڌانند کي ۽ قادياني مذهب هلائڻ لاءِ مرزا غلام احمد قادياني کي

آزاد چڏيو ويو. سياسي ليڊرن کي هڪبئي ۾ ويڙهائڻ لاءِ پڻ ڪم ڪيائون، جنهن جا نتيجا اڄ تائين هلندا اچن ٿا.

ايسٽ انڊيا ڪمپنيءَ کان اڳ نظام تعليم:

1- انگريزن کان اڳ هندستان جو تعليمي انتظام ڇا هو، ان لاءِ خود انگريزن جو اعتراف پڙهو: 'هي ظاهر آهي ته جڏهن انگريزن هندستان تي قبضو ڪيو، تڏهن قومي تعليم جو سلسلو ڪافي طور موجود هو.، (تعليم هند ص 2)

2- مسٽر لڊلو (Mr. Lidlo) پنهنجي ڪتاب تاريخ برطانوي هند (British India) ۾ لکيو آهي : 'مون کي يقين آهي ته هندستان جي هر ڳوٺ ۾ جو پنهنجي قديم شان ۽ شوڪت جو مالڪ هو، عام طور پار لکڻ پڙهڻ ڄاڻندا هئا. خاص ڪري حسابن ۾ کين مهارت حاصل هئي، ليڪن اسان بنگال وانگر جيئن ديسي سسٽم (home system) فنا ڪيو آهي، تيئن مدرسا به فنا ٿي ويا آهن.' (تعليم هند ص 2)

3- پروفيسر ماڪس ميلر (Prof. Max malr) سرڪاري ڪاغذات جي بناءَ تي لکي ٿو: ' انگريزن کان اڳ بنگال ۾ اسي هزار مدرسا هئا، يعني جي ٻي معنيٰ ته آبادي جي هر چاليهن ماڻهن لاءِ هڪ جدا مدرسو هو.' (تعليم هند ص 3)

4- ريونٽ وارڊ (Revenat Warad) 1851ع ۾ بيان ڪيو آهي ته ’انڊيا ڊسٽرڪٽ اسڪولن سان ڀريل آهي، اتي هر ايڪٽيهن ٻارن لاءِ هڪ سڪول آهي.‘ (تعليم هند ص 3)

5 - ڪپتان الگزينڊر هيملٽن (Alexander Hamilton) جو حضرت اورنگزيب عالمگير جي زماني ۾ هندستان آيو هو، تنهن پنهنجي سفرنامي ۾ سنڌ جي تعليمي نظام متعلق لکندي هڪ شهر ٺٽي لاءِ لکيو آهي:

’شهر ٺٽي (سنڌ) ۾ چار سؤ ڪاليج (مدارس عاليه) مختلف علوم ۽ فنون جا هئا.‘

انهن حوالن مان واضح ٿو ٿئي ته انگريزن کان اڳ هندستان علم ۽ فن جو مرڪز هو ۽ رڳو سنڌ ۽ ان جي به هڪ شهر ٺٽي ۾ چار سؤ ڪاليج علم و فن جا هئا! پر هندستان کي جاهل بنائڻ لاءِ انگريزن ڇا ڪيو؟ ان لاءِ هندستان جي تباهيءَ جي تاريخ ڏسجي.

6- ڊيو آف ڊيون شائر (Duke of Davinshire) صفائي ۽ سچائي سان بيان ٿو ڪري: ’هي غير دانشمند عمل ٿيندو جو هندستاني زيور علم سان آراسته ٿين ۽ جديد تهذيب، جديد علم و ادب ۽ جديد ترقي کان انهن کي سيراب ڪجي ۽ پوءِ انهن کي اهو به چيو وڃي ته ملڪي معاملات

۾ حصي وٺڻ لاءِ ضروري آهي ته اول يورپين حڪمرانن کان چوٿڪارو حاصل ڪريو!‘ (تعليم هند، ص 8)

خطرو ۽ خوف

جهالت جي چڪيءَ ۾ پيسجندي عوام ڪجھ پاسو بدلايو، ۽ ڪمپني بهادر به خطرو محسوس ڪيو. لارڊ منٽو (Lord minto) وائسراءِ هند سنه 1811ع ۾ هڪ طول طويل يادداشت لکي ڪورٽ آف ڊائريڪٽرس (Court of directors) کي موڪلي، جنهن ۾ لکيو ته ’ تعليم زوالپذير آهي. هندن ۽ مسلمانن کي مذهبي ۽ ڌرمي تعليم نه هجڻ ڪري دروغگوئي، خون ۽ جعلسازي جا ڪيس وڌي رهيا آهن، تنهنڪري تعليم وڌائجي، ۽ ڪجھ ڪاليج قائم ڪجن ۽ بجيٽ ۾ تعليم تي زياده خرچ ڪرڻ جي گنجائش پيدا ڪجي.‘ ان سفارشنامي، پهچڻ سان هڪ تعليمي ڪميٽي مقرر ٿي، جنهن ۾ مختلف عالمن شاهديون ڏنيون. انهن ڇا ڇا چيو؟ پڙهو!

سرٿامسن ٽرٽن (Sir Thompson Tirton) جي راءِ:

هائوس آف ڪامنس (House of Commons.) ۾ سرٿامس ٽرٽن تقرير ڪندي چيو ’اوهان هندستانين کي ڪهڙو فائدو ڏيندا؟ اوهان انهن جي ملڪ کي خراب ڪيو آهي ۽ انسانن کي برباد ڪيو آهي. بيشڪ پنهنجي ذاتي

حفاظت لاءِ اوهان انهن ماڻهن کي ڌوڪي، دغا ۽ جهالت ۾ مبتلا ڪيو آهي!، (تعليم هند ص5)

قانون:

آخرڪار 1813ع ۾ ڪمپنيءَ جي سفارش تي پارليامينٽ ۾ هڪ قانون پاس ٿيو؛ جنهن ۾ پهريون ڀيرو هندستانين کي تعليم ڏيڻ جو مسئلو پاس ٿيو؛ ۽ هندستان جهڙي ملڪ لاءِ، جنهن جو هرهڪ صوبو يورپ جي بيلجم، هالنڊ، هنگاري ۽ پورچوگال جيڏو آهي، تنهن ساري هندستان لاءِ فقط ساليانه تعليمي خرچ هڪ لک روپيا منظور ٿيو. ستم ظريفي ملاحظه فرمايو جو اها رقم 1813ع کان 1823ع تائين پورا ڏهه سال عملي طور استعمال نه ڪئي ويئي، جنهن تي 1823ع ۾ آنريبل ايم الفنسٽن (Hon M. Elphiniston) ۽ آنريبل ايف. واربن (Hon F. Warden) ٻنهي چڱن ڳڻجي، هڪ يادداشت گورنمينٽ کي موڪلي، جنهن جي نتيجي ۾ اها ڏهن سالن جي منظور ٿيل رقم استعمال ڪئي ويئي.

ذريعهء تعليم:

انگريز هڪ لک ساليانه خرچ منظور ڪري حاتم طائيءَ جي سخاوت کي شهه ڏني هئي، مگر ان وقت تعليمي ذريعو فارسي ۽ سنسڪرت زبانون هيون. ان وقت اها تحريڪ شروع ٿي ته انگريزي زبان کي ذريعه تعليم (meduim

(of instruction) بنائجي. 1829ع ۾ اليگزينڊربڊف چاهيو ته هڪ اهڙو اسڪول قائم ڪجي، جنهن ۾ ذريعه تعليم انگريزي زبان هجي، مگر حڪومت اجازت نه ڏني. ان کان پوءِ 1835ع ۾ دوباره ڪوشش ٿي.

لارڊ ميڪالي جي مڪاري
جديد تعليمي تحريڪ جو سنگ بنياد:

1835ع ۾ لارڊ ميڪالي (Lord Mecallay) جي زير صدارت هڪ تعليمي مجلس ويٺي جنهن کي هي مسئلو ڪرڻو هو ته آيا هندستانين کي تعليم انگريزي زبان ۾ ڏجي يا فارسي ۽ سنسڪرت ۾ ڏجي؟ مجلس ۾ خوب بحث هليو، راءِ شماريءَ ۾ مخالف ۽ موافق سڀ برابر سرابر رهيا، ۽ فيصلو ڪونه ٿيو، پر لارڊ ميڪالي پنهنجو ڪاسٽنگ ووٽ (Casting vote) انگريزيءَ جي حق ۾ استعمال ڪيو، ۽ هندستان جي بدبختي ۽ غلاميءَ تي هيءُ نوٽ لکيو:

’اسان کي هڪ اهڙي جماعت بنائڻ گهرجي، جا اسان ۾ ۽ اسان جي ڪروڙها افراد رعيت ۾ ترجماني جا فرائض بجا آڻي، ۽ اها جماعت اهڙي هئڻ گهرجي، جا خون ۽ رنگ جي لحاظ کان پلي هندستاني هجي، پر مذاق ۽ راءِ، مزاج ۽ سمجھ جي اعتبار کان ” انگريزي“ هجي.‘ (تاريخ التعليم: از ميجر باسو، ص ص 87 ۽ 77)

اهي آهن اغراض ۽ مقاصد جديد تعليم جي سنگ بنياد جا، جن تي تعليمي تعمير ٿي آهي، ۽ اها عمارت اڄڪلهه عرض پيما آهي، ۽ اهو ساڳيو نظام اڄ به موجود آهي.

عيسائيت جي تبليغ:

ان دوُر ۾ عيسائي پادري مبلغ ساري هندستان کي عيسائي بنائڻ جا خواب لهي رهيا هئا، سي استادن جي حيثيت سان هاءِ اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ داخل ٿيا. مسلمانن کي ڏنهڻ ۽ جديد تعليم کان نفرت جو پهريون وڏو سبب اهو پيدا ٿيو. جڏهن ته هندو هڪ نسلي سوسائيٽي آهي، تنهنڪري انهن ڌرم ڪرم جي سوال کي ڇڏي پوريءَ طرح تعاون ڪيو. پادري صاحبان ان تي به خوش ٿيا. سندن خوشيءَ جو اندازو ان تعليمي ڪميٽيءَ جي رپورٽ مان لڳائي ٿو سگهجي، جا 1831ع ۾ هشت ساله رپورٽ جي نالي شايع ڪئي ويئي آهي، جنهن ۾ لکيو ويو آهي ته ’هندو ڪاليجن ڏي توجهه ۽ تعاون ڪرڻ اسان جو مکيه فرض آهي. ان مان اميد افزا نتيجا نڪتا آهن، انگريزي زبان جي واقفيت سان گڏ اخلاقي ترقيءَ جا آثار به نمايان ٿيا آهن. وڏن خاندانن جي نوجوانن ۾ هندو مذهب جي بندشن کان آزاد ٿيڻ لاءِ بيقراري پيدا ٿي چڪي آهي، هو پنهنجي مذهبي رسمن کان بيزاريءَ جو اعلان ظاهر ظهور ڪري رهيا آهن. غالباً بئي نسل ۾، ڪلڪتي جي هندن جي خيالات

۽ محسوسات ۾ وڏي ”مادي تبديلي“ ايندي.‘ (تاريخ التعليم: از سيد محمود، ص 35)

ان طرح سر فريڊرڪ هيليڊي 1835ع ۾ شاهدي طور ٻڌايو: ’مان سمجهان ٿو ته هندو ڪاليجن ۾ انجيل جي تعليم ايتري گهٽي آهي، جو انگلنڊ جي ڪنهن پبلڪ اسڪول ۾ ڪانه هوندي!، (’روشن مستقبل‘،طفيل احمد، ص 136)

الغرض ان دوُر ۾ انگريزي تعليمگاهه ، تبليغي ادارا بنجي چڪا هئا، تنهنڪري مسلمان تعليمي مفاد کي پنهنجي مذهبي ۽ قومي مفاد تي ترجيح نه ڏيئي سگهيا.

صوبائي زبانون:

1831ع ۾ مرڪزي گورنمينٽ صوبائي حڪومتن کي حڪم موڪليو ته هو سرڪاري طور پنهنجي پنهنجي صوبي جي زبانن کي اهميت ڏين، ۽ فارسي زبان کي خارج ڪن. فارسي زبان انگريزن ۽ آخري حڪومت (مغليه) جي معاهدي موجب دفتري زبان هئي. عهد شڪني ڪري، سڀني صوبن جي صوبائي زبانن کي اهميت ڏيڻ ڪري ساري هندستان کي ٽڪرا ٽڪرا ڪري ڇڏيائون.

ملازمت لاءِ لياقت:

وري 10- آڪٽومبر 1844ع ۾ لارڊ هارڊنج هڪ ريزيوليشن ڪڍيو، جنهن موجب سرڪاري ملازمت لاءِ

انگريزيدان کي ترجيح ڏني وئي. هي حڪم عين ان وقت ڏنو ويو، جڏهن هندستان جا مسلمان مفلوڪ الحال ۽ معاشي تنگيءَ جو شڪار ٿي چڪا هئا. لاچار مسلمان ملازمت ۽ پيٽ گذر لاءِ انگريزي تعليم وٺڻ لاءِ آماده ٿيا، پر جڏهن اسڪولن ۾ عيسائيت جي تبليغ ڏٺائون، تڏهن ڪلڪتي جي مسلمانن دانهون ڪيون، ۽ لکيو ته ” سرڪار جا لکها روپيا عيسائيت جي تبليغ لاءِ خرچ ٿي رهيا آهن.‘ جنهن تي پارليامينٽ حڪومت هند جي طرفداري ڪندي غيرجانبداري جو اعلان ڪيو. اهو اعلان برائي نام هو.

سر چارليس ٽريويلين، آءِ سي. ايس جو بيان:

28- جون 1853ع سر چارلس (Sir Charles) هائوس آف ڪامنس ۾ هڪ بيان پڙهيو، جنهن ۾ ٻڌايائين ته ’ 1853ع جي ٺهراءُ موجب سرڪاري ادارن ۾ انگرزي ڪتبخانا قائم ڪيا ويا آهن، جن ۾ انجيل به رکيل آهن. ڪاليجي ڪتابن ۾ انجيل جا حوالا به آهن، ۽ ڪيترا مضمون عيسائيت متعلق آهن، جنهن مان نتيجو اهو نڪتو آهي، جو تعليم يافته هندو ڪاليجي شاگردن عيسائي مذهب قبول ڪيو آهي، تن جو تعداد عيسائي ڪاليجن جيترو آهي.‘

(تاريخ تعليم از سيد محمود، ص ص 22- 27)

مدارس جو احتجاج:
عيسائيت جي تبليغ جي خلاف دير سان هندن به اکيون پٽيون ، مدراس جي هندن سخت احتجاج بلند ڪيو. 1852ع ۾ هڪ عرضداشت ...... صاحب مدارس کي موڪلي وئي، جنهن ۾ هندن ۽ مسلمانن گڏجي حصو ورتو.
1857ع آزاديءَ جي جنگ:
انهن حالتن هيٺ '1857ع ۾ هندستان جي آزاديءَ جي پهرين جنگ' لاءِ هندو ۽ مسلمانن گڏجي ڪوشش ڪئي، جنهن کي انگريزن بغاوت ۽ بلوو تصور ڪيو، ۽ تاريخن ۾ به بغاوت ڪري لکيائون.
آزاديءَ جي پهرين جنگ جي ناڪاميءَ جا اسباب ڪهڙا هئا، اهو هڪ نئون تفصيل طلب بحث آهي، جو ڪنهن ٻيءَ صحبت ۾ پيش ڪيو ويندو، بالاخر حڪومت برطانيه ۽ عيسائي مبلغن اهو رايو پيدا ڪيو ته ان بغاوت جا باني 'مسلمان' آهن، هندو رڳو هنگامي حالتن ۾ شريڪ ٿيا آهن. چنانچ هيرنگٽن ٿامس لکيو آهي ته ' مون بيان ڪيو آهي ته بغاوت غدر (1857ع) جا باني هندو نه آهن، اها ''مسلمانن جي سازش'' هئي. مسلمانن خليفي اول (ترڪي) جي وقت کان اڄ تائين مغرور، غيررواداار، ۽ ظالم رهندا آيا آهن. سندن مقصد '' اسلامي حڪومت جو قيام'' آهي، ڪين عيسائين لاءِ نفرت آهي. هو ڪنهن به غير مسلم

حڪومت لاءِ ”وفادار رعايا ٿي نٿا سگهن، ۽ ” قرآني احڪام“ جي موجودگيءَ ۾ اهو ناممڪن آهي.‘ (حڪومت خود اختياري، صص 55، 57)

رد عمل:

1857ع جي رد عمل ۾ ڇا ٿيو؟ پسمانده، مسلمان قوم جي باقي رهيل قوت کي به ختم ڪيو ويو، سندن بچيل ملڪيتون ضبط ڪيون ويون، سوين بيگناهه مشهور عالم(قريباً ست سؤ) ڦاسي تي چڙهيا، ۽ مولانا فضل الحق خير آبادي کي انڊمان ٻيٽن ڏانهن موڪليو ويو، جنهن وجي ان ٻيٽ کي آباد ڪيو، ان لاءِ سر آڪلنڊ صاحب گورنر صوبه متحده (U.P) فرمايو آهي: ”غدر ناڪامياب ٿيڻ کان پوءِ اسان مسلمانن کان سخت انتقام ورتو، ۽ ٻنهي قومن، انگريزن ۽ مسلمانن جي مصالحت جي اميد هميشہ لاءِ ختم ٿي.‘ (روشن مستقبل طفيل احمد، ص 153). ان انتقامي جذبي جي ماتحت مسلمانن کي هر شعبي مان خارج ڪيو ويو.

مسلمانن جو اعتراف:

هندستاني مسلمانن جي رد عملي، سياسي، انتظامي ۽ اخلاقي لياقتن جو اعتراف خود انگريزن کي به هو. هينري هرنگٽن ٿامس لکي ٿو: ’تعليمي ذوق ۽ ذهني صلاحيت جي اعتبار کان مسلمان هندن کان گهڻو وڌيڪ فائق آهن، نسبتاً

هندو انهن جي اڳيان ’طفل مڪتب‘ آهن. منجهن ڪارگذار جي اهليت زياده آهي، تنهنڪري سرڪاري ملازمت تي ئي موزون آهن. انهن کي سرڪاري ڪمن ۽ ملڪي معاملن کان گهڻي واقفيت آهي، ۽ انهن جي راءِ کي گهڻي وقعت حاصل آهي.‘ (تعليم هند ص 59)

ٿامس آرنولڊ جي تعلمي رپورٽ:

ٿامس آرنولڊ 57-56ع ۾ صوبه پنجاب جي تعليمي رپورٽ مرتب ڪئي هئي، ان ۾ مسلمانن جي تعليمي ترقيءَ جو اعتراف هنن لفظن ۾ ڪيو اٿس: ’معلمي نقطه نظر سان ميدان مسلمانن جي هٿ ۾ آهي ۽ اسڪولن ۾ مسلمان شاگرد گهڻائيءَ ۾ آهن.‘ (تعليم هند.)

انتقام جو نتيجو:

انگريزن مسلمانن کي تعليمي ۽ اقتصادي طور اهڙو تباهه ڪيو، جو مسلمان هميشہ لاءِ ختم ٿي ويا. ڊاڪٽر هنٽر پنهنجي ڪتاب” مسلمانان هند“ ۾ لکيو ته ’1879ع ۾ ڪلڪتي ۾ مشڪل سان ڪو سرڪاري دفتر اهڙو هوندو، جي اوهان کي مسلمان ملازم ملندا، ۽ اهي هوندا چپراسي، پٽيوالا، يا ٽپالي. انهن کان سواءِ ٻي ڪنهن به ملازمت ملڻ جي اميد مسلمانن کي ڪانه هئي.‘ (روشن مستقبل ص 150)

ملازمت کان جواب:

انگريزن ملازمت لاءِ انگريزي تعليم کي لازمي بنايو. مسلمانن نهايت تڪليف سان انگريزيءَ ڏانهن رجوع ڪيو. ڏٺائون ته هاڻي رزق جو دروازو به بند ٿي چڪو آهي، مگر انگريزي پڙهڻ کان پوءِ به کين ملازمت کان جواب مليو. سروليم هنٽر ڪلڪتي جي هڪ فارسي اخبار مورخه 14- جولائي 1869ع جي حوالي سان لکيو آهي ته ’ سندر بن جي ڪمشنر، گورنمينٽ گزيٽ ۾ اعلان ڪيو هو ته جي ملازمتون خالي ٿين انهن تي ”هندن“ کان سواءِ ٻي ڪنهن به ماڻهوءِ کي مقرر نه ڪيو وڃي.‘ (مسلمانان هند: وليم هنٽر)

ان خبر جي ترديد گورنمينٽ هند ڪانه ڪئي.

ان کان پوءِ سر وليم هنٽر لکي ٿو ته ’مسلمان هاڻي ايترو هيٺ ڪري چڪا آهن، جو باوجود ملازمت جي هجڻ جي به کين ملازمت ڪانه ٿي ملي. سرڪاري اعلانن موجب خاص احتياط سان مسلمانن لاءِ ملازمت جا دروازا بند ڪيا ويا آهن، انهن جي بيڪسي ڏانهن ڪوبه توجهه ڪونه ٿو ڪيو وڃي، ۽ اعليٰ حڪام انهن جي وجود کي تسليم ڪرڻ پنهنجي شان جي گهٽتائي ٿا سمجهن.‘ (مسلمانان هند، سر وليم هنٽر، ص 158؛ روشن مستقبل ص 159)

مظلومانه درخواست:

اها قوم جنهن هڪ هزار سال هندستان تي بادشاهي ڪئي، تنهن لاءِ عرصئه حيات تنگ ڪيو ويو. سروليم هنٽر اوڙيسا جي هڪ درخواست جو مضمون نقل ڪيو آهي، جا هنن مظلومانه انداز ۾ گورنر صاحب کي موڪلي، ان جو خلاصو هي آهي:

’بحيثيت وفادار رعايا بحضور ملڪه معظمه‘

’عرض ته اسان کي به سرڪاري ملازمت حاصل ڪرڻ جو حق آهي. دراصل حقيقت هي آهي ته اوڙيسا جا مسلمان ايتريقدر پيسجي چڪا آهن جو هاڻي انهن جي اپرڻ ۽ اسرڻ جي ڪا اميد باقي نه رهي آهي. نسل جي اعتبار کان شريف آهيون، پيشي جي اعتبار سان غريب آهيون، ۽ اوهان جي سرپرستيءَ کان محروم آهيون. اسان جي حالت اُن مڇيءَ وانگر آهي، جا پاڻيءَ کان ڪڍي ٻاهر اڇلائي ڇڏجي! هينئر اسان جي اها بدحالت آهي جا حضور ۾ پيش ڪري رهيا آهيون .... اسان کي اميد آهي ته بلالحاظ رنگ و ملت سڀني قومن سان هڪجهڙو برتاءُ ڪيو ويندو. سرڪاري ملازمتن مان خارج ٿيڻ کان پوءِ اسان جي مفلسي ۽ مايوسي ان درجي تي پهتي آهي، جو اسان کي ويه روپيا به ماهوار ڏنا وڃن ته اسان دنيا جي سڀ کان دور دراز مقامات تائين سفر ڪرڻ لاءِ تيار آهيون، حتاڪ هماليه جي برف بار چوٽين تي چڙهڻ لاءِ تيار آهيون ۽

سائبريا جي ويران ۽ سنسان بيابان ۾ ’پٽڪڻ‘ لاءِ تيار آهيون.‘
(مسلمانان هند از ڊاڪٽر هنٽر، ص ص 175- 176؛ روشن مستقبل، ص ص 150- 160)
پـه رايا:
حقيقت هيءَ آهي ته بقول آنربيل امبڪاچرن موزمدار ’گورنمينٽ هند، پنهنجي عملدرن جي ابتدائي زماني ۾ مسلمانن جي مقابلي ۾ هندن کي گهڻو نوازيو ۽ وڌايو.‘
ان طرح مسٽر چارلس گرانٽ ڊئريڪٽر ڪمپني لکي ٿو ته ’ هندو ايترو دل جا ڪمزور آهن، جو انهن ۾ سياسي آزادي حاصل ڪرڻ جيتري قابليت پيدا ٿيڻ جي ڪابه اميد نه آهي. ان جي خلاف حڪومت کي اهو خوف هوندو هو ته اسان حڪومت به مسلمانن کان کسي آهي.‘
حڪومت کسڻ جي طاقت به مسلمانن ۾ ئي آهي، تنهنڪري مسلمانن کي هر شعبئه حيات ۾ ختم ڪيو ويو. هڪ طرف مسلمانن جي اقتصادي ۽ معاشي زندگي قريب قريب ختم ڪئي وئي، ٻئي طرف انهن کي تعليم ۽ تربيت کان محروم رکيو ويو، تان جو جڏهن انگريزن کي خوف ٿيو ته مبادا اسان جي ڪم توجهيءَ ڪري وري مسلمان بغاوت لاءِ آماده ٿين، تنهنڪري پنهنجي نسلي مڪاري کي

مدنظر رکي مسلمانن جي مٿي تي هٿ گهمايائون ۽ 13-جون 1873ع ۾ وائسراءِ هند هڪ طول طويل ٺهراءُ بحال ڪيو، جنهن ۾ خاص طور بيان ڪيائون ته ’ مسلمان گورنمينٽ جي نصاب جي خلاف نه آهن، پر هو ’نظام تعليم‘ جي خلاف آهن ۽ ’ ذريعه تعليم‘ سان اختلاف رکن ٿا.‘ (تاريخ تعليم، سيد محمود، ص 151)

’موجوده طرز تعليم جو خاڪو هندن جي ضرورتن آهر بنايو ويو آهي، ۽ مسلمانن کي يڪسر نظرانداز ڪيو ويو آهي. اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ مسلمانن جي گهٽتائي ڪو حيرت انگيز امر نه آهي، بلڪ مٿين حالتن ۾انهن مسلمانن جو زنده رهڻ هجڻ وڌيڪ حيرت انگيز آهي!‘ (تاريخ تعليم: سيد محمود ص 155)

سر جيمس جي راءِ:

سر جيمس جو مسلمان باغين جي تحقيقات لاءِ مقرر ٿيو هو، ۽ جنهن جي تحقيقات جي نتيجي ۾ هزارها مسلمان ڪاري پاڻيءَ جي سزا وٺي چڪا هئا، اهو به هن طرح ٿو فرمائي: ’اسان ائين نٿا چئي سگهون ته مسلمانن جي بي اطميناني بي بنياد آهي.‘

’سالن جا سال لاڳيتو مسلمانن کي نظرانداز ڪيو ويو اهي، انهن جي وجود ۽ اطاعت کي شڪ جي نظر سان ڏٺو ويو آهي، انهن جي طرف غفلت ڪئي ويئي، ايتري

قدر جو مسلمانن جا اوقاف جن، جي آمدني مان اسلامي ڪاليج هلندا هئا، سي به رد ڪري ڇڏيا ويا ۽ اهي رقمون ٻين ڪمن ۾ استعمال ڪيون ويون اميد آهي ته موجوده غفلت ڪان پوءِ عاقلانه ۽ فياضانه حڪمت عملي ڪان ڪم ورتو ويندو!'
(ڪلڪته ريويو، آڪٽوبر. 1870ع ص 195؛ 'روشن مستقبل' ص 166)

ايترين شاهدين ڪان پوءِ به هيءَ حقيقت تحقيق طلب رهي ٿي ڇا ته مسلمانن جي تعليمي زوال جا اسباب ڪهڙا هئا ۽ ڪهڙا ٿي سگهن ٿا، ۽ سر سيد جو نظام ڪيترو مفيد رهيو ۽ سندس مخالفن جو نقطهء نظر ڪيترو صحيح هو؟

مٿئين تاريخي پس منظر جي روشنيءَ ۾ چڱيءَ طرح ملاحظه ڪري سگهجي ٿو ته شبليءَ ۽ اڪبر الهٰ آباديءَ ۽ بلبل جا خدشا ڪيتري قدر معقول هئا. انگريزن جي سياسي استبداد نه پنهنجي تعليمي نظام سان برصغير هند جي ڪروڙن ماڻهن جي نه فقط زاويه نگاهه کي بدلائي ڇڏيو، پر انهن جي تهذيب ۽ تمدن تي ملمعو چاڙهي کين پنهنجي اصل ۽ زندگي بخش مذهبي ۽ تهذيبي قدرن ۽ سرچشمن ڪان همشہ لاءِ جدا ڪري ڇڏيو. نتيجي طور هڪ اهڙي غلام قوم جنم ورتو، جنهن جو دماغ به مائوف ته دل به مائوف! سندس فڪر و نظر جون سڀ صلاحيتون ئي

مفلوج ٿي ويون. اڳتي هلي، ’پرديسي سامراج‘ کي قائم ۽ دائم رکڻ جي سلسلي ۾ خود هندن ۽ مسلمانن حصو ورتو. ان قسم جي تاريخي ٽريجڊي، اقوام عالم جي تاريخ ۾ ڪٿي به نظر نه ايندي. ان جا دوررس نتيجا، جي اڳتي هلي نڪتا، اڄ به موجود آهن. تقسيم کان پوءِ به اجا تائين اهو ويڇو موجود آهي، جنهن جو انگريزن ٻج ڇٽيو هو. ان قسس جي نتيجن کي ان دؤر جي دوررس نگاهن اڳي ئي تاڙي ورتو هو، جن ۾ ’بلبل‘ به هڪ هو.

انگريزن جي دؤر ۾ مشنريز جي تبليغي ڪم سرانجام ڏنا، اهي تاريخ ۾ موجود آهن. مرحوم ’بلبل‘ ان مسئلي کان به غافل نه رهيو. هڪ طرف طنز ۽ مزاح سان نقالن ۽ ٺوڏين تي ڪرڙي نظر رکندو آيو ته ٻئي طرف مسيحي پادرين سان به مقابلو ڪندو رهيو. ان سلسلي ۾ پاڻ پادرين سان دوبدو مناظرا به ڪيائين، ته ’آفتاب‘ ۾ ڪيئي مضمون به لکيائين. افسوس اهو آهي ته ’بلبل‘ جي ناقدن ۽ سونح نگارن سندس ان پهلوءَ تي ڪابه نظر نه ڪئي آهي. ان سلسلي ۾ فقط هڪ – اڌ مثال ڏيڻ ڪافي ٿو سمجهان .

اها سڀني کي خبر آهي ته ’آفتاب‘ اخبار (سکر) جي اجراءِ جو مقصد هو سياسي بصيرت پيدا ڪرڻ، ۽ مسلمانن ۾ مذهبي شعور جاڳائڻ. ان سلسلي ۾ مرحوم ’بلبل‘ جا پادرين ۽ انهن جي چاڙتن سان معرڪا ٿيندا هئا. مولائي

شيدائي راوي آهي ته ان دوُر ۾ عيسائي مشنري، پوليس جي پهري هيٺ شهر جي چوسولن تي بيهي کلم کلايو عيسائيت جي تبليغ ڪندي، اسلام ۽ بانيءَ اسلام تي حملا ڪندا هئا. مرحوم 'بلبل'، ' آفتاب' جي مزاحيه ڪالم ۾ مسلسل لکڻ شروع ڪيو. سندس قلم تلوار وانگر پادرين جي 'دلين ۽ شهبن' کي ڪاٽڻ شروع ڪيو. سندس مزاحيه رنگ جو اقتباس ڏجي ٿو:

'ڪلهه مارڪيٽ جي چوسول تي سفيد جُبي پاتل شيطان ابن شيطان کي وعظ ڪندي ڏٺم، جنهن جي چيلهه سان صليب ٻڌل هو. افسوس، مون وٽ دمشق جي خمدار ترار ڪانه هئي جو هن جي سسي هڪ ڌڪ سان ڪٻر جي سسيءَ وانگي ڌڙ کان ڌار ڪري، ''ايوبي سنت'' کي تازو ڪريان ها !'

'بلبل' جو اشارو سلطان صلاح الدين ايوبيءَ ڏانهن آهي، جنهن صليبي جنگين ۾ يورپ جي مسيحي قومن جي اجتماعي يلغارن کي پاش پاش ڪري فلسطين تي دوباره قبضو ڪيو هو.

مولائي شيدائي لکي ٿو:

''عيسائي پادرين لاءِ 'آفتاب' ويل ٻاري ڏنو. اجا ٻه هفتا اخبار کي شايع ٿيندي مس گذريا ته مسلمان وعظ ڪندڙ، پادرين کي کليو کلايو گاريون ڏيڻ لڳا. ڪن مسلمانن کي

فوجدار هرداسمل فوجداريءَ تي گهرائيءَ دبائڻ لڳو. ’بلبل سنڌ‘ ڪي خبر پيئي، ته ڪالم ۾ فوجدار جي اهڙي لاڪ لاٿائين جو ٻاهر نڪرندو هو ته پوليس وارو ساڻ ڪٽندو هو.‘ (روزانه ’مهراڻ‘ 62ع)

ان متعلق مرحوم بلبل مزاحيه ڪالم ۾ هن طرح لکيو :

’مسلمانو! ٻارن کي اسڪولن ۾ پڙهايو. توهان کي خبر هجي ته تعليم پرائڻ سان اوهان جا ٻار گورنر ۽ ڪمشنر بڻجي ويندا. هڪڙو واٽيو گهورڙئو، گڏه تي ڪوهرن جو ڪُنو رکي، ڪوهر وڪڻندو هو. پٽ کي اسڪول ۾ داخل ڪيائين، جو پڙهي فوجدار ٿيو، پر سندس واٽڪي عادت جا ڪيس پِتا ٿوپڏاس ڪان ورثي ۾ ملي هئي، سا پٺيءَ مٿجي نه سگهي. سياڻن سچ چيو آهي:

”گڏه گهوڙو نه ٿئي، جي سونَ وجهينس سنج،
توڙي پاٺيون وجهينس پنج، ته به ڊوڙيو وڃي گند تي.“

(روزانه ’مهراڻ‘، ساليانه نمبر 62ع)

مرحوم بلبل جي تلخ ڪلامي اگرچ آهي ناگوار، پر ان دوُر ۾ جڏهن مسيحي پادري اسلام ۽ بانيءَ اسلام تي حملا ڪندا هئا ۽ ڪي آفيسر تائيد ڪندا هئا، تڏهن ان قسم جي تحرير ئي جوابي طور لکي سگهجي ٿي، جنهن جي نتيجي ۾سکر مان پادري ائين گم ٿي ويا. جيئن گڏهن جي مٿي تان سڱ!

مرحوم بلبل پنهنجي فن جو تعارف هن طرح ڪيو آهي:
پنهنجا عيب سپڪو ڏسي ٿو سگهي،
ڏسي نه ته هي اعمالنامو پڙهي،
اسان جو چوڻ وس، ٻڌڻ ڪم سندن،
ٻڌي پي عمل پاڻ ڪن، يا نه ڪن.
پڙهي روز هي تازيانو رکو،
نه هڪدم ڏسي، زير زانو رکو.
هي کل مسخريءَ ۾ نه آڻيو شمار،
مگر هي ڏسي، ٿيو گهڻو شرمسار.
چوڻ جو چوڻ، کِل ّ جي کل ّ آهه،
ذهن ۽ ذڪا لئه وڏي ذِل ّ آهه.
رڳي کل ڄاڻي سو آ ڪم فهم،
پسي حال ٿئي غور واري کي غم.
جي ڄاڻو ته جنسي اٿوَ جام جم،
ڏئي ٿو سوگ ڪائي سڪندر جو ڪم.
ڪديم ساري دنيا جو نقشو شفاف،
ته اخلاق فاسد جوفوٽو گراف.
گدا کان وٺي تا به شاه و امير،
سڀئي هڪ نه هڪ باب ۾ هِن اسير.
اگرچه سڏائن سعادت مآب.
ته پي ڪنهن نه ڪنهن باب جو ٿَن عتاب.

ڪيو ڪوڙ دل مان ته چاڻو صحيح،
پڙهي ٿيو پشيمان صالح صريح.
ظرافت ۾ آندم نصيحت تمام،
جو پنهنجا پين کان ڏٺم عيب عام.
سچي خلق جو آ ڦري ويو خيال،
هي پنهنجو انهن ساڻ آندم مثال.
اگر آهه لائق ته عبرت وٺي،
ڏسي عيب پنهنجا نصيحت وٺي.
سنواريون سڌاريون، هي عادات خام،
سنڀاليون اسان پاڻ پنهنجو مدام.
اسان پنهنجو ايمان ٻوڙي ڇڏيو،
دنيا جي پُٺيءَ دين لوڙهي ڇڏيو.
آخر ۾ دعا گهرندي 'بلبل' چوي ٿو:
وسيلا، اسان جي اچي واهه ڪر،
تون گهمراهه کي برسرِ راهه ڪر.
سڀن مؤمنن کي تون رک، اي رحيم،
هدايت، سعادت مٿي مستقيم.

مرحوم 'بلبل' 'سنديدان' ۾ سنڌيءَ کي مظلوم ڪري پيش ڪيو آهي. ائين، جئن مجيد لاهوريءَ جو رمضاني ۾ مولوي گلشير خان!

سنڌيدان، ساده دل ۽ شريف الطبع، مشرقي اخلاق ۽ اطوار جو مجسمو. ان جي مقابلة، انگريزيدان، ڪمار ۽ عيار، نقال ۽ نخريباز.ويتر جو وقت جو حڪومت مٿس ملازمت جون نعمتون گهوري وڌيون، سو مڙس وڃي آسمان رسيو. جديد تهذيب جي نقاليءَ ۾ رڱجي، نقلي صاحبلوڪ ٿي پيو. عياش ۽ اوباش به پهرئين درجي جو. انجي مقابلي ۾ سنڌيدان، مسڪين ۽ مفلس، بيروزگار ۽ قلاش رهجي ويو. ڪن عقل جي انڌن ۽ مت جي موڙهن، ان ترقي معڪوس کي ترقي سمجهي، ڪڳيون هڻڻ شروع ڪيون ۽ چوڻ شروع ڪيو ته دين ۽ دنيا جي ڀلائيءَ جو راز آهي مغربي تهذيب ۽ انگريزن جو نظام تعليم! 'بلبل' اهڙن جي خوب خبر ورتي آهي، ۽ ظاهر ۾ 'سنڌيدان' تي طنزيه انداز ۾ جُلهون ڪيون اٿس. ظاهر ۾ سنڌيدانن تي لعنت ملامت آهي، پر باطن ۾ سنڌيدانن جي شرافت ۽ ساده دليءَ جي تعريف ڪيل آهي. افسوس اهو آهي ته ڪن مؤلفن 'بلبل' جا هي شعر ڪونه پڙهيا آهن:

پڙهيا سي ته ڇا سپ اجايا اکر،
لچائي، ٺڳي، ٺاٺ، ڪوڙ ۽ مڪر.
نه عربي ادب نا فقہ نا اصول،
نه ٿي معرفت يا حقيقت حصول.

سنڌيدان:

سنڌيدان جو مرقعو هن طرح بلبل پيش ڪيو آهي:
سنڌيدان جاهل، سيه رو ۽ سخت، نحس، نااهل، ناخرد، خفته بخت.
سنڌيدان اِڊئٽ، سنڌيدان فول، رڳا جانور جهنگلي ۽ جُهول .
سنڌيدان جي ڪهڙي آ دسترس، سنڌيدان جو مان ’گو ڊيم‘، بس!
سنڌيدان بيدانش و بيعقل، انهن ساڻ صحبت نه گهرجي اصل.
سنڌيدان ڪمبخت ڪم روزگار، نه لائق اضافي نه قابل شمار.
سنڌيدان جو ورڪ ويري خراب! ويچاري ڪي آفيس ۾ پيي نه آب.
سنڌيدان ڪي ڪين ملندو گريڊ، سنڌي ڊَل ّ ۽ وِيڪ، بيڪار بئڊ.
سنڌيدان جو لسٽ ۾ لاسٽ پيي، سنڌيدان ڪي هڻ بندوقون پري.
جو سنڌيءَ جي سروس ۽ سنڌي ڊريس، ڪرائيس ڊسمس، هلائي ٿي ڪيس
سنڌيدان اهڙا ته آهن ذليل، سزا تي انهن جي نه آهي اپيل.

سنڌيدان ڪمظرف، ڪِچرو حقير، پري پڄ انهن کان جئين
تيز تير.
اڳيئي سنڌيدان صدقي جو ساهه، پڙهيو جي نه انگلش ته ويتر
تباهه.
سنڌيدان محروم سرڪار کان، انهن جي خوروپوش اسرار
کان.
سنڌيدان کان گهر خدا جي پناهه، انهن سان ملڻ قاعدي جو
گناهه.
سنڌيءَ جو وٿي ڪونه صاحب سلام، سنڌيءَ جو سماعت
نه عرض و ڪلام.

اڪبر جو ڪردار ’جمن‘ ۽ مجيد لاهوريءَ جو
ڪردار ’رمضاني‘، بلبل جي سُنڌيدان‘ جي مقابلي ۾ هيچ
آهن.
انگريزدان:
سنڌيدان جي مقابلي ۾ انگريزيدانن جي مدح بصورت قدح
هن طرح ’بلبل‘ بيان ڪئي آهي:
جي پانئين ته مولا ٿئي مهربان، ته سک علم تون انگريزي
زبان.
انهيءَ علم ٻاجهون هجي جاهلي، شقاوت نحوست ته ٻي
ڪاهلي.

جي سنڌي ۽ عربي پڙهيئي پارسي، ته سڌبين وڏو سست ۽ آرسي.
ٺڪر لاءِ محتاج، بيروزگار، هجين حاڪمن وٽ وڏو بيوقار.
پٽيوال پي ڪين توڪي پڇن، ڪلارڪ ته جاهل ۽ احمق سڏن.
رهن رنج تنهنجا قريب ۽ عزيز، ته لائق ٿئين ڪين، اي بيتميز.
جي عزت جهان جي رکو، ٿِندِ ٿشَ پڙهو انگلش! انگلش! انگلش!
اهو علم دوست جو آهي دليل، زياده ته ميٺو پڙهي ٿي وڪيل.
اهو علم توکي ڪري عهديدار، ڪلڪٽر ۽ ڊپٽي ۽ مختيارڪار.
اهو علم بخشي فضيلت ڪمال، حڪومت، مزا عيش، اقبال ومال.
انهيءَ ۾ عقل بخت، نعمت الوف، انهيءَ علم ڌاران چسو بيوقوف.
بنائي اهو علم حاڪم حريف، رسائي اهو علم لنڊن شريف.
انگريزي نظام تعليم ڪلارڪ ۽ مختيارڪار پيدا ڪيا، جن رشوت تي سندار بڌي، خوب جاوا ڪيا ۽ ملڪيتون

ميڙيون. لارڊ ميڪالي موجوده نظام تعليم جي تشڪيل وقت خوب چيو هو ته' هن نظام تعليم جو مقصد آهي ڪلارڪي قسم جا اهڙا پڙهيا ماڻهو بنائڻ، جي انگريزي سلطنت جي ڪاروبار ۾ غلام ٿي رهن ۽ فرمانبدار ملازم ٿي مرن!

جديد تهذيب:

جديد تهذيب، ۽ ان جي بيروح نقالن جو نقشو هن طرح چٽيو ويو:

لباس نفيس جي ٿي ٽنڊ ٺانءِ، مڪانن جي زينت سندي زيٺ زانءِ.

گلابند، ڪالر، لڪڙ هاف بوٽ، گهڙي، ڪوٽ، پتلون، چشما، چروٽ.

قميصون ڪفندار، جاڪٽ، جراب، سليپر، سپاٽا، سبائڻ ثواب.

ڏنگي سينڌ، ننيڙا چَٽا، مُڇَ دراز، ٿوال ۽ ڪنگي، برش، صابڻ جوساز.

صفا سر، ته ڏاڙهي چيڙ چٽ قلم، زبان تي به گٽ مٽ رهي دمبدم.

گلي ۾ هجي نيڪٽائي سياه ته پرش يا ٽرڪش ڪرسچن ڪلاهه.

سچو ڏينهن سيفي، صبح شام واڪ، هجي هٿ ۾ هنٽر ته ٺم ٺم ٺڙاڪ.
رکڻ هڪڙو بل ڊاگ آهي ضرور، نه تان ٿيندو وڏ ماڻهپي ۾ قصور.
مقرر هجي چاءِ بسڪٽ جو ٽيم، ته جاين جو سينگار، پڪچر فريم.
نصارن جو کانو، نصارا لباس، ڪٻٽ ميز ڪرسي، بتي ۽ گلاس.
نئين طرز پوشاڪ جو ڊيل ڊول، پراڻي ڪيائين ته ٿيو ڊيم فول.
اخلاق ۽ مذهب:
اخلاق ۽ مذهب جي تعليم ۽ مشرقي معاشرت ۾ ديندداريءَ ۽ ديانتداريءَ، صبر ۽ شڪر، زهد ۽ تقوا عبادت ۽ خدمت خلق کي بنيادي حيثيت حاصل آهي. پر ٿوڊين ۽ نقالن ان کي رجعت پسندي سڏي ڇڏي ڏنو. جديد تهذيب جي چڪر ۾ اچي، انساني اخلاق جو پيڙو تاري وجي مٿي چڙهيا. مزو اهو ته ان تي دليل دلائل به ڏيندا رهيا. ان قسم جي ترجماني، بلبل جي بيانيءَ مان پڙهو، انگريزيدان ۽ مغرب زده ٿوڊي ۽ نقال ٿو فرمائي:
هي سنڌي نمونا ڪٿان تو وَدا، جو چارئي لڳو لڳ بَلا تي بَلا.

وفا، شڪر ۽ صبر ۽ راستي! جفا، قهر، ۽ زهر جان ڪا سُتي.
اهي غير جنسون نه قابل شنيد، اسان وٽ نڪي ديده دهر ديد!
مروج نه موزون موسوم آهه، مقامن ۾ رهندي اها بوم آهه.
لڪيو آ نه ڪنهن انگريزي لغت، نه قاموس ۾ ڪا ثبوتي صحت.
پراڻيءَ سنڌيءَ ۾ اهو لفظ سچ، اسان جي ته ٻوليءَ ۾ ڪوٺين ڪچ.
اڳي هو اهو جانور خورش عام، اسان وٽ ته هاڻي ٿيو آ حرام.
پڇون ڇا انهيءَ ڪي جو آهي عدم، نه جنهن ساڻ ملطب نه جنهن ساڻ ڪم.
اسان جي انهيءَ سان ملاوت نه آهه، انهن سان ڪريون ٿا اسان گڏ باءِ!
دروغ:
انگريزي راڄ ۾ نقال ۽ ٺوڊي، انگريزي پڙهي، ايميءَ چڙهيا. آيون اليڪشنون، هر ڪو مڇون صاف ڪري، ممبريءَ لاءِ اميدوار بنيو. ’سياست‘ جي معنيٰ ڪيائون دروغ گوئي! سياستدان معنيٰ وڏو ڪوڙو! هڪ سياستدان پنهنجي ڪامرانيءَ جي وجوهات ۾ ’دروغ

بيفروغ‘ کي وڏي اهميت ڏئي ٿو. ’بلبل‘ ان جي ترجماني هن طرح ڪري ٿو:

آها هاها، نالي مِنٿو نامور، اسان جو ته لارڊ، اسان جو ته سَر.
اسان جو ته ديوان صاحب دروغ، لياقت فضيلت جو آهي فروغ.
هي مشهور معروف اوصاف ۾، هتان کان وٺي ڪوهه تا قاف ۾.
هي ڪونسل زماني جو ميمبر مشير، هي لوڪل ڪمشنر، هي پبلڪ سفير.
وڏي هن جي شوڪت وڏو هن جو شان، وڏي هن جي عزت، وڏو هن جو مان.
چيئرمئن سوسائٽي سنڌ جو، رڪن نيشنل ڪانگريس هِند جو.
جي ڪورٽ ۾ تان هن جي ڪرسي مٿي، سول ۾ سندس آهي سرسي مٿي.
هي آهي وڪيلن سندو رزق روز، اصيلن ۽ دزدن سندو درد دوز.
سپئي قاعدا ڪوڊ هن جا مطيع، سندس فيصلا، سرڪلر، سپ وسيع.

اسان جو وظيفو اسان جو عمل، اسان جو رمارڪ اسان جو رمل.
اسان جي ٿَريءَ جو ته ايڪسٽرا، اسان جو ته بل آ، اسان جو ته لا.
اسان جو ته آهي وڏو ماسٽر، اسان جو ته جنرل، بڙو ڊاڪٽر.
اسان جي تدابير جو رهنما، اسان جي تجاويز جو پيشوا.
اسان لئه مدارج، اسان جو مدار، اسان جو وطيرو اسان جو وقار.
هي آهي دروغ بيفروغ جو فروغ، جو انگريزن جي دوُر ۾ نقالن ۾ ٿوڊين لاءِ پارس ٿي آيو، ۽ جو اڄ تائين هلندو اچي.
سنڌيدان تي ڦٽ لعنت:
سنڌيدان ۽ انگريزي دان جي تصوير پيش ڪندي بلبل فرمائي ٿو:
سڪئين ڪانه ڪا صاحباڻي سِيرَ، نه گڊ مارننگ مئي ڊير ڪم هير.
پڙهي پارسي تون ته جاهل ٿئين، وڏي قاف سان ڪين قابل ٿئين.
ٿئين تون ته محروم سنڌيءَ سبب، نه توکي مليو ڪوئي سَر جو لقب.

رهئين تون رڳو هڪ چِٽاڻو به چِٽ، جو حاصل ڪيو تو
نه سرٽيفڪٽ.
نه تو ڪا پرائي فضيلت لسان، سکئين ڪينڪي انگريزي
زبان.
وڃائي تو پنهنجا چڏيا ٻئي جهان، ڏنا ڪينڪي تو انڌا
امتحان.
روينيو، جديشل وڪالت وغيره ڪهاڙي سان پنهنجو
وڍيئي پاڻ پير.
عمر ڀي اجائي ٿي بيسود صرف، ڪيئي ڪين حاصل
ولايت جو شرف.
نه ڊپٽي ٿئين تون نه مختيارڪار، ٿئين همسرن ۾ ذليل و
خوار.
جي بي- اي ٿي توکان بعيد ازقياس، ته ميٽريڪيوليشن به
ڪيڙئي نه پاس!
جي هِن جج سي- ايس چئو تن کي جيءُ، مبارڪ مبارڪ
سندن ماءُ، پيءُ.
چِٽي توکي مائٽ ته سنپريا نه سک، مُلون ٿي تنن کي ڏنئي
ڏنجهه ڏک.
نه صاحب ڪنهين جو ڪيو ته سلام، نه ديوان ڪنهن سان
ٿئين همڪلام.

نه ٿئين ماستر تون تڙو تپّدار، نڪي ڊڪ منشي نه اميدوار.
ڪنهين نوڪريءَ جي نه تو ڪئي تلاش، رهئين تون بيڪار اي بيمعاش.

شيطان ۽ ٿوبڙي:

ان دوُر ۾ مذهب ۽ اخلاق کان بيزاري عام ٿي. مذهبي واعظن جي وعظ ڪو اثر نه ڪيو. قرآن ۽ حديث جي دلائل جي سامهون پنهنجي نفس پرستيءَ لاءِ عجيب غريب تاويلات پيدا ڪيا ويا. الله ۽ رسول جي حڪم تي شيطان جي امر کي ترجيح ڏني وئي. شيطان کي پنهنجو پير و مرشد، هادي ۽ رهبر تسليم ڪيو ويو. انهن جي شيطان دوستيءَ يا شيطان نوازيءَ جو نقشو’بلبل‘ هن طرح پيش ڪيو آهي: هڪ ٿوبڙي، شيطان جي مداح ۾ چوي ٿو:
هي بزرگ اسان جو پراڻو آ يار، اسان سان سندس آهي پورو پيار.
رهيو کير پائي ته بنڌڻ جو دوست، اسان ۽ سندس آهه يڪ لحم پوست.
هجي صحبتي همصلاحو هميش، چڙ آهي اسان جو برادر ۽ خويش.

اسان جو ته ابليس مونس انيس، اسان جو ته جاني اسان جو
جليس.
اسان جي ته چشمن جو آهي چراغ، سندس جاءِ سينو ته دل
۽ دماغ.
جئين ٿو چوي تيئن ڪريون باالضرور، نڪو عذر معذور،
نا ڪو قصور.
نچائي ٽپائي، هٽي ۽ ڪٽي، اسان سان ڪري ڪيس جيڪي
وڻي.
اسان جي ته آهي انڌي واري لٺ، اسان لاءِ آهي ته گنگا
جي گٺ.
اسان کي سندس آهي نڪ ۾ مهار، اٿارڻ ويهارڻ سندس
اختيار.
اسين پي سندس آهيون قائم مقام، پرايونس ٿا ڪنهن امر ۾
سلام.
سکياسون ته اهڙو فريبن جو فن، جو بعضي بدي ۾
وڌايونس ڪن.
ڏئي ينگ مئنن کي پنهنجو اُذن، پرئي مڙس هاٺي وتي
پينشن!

پوين ٿن شعرن ۾ ٻڌايو ويو ته همراه پينشن تي ويو آهي ۽ گادي ٿوڌين کي ڏنئي ويو آهي. اهي سندس سچا شاگرد ۽ تربيت يافته ڪتابي ته آهن، پر مڪر ۽ فريب ۾ ارسطوي دوران آهن، جو ڪن وقتن تي استاد به ڪن وڍايو پيو موٽي!

الغرض، مرحوم بلبل پنهنجي دوُر ۾ مغرب زده نقالن ۽ ٿوڌين جي عادات ۽ اطوار، اخلاق ۽ خيالات جي چڱيءَ طرح کل لاٿي آهي. ان دوُر جي تعليم ۽ نصاب کان وٺي، آفيسرن جي گشت، ڪامورا شاهيءَ جي رعيت آزار روش، اجائي ٺٺ ٺانءِ، دين کان بيزاري، دنيا پرستي، مذهب ۽ اخلاق کان برگشتگي، مشرقي اخلاق کان دوري، انگريزن جي تهذيب جي بيروح نقاليءَ تائين، زندگيءَ جو ڪوبه پهلو نه ڇڏيو آهي. ان دوُر ۾ عوام ڪالانعام جن غلط معاشرتي اصولن ۾ ڦاٿل هو، انهن کي به نه ڇڏيو اٿس. سندس نثر ۽ نظم جو سارو ذخيرو ان قسم جي مزاحيه ۽ طنزيه تنقيد سان پريو پيو آهي، ڇالاءِ ته هن دوُر جا قدر ۽ معيار به اهي ئي آهن. اهائي دين کان دوري، ماده پرستي، دنيا طلبي، بيروح نقالي ۽ بيرنگ زندگي.

سنڌي ملسمانن جي حالت:

ڏسو قوم پنهنجيءَ جو هاڻي نمط، اول تان پڙهو بسم الله برغلط.

افيسر جي مس مس ٿيا چار پنج، اهي ٿيا اسان لئي غنيمت ۽ گنج.
انهن کان سوا ٻي ڪريون هاڻ ذوڻ، مسلمان منشي ته اٿيّ ۾ لوڻ.
جو هڪڙا عمر تائين اميدوار، نهايت ته ڏڪ بند يا تپڏّار.
جو هڪڙن کي ليسن عريضي نويس، ته ٻيا لاسٽ منشي، سپاهي پليس.
جو هڪڙا ته سائس يا پٽّيوال، بهشتي، ببرچي، حمال و مشال.
جو هڪڙا حولدار نائڪ نڪار، ته هڪڙا خلاصي ٿيا ڪوٺوار.
انهن ۾ به هندو ٿيا پائيوار، جي ڳڻبو ته تن جو زياده شمار.
وريو واه هندن جو وارو ڏسو، پنهنجي قوم جو اٽسڏارو ڏسو.
نه ڪا تن کي همت ۽ غيرت ٿئي، ته پوءِ ذوڙ حاصل هي نعمت ٿئي.
هي آهي انگريزن جي اوائلي دوُر ۾ ملازمتن جو حال.
انگريزن جي پوليٽيڪل چال هر صوبي ۾ جدا هئي. هو هر هنڌ اقليت کي نوازيندا هئا، جيئن اڪثريت هميشه ڪمزور رهي. هندستان ۾ جتي هندو اڪثريت ۾ هئا، اتي ڳاڻ ڳڻين مسلمانن تي نوازش رهي، ۽ هندو پٺيندا رهيا. ان

طرح سنڌ ۾ مسلم اڪثريت کي نظرانداز ڪري هندو اقليت کي ترجيح ڏيڻ، انگريزن جي سياسي پاليسيءَ موجب هئي. ان جو بروقت نوٽيس ’بلبل‘ ورتو ۽ انگريزن جي مداحن ۽ معتقدن جي اڳيان انگ اکر رکي ۽ ثابت ڪيو ته انگريز اصل ۾مسلمانن کي ڪڏهن به چڙهڻ نٿو ڏئي . ٻئي طرف ٺوڊي ۽ نقال هئا، جي پڳڙن جي لپ ملڻ تي مداحون پڙهندا رهيا، ۽ انگريزن کي سلطان ظل الله ۽ سلطان عادل سڏيندا رهيا. مسدس ابوجهي ۽ انگريزن جي مدح ۾ جو ڪجھ لکيو ويو ان جو ٽوڙ ’بلبل‘ مرحوم پيدا ڪيو.

هندن جي ملازمتن جو تفصيل هن طرح بيان ڪيائين:

ڪيو هاڻ سرويس بوڪ تي نظر، تفاوت ڪڍي قوم جوڪيو پڌر.
مسلمان ۽ هندن ۾ آٽيو تميز، ته ڪيئن پست هِي ٿيا ته ڪيئن هُو عزيز.
لقب واه ’ديوان صاحب‘ وڏيو، ننڍيو ۽ وڏو ’راءِ صاحب‘ بڻيو.
ڪيائون ترقي ته تعليم ۾، پکڙجي ويا ساري اقليم ۾.
جو هڪڙا ته جج ۽ اسسٽنٽ ٿيا، ڏسو هڪ ته بيريسٽر ائٽ لا.

جو هڪڙا ته ڊپٽي ۽ مختيارڪار، ته هڪڙا ڪليڪٽر ڪي دفتر مدار.
جي هڪ هيڊ منشي ته پيا اوورسيَر، جي هڪ سپروائيزر ته پيا انجنيَر.
جي هڪ سپ رجسٽر ته پيا فوجدار، سول جا ڪي ناظر ته سررشتدار.
جي هڪ ماستر ته پيا ڊاڪٽر، ته هڪڙا وري سبّ انسپيڪٽر.
جي هڪڙا پليڊر ته پيا پبلشر، جي هڪڙا مئنيجر ته پيا ايڊيٽر.
جي هڪڙا ڪلارڪ ته بابو پيا، ته فارسٽ جا ٿيان آفيسر ٿيا
جي هڪ ڊڪ منشي ته پيا تپدار، ته هڪڙا سليدار پيا ٺاڻيدار.

مڙيئي آفيسون چڻ انهن جون خريد، ٿين ڪونه ڪاتو ۽ عهدو بعيد..
ان وچور پيش ڪرڻ ڪان پوءِ 'بلبل' مرحوم ان طبقي جي به ترديد ڪئي آهي، جن جو چوڻ هو ته اسان لاءِ 'دين' بس آهي، 'دنيا' ۽ ان جي ترقي مردار ڍونڊ وانگر آهي.

’مسدس ابوجھ‘ جي صاحب، سنڌ جي مسلمانن کي دنيا جو پوٽ هن طرح بچايو آهي. چي:

انهيءَ زال دنيا لکين گهر ڦٽايا، هزارين لکين خاندان رلايا،
دلابي ڪئين رنّ رانجهو رلايا، مٿن مائٽن ۾ بکيڙا وجهايا،
کسي دين ۽ ڌرم جو نقد سارو،
ڪري مڙس وٽ ٿي گهَڙيِ هڪ گذارو.

دنيا جي مذمت ۽ دين جي تحصيل متعلق خوش فهمين کي ڏسي، بلبل مرحوم صاف چئي ڏنو:
چون ٿا اسان لاءِ بس آه دين، اهو عذر تن جو ڪڍهن پڌبو ڪين،
رڳو دين پي ٿيو اسان کان پري، اذرڪي هوئي نا اُڌر ڪي رهي.
’بلبل‘ جي تبليغ جو مقصد اهو هو ته ’دين ۽ دنيا‘ ٻنهي کي حاصل ڪيو وڃي. رڳو ’ملو‘ بنجڻ به ڪمال نه آهي ۽ نه ڪو ٺلهو ’مسٽر‘ بنجڻ ڪمال آهي. زندگي ايتري بيمقصد نه آهي، جنهن کي ملازمت ۾ گذاري ڇڏجي، يا ’دين‘ کي

آڙ بنائي، زباني توڪل تي عمر ڳاري وڃي ماڻھو مٿي چڙھي.

بي مقصد حيات:
بيمقصد زندگي گذاريندڙن جون دليلبازيون ۽ دلي تمنائون هن طرح ٿو مرحوم بلبل بيان ڪري:

تون رک پروسو، پنھنجي دولت مٿي، حڪومت، نعم ناز، حشمت مٿي.
وڏا بنگلا ۽ بنائج تون باغ، برفتار گفتار عالي دماغ.
اسان جو ٿئي فرّ، ھي فوت چا، اسان کي ته ماري ڪندو موت چا.
مُلن جا ھي دڙڪا، خيالي خطر، جي حاصل حڪومت ته ڪھڙو حذر.
جي ڏڄبو ته ٿيندو نه ھي ڪاربار، خور و پوش يا عيش عشرت بھار.
ڪري وَٺ مَزا تون عجيب و غريب، ’ڪه ديده شود‘ ٿيو مرڻ يا نصيب.
غرض خوب پنھنجي تون ھلندي ھلاءِ، پلي ساڻ موجون، پلي خوش ھنداءِ.

ان ڪان پوءِ اهڙن ماڻهن جي لسٽ ڏني وئي آهي:
گهڻائي ته صاحب بهادر بلي، گهڻا راءِ صاحب، دلي بادلي.
گهڻائي ته ديوان اعظم عمل گهڻا مستر و بابو ۽ داس، مَل.
گهڻا چند ۽ سنگ، سي-ايس، سر، گهڻا خان، مرزا، ميان، معتبر.
گهڻا ايم-اي، ايف-اي، ايل-ايل، گهڻائي ته بي-اي گهڻا ڊنگ ڊيل.
گهڻا آنريري، گهڻا سيڪٽري، گهڻائي ته سولِئن، گهڻا ملٽري.
گهڻا آنريبل ته جسٽس دي پيس، گهڻا سپرنٽيڊنٽ، ناظم پُليس.
گهڻا ريس، سردار، پير و فقير، زميندار، جاگيردار و امير.
وڄائن ٿا وارو نقارو هٽي، مگر آهه بيٺي جي بازيءَ بٽي.
بيمقصد زندگي بسر ڪندڙ ’نقالن‘ جي زندگيءَ جو نقش، امر بصورت نهي، هن طرح ٿو بيان ڪري:
رکج دل تون اولاد احباب سان، رکج دل تون سامان اسباب سان.
رکج دل تون ناموس ۽ ننگ سان، رکج دل تون هر راڳ ۽ رنگ سان.
رکج دل تون دولت سندي دام سان، رکج دل تون سپ عيش و آرام سان.

رڪج دل تون پلي وهٽ ۾ مال سان، رڪج دل تون صحبت سندي زال سان.
رڪج دل تون خوراڪ، پوشاڪ سان، ته دنيا سندي سري املاڪ سان.
رڪج دل تون مٿي عشق بازي ضرور، شراب و حقو، پنگ فسق و فجور.
رڪج دل مٿي ننڊ غفلت مدام، چڱي ۾ مَٺي ڪي نه ڏي تون سلام.
نه دنيا جي ڪٽ پٽ نه عقبيٰ جو ڏر، سڏوئي سڏو ڪول دوزخ جو در

مرحوم’بلبل‘ جي فني مخلصانه حيثيت هيءَ آهي، جو انڪساريءَ وچان معاشري جي مختلف طبقن جا سڀ عيب پاڻ ۾ ٿو ڏسي ۽ پاڻ ڪي معاشري ڪان جدا نٿو تصور ڪري. چوي ٿو:

خدا يا هي جيڪو چيو ٿم تباه، ڪيو ٿم پنهنجو منهن ۾ ڪاغذ سياه
ڏيڪاريم جي اقوال، احوال سڀ، اهي خاص منهنجا ٿَئي اعمال سڀ.

قسم آهي تنهنجو ته ناهي ڪو شڪ، سپئي عيب مون ۾ اٿئي يڪ بيڪ.
هئو حال جيڪو سو ظاهر ڪيم، مٿي عيب ماڻهن کي ماهر ڪيم.
رکي آھ چارج، ڏيان ٿو بچاءُ، محمد وسيلو ۽ ان جو وپاءُ.
آخر ۾ سپني لاءِ دعا ٿو گھري :
خدا يا تون سپني کي بخشج تمام، بحرمت محمد عليه السلام.
مزاحيه ڪلام جو انتخاب:
پيارج ڪو اچ بير وِسڪي جو پا، ڪريما به بخشائي برحال ما!
وڏا مان ڪيان ٿو ولايت تي وس، نداريم غير از تو فرياد رس.
متان هي اسان کي منجهائن ملا، نگهدار مارا ز راه خطا.
سگھو انگلنڊ ڏي ادا ٿي تيار، مڪن تڪيه بر عمر نا پائدار.
چڱو ڪوٽ پتلون گھڙيال ڌار، شود خلق دنيا ترا دوستدار.
ڪُتي پِستڙي کي تون ڪج ڪور ڪور، نه باشي ز گلزار فردوس دور.
تون پيشاپ پنهنجي کي هلندي ۾ هار، که جنت بود جاي پرهيزگار.

نه پيرن فقيرن جي ڪر پيروي، ڪه ناگه گرفتار دوزخ شوي. خوشامد برامد جي كولج زبان، شوي دوست اندر دلِ دشمنان.
وجي پهچ لاشڪ جو لنڊن جي حد، ز رنج وبلا رستگاري دهد.
يقين چاڙ توکي اها ييس نو، ڪند در بهشت برين جاءِ تو.
جي ٻولي ڪرين پنهنجي تون ٿون ۽ ٿان، گرامي شوي پيش دلها چون جان.
اڳين چال پنهنجي ڪڏهن ڪيم ڪر، ڪه روز ز دستش در آئي بسر.
سوا انگريزيءَ هجي جاهلي، ڪه بي علم بودن بود غافلي.
سليمي سنڌي مؤن نه ميڙيندين زر، چرا مي ڪشي بار محنت چو خر.
نه ڪر نوڪري ۽ نه پوکج ٻني ، خطا مي ڪني او خطا مي ڪني.
وڪالت جو ڏئي اچ سگهو امتحان، ڪه روشن زخورشيد باشد جهان.
وٺي پوءِ ڪي ڪيس ڪوڙا ٻه چار، در اقليم دولت شوي شهريار.
سمهج پهر سج پير ڪعبي سوان، نه پيچند زين روئي دين پروران.

پؤ پول آخر دل تان وسار، شود دولتت همدم و بختيار.

هي چند بند، سعديءَ جي ڪريما جي تتبع تي لکيل، نيچرل ڪريما تان ورتل آهن. ڪلام جي شوخي طنزيه پختگي مضمون آفريني ۽ معاملي بنديءَ مان صاف ظاهر آهي ته مرحوم بلبل کي ان فن تي ڪيترو استادانه ڪمال حاصل هو.

جنٽلمئن جي آرزو:

مذهبي مسلا پراڻا پائبند، آءٌ ته آزاديءَ جي عادت ٿوگهران.
عقل ۾ آڻي شريعت کي تمام، دين ايمان پنهنجو غارت ٿو گهران.
پل ته مرتد هي چون ملا مگر، مان ته انگريزن ۾ عزت ٿو گهران.
لائي چشمو چست چاڙهي بوٽ سوٽ، مثل صاحبلوڪ صورت ٿو گهران.
گرچه ڪارو منهن اٿم ته به ڪاڻ نانه، ٿوپلو پائي حماقت ٿو گهران.

گوري جو جواب::

گرچه آهي تنهنجو مون کان سينو صاف،   ڪاري ماڻهو سان ڪدو رت ٿوگهران.
آ لقب لائق ٿيو تنهنجو ’ڊيم فول‘، مان ڏيڻ توکي نه عزت ٿو گهران.

نئين تعليم:
آه نئين تعليم گڙ بڙ در جهان انداخته،
حرڪتون شيطان آڻي درجهان انداخته.
عمر ساري علم انگريزيءَ ۾ ئي پوري ڪري،
اڄ هنر ۽ ڪسب کي گهر ۾ نهان انداخته.
علم انگلش جو ڏسي اڄ زور ’بلبل‘ بيگمان،
عقل اهڙي وقت در تاب و توان انداخته

حال زار زميندار ان:
جڏهانڪر پئي رسم سرساد جي،   نه باقي رهيس ڪوئي سامان رخت.
زميندار ٿي ويا زبون زار چٽ، چوَن چٽ ته ڪهڙو ٿيو آه وخت.
رعايا جون آهون ۽ دانهون سدا،   مڙيون حاڪمن وٽ وڃي گرو تخت.
چوايو هي ’بلبل‘ انهن ڏي آ قول،

رعيّت چون بيخ ست سلطان درخت.

در بيان بسر اوقات:
بيروح ۽ بي مقصد زندگيءَ تي هن طرح تنقيد ڪئي اٿس:
نه خالص عبادت نه روزو نماز، خور و خواب غفلت هوا حرص آز.
اسان جي حياتي حرام و وبال، نڪو موت محشر جو خوف و خيال.
هي دنيا جا ڏندا جُثي پروري، انهيءَ ۾ اسان جي بندي وئي ڳري.
ٻٺاڪون سٺاڪون گلائون پچار، ته مايا زنا جي محبت جي مار.
حلال و حرامن جو ڪهڙو پڇڻ، پرڻ پيٽ جي آهه جهوري جهچڻ.
ڏسون ويٺا ماني سگهو شل اچي، پڪي آ الاجي ٿي هاڏي پچي.
خدا من ڪري ڪو هجي پوڙ جوڙ، هٺون زنب دهرا، ڪيون خوب ٿوڙ.
سچي رات سڪ گهوگهرن جو ٺڪاءُ، نڪا دين جي سڌ نه دنيا سماءُ.

پري پيٽ آڪڙجي سيٺه جان ساهه، چڙ آهيون سڀ ملڪ جا بادشاهه.
اُباسيون ۽ آرس سپئي سَنڌ سُور، اٿڻ سان پوي پائخانه جو پور.
چِڪيون چلم يا ناس چُڪڙو شراب، گناهن فسادن ۾ خانو خراب.
نه نالو ڏٽي جو توڪل نه توهه، اهي پيٽ پٽڻا، اها پَٽ ڪوهه سڀو ڏينهن هڻ هڻ، سڀو ڏينهن تاڻ، اهي چوڙا چَٽيون، اها خاڪ چاڻ.
گرفتار گهر ٻار جي گوڙ ۾، عيالن جي ڇيهوڙ پيهوڙ ۾.
ٿيو صبح شيطان جي گهنڊٽي وڳي، ننڊي ۽ وڏي ڪي آ پٽڻي لڳي.
لڳا جن ڪي پادر ويا سي پڙهڻ، سويرو سڪولن جي چاڙهي چڙهڻ.
پڙهيا سي ته چا سپ اجايا اکر، لچائي نڳي ڪوڙ ريب و مڪر.
نڪو علم ديني نه فقه و اصول، نه ٿي معرفت يا حقيقت حصول.
جي منشي ته ڪڇ ۾ قلمدان ڏس، منجهن جعلسازي جو جولان ڏس.

جي نوڪر ته رشوت ۾ تغلب تمام، نه سنَڌو نه سيڃهو حلال و حرام.
ظلم زور يا حق تلفي غصب، غريبن تي ڦُر مار غصو غضب.
مٿي ڪوڙَ ڪورٽ ۾ ڪيسن جو ڪم، انين آني شاهد، ڪسيري قسم.
زمينن ۾ بيبرڪتي جو حساب، زميندار ڪڙمي جي نيتّ خراب.
ڪُلي ڪاٽ واپار بازار ڏس، اتي پي ڪپت ڪوڙ جي ڪار ڏس
اهو پيٽ اهڙا پرائي ٿو پَن، ڌرم دين پنهنجو آ ايمان اَنّ.
پنائي، رلائي، ڦتائي، پليد، ڪيو شڪم شيطان زر زن-مريد.
جي زن آهه قبلو ته ڪعبو آ زر، انهن جي اطاعت ۾ ٻَڌجي ڪمر.
زمين و زن و زر اسان جي مراد، انهن لئه ئي جهڳڙا انهن لئه فساد.
حقيقت ۾ آهي ته زن راهزن، زر و مال اولاد ايمان شڪن.
اسان جو نڌر نفس پاندي پڳو، وهائي ڪيو جنهن آ پوڻِي ڍڳو.

سچو ڏينهن پوڇا آهي پيٽ جي، سياري اونهاري ڪَتي چيٽ جي.
ڍڳو ڍور ڍانڊو چَرند و پَرند، سڀن تي سويرو ٿو ڪڙڪي ڪمند.
مَيا مال هڪڙا چڙيا جهنگ ۾، ٻين کي هنيائون ٻڌي ٻنگ ۾.
ڪنهين تي سواري، ڪي ڍوئين بار، ڪنهين ڳِهل گهاٽي ڪنهين هر ۽ نار.
ڪهين ڪوس ڪارد ته ڪي دام بند، بندوقن ۽ بازن گڙن جا گزند.
انهن تي به شامت اسان جي پئي، پٽِيندي ڪُٽيندي حياتي وئي.
غرض آهه سڀني کي نفسن جو نيل، جي ماٺهن کي پٽِڪو ته ڍورن کي ويل.

در باين سخاوت:

سخاوت ڪري ڪون دانا قبول، سخاوت ڪري آهه جو بوالفضول.
سخا ۾ ته هڪڙو خدا آهه بس، ٻيو پاڻ کي ڪس نه اَلائي اوَس.

سخاوت ڪري ٿي سَون کي سچو، سخي آهه سدائين ٻُڪيو ۽ اُڃو.
سخا سو ڪري آهه جو بادشاهه، ڪري پيو ته جهٽ ٿئيس خانو تباهه.
اڄوڪي سخا آهه چندا ۽ فنڊ، مقدمن ۾ رشوت، پَتا، فِي ۽ ڏنڊ.
وڏو وس ته ڏي ناچ ۽ رنگ ۾، نهايت ته ناموس يا ننگ ۾
مناسب سخا جا ٿيا هي عمل، لباس و زنا يا مڪان ۽ محل.
انهيءَ کان سوا خير خيرات ۾،
سخاوت شمار آهي بدِعات ۾.

در بيان بخيل:

هجي بخت جنهن کي ٿئي سو بخيل، بخيلي ڪري سو جو آهي عقيل.
بخيلي خزاني جي آ خيرخواهه، بخيلي گدا کي بڻائي ٿو شاهه.
بخيلي ته دولت جو آهي دليل، بخيلي بنا آهه ماڻهو ذليل.
بخيلي وڌائي زر و مال کي، بخيلي نه هيٺو ڪري حال کي.
خدا کي نه پرواهه خيرات جي، نه حاجات زڪوات صدقات جي.

نه مهمان کي مورماني ڏجي، مگر وات جي خوش زباني ڏجي.
بخيلن کي پُر مغز پئسي جو پور، سخين کي سدائين سچائيءَ جو سور.

در بيان تواضع:
تواضع ڪرڻ نيچ عادت خسيس، تواضع آهي ڪن جي سادا سليس،
تواضع غريبن فقيرن جو ڪم، تواضع شريفن لئي آهي شرم.

در بيان تڪبر:

تڪبر هجي خانداني جي خُو، ته گل عهده داري جو خوش رنگ بُو.
تڪبر ته وڏ ماڻهپي جي ورونهن، تڪبر هجي سروري جي ته سونهن.
تڪبر سان گڏ تندخو ترش رو، اهي هرسه ٿيا نسخه ء آبرو.
برابر ڪو ويٺو ته 'اُٿ بي ادب'، ڪو پيرين پيو نا ته غصو غضب.

ملڻ جي ته بد رسم پاڪر وجهڻ، وڏو وس ته گهرجي ڪٽي هٿ ڏيڻ.
خبرچار جي لانڍ ڪيڪر وڏي، اسان تان رجسٽر تان لاهي چڏي.
سلامن جي ورنديءَ ۾ آگر ڪٽڻ، اشاري سان آگر پِرُن تي رکڻ.
جي بهتر ته آهي تڪبر تمام،
نه ڪنهن سان ڪجي ڪو سلام و ڪلام.

وقت حال نئون سال:

هن اخبار کي سال مبارڪ، گورن کي ناتال مبارڪ.
ڪارن کي ’يوم ڊيم بلڊّ فول‘ لقب في الحال مبارڪ.
هارين کي هَرَ ٻَڌون بيگر، ڪوڙر قحط ۽ ڪال مبارڪ.
زور زميندارن تي ڏاڍا، ضبطيون ظلم زوال مبارڪ.
هندن کي زر زور حڪومت، عزت مال اقبال مبارڪ.
اهل اسلام جي لئي ڏک ڏاڍا، ڳٽتيون آل عيال مبارڪ.
ڏڪا ڌوٽا سهٽا مهٽا، قرض جا رنج ملال مبارڪ.
بي علمي ۽ جهيڙا جهٽا، جام ٿيا جنجال مبارڪ.
انگلش مئن کي جاڪٽ پاڪٽ، صابڻ برش ٿوال مبارڪ
ناچ تماشا، نچڻ ٽپڻ، ڪرڪٽ ۽ فٽ بال مبارڪ.

افسر عالي کي ٿيو اچڪلھ، دورو ۽ پرتال مبارڪ.
مرغيون ماکيون مصريون ميوا، بيضا ميدا مال مبارڪ.
ڪوڙا ڪيس ۽ ڪوڙا شاھد، فتوا ٿي في الحال مبارڪ.
وه وڪيل ڪفيل لچن جا، ڏوڏ دليل دلال مبارڪ.
ممتحنن جي موت معما، سخت جواب سوال مبارڪ.
اخبارن جا ٺهڪا ڦهڪا، تيز تعصب تال مبارڪ.
قومي جهڳڙا جهيڙا جهٽا، چالاڪين جي چال مبارڪ.
حملاهوڏون طعنا تنڪا، ڪوڙ بدوڙ ڪمال مبارڪ.
آھ رفارم جي ٿي رين رين، حال نه آهي قال مبارڪ.
ڪالج ڪلب مدرسا ميڙا، صدها سال بسال مبارڪ.
سروس لاءِ سدائين سوالي، ٻاڪارن ۾ حال مبارڪ.
حاڪم ڪين پچن ٿا تن کي، ڪن ٿا ٿالم ٿال مبارڪ.
خشڪ جواب دلاسا دلبا، تَرڪٿ تال پخال مبارڪ.
پروانا انعام عطائون، لُنگيون پوتيون شال مبارڪ.
خاطن جي خوشخبري خاصي، عمدا حال احوال مبارڪ.
ٿِندُو ٿوبڻ لَندي ٻُوٽي، شعر جو شغل اشغال مبارڪ.
حيف، زمانو آھ مقابل، شينهن سان شاھ شغال مبارڪ.
محبوبن کي ناز ڪرشمو، جلوو جوڙ جمال مبارڪ.
مشتاقن کي پِٽڪو ڪُٽڪو، وائي هجر وصال مبارڪ.
آخوندن کي مسجد حجرو، صوفي وجد ۾ حال مبارڪ.
”بلبل“ کي گل مضمون رنگين،

گل کي شاخ نهال مبارڪ.
نِيو فيشن:

ڪارن جي بُڏ ڪارگذاري –هِپ هِپ هُري، هِپ هِپ هُري،
جنٽلميني جلسا جاري- هپ هپ هري، هپ هپ هري.
جايون تن جون هال ۽ ٽاور، چشما فرش فروٽ فلاور،
لڪچر پڪچر، ڊنر بازي - هپ هپ هري، هپ هپ هري.
ڪاڻ وداع سلوٽ سلامي، ٽوپي هٿ ۾ ٿامي ٿامي،
'آءِ ايم ويري ساري' پياري- هپ هپ هري، هپ هپ هري.
باجو بينڊ بگل ۽ بڙگم، وايولن جي رين رين رم رم،
نچڪو ٽپڪو واري واري - هپ هپ هري، هپ هپ هري.
ڪوٽ سبائن سارو ڪارو، ڊانس بوٽ ولايت وارو،
ٽوپي ڪاري سر تي ڪاري - هپ هپ هري، هپ هپ هري.
ڏاڙهي ساڻ ڏهاڙي جهيڙو، مچون گانگٽ وچونءَ ويڙهو،
سيٽي لڪڙي چرخشماري - هپ هپ هري، هپ هپ هري.
ڌرم ڪرم کي ايسي ويسي، عادت انگلش مئنن جيسي،
ديسين ڪا هي ڌاري نياري - هپ هپ هري، هپ هپ هري.
گهر ۾ 'بلبل' گائون ڊڪائج، شام صبح جو واڪ وٺائج،
ٻانهن بغل ۾ منهن تي چاري - هپ هپ هري، هپ هپ هري.

نِپوفيشن:
هئي هئي مِسن اسان کي ته مستر بڻايو آهه،
صد شڪر جو اڳي کان بهتر بڻايو آهه.
دل کي ڏيکاري خوب نئين چال جا مزا،
پتلون ڪوٽ بوٽ جو خُوگر بڻايو آهه.
خُرما ۽ پڻ ثواب سمبوسا شراب پڻ،
بسڪوٽ چانهه گهر ۾ ته چيمبر بڻايو آهه.
دير و حرم ۾ شيخ برهمن جو ٿا رهن،
يارن ته پنهنجو لنڊن مندر بڻايو آهه.
باجو وڄائي ناچ جوڪن ٿيون نشاط ۾،
صاحب کي ڏس بغل ۾ چا باندر بڻايو آهه.
بي . اي جي پاس واري کي چا نوڪري جي ڪاڻ،
جت آيو جوڙ سان اتي ٿئيٽر بڻايو آهه.
خط لکڻ عبارت بلڪل فضول بات،
چا مختصر هي نسخو ’ڊيئر سر‘ بڻايو آهه .
’بلبل‘ ملي ترقي ٿي تنهن کي پوليس ۾،
چالان ۾ جو پَرَ کي ڪبوتر بڻايو آهه.
رنڊيءَ جو عشق:
يارن اڳيان تون روز رو، تازه بتازه نوبنو،
من ملئي ڪو ڦٽ بجو، تازه بتازه نوبنو،

ٿانڊي ۽ ٽوپي جي ٺهل، ڪر سچڻ جي هر مهل،
نِوڙي پيو ٺاهه نڻ ۽ گو، تازه بتازه نوبنو،
روز گذار مار ۾، ٿُڪَ ٽڙاڪ گار ۾،
وٺ پيو موچڙن مزو، تازه بتازه نوبنو،
گهر زمين مال ضبط، چڏ نه راڳ رنگ ربط،
شوق تون رک شراب جو، تازه بتازه نوبنو،
جي نه رکين تون زور زر، برهه بزار ڪيم ڪر،
هٿ ته گهرجي روڪ ٿو، تازه بتازه نوبنو،
روزا ڳئين سندو سَٿيل، ڳنڍ جوڳوڙهو مت منجهيل،
شال اچي گراهڪ روڪ ٿو، تازه بتازه نوبنو،
جي نه اچن ڪي ”بلبلان“ ڪئن ٽئن اِي گلگلان،
روز چمن ۾ ڇهچٽو، تازه بتازه نوبنو،

حقو:
مجلس جي سونهن سوڀ ۽ سينگار آهه حقو،
وحشت ۾ غمزدن جو غمخوار آهه حقو،
بُڙ بُڙ ڪريون پيو دل کي بهلائي سان باتين،
دانا ۽ دل جو دلبر دلدار آهه حقو.
ان جو تماڪ حسرت، مشڪ خط ختن آهه،
ٿانڊو تنهين جو غيرتِ گلنار آهه حقو.
هر وقت هو وضوءَ سان، آ غرق پڻ غسل ۾،

پاڻيءَ سان پاڪ پنهنجو هر بار آهه حقو.
محبوب جي ملڻ جو آهي وڏو مسبب،
دلبر جي دوستيءَ لئه درڪار آهه حقو.
مجلس ۾ مَي پرستن جي مست ٿين مڙيئي،
باهوش تن ۾ بيشڪ بيدار آهه حقو.
جي تازگي آ تَن، ۾ نڙ گوءِ نبض جاري،
” بلبل“ سندو جي گويا گفتار آهه حقو.

گشت جي مصيبت:

تنگ سرساد ڪيو بار الاهي مددي، بٺ بيگر مددي، سُوٽو ۽ گهوٽو مددي .

آهه ڪاموري سندي هوڙ حرامن ۾ تکي، انب گدرا مددي، پاڄي ۽ پَتو مددي.

خوب ٿا گشت ۾ ڪن پوڇن سرساد وٺي، پُوري حلوو مددي، پستو ۽ ڦوٽو مددي.

گهر ۾ آهي نه رعيت جي ڪو پائي پئسو، لٺ لوٽو مددي، صافو ۽ سوٽو مددي.

هيل پاٽي به نه آهي جو سُڪن ٿا پيجا، سر برهنه مددي، صاف لنگوٽو مددي.

جو چوي سچ سو وٽي ڪين ٿو هرگز ”بلبل“، ذڪ باٺو مددي، گار ۽ گهُٽو مددي.

پوليس:
ڏسو پوليس جو تلبيس ملڪ الموت جان مارو،
مثال گرگ ڳاڙهو وات ، سر ۽ پيو بدن ڪارو.
روينيو يا ڪ سيول چا اچن تنهن جي مقابل ۾،
ڪٿي گربه ڪٿي آ گرگ ، فرق آ ڪيترو سارو.
هجي سوناري جو سؤ ڌڪ ته لوهر ٺو هٽي هڪڙو،
ڪٿي جهرڪيون ڪٿي ٿيو گرڙپڪ جو لهس لامارو.
رهن ٿا ديو هيبتناڪ جان ڪَرڙا ڪنسٽيبل،
ڏسو جو وارداتن تي لڳي ٿو تن سندو وارو.
ستمگر سنگدل ٿيا صاف صوبيدار صاحب جن،
رکن ٿا جور جمعدار جابر سي جفاڪارو.
هجن راڪس اهي رهزن سپاهي سپ وڏا نندا،
انسپيڪٽر بهادر بَرڙباڪس جان رکن بارو.
پلي پاڳئي ڏنو اطلاع جي چوري چڪاريءَ جو،
اچي ٿيندو مٿي ان گند گارين ويڙ وسڪارو.
يڪي نقصانِ مايه پيو شماتت زار همسايه،
ٿيون پادر پُليسي پيواچي منجھ ويل ويچارو.
گهرن ٿا گاهه ۽ داڻو، آٽيو ڪاٺيون ڪڪڙ چيلا،
ڪرن ميڙي ڪٺا ماڻهو وجهن تن جي مٿان مارو.
ڪڍيوجي پئون پٽو چوري سندو ڪوڪن زميندارن،

ته سڏبو ڪار ۾ هوشيار صوبيدار سوپارو.
نه ملندو مال ساڳو يا سمورو جي نه تن کي پو،
ته ويڳو پاڻ پي پوري پٺائيندا اهو پارو.
پري چالان ڪوڙو ڪيس ڪورٽ ۾ ڪندا داخل،
وجهي ڪوڙا سچا شاهد رکي بهتان جو بارو.
رپوٽن ۾ ڪندا ريهون ته ٿيو بغداد آ بيحد،
هليو آ ڪيس ڪورٽ ۾ سچو هر طرف هڪ پارو.
خدا شل ڏئي پنه پوليس جي خوفن ۽ خطرن کان،
انهن جي دوستي آهي کٽڻ سر تي ڪُنو ڪارو.
معافي ٿو گهري”بلبل“ جي آهي هن ۾ گستاخي،
اگرچه مون لکيو آهي سچو احوال هي سارو.

ناس:
سودي سرور سرمد جي راس آهي ناس، ڪل عقل ۽ قياس جي اجناس آهه ناس.
مسهل ٿئي ٿي مغز جي خمسه حواس هل، نزله نزول خارج خناس آهه ناس.
چيٽي تنهين جي چاڙهي عرش عظيم تي، دافع بلاءِ نافع وسواس آهه ناس.
عقده ڪُشا حقائق اسرار غيب جي، عبرت نما عجائب منجھ ناس آهه ناس

سمجهي سخن سو منهنجو سالڪ فصيح ڪو، ”بلبل“ هي ان بلاغت جي باس آهه ناس.

پنگ:

مردن موالين لئي معجون آهه پنگ، عشرت ۽ عيش ڪارڻ افزون آهه پنگ.

شجرحيا ۽ شاخ نظاره نياز جي، منجهه سبز زارنرگس گلگون آهه پنگ.

ڪوندو تنهين جو دائر هفت زمين جو، ڏندو تنهين جو گردش گردون آهه پنگ.

صافو تنهين جي صافي باطن رهي مدام، مصري لئي ته ساڳي ذوالنّون آهه پنگ.

پنڪي تنهين جي منزل ملڪوت ڪي رسي، خشڪي تنهين جي مقصد مجنون آهه پنگ.

پيرولي تنهن جي ڪو ته پروڙي موالي مرد، ”بلبل“ جو پرمعاني مضمون آهه پنگ.

زر جي زور بازي:

ٿي زر جي زور بازي، زر آ ته عشق نه پهه،
ڪر موج روز تازي، زر آ ته عشق نه پهه.
زر جي آ ڪامراني، جاني سڏي پيو جاني،

هر ڪائي ماسي نانيءَ- زر آ ته عشق نه پڇ .
زر ساڻ ڪوجهو ڪاڻو، اڳ ٻاهو اَگهاڻو،
چريو به ٿئي سياڻو-زر آ ته عشق نه پڇ .
زر ساڻ سپڪو گهَرو، چاچو ۽ ڀاءُ چَهَرو،
قربان سَسُ ۽ صهرو- زرآ ته عشق نه پڇ .
بازر ته جهنگ بازر، جو گهُر ٿئي سو حاضر،
بي زر شهر ۾ پادر – زر آ ته عشق نه پڇ .
زر ٿي وڏائي نالو، توڙي هجي رذالو،
صدقي ٿئي پيو سالو - زر آ ته عشق نه پڇ .
”بلبل“ پليا جي هن ۾، سي ئي رليا سخن ۾،
دنياجي گل چمن ۾- زر آ ته عشق نه پڇ .

هن مختصر ۽ منتخب طنزيه ۽ مزاحيه ڪلام مان صاف ظاهر آهي ته ’بلبل‘ جي اڳيان هڪ مقصد هو. سندس فن، برائي فن نه، پر برائي حيات هو. زندگيءَ ۾ جا بيروح نقالي ۽ ’ٽُوڊيزم‘ پيدا ٿي رهي هئي، ان جي ازالي ۽ تلافيءَ لاءِ سندس فڪر و نظر اضطراب ۽ ڪاوش پيدا ٿي چڪا هئا. ان ڪان سواءِ سندس مخلصانه طبع، سندس فن کي دو آتشه ته ڇا ست آتشه بنائي ڇڏيو، جو: ديکنا تقرير ڪي لذت ڪه جو اس ني ڪها _ مين ني يه سمجها ڪه گويا يه ڀي ميري دل مين هي، جي مقام تي پهتو.

فارسي ڪلام تي ڪاميڊي
صفائي سر ڪي ڏئي پتلون پاتم، بحمدالله نڪو ڪردارم امشب.
وجي هڪ ڪلب ۾ڪاني تي ويٺس، ڪه سر پوش از طبق بردارم امشب.

چيم دل ۾ ته ٿيندس عيسوي اڄ، چو منصور ارڪعي بردارم امشب.
چيو هڪ ميم مون کي 'مي ڊيرسر'، رسيده طالعِ بيدارم امشب.
چيم ان کي ته اي جانان جلدي، زڪواةِ حسن ده حقدارم امشب.

مامقيمانِ ڪوئي دلداريم، صورتِ بوزنه به رفتاريم.
اڄ ٿيون ڏينهن ٿيو جو انگلش کان، اوفتاده جدا ز گلزاريم.

هاءِ هئي! اي مِسِ ولايت پاڪ، اي ز بهرِ تو عالمي غمناڪ.
پئين چو نه تون شوق دل سان شراب، مَڪن خانه ء زندگاني خراب.

وجي هڪ شاپ تي ويهي براندي‌ءَ کي ڪيون ها ها،
الا يا ايها الساقي، ادر ڪاساً و ناولها!
گهر جي شائق کي هڪ پيالو شراب، الصبوح الصبوح يا اصحاب
هٿ ڪٽي آبروءَ ۽ مال اتان، پس بنوشيد دائما مئي ناب.
اٿي اڌ رات جو گُتي تي چئو، افتتح يا مفتح الابواب .
حيف تن کي هجي جو سانجهيءَ سان،
ڪه او بندند ميڪده به شتاب.
جي حياتيءَ کي تون حلال ڪرين،
مئي نوشين بخور به بانگِ رباب .

جي وس پڇي ڪو منهنجو ڪيان وات ساڻ وارا،
دردا ڪه راز پنهان خواهد شد آشڪا را.
وڪٽي هي مِلڪ ساري، ڪيان ترت مان تياري،
باشد ڪه باز بينم آن يار آشنا را.
ڏاڙهيءَ ۾ هٿ حبيبن، پادر پرين جا سر تي،
گر تو نمي پسندي، تغيير ڪن قضا را.
ميلي ۾ تون وڃين جي، مجرا ڏسين تنين جا،
در رقص حالت آرد ، پيرانِ پارسا را.
پٽڪو ٻچيءَ ۾ پاتل، جي گهلبو ڏسين تون،
اي شيخ پاڪدامن، معذور دار ما را.

فارسيءَ کان پوءِ اردو آميز عبارت ۾، ’مينوش‘ جا ترڪتال ملاحظه فرمايو:

اري شاپ ڪيپر يوئر ڪم هئر،
اِڊر لائو اِڪ خوب اِيزي چئر.
بلا برف لمليث، سوڊا يومن،
اڊر لائو ٽالر،اڊر لائو وين.
براندي ڪي بوتل ڪو ٽيبل پي لا،
اپي ايڪ پائونڊ هم ڪو پلا.
سمجهٽا نهين هم ٽمارا ڊرام،
نهين همٽو بچائو ڪچا ٽمام.
ڊڪائو همين ايڪشا ڪاس يُو،
ڪه ڊونون هو نمبر ڪي ون اينڊ ٽو.
چڪائو تو شمپين شيرين شتاب،
مگر بير پوٽر ٽو وسڪي شراب.
اوهو هوگيا پول نوئي ڪا نام،
بهٽ لائو جلدي، اچها اولٽام،
ڊزن ڪي ڊزن تم رکو آن ڪر،
يُو گو پيگ ان پيگ آعه پيگ سر.
همارا يه ڪهنا نه سمجهو گلٽ،
ابهي ٽوڙٽا هي ٽمارا ڪبٽ.
پلائو چروٽ اور ڪلائو فروٽ،

ڪه بڪسيس ديٿا هي هم ڪوٽ بوٽ.
ڪدهر هي سرونٽ، جلدي بَٿا،
ڪه بننا ڊِوانا هي هم مانگٿا.
سنبهالو همرا ٿواسٽيڪ ڪيپ،
بچائو همارا بچونا سليپ.
اپي ديڪي آٿا هي مِس ڪو وزٽ،
ڪبردار! لڙتا هي هم بال فٽ.
لڪر اوس بگرني ديا هي پلا،
نه معلوم بڪٿا هي شڪٿا هي ڪيا.

مرحوم ’بلبل‘ جي فن جي اعتراف، سندس معاصرين به دل کولي ڪيو آهي.
مرحوم قاضي نورالدين صديقي، ميمبر سنڌ سروس ڪميشن، جي والد بزرگوار قاضي مخدوم محمد انور پاٽائيءَ، مرحوم ’بلبل‘ جي فن جي اعتراف ڪندي لکيو آهي:
”جيئن ناليري فيلسوف جانسن، اسڪاٽ ۽ ٻين يورپ جي مشهور شخصيتن، پنهنجن ناولن ۾ فلسفي ۽ حڪمت کي جاءِ ڏيئي پنهنجي قوم ۾، جا فيشن جي دلداده ٿي چڪي هئي هڪ وڏو انقلاب ۽ سڌارو آندو، تيئن ’بلبل‘ جي ظرافت مقالن ۽ تضنيفن جيڪو اخلاقي اثر پيدا ڪيو سو قوم جي

سڌارڻ ۾ اسان جي ٻڌگهين تقريرن، تحريرن ۽ مضمونن ڪڍهن نه ڪيو آهي. جيستائين مصنف عوام جي دلين جي لاڙي کي جاچي انهن جي مذاق مطابق نه لکندا، تيسائين سندن تصنيفون گهربل اثر پيدا نه ڪنديون. مشهور شاعر شيڪسپيئر جي سر جو سهرو جيڪڏهن سنڌ ۾ ڪنهن تي سونهي ٿو ته اهو 'بلبل' ئي آهي."

(آفتاب 25- آپريل 1908ع)

ان طرح لاڙڪاڻي جو اڳوڻو ڪليڪٽر مسٽر حامد علي، جو حيدرآباد سنڌ ۾ لئنڊ رڪارڊ ۽ ائگريڪلچر جو سپرنٽينڊنٽ ٿي رهيو هو، سو لکي ٿو:

" سچ پچ ته اها خدا تعاليٰ جي وڏي بخشش چئبي، جو سنڌ جهڙي ريگستان ۾ بلبل جهڙا پيا هڪ- ٻه 'بلبل'ٻه هُو جيڪڏهن ڏياري موڪلي ها ته هوند هي ويرانو رشڪ عدن بنجي پوي ها."

(31- مارچ 1911ع)

مولوي حڪيم فتح محمد سيوهاڻي مرحوم، پنهنجي خود نوشت سوانح حيات ۾ لکي ٿو:

"اهو محترم شخص سنڌ جو مشهور شاعر ۽ اهل قلم رئيس شمس الدين 'بلبل' هو، جنهن جي شعر جو شهرو سنڌ جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ پهتل هو. سندس قلم جو زور ضرب المثل هو. مرحوم 'بلبل' جي دلچسپ تصنيفات سنڌ ۾ پنهنجو

سڪو ڄمائي چڪي هئي. مرحوم بلبل ’ پرگو ۽ بديھ گو‘، ظريف ۽ صاحب ذوق سليم شاعر هو. سندس قلم جون گلڪاريون ’ آفتاب‘ جي صفحن تي ڏسڻ جهڙيون هونديون هيون. ظرافت نگاريءَ جو ته استاد هو. سندس ڪلام دلچسپ ۽ دلڪش هوندو هو.“

هي آهي مختصر طور بلبل جي مزاحيه فن جو تعارف.

http://www.sindhiadabiboard.org/catalogue/mehran/Book70/Book_page17.html

ڪتاب ڪريما لطيف تي مهراڻ 1963ع جي ٽئين چوٿين نمبر ۾ ڇپيل تبصرو(غلام محمد گرامي)

رحيما لطيف. مصنف شمس الدين ’بلبل‘ مرحوم؛ ڊبل ڪرائون سائيز، صفحا.... قيمت 2 رپيا؛ ڪاغذ ۽ ڇپائي معياري؛ ڇپائيندڙ رئيس ضياءُ الدين ايس. ’ بلبل‘

سنڌ جي مشهور مزاح نگار ۽ طناز، مرحوم شمس الدين ’بلبل‘ جي مزاحيه ۽ طنزيه خيالات جو فني شاهڪار آهي. مرحوم ’بلبل‘ 1587ع ۾ ڄائو، ۽ ان جي پوري تهذيبي حالات ۽ خيالات ۾ پرورش حاصل ڪيائين. سندس دوُر ۾

هڪ طرف 1857ع جي جنگ آزادي کان پوءِ مسلمانن تي سختيون شروع ٿيون، ٻئي طرف ملازمتن ۽ معاش جي ذريعن ۾ مسلمانن کي نظرانداز ڪيو ويو. ان دوُر ۾ هڪ اهڙو حلقو پيدا ٿيو، جن انگريزي تهذيب جي نقالي اکيون ٻوٽي شروع ڪئي . ظاهري وضع قطع ۾ ديسي ماڻهو هوبهو صاحبلوڪ بنجي پيا. مغربي تعليم ۽ تهذيب کي حاصل ڪرڻ کان پوءِ، پنهنجي مذهبي ۽ مشرقي اطوار ۽ اخلاق کان دور ٿي ويا. ان دوُر ۾ ’بلبل‘ پنهنجيءَ ظرافت آميز ۽ مزاحيه شاعريءَ سان انهن ديسي صاحبلوڪن جا خوب چوڏا لاٿا. سندس طنزيه اسلوب نهايت تعميري ۽ افادي رهيو. پاڻ ڪنهن به شخصيت تي انفرادي طور جرح ۽ طنز نه ڪيائين؛ سندس طنز ۽ مزاح جو رنگ اجتماعي هو. سندس فن ۾ ’زهر خند‘ سان گڏ ’تبسم زيرلب‘ ملي ٿو. ’بلبل‘ کلندي کلندي نشترون هڻي ڪڍي ٿو، فاسد مواد وهائي ڇڏي ٿو. سندس فن جي تقليد اڄ تائين ڪو به نه ڪري سگهيو آهي. هيءَ مثنوي سعديءَ جي رنگ ۾ آهي، پر سندس مواد، اسلوب بيان مقصد ۽ نتيجن ۾ وڏو فرق آهي. ’بلبل‘ امر کي نهي ۽ نفيءَ کي اثبات جي رنگ ۾ رنگيو آهي. سندس ان فن کي فني حيثيت سان وڏو مقام حاصل آهي. ’بلبل‘ جي ظريفانه نقطهء سنجيءَ ۽ بذله گوئيءَ ۾ تعمير ۽ افاديت کي مرڪزي

حيثيت حاصل آهي. سندن ڪلام واديءَ سنڌ جي مسلمانن کي نئينءَ تهذيب جي زهر کان بروقت خبردار ڪيو، ۽ پنهنجي مذهبي روايات ڏانهن رجوع ڪرڻ تي مجبور ڪيو. هي نسخو اج 67 سالن کان پوءِ سندس فرزند، جناب رئيس ضياءُ الدين صاحب ’ضيا‘ شايع ڪيو آهي. قيمت ٻه رپيا آهي، ۽ رئيس ضياءُ الدين ايس. بلبل دادوءَ کان ملي سگهندو.

ڪلام جو نمونو

موجوده دور:

رحيما، حليما، قديما، قدير!
ڪري عرض ٿو هي نماڻو حقير!
نڪا ڪا پڇي ٿي سنڌءِ بندگي،
سنڌءِ پار کان آهه شرمندگي.
نه خالص عبادت، نه روزا نماز،
خور و خواب غفلت، هوا حرص و آز.
هي دنيا جا ڌنڌا، جُٺي پروري،
انهيءَ ۾ اسان جي بندي وئي ڳري.
حلال ۽ حرامن جو ڪهڙو پڇڻ،
پرڻ پيٽ جي آهه جهوري جهڄڻ.
ڏسون ويٺا ماني سگهي شل اچي،
پَڪي آ، الائي ٿي هاڻي پَچي.

خدا مَن ڪري، ڪو هجي ٻوڙ جوڙ،
هٽون زَنب اهڙا، ڪيون خوب ٿوڙ.
سچي رات ننڊ، کونگهرن جو ٺڪاءُ،
نڪا دين جي سڌ، نه دنيا سماءُ
جڏهن سج سوا پهر ڪافي اچي،
اچا ننڊ تڏهين اسان جي مچي.
لڳا جن کي پادر، ويا سي پڙهڻ،
سويرو سِڪولن جي چاڙهي چڙهڻ.

مغربي تهذيب:

لباس نفيس جي ٿي ٺٺ ٺانءِ،
مڪانن جي زينت سندي زيٺ زانءِ
گلابند، ڪالر، لڪڙ، هاف بوٽ،
گهَڙي، ڪوٽ، پتلون، چشما، چروٽ.
قميصون ڪفن دار،جاڪٽ، جوراب،
سليپر، سپاٽا، سبائڻ ٺواب.
ڏنگي سينڌ، نَنيڙا چَٽا، مُڇَ دراز،
ٽوال ۽ ڪنگي، برش، صابڻ جو ساز.
صفا سر ته ڏاڙهي چپڙ چٽ قلم،
زبان تي به گٽ مٽ رهي دمبدم.

اوقات:

اچي هاڻ ٿي عمر تنهنجي تمام،
مَٿائي نه تو طرز ِ رسم ِڪلام.
سڪئين ڪانه ڪا صاحباڻي سِيَر،
نه ’گُڏ مارننگ، ماءِ ڊير، ڪم هِيَر‘
پڙهئين پارسي تون ته جاهل ٿئين،
وڏي قاف سان ڪين قابل ٿئين.
عمر پي اجائي ٿي بيسود صرف،
ڪيئه ڪين حاصل ولايت جو شرف.

سخاوت:

سخاوت ڪري ڪونه دانا قبول،
سخاوت ڪري سو، جو آ بوالفضول.
سخاوت ڪري ٿي سون کي سُجو،
سخي آ سدائين بکيو ۽ اُجو.
سخاوت ڪري مفلسيءَ ۾ ملول،
سخاوت ڪرائي ٿي دعوا دخول.

بخل:

هجي بخت جنهن کي، ٿئي سو بخيل،
بخيلي ڪري سو، هجي جو عقيل.
بخيلي خزاني سندي خيرخواه،
بخيلي گدا کي بنائي ٿي شاه .
خدا کي نه پرواه خيرات جي،

نه حاجت زڪوات ۽ نه صدقات جي.

تواضع:

تواضع ڪرڻ نيچ عادت خسيس،
تواضع آهي ڪن جي سادا سليس.
تواضع ڪري بنيو آ بيشعور،
انهيءَ چاپلوسيءَ جو ڪھڙو ضرور.

http://www.sindhiadabiboard.org/catalogue/mehran/Book70/Book_page3.html